سنڌ جي مشاهير علماء جا خط

[سنڌي ترجمو: جامع الڪلام في منافع الانام]

مخدوم عبدالله نريائي

تحقيق ۽ تنقيح

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌيڪار

ڊاڪٽر محمد انس راڄپر

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سنڌ جي مشاهير علماءَ جا خط

(سنڌي ترجمو: جامع الڪلام في منافع الانام)

مخدوم عبدالله نرياڻي

تحقيق ۽ تنقيح :

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌيڪار:

ڊاڪٽر محمد انس راڄپر

ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ حيدرآباد

2015ع

ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: سنڌ جي مشاهير علماءَ جا خط
مصنف: مخدوم عبدالله نريائي
تحقيق ۽ تنقيح : ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
سنڌيڪار: ڊاڪٽر محمد انس راڄپر
ڇاپو پهريون: اپريل 2015ع
تعداد: 1000 ڪاپيون
ڇپيندڙ: عريبہ پبليڪشن ڪراچي
ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ حيدرآباد
قيمت: 300 رُپيا

رابطي لاءِ
ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ حيدرآباد
ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ
هائوس نمبر1، پراڻي وحدت ڪالوني، سامهون پولي ٽيڪنيڪل ڪاليج
قاسم آباد، حيدرآباد
فون: 2102559-022 موبائل: 2683907-0333، 3662447-0345

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

• پبلشر نوٽ	ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل	5
• چڱا اکر	محمد ادريس السنڌي	7
• مهاڳ	ڊاڪٽر محمد انس راڄپر	13
• مقدمو	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	34

■ **باب پهريون: عربي خط** 51-116

1. مخدوم محمد هاشم جا خط 56
2. مخدوم محمد صادق جا خط 60
3. مخدوم نعمت الله جا خط 72
4. مخدوم عبدالرحمان جا خط 73
5. مخدوم عبداللطيف جا خط 79
6. مخدوم محمد ابراهيم جا خط 80
7. شيخ احمد جو خط 84
8. سيد ميرن محمد ٺٽويءَ جو خط 86
9. شيخ نجم الدين ۽ عبدالصمد جا خط 88
10. مخدوم عبدالصمد جا خط 91
11. مخدوم عبدالجميل جو خط 99
12. شيخ گل محمد جو خط 101
13. شيخ عبدالڪريم نوشهرائيءَ جا خط 103
14. حافظ يعقوب جا خط 104
15. سيد عبدالغنيءَ جا خط 110
16. مخدوم عبدالله جو خط 111

■ باب ڀيو : فارسي خط 117-231

1. مخدوم محمد هاشم جا خط 117
2. مخدوم ضياءُ الدين جا خط 128
3. مخدوم محمدصادق جا خط 134
4. مخدوم نعمت الله جا خط 178
5. مخدوم عبدالرحمان جا خط 184
6. مخدوم عبداللطيف جا خط 194
7. مخدوم محمد باقر جا خط 201
8. خواجہ محمد زمان لواريءَ واري جو خط 208
9. مخدوم نجم الدين جا خط 209
10. مخدوم عبدالصمد جا خط 213
11. شيخ گل محمد جو خط 215
12. مولف جو خط 226
13. مخدوم محمد صادق نتويءَ جو خط 216
14. مخدوم محمد صادق جو جواب 228
15. مخدوم ابراهيم جو خط 230

پبلشر نوٽ

هيءُ ڪتاب هجري ”ٻارهين صديءَ جي سنڌي عالمن جا خط“ اصل ۾ مخدوم عبدالله نريي واري جي ڪتاب ”جامع الڪلام في منافع الانام“ جو سنڌي ترجمو آهي. مخدوم عبدالله رحمة الله عليه هيءُ ڪتاب انشاء ۽ خط نگاريءَ جي فن سيکارڻ جي لحاظ سان جمع ڪيو هو. ان دور ۾ ”انشاء“ نگاري هڪ فن طور پڙهائي ويندي هئي. پر اڄ هي ڪتاب علماء سنڌ جي تاريخ، توڙي ڪجهه ٻين تاريخي واقعن ڏانهن اشارن جي حوالي سان تاريخي اهميت جو حامل آهي.

هيءُ ڪتاب عربي فارسيءَ ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تحقيق ۽ مقدمي سان تيار ڪيو. ۽ سنڌي ادبي بورڊ ان کي شايع ڪيو. ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ جي ايڊوائيزري ڪميٽيءَ هن ڪتاب جي تاريخي ۽ علمي اهميت جي پيش نظر فيصلو ڪيو ته ان جو سنڌي ترجمو ڪرايو وڃي. هن لاءِ ايڊوائيزري ڪميٽيءَ ڊاڪٽر محمد انس راڄپر جو نالو منظور ڪيو. جنهن محنت ڪري سٺو ۽ سليس ترجمو ڪيو آهي.

اميد ڪجي ٿي ته، هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي عالمن جي تذڪري ۽ ان دور جي علمي ماحول بابت معلومات جي سلسلي ۾ محققن لاءِ هڪ اهم دستاويز ثابت ٿيندو. ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ طرفان، هي ڪتاب شايع ڪري اسان خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. ان پروسي تي ته علمي حلقن ۾ هن ڪم کي قبوليت جي نظر سان ڏٺو ويندو.

علم وادب ۽ تاريخ جو شيدائي

ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل

ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر اين اي بلوچ

انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ حيدرآباد

ڇڱا اکر

بسم الله الرحمٰن الرحيم

هن وقت تہ پاڻ ۾ رابطن جا ذريعا نت نوان متعارف ٿي چڪا آهن. مثلاً فون، موبائل، فيڪس، فيس بوڪ، ٽوئيٽر، وائبر، واٽسپ، ميسيج وغيره. شايد ايندڙ وقت ۾ اجان بہ ڪي نوان طريقا ايجاد ٿين. ”ويخلق لڪم ما لا تعلمون“ (الله اوهان لاءِ اهڙيون شيون پيدا فرمائيندو جن جو علم ۽ ڄاڻ اوهان کي هن وقت ناهي) واري الاهي فرمان ۾ اهڙين ڳالهين لاءِ واضح اشارو موجود آهي. پراڻي دور ۾ ان لاءِ واحد طريقو مڪاتبت ۽ مراسلت جو ٿي هوندو هو. هڪٻئي کي خط لکيا ويندا هئا. خطن ذريعي حال احوال ٿيندا هئا. علمي مسئلا حل ڪبا هئا.

پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن بہ مختلف بادشاهن، اميرن، سردارن وغيره ڏانهن خط لکيا، جيڪي علم السيرة والمغازي جو حصو آهن. اسلامي تاريخ ۾ سڀ کان پهريون خطن جو مجموعو، جيڪو اسان تائين پهتو آهي، محدث ابو جعفر ديبليءَ (فات 322هہ) جنهن ”مڪاتيب النبي صلي الله عليہ وسلم“ ترتيب ڏنو ۽ ان ۾ هن پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جا خط جمع ڪيا. اهو ڪتاب ڇپجي، علمي حلقن ۾ پذيرائي حاصل ڪري چڪو آهي.

اٺين صديءَ جي مشهور عالم صلاح الدين بن خليل بن ايبڪ صفدي (ت764هہ) ”الحان السواجع بين المبادي و المراجع“ نالي هڪ ڪتاب ترتيب ڏنو هو. جيڪو سندس ۽ سندس دوستن ۽ احبابن جي وچ ۾ ٿيل خط و ڪتابت تي مشتمل آهي ۽ هڪ علمي ادبي شاهڪار آهي. راقم الحروف وٽ موجود آهي.

سنڌ اندر يا سنڌين جي مڪتوبات جو سلسلو نهايت قديم آهي. ان ڏس ۾ انشاء ابوالفضل، مڪتوبات فقير الله علوي شڪارپوري (1195هہ) جنهن جو اختصار ”گزيده مڪتوبات ميان فقير الله“ جي نالي سان پڻ ڇپيو آهي.) مڪتوبات پير محمد راشد روضي ڌڻي، مڪتوبات پير صبغت الله راشدي، مڪتوبات خليفہ محمود نظاماڻي وغيره کي مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو.

انهن مان هر هڪ ڪتاب، صرف هڪ ئي شخصيت جي خطن تي مشتمل آهي. مڪتوبات جو اهڙو مجموعو جيڪو مختلف شخصيتن پاران لکيل خطن تي مشتمل هجي، سو سنڌ جي مشهور قديم سنڌي اديب مخدوم عبدالله نريائيءَ جو "جامع الڪلام في منافع الانام" آهي، جنهن ۾ هن ٻارهين صديءَ جي مشاهير علماءِ سنڌ جا عربي ۽ فارسيءَ ۾ لکيل خط جمع ڪري، هڪ طرف انهن خطن کي ضايع ٿيڻ کان بچائي ورتو، ته ٻئي طرف 12 هين صديءَ جي تاريخي واقعات کي بہ محفوظ ڪيو آهي، سنڌ وارن تي سندس اهو احسان وسارڻ جوڳو ناهي.

جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب انهيءَ ڪتاب جي قلمي نسخي کي دريافت ڪيو ۽ ايڊٽ ڪري شايع ڪرايو. اهو ڪتاب 2006ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيو. جيئن تہ هن دور ۾ انشاء فارسي يا انشاء عربيءَ ڏانهن توجهہ نہ هئڻ برابر آهي، ڇو تہ اهي ٻوليون هاڻي دفتري ٻوليون ناهن رهيون، پر انهن خطن جي اهميت تاريخ جي حوالي سان اڃان قائم آهي، جنهن جي هلڪي جهلڪ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڏيکاري آهي.

ڪنهن بہ قلمي ڪتاب کي تحقيق ڪرڻ لاءِ جيترا خطي نسخا گهڻا هجن اوترو تحقيقي ڪم مضبوط ٿيندو آهي، نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ نسخا ضرور هئڻ گهرجن. پر جتي ڪنهن ڪتاب جو صرف هڪ ئي قلمي نسخو ملي ۽ ڪتاب بہ اهم هجي تہ پوءِ بوجهہ مجبوري هڪ تي ئي ڪفايت ڪرڻي پوندي آهي. ان کي "نسخہ فريده في العالم" يا "نسخہ يگانہ" جي لفظن سان تعبير ڪندا آهن.

اها ساڳي صورتحال "جامع الڪلام في منافع الانام" جي آهي. جنهن جو هڪ خطي نسخو جناب ڊاڪٽر صاحب کي هٿ آيو ۽ هن ايڊٽ ڪري ڇپرايو. ان ڪري ڪتاب ۾ ڪن هنڌن تي خال بہ نظر ايندا، جتي عبارت ڊاٺ ڊوڙ سبب يا ڪتابت جي جلد بازيءَ سبب سمجهہ ۾ نہ آئي هوندي، پر ان سان ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت ۾ ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي.. "مالايدرڪ ڪلہ لايترڪ ڪلہ" (جيڪا شيءِ سڄي ۽ سالم نٿي ملي تہ سڀ کي ڇڏي نہ ڏبو)

هي ڪتاب ان جي سنڌي ترجمي تي مشتمل آهي، جنهن جي ذميداري مولانا ڊاڪٽر محمد انس تي رکي وئي. هن اها ذميداري احسن انداز ۾ پوري

ڪئي. جيئن تہ اهو قلمي نسخو جيڪو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي آڏو هو، سو اسان کي نہ ملي سگهيو ان ڪري ترجمي ۾ انهيءَ ڇپيل ڪتاب تي ئي قناعت ڪرڻي پئي. ان ڪري جيڪي خال اصل ڪتاب ۾ رهجي ويا آهن، ظاهر آهي ترجمي ۾ بہ رهيل ئي رهندا. اصل ڪتاب جي پروفن ۾ بہ ڪٿي ڪٿي فروگذاشتون ٿيون آهن، جن جو تدارڪ ترجمي ۾ ڪي قدر ڪيو ويو آهي.

خط و ڪتابت لاءِ اصطلاحي طور تي عربيءَ ۾ مڪاتيت، مراسلت، يا مفاوضت جا لفظ استعمال ٿيا آهن. پهريان بہ لفظ تہ مشهور آهن، آخري لفظ گهٽ پڌو ويو آهي. ۽ هن ڪتاب "جامع الڪلام في منافع الانام"(سنڌ جي مشاهير علماءَ جا خط) ۾ وري انهن خطن لاءِ سرنامي طور مفاوضت جو لفظ استعمال ٿيو آهي. مثلا: مفاوضت الشيخ عبدالڪريم النوشهرائي. مفاوضت الشيخ محمد صادق. لغوي اعتبار کان ان جي مختصر تشريح ضروري آهي.

مفاوضت: تبادل الراءي مع ذوي الشان

(شان وارن ماڻهن سان تبادلہ خيال ڪرڻ)

مفاوضت: المباحثات والمحادثات بين الشخصين او عدة (ٻن يا گهڻين شخصيتن درميان بحث جو سلسلو يا ڳالهہ ٻولهہ) اصطلاحي طور مفاوضت انهيءَ خط کي چيو ويجي ٿو جيڪو وڏي شخصيت طرفان، ڪنهن ننڍي ڏانهن لکيو وڃي. جيئن تہ هن مجموعي ۾ مخدوم عبدالله نريائي اهڙين شخصيتن جا خط گڏ ڪيا آهن، جيڪي واقعي بہ وڏا ۽ عظيم الشان هئا يا مخدوم عبد الله ڪسر نفسي ڪندي، پاڻ کي ننڍو ۽ انهن کي وڏو ڪري لکيو آهي، ان ڪري مفاوضت جو لفظ استعمال ڪيو اٿائين.

هي ڪتاب ڪيترن ئي تاريخي ڳالهين ۽ تاريخي شخصيتن کي سمجهڻ ۾ اسان کي مدد ڏيئي سگهي ٿو. مثال طور: مخدوم عبدالڪريم بن عبدالملڪ نوشهرائي جا خط هن ڪتاب ۾ شامل آهن. جڏهن تہ اسان وٽ عام طور عبدالملڪ نوشهرائي جيڪو مشهور آهي سو محدث محمد عثمان نوشهرائي جو فرزند آهي، جنهن جا هٿ اکري ڪيئي ڪتاب سنڌالاجي لائبريري ۽ سنڌ يونيورسٽي جي سينٽرل لائبريري ۾ محفوظ آهن. معلوم ٿيو تہ نوشهري پرڳڻي ۾ عبدالڪريم نالي عالم هڪ کان گهڻا هئا.

عجالة الطالبين مخدوم جعفر بوبڪائي(ت1002هہ) جا قلمي نسخا تہ سنڌ جي ڪيترن ڪتب خانن ۾ موجود آهن، پر جيڪوان جو خطي نسخو مڪتبہ دارالعلوم مجدديہ، ملير ڪراچيءَ ۾ جوجود آهي، ان جي اختتام ۾ هڪ سندالاجازت مذڪور آهي، جيڪاعبدالڪريم بن عبدالملڪ طرفان، پنهنجي هڪ شاگرد عبدالمنعم بن عبدالرحيم کي ڏنل هڪ علمي اجازت تي مشتمل آهي. جنهن ۾ انهيءَ عبدالڪريم، شيخ محمد حيات سنڌيءَ کي پنهنجو استاد قرار ڏنو آهي. ان قلمي نسخي ۾ اها وضاحت ڪانہ آهي تہ اهو عبدالملڪ ڪٿان جو آهي؟

انهيءَ مونجهاري کي هن ڪتاب "جامع الڪلام" ذريعي حل ڪيو ويو. ڇو تہ ان ۾ عبدالڪريم بن عبدالملڪ کي نوشهرائي ڪري لکيو ويو آهي. معلوم ٿيو تہ ان عبدالڪريم جو تعلق بہ نوشهري سان آهي.

هن مجموعي ۾ مخدوم احمد لڪڙيءَ واري جو بہ هڪ خط مخدوم عبدالله لڪڙيءَ واري ڏانهن لکيل، شامل آهي. مخدوم احمد لڪڙيءَ واري ڏانهن پير سائين محمد راشد روضي ڌڻيءَ جا خط بہ آهن، جيڪي 'مجمع الفيوضات' نالي، پير محمد راشد رحمة الله عليہ جي مڪتوبات ۾ موجود آهن. مخدوم احمد جا تصنيف ڪيل ڪجهہ قلمي ڪتاب راقم الحروف وٽ بہ محفوظ آهن. انهن مان هڪ ڪتاب "مطلع النحو" جي نالي سان مڪتبت الملڪ عبدالعزيز، مدينة المنورة ۾ بہ موجود آهي.

پهريون سوال اهو آهي تہ اهو احمد ڪير هوءِ سندس والد صاحب جو نالو ڇاهو؟ ڪهڙي صديءَ سان تعلق رکي ٿو؟ ٻيو سوال تہ لڪري يا لڪڙي ڪٿي آهي؟

پهرئين سوال جو جواب ڪنهن حد تائين اسان کي 'جامع الڪلام في منافع الانام' مان ملي ٿو، جنهن ۾ مخدوم احمد پنهنجي والد جو نالو راهب ڪري لکيو آهي. ٻ جيئن تہ خطوط جو هي مجموعو ٻارهين صديءَ جي علماءَ جو آهي، ان ڪري اهو بہ ثابت ٿيو تہ مخدوم احمد ٻارهين صديءَ جي سنڌي عالمن مان هڪ هو.

باقي رهيو ٻيو سوال، سو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جيتوڻيڪ پنهنجي مقدمي ۾ لڪڙيءَ کي ٽنڊي محمد خان جو ڳوٺ ڄاڻايو آهي، پر هن وقت ان

نالي سان ڪو بہ ڳوٺ موجود ڪونہ آهي.

هڪ دفعي لاڙجي علمي سفر ۾ اتان جي مشهور علمي شخصيت مولانا محمد رمضان مهيري سان ويٺو هوس تہ هن چانگ نالي هڪ ڳوٺ (جيڪو ٽنڊي محمد خان کان ڪجهہ پري هڪ قصبو آهي) جو علمي حوالي سان تذڪرو ڪندي فرمايو تہ اتان جو مخدوم احمد، مخدوم هاشم ٺٽويءَ جي ٽڪر جو عالم هو. چيو مانس: يار! هڪ مخدوم احمد لڪڙيءَ وارو بہ ٿي گذريو آهي، جنهن جا قلمي ڪتاب مون وٽ آهن، ان بابت ڪا خبر؟. چيائين تہ: اهوئي تہ مخدوم احمد آهي. ”ڳوٺ يوسف چانگ“ جو اصل نالو ”لڪڙي“ هو. سچ پڇو انهيءَ اوچتيءَ علمي ۽ تاريخي معلومات ملڻ تي جيڪا مون کي خوشي ملي سا شايد شاديءَ واري رات بہ نہ ملي هجي.

هن مجموعي ۾ ڪي خط نهايت ڳوڙهن علمي نڪتن تي مشتمل آهن، جن مان لاڀ صرف انهن اصطلاحن جي واقفيت رکندڙئي پرائي سگهن ٿا.

ڪن خطن ۾ طنز ۽ مزاح جو نمونو بہ ملي ٿو. مثلا: مخدوم محمد صادق جي هڪ خط مان معلوم ٿئي ٿو تہ وٽس، ڪي ورق ۽ پنا جدول ناهڻ لاءِ، جلديءَ جي تاڪيد سان موڪليا ويا. سندس شهر ۾ جدول ناهڻ وارا بہ ڪاريگر مشهور هئا:

1- عزت الله 2- لالو

ٻئي شخص جدول بنائڻ جا تہ ماهر هئا، پر اڄوڪن ڪاريگرن وانگر ’اڄ نہ سڀاڻ ۽ پرينءَ ڪٽجانءِ‘ جهڙا دلاسا ٻنهي وٽ جام هئا، البتہ ٻنهي ۾ لالو وعدي خلافيءَ ۾ مڙوئي وڏيڪ هو. انهيءَ بابت مخدوم محمد صادق لکي ٿو:

”هن شهر جا، ان ڪم ۾ استاد ۽ ماهر بہ شخص آهن. جن مان هڪ، جنهن جو نالو عزت الله آهي، سو ڪلهہ ... ...روانو ٿيو آهي. ٻيو جنهن جو نالو لالو آهي، باوجود ان جي تہ علم واعدي خلافيءَ ۾ پهرئين استاد وانگر فارغ التحصيل ناهي. ان باوجود هن علم جا ڪلي قانون اهڙا مستنبط ٿو ڪري، جو جيڪڏهن اجرت تي ونندڙ ان جي ڏينهن کي هفتو شمار ڪري ۽ ان جي هفتي کي مهينو شمار ڪري، تڏهن بہ عذر وقت، ان کي حقيقي معنيٰ، جنهن لاءِ ڪلمہ (لفظ) نهيو آهي، جي بجاءِ ٻي معنيٰ ۾ وٺي، مجاز لغوي تي حمل ڪري وٺندو. تنهن ڪان پوءِ بہ سڄو شهر پنهنجي

اجتهادي خطا جو اعتراف ڪري يقين ڄاڻندو تہ هن جا مستنبط ڪيل قانون، مختصر المعاني ۽ مُطَوَل جي قانونن کان وڌيڪ عميق ۽ دقيق آهن"

بهر حال اهو علمي ادبي ۽ تاريخي ڪتاب قارئين اڳيان آهي. مولانا ڊاڪٽر محمد انس راڄپر، ان ڪتاب کي سنڌي زبان جو ويس پارائڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي. ان جي نظر ثاني بنده راقم الحروف بہ ڪئي آهي. ڊاڪٽر راڄپر صاحب ڪيرون لهڻي، جنهن اسان جي استدعا تي هن ڪتاب جو بامحاوره ترجمو ڪري، هڪ علمي خدمت سرانجام ڏني آهي.

محمد ادريس السنڌي

ممبر ايڊوائيزري ڪميٽي،

ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ

۽ ممبر اسلامي نظرياتي ڪائونسل پاڪستان

1436-5-29هہ



مهاڳ

ٺٽو صدين کان علم جو مرڪز رهيو آهي، پر ٻارهين صدي هجريءَ ۾ هن جي علمي اوج ۽ ترقي جو نظارو، اسان کي تحفة الڪرام، مقالات الشعراء ۽ هُن دور جي ڪوڙهين تصنيفن جي دريافت جي ڪري، ايترو چٽو ۽ واضح ٿو نظر اچي ۽ ايترو بلند ۽ مٿانهون بيٺل ٿو ڏسجي، جنهن جو ڪو مثال ئي نٿو ملي. ٺٽي جي اهڙي علمي بهار کي يارهين صديءَ ۾ فريد بکري ڏٺو ۽ ٺٽي کي "عراق ثاني" قرار ڏنائين.

ٻارهين صدي هجريءَ جي اوائل (1111 هه) ڌاري هئملٽن ٺٽي کي دينيات، لسانيات ۽ سياسيات جي تدريس ۽ تعليم جي سلسلي ۾ بهترين شهرت جو مرڪز قرار ڏنو. ٺٽي ۾ چار سئو ڪاليجن جو ذڪر ڪيو آهي. پر اڄ اسان جڏهن مخدوم عبدالله نريي واري جو هيءُ ڪتاب "جامع الڪلام في منافع الانام" ڏسون ٿا ته ان دور ۾ ٺٽي جي عالمن جي پاڻ ۾ رابطن، اچ وڃ، شاگردن جي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پڙهڻ لاءِ وڃڻ ۽ علمي ڏي وٺ جي هڪ وٽندڙ ۽ چٽي جهلڪ نظر اچي ٿي، جنهن مان ٺٽي جي، ٻارهين صدي هجريءَ جي چار سئو ڪاليجن ۽ انهن جي استادن جو ڪنهن حد تائين اندازو ٿئي ٿو.

مخدوم عبدالله به ٺٽي ۾ ئي مخدوم محمد هاشم، مخدوم محمد صادق ۽ مخدوم ضياءُ الدين وٽ تعليم حاصل ڪئي. سندس ولادت سن 1150هه مطابق 1737ع ۾ ٿي. پاڻ ذات جو منڌرو هو. اصل بدين جي مانڌر واري علائقي جو رهاڪو هو. جتان لڏي ڪڇ ۾ ڳوٺ 'نريي' ۾ وڃي رهيو. جتي جا حالات ڪيس موافق نه لڳا ته، اتاهون به لڏو کڻي اتي جي ٻئي ڳوٺ 'سريءَ' ۾ وڃي رهيو. چيو وڃي ٿو ته مخدوم عبدالله جو اولاد ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

رچرڊ برٽن جي بقول، مخدوم محمد هاشم کان پوءِ مخدوم عبدالله، سنڌيءَ جو ٻيو مشهور نثر نگار هو. سندس تصنيفون سنڌيءَ ٻوليءَ جون

شاهڪار آهن، جن ۾ ڪنزالعبرت، قمرالمنير، بدرالمنير، نورالابصار، خزانه الاعظم، تفسير سوره يوسف، هفت بهشت، غزوات، خزانه الابرار، شجاعت سيدالانام، خلفاءِ راشدين، سنگ نامو، ايمان مجمل ۽ مفصل، نڪاح جي ترتيب ۽ ورثو شامل آهن. مخدوم عبدالله سن 1238هه مطابق 1821ع ۾ وفات ڪئي. هي ڪتاب موصوف ڏانهن لکيل ان دور جي سنڌي عالمن جي خطن تي مشتمل آهي.

ڪيترو نه چڱو ٿئي ها جيڪڏهن ٺٽي جي ٻين عالمن، اديبن ۽ اڪابرن جا خط به معلوم ٿي سگهن ها، ته ان دور جي ڪيترن ئي ٻين عالمن ۽ استادن جو تعارف ۽ ان دور جون علمي ديني سرگرميون معلوم ٿي سگهن ها. هن ڪتاب مان ته اسان کي صرف انهن عالمن جو پتو ٿو پوي، جن مخدوم عبدالله ڏانهن خط لکيا آهن، يا انهن جي ضمن ۾ ڪن عالمن جو ذڪر ملي ٿو. پر اندازو ٿئي ٿو ته پوري سنڌ عالمن ۽ استادن سان ڀريل هئي، جن جا خط يا تحريرون اسان تائين پهچي نه سگهيون آهن.

مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جا 'سورت' ۾ سيد سعد الله سان تعلقات هئا ۽ خط و ڪتابت هئي. مخدوم جلال محمد ڪڪرالي واري سان به خط و ڪتابت هئي. ٻنهي جي علمي راين کي اهميت ڏيندو هو. پر انهن جا خط اسان کي دريافت نه ٿي سگهيا آهن. اهي ملن ها ته ان دور جي علمي تاريخ جا ڪيئي باب پڌرا ٿي پون ها.

مخدوم محمد معين جي شاهه ولي الله سان به خط و ڪتابت هئي، مخدوم معين جا لکيل خط اسان کي معلوم نه ٿي سگهيا آهن. البته شاهه ولي الله جا مخدوم معين ڏانهن خط "نادر مڪتوبات شاهه ولي الله" ۾ موجود آهن، جنهن مان ان دور جي علمي تاريخ جا اهم پاسا ظاهر ٿين ٿا. اٿين شڪارپور جي شاهه فقير الله جا پنهنجي دور ۾ لکيل خط "مڪتوبات شاهه فقير الله علوي" به دستياب آهن ۽ ڇپيل آهن، جن پڻ انهيءَ دور جي علمي تاريخ سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏني آهي.

ان طرح هيءَ ڪتاب "جامع الڪلام في منافع الانام" به اسان لاءِ هڪ قيمتي سرمايو آهي. مخدوم عبدالله رحمة الله عليه هيءَ ڪتاب انشاء ۽ خط نگاريءَ جي فن سيکارڻ جي لحاظ سان جمع ڪيو آهي. ان دور ۾

"انشاء" نگاري هڪ فن طور پڙهائي وينـدي هـئـي. خـط لـکـڻ لاءِ خـطـاب، القاب، عجيبَ ۽ انوکين معنائن وارا لفظ، جن ۾ مخاطـب کـي آسـمـان تـي چاڙهبو ۽ پاڻ کي گهٽو هيٺ ڏيکاربو هو. اڄ اهي طور طـريـقـا مـتـروڪ ٿـي چڪا آهن. بلڪ هاڻي خطن جو زمانو به ڪونـہ رهيو آهي.

فارسي ٻولي صَدين کان وٺي ايران جي سرڪاري ٻولي رهي آهـي. ائين عربي ٻولي گهٽوا ڳ نـہ تـہ بـہ 14 سئو سالن کـان سـرڪـاري ٻـولـي رهـي آهي. حاڪمن، عملدارن ۽ مقتدر عالمن ۽ ٻين سان خط و ڪتابت ۽ لـک پڙهہ جو هنن پنهي ٻولين ۾ صدين کان وهنوار رهيو آهي. عجيب ۽ انـوکـيـن معنائن وارن خطابن ۽ لقبن جو هنن ٻولين ۾ جيڪو ذخيرو آهـي، سـو ٻـيـن ٻولين ۾ ملڻ مشڪل آهي. سنڌيءَ ۾ انهن لفظن جو متبادل پيدا ٿـي نـہ ٿـي سگهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻولي سرڪاري ٻـولـي طـور رهـڻ جـو اهـڙو تجربو نـہ ٿي رکي، جهڙو عربي، فارسيءَ کي ٿيو آهـي. ٿـوري گـهـٽـي خـط و ڪتابت جيڪڏهن اسان سنڌيءَ ۾ ڪريون ٿا تہ ان ۾ فارسي عربي لقبـن ۽ خطابن کي ئي برقرار رکيو وڃي ٿو. پر لقبن ۽ خـطـابـن ۾ جـيـڪـو ذخـيـرو فارسي ۽ عربيءَ ۾ موجود آهي، ان جي ڪا هڪ پتي سنڌيءَ ۾ اچي سگـهـي هوندي، نہ تہ گهٽي قدر اهڙن خطابن ۽ القابن جو پاڻ وٽ ڪـو مـتـبـادل ٺـي ڪونهي. جهڙوڪ: معدن الفضائل البهيه و مـنـبـع الـفـواضـل الـصـوريـه، صلاحيت نشان، فقاهيت عنوان، فضائل و فواضل پناهہ، مرجع الانام، ماوي الخاص والعام، زبده المتورعين، عمدة الفقهاء، اسوة العلماء، وغـيـره جـهـڙن لقبن جو متبادل ڪوبہ ڪونهي. انهن جو ويهي ترجمو ۽ تشريح ڪـجـي تـہ خطاب ۽ لقب جو رس نڪريو وڃي. هاڻي اهڙن لـفـظـن جـي مـتـبـادل جـي ضرورت بہ ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ هاڻي اهو طريـقـو هـلـي بـہ ڪـونـہ ٿـو ۽ سرڪاري لکپڙهہ بہ انگريزيءَ ۾ ٿي ٿئي. ان ڪري هاڻي انشاء جي حـوالـي سان عربي ۽ فارسيءَ ۾ تہ ڪٿي ان جي اهميت آهي، پـر سـنـڌي ادب ۾ هـن ڪتاب جي هن وقت وڏي اهميت آهي ڇاڪاڻ تہ تاريخ ۽ ان دور جي عالمن جي رابطن ۽ ٻين تحقيقي پاسن جي لحاظ کان هي تمام وڏي اهـمـيـت جـو حامل ڪتاب آهي.

پراڻي زماني ۾ تعليم ۽ تدريس ۾ خاص موضوع تحت "انشـاء" جـو

علم پڙهايو ويندو هو ۽ انشاءَ ۾ ڪيترين ئي تصنيفون انشاء جي نموني طور لکجي چڪيون آهن. جيئن انشاء عطارد، منشي شيوڪ رام عطارد جي تصنيف آهي. ائين ميان نور محمد ڪلهوڙي جي منشي شيخ عبدالرؤف (وفات 1140هه) جي مڪتوبات تي مشتمل ڪتاب 'گلدستہ نورس بهار'، وغيره جهڙا ڪجهه نالا ڳڻائي سگهجن ٿا. اهي توڙي خود هي ڪتاب بہ انشاءَ جي تعليم جي طور رقعہ نويسي ۽ عبارت آرائيءَ جي مشق طور لکيا ويا. جن ڪتابن جي ان وقت رقعہ نويسي جي اهميت هئي، پر هاڻي بہ انهن سيني ڪتابن جي اهميت ان حوالي سان آهي تہ هاڻي اهي ڪتابن جي اهميت تاريخي ويجي رهي آهي. مثال انشاءِ عطارد ڪلهوڙا عهد جي تاريخ جو اهم ماخذ آهي. ساڳيءَ طرح هن ڪتاب جي بہ هاڻي صرف علماء سنڌ جي تاريخ، توڙي ڪجهہ ٻين تاريخي واقعن ڏانهن اشارن جي حوالي سان تاريخي اهميت آهي. پڙهندڙن کي هن ڪتاب مان هيٺيون شيون اهميت واريون ملي سگهنديون.

علماء جو تذڪرو:

سنڌ جي علماء جو هڪ ٻئي سان رابطو معلوم ٿيندو، انهن جي علمي مسئلن ۾ گفتگو، انهن جا علمي ۽ تبليغي سفر، ان دور ۾ انهن جون ديني خدمتون ۽ ان لاءِ انهن جي فڪرمندي، ڪتابين، جنهن لفظ کي عام استعمال ۾ ڪتابي ڪيو ويو، جي پڙهڻ لاءِ سفرن جو بيان معلوم ٿيندو.

سنڌ جي ماڻهن جا سفر:

هن ڪتاب مان معلوم ٿيندو تہ ڪيئن ماڻهو بندرن جي ذريعي سفر ڪندا هئا؟. مڪيہ بندر ڪهڙا هئا؟. ڪٿان ڪان ڪٿي تائين سفر ڪيئن ڪري سگهبو هو؟

خط و ڪتابت جا ذريعا:

اڄ ڪلهہ جيئن پارٽ وٽ ٽپال جو نظام موجود آهي، ان جا نوان ۽ تڪڙا طريقا بہ اچي چڪا آهن. ان زماني ۾ سفرن تي ويندڙ قافلن ۽ ماڻهن

جي هٿان خط ۽ نياپا موڪليا ويندا هئا. ڪو خاص نظام ڪونہ هوندو هو. هنن خطن ۾ ان حوالي سان بہ ڪافي مواد موجود آهي، جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ان زماني ۾ خطن ۽ نياپن موڪلڻ جو نظام ڪيئن هو.

ڪتابت جو ڪاروبار:

علماء هڪ ٻئي ڏانهن ڪتاب موڪلن ٿا، ڪتابت ڪرائن ٿا، ماهر عالم ڪتابت جي نگراني ڪن ٿا. جيئن هڪ خط ۾ مخدوم ضياء الدين کيس هڪ ڪتاب جي ڪتابت جي نگرانيءَ جي ذميواري قبول ڪرڻ جو لکن ٿا.

ڪتابن جي جلد بندي، سفيد ورقن تي جدول ڪرڻ (ليڪون ڪڍڻ) جي ڪاروبار جو معلوم ٿئي ٿو. جيئن مخدوم محمد صادق، مخدوم عبدالله جي طرفان سفيد ورق جدول لاءِ ٺٽي موڪلڻ تي ٺٽي جي ڪاريگرن جي مهارت ۽ انهن جي وعدي خلافيءَ تي دلچسپ تبصرو ڪيو آهي.

ڪڇ ۽ سنڌ جا رابطا:

ڪڇ لاڙ سان ڳنڍيل هڪ لاڳيتو حصو آهي. ڪڇ تي قديم زماني کان اسر، اڀير، اهير، الڳ الڳ اچارن سان سڃاڻندڙ لوڪ حاڪم رهيا آهن. جن لاءِ چيو ٿو وڃي تہ اهي قديم دراوڙ آهن، جن سنڌ ۾ آرين سان جنگ ڪئي. سمن جي دور ۾ هي حصو سنڌ جو حصو رهيو. سمن کان پوءِ جاڙيجا هن خطي جا حاڪم رهيا. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دورن ۾ سنڌ جي خود مختياري ختم ڪئي وئي. ڏاريا حاڪم رهيا، پر جيئن ئي ڪلهوڙن سنڌ جي وحدت قائم ڪئي تہ غلام شاهہ ڪلهوڙي ڪڇ تي ڪاهون بہ ڪيون. ڪڇ جو وڏو حصو سنڌو درياهہ جي هڪ شاخ ڦرڻ تي آباد ٿيندو هو. هيءَ شاخ لکپت بندر جي پاسي کان وهندي هئي، جيڪا جنگ جي ڏينهن ۾ غلام شاهہ مورا ڳوٺ وٽ بند ڏئي بند ڪرائي ڇڏي، جنهن کان پوءِ هيءَ علائقو رڃ ۽ ڏٻڻ ۾ تبديل ٿي ويو.

هي علائقو سنڌ جي ڏکڻ، ڏکڻ اوڀر سرحد جو علائقو آهي، هتي جي ٻولي ڪڇي سنڌي ٻولي جو هڪ مقامي لهجو آهي، حاڪمن ملڪ

ورهائي ڏار ڪيا. جيڪو بہ ٿيو پر عام ماڻهوءَ جو تعلق ۽ رابطا پراڻي زماني ۾ ڪڏهن ائين ڇڇي ڏار ڪونہ ٿيا، جيئن پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ٿيا آهن. ان زماني ۾ ڪڇ سنڌ سان هو يا سنڌ کان ڪٽيل هو پر سنڌ ۽ ڪڇ جو ماڻهو پاڻ ۾ ڳنڍيل هو.

هن ڪتاب جو مصنف ۽ هن ڪتاب جي اڪثر خطن جو مخاطب، (جنهن ڏانهن خط لکيا ويا)، سو مخدوم عبدالله ڪڇ جي هڪ شهر نريي جو رهاڪو آهي. جيڪو تمام اهم سنڌي ڪتابن جو مصنف آهي ۽ ڪيس خط لکندڙ عالم بہ سنڌي ٿا لکن ۽ هو بہ پاڻ ڪي سنڌي ٿو لکي. هڪ خط ۾ مخدوم محمد صادق مخدوم عبدالله ڪي سنڌن خدمت ۾ ڪڇ اچڻ لاءِ لکي ٿو تہ: "جلد سفر لاڙ جو ارادو آهي، اوهان وٽان گذر ٿيندو." هي اهو سفر آهي جنهن ۾ مخدوم محمد صادق جونا ڳڙهہ تائين سفر لاءِ نڪتو آهي ۽ ان کي "لاڙ جو سفر" ٿو سڏي. هن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌ جو ماڻهو سڄي رياست ڪڇ کي سنڌ جو لاڙ جو ڀاڱو سڏيندو هو. هڪ خط ۾ مخدوم محمد صادق لکي ٿو: "عنقريب جنوبي سفر جي ارادي سان اوهان جي خدمت مان پيش ٿي ويجبو." هن خط ۾ جنوبي علائقو لاڙ آهي. مراد ساڳيو ڪڇ آهي، هي لفظ ٻڌائن ٿا تہ اهي بزرگ يا ان دور جا عام ماڻهو ڪڇ کي سنڌ جو ئي حصو سمجهندا هئا .

مخدوم محمد هاشم جي پٽ مخدوم عبداللطيف جو پٽ مخدوم ابراهيم ٺٽي مان لڏي وڃي مڏئي ۾ رهيو. جتي سنڌس لکين مريد نقشبندي سلسلي جا ٿيا. اتي فوت ٿيو سنڌس مقبرو بہ اتي مشهور آهي. ائين ڪافي عالم ۽ عام سنڌي مسلمان ان علائقي ۾ وڃي آباد ٿيا. ڪڇ جي ڀڄ واري علائقي تورڙي ٻئي پاسي هندو آبادي گهڻي هئي. مخدوم عبدالله کي ان حوالي سان گهڻيون مشڪلاتون پيش آيون. ڪن هندن کيس تڪليف ڏني ٿي، مخدوم محمد هاشم لکپت جي راءِ کي سنڌس سفارش جو خط لکيو ۽ کيس ڪجهہ زمين بہ گذران لاءِ ڏيڻ جي گذارش ڪئي. راءِ لکپت کي سفارش ڪرڻ سان گڏ اتي جي هڪ ٻي مقتدر شخصيت خليفي شاهہ مراد کي بہ سفارش ڪيائين ۽ سرڪار کان کيس زمين ٽڪرو ڏيارڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين.

ڄام ڏيسر:

ڄام ڏيسر 1219ع ۾ ڪڇ جو حڪمران بڻيو. جنهن آس پاس علائقن تي ڪاهون ڪيون. سنڌ تي بہ هن ڪاهہ ڪئي.

مخدوم عبدالرحمان هڪ هنڌ ڄام ڏيسر جي تعصب ۽ مسلم دشمنيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. هي ڄام، راجا لاکي ڦلاڻي کان پوءِ ڪڇ جو حاڪم ٿيو هو. هي شاعرن ۽ اديبن جو قدر ڪندو هو پر مذهبي تعصب جي معاملي ۾ مخدوم عبدالرحمان لکي ٿو تہ:

"الله جي مدد سان تاريخ چوٿين شعبان المعظم تي اسان مشهور ڳوٺ پڪياريءَ سلامتيءَ ۽ عافيت سان مڙني ساٿين سميت پهتاسين ۽ ڄام ڏيسر، الله کيس سندس افعالن ۽ اقوالن جي ڪري پڪڙي، پاڻ پنهنجي سر وڏي ڳالهہ ڪئي آهي، ڪافرن کي حڪم ڪيو اٿس تہ ڪنهن هڪ مسلمان کي بہ نہ ڇڏيو، انهن کي دشمنن جي زمري ۾ شامل ڪيو. ان ايڏو فساد پيدا ڪيو آهي، جنهن جو ڪو حساب ئي ناهي، اهو بتن جي پوڄا ٿو ڪري ۽ ڍڳي جي قربانيءَ کان روڪي ٿو ۽ اهڙا ٻيا غير شرعي ڪم ڪري ٿو."

ڪڇ تي ميان غلام شاهہ جي ڪاهہ:

حڪمران ملڪ فتح ڪندا آهن. لڙايون لڳنديون آهن. فتح شڪست جو تذڪرو ڪتابن ۾ ٿيندو آهي، پر عام ماڻهو تي ڇا گذرندو آهي، سو اڪثر تاريخن مان ڳوليو نہ لڀندو آهي. ڪڇ ۾ جڏهن لڙائي ٿي آهي تہ عام ماڻهوءَ تي جيڪو وهيو واپريو، ان جو منظر مخدوم عبدالله جي هڪ خط ۾ هن طرح چٽيل آهي:

"انهن معاملن جي وچ ۾ مون سان، جيڪا ماجرا ٿي، سا رب پاڪ جي تقدير سان ٿي گذري. جهڙوڪ: منهنجي اهليہ سڳوري جو فوت ٿيڻ ۽ سرائن جي لشڪرن جي هجوم جي پيش قدمي ڪرڻ ۽ ان فتني ۽ مصيبت جي ڪري ماڻهن جو هڪ شهر کان ٻئي شهر پڄڻ ۽ ان کان سواءِ ٻيون مخفي ڳالهيون، الله اسان ۽ اوهان کي خيرالبريہ جي صدقي انهن کان حفاظت ۾ رکي، ظاهر ٿيون. سڀ معاملا تقدير ۽ مشيت ۾ طئہ ٿيل آهن. فضل عطا

ڪندڙ ذات جو ارادو آهي. ڪو نفس نہ ٿو ڄاڻي تہ سڀاڻي ڇا ڪندو."

ڪڇ ۾ ڇا وهيو واپريو، سا خبر نٿي ڪيئن پهچي، خبر پهچڻ، خط ڪتابت جو ذريعو بہ ماڻهن جي اچ وڃ هوندي هئي. جڏهن ڪڇ ۾ لڙائي ٿي رهي هئي تہ نٿي ڪان اچ وڃ بہ بند ٿي وئي. تہ هاڻي ڪيئن خبر پوي تہ مٿن مائٽن عزيزن، دوستن ۽ عالمن تي ڇا گذريو. ان بيچينيءَ جو اظهار مخدوم نعمت الله هڪ خط ۾ هن طرح ڪيو آهي:

"اوهان جو خط مبارڪ زماني کان اسان وٽ ڪونہ پهتو آهي. ان وچ ۾ بيهر لشڪرن جي هجوم جي ڪري تفرقو (ڏقيڙ) واقع ٿي چڪو آهي، ان ڪري دل منتظر هئي تہ اوهان وٽان ڪا خير ۽ عافيت جي خبر اچي. ان ڪري هتان کان اوهان جي شهر ڏانهن، جيڪو (اچ وڃ جي سلسلي ۾) توجہ رهندو آهي، سو بہ گهٽ رهيو آهي، جو تفرقي ۽ عدم اطمينان جي صورت حال رهي، ان ڪري اسان جو خط بہ اوهان ڏانهن ڪونہ پهتو. اوهان تي لازم آهي تہ هنن ورقن پهچڻ کان پوءِ اوهان جا ورق بہ اسان تائين پهچڻ گهرجن، جن ۾ اوهان، اوهان جي گهر وارن، دوستن ۽ ساٿين جي صحت ۽ عافيت جي خبر شامل هجي."

غلام شاه ڪلهوڙي ۽ عطر خان وچ ۾ لڙائي:

سنڌ ۾ غلام شاه ڪلهوڙي ۽ عطر خان جي وچ ۾ لڙائي هئي. بيئي پائر هڪ ٻئي تي ڪاهي آيا هئا. ان جو تفصيل تاريخ جي ڪتابن ۾ موجود آهي. نٿي ۾ انهن جي لڙائيءَ جي ڪري پيدا ٿيل صورتحال، وبا ۽ بدامنيءَ جو منظر اشاري سان هن طرح ڏسي سگهجي ٿو:

"هن کان اڳ جيڪا وڏي وبا، جيڪا فقير جي پهچڻ کان اڳ، شهر ۾ شدت سان موجود هئي، سا هن وقت دفع ٿي وئي آهي، البتہ حاڪمن جي جهيڙي جي ڪري ڪجهہ ڏقيڙ شهر ۾ موجود آهي. جنهن ڪري گهڻا ماڻهو ڀڄي وڃي ويران جاين تي آباد ٿيا آهن، جيڪي رهاڪو بچيا آهن، سي هن وقت دل جي گهراين سان دعائن کي لازم سمجهي، وس آهر دعائن ۾ ڪوتاهي نہ ٿا ڪن. وڌيڪ ڇا لکجي."

"جيڪڏهن اوهان جو اچڻ اڳئين خط ۾ ذڪر ڪيل بشارت موجب،

جيڪا دلي خوشي ۽ فرحت جو موجب ٿي، ممڪن ٿئي، تہ اهو مهر ۽ ڪرم کان خالي نہ ٿيندو، بدامنيءَ جو خوف، جيئن خبر سچ ۽ ڪوڙ جو احتمال رکندي آهي، تيئن (سچ ڪوڙ) ٻنهي ڳالهين جو احتمال رکي ٿو ۽ خير جي اميد گهڻو پري آهي، پر هتي جي رهندڙن جو امن ۾ رهڻ بہ اهڙو ئي (غير يقيني) آهي."

هن لڙائيءَ جي ڪري مخدوم محمد صادق ۽ سندس پياءُ مخدوم نعمت الله ٺٽي مان لڏڻ تي سنبريا، جيئن پاڻ هڪ خط ۾ لکيائون:

"اسان ٻنهي ڀائرن جو فوري طور پڪو ارادو، پنهنجي ماڻهن سميت نڪرڻ جو آهي."

ضرب خانو:

ضرب = مُهر، ضراب = مهر ڪرڻ وارو، ضرب ڪرڻ = مهر ڪرڻ. سڪي تي مهر لڳائڻ. ضرب خانو ۽ ٽڪسال چئبو آهي جتي سڪا ٺاهيا ويندا آهن. سڪن تي مهر لڳائي ويندي آهي. هن ڪتاب ۾ شامل ڪجهہ خطن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٺٽي ۾ بہ ضرب خانو هو، جتي سڪا ٺاهيا ويندا هئا. مخدوم نعمت الله ڪجهہ ڏانهن مخدوم محمد صادق جي سفر جي ڏينهن ۾ ان ڏانهن جيڪي پيسا موڪليا، سي ٺٽي جا ضرب ڪيل هئا. جيئن سندس هڪ خط مان معلوم ٿئي ٿو:

"ان بنياد تي مبلغ نو روپيہ شهر ٺٽي جا ضرب ڪيل (شاگرد محمد يونس) جي حوالي ڪيا آهن. ڪجهہ خرچ جيترا پيا برخوردار گل محمد وٽ بہ آهن. سواءِ انهن جي جيڪي ڪم اچن، پيا هندوي ڪرائي ڇڏجو."

هن مان نہ رڳو اهو ٿو معلوم ٿئي تہ ٺٽي ۾ ضرب ڪيل پيسا موڪليا ويا پر اهو بہ واضح ٿو ٿئي تہ هي سڪا هندوي نہ هئا. هندوي سڪا مغل بادشاهن طرفان منظور ڪيل هوندا. ٺٽي جا سڪا ڪهڙن بادشاهن جا هئا، سا خبر خدا کي، البتہ هندوي سڪن کان مختلف ضرور هئا. مٿئين بيان ۾ ٺٽي جي ضرب ڪيل پيسن کي هندوي ڪرائڻ جو ذڪر بہ ٺٽي جي الڳ ڪرنسيءَ جي نشاندهي ٿو ڪري. هڪ خط ۾ مخدوم نعمت الله ڪنهن جي هٿان پيسا موڪليا آهن ۽ مخدوم عبدالله کي ان کان پيسا وٺڻ

لاءِ لکندي ٺٽي جي ضرب ڪيل پيسن کي ٺٽوي-ٺٽئي لکيو آهي:

"اوهان خط ۾ مبلغ نو روپيہ ٺٽئي ميان يونس کان وٺي پاءُ (مخدوم صادق) ويجهو هجي تہ ان کي پهچائيندا."

هن ۾ "نو روپيہ ٺٽئي" واضح ڪن ٿا تہ هي هندوي يعني مغل بادشاهن جي سڪن کان الڳ سڪا ٽپ رکندڙ سڪا هئا. هڪ ٻئي خط ۾ چاليهہ رپين هندوي جي موڪلڻ جو ذڪر آهي. ۽ ان ۾ تاڪيد ڪيل آهي تہ: "ڪنهن معتبر هٿان موڪلجو ڇاڪاڻ تہ موڪليل پيسا هندوي آهن. انهن ۾ دير بهتر ناهي. وڏيڪ پاڻ بهتر ٿا ڄاڻو."

هيءَ ڳالهہ بہ ان جو دليل آهي تہ هندوي روپيہ الڳ هئا. ٺٽئي روپيہ الڳ قسم جا هئا. ٽالپرن جي دور ۾ مير مراد علي خان ٽالپر حيدرآباد ۾ ضرب خانو قائم ڪرايو هو. جيڪو سندس وفات کان پوءِ بند ٿي ويو.

ٺٽي جا هنر:

شهر ٺٽي ۾ هنر ۽ ڪاريگرين جا ڪيئي ڪم ٿيندا هوندا. پر ٺن ڪمن جو هنن خطن ۾ ذڪر ملي ٿو. هڪ جلد بندي، ڪتابت ۽ ورقن تي جدول ڪرڻ جو هنر، جنهن جو مٿي ذڪر ٿيو. ٻيو منڊيءَ جي ٽڪ يعني نگين ٺاهڻ جو هنر، ٽيون مهر ٺاهڻ جو هنر. مخدوم عبدالله ڪنهن خط ۾ مخدوم باقر کي خط ۾ نگين ٺهرائڻ لاءِ لکيو آهي. جواب ۾ ان کيس لکيو آهي:

"نگين (منڊيءَ جي ٽڪ) اوهان جي لکئي مطابق ٺهرائي ميان پير محمد جيو جي حوالي ڪئي آهي."

مخدوم محمد باقر جي ٺي هڪ خط ۾ مخدوم عبدالله کيس مهر ٺهرائي موڪلڻ جو چيو آهي، جنهن جي جواب ۾ مخدوم باقر لکيو آهي:

"اوهان صاحبن کي ڪنهن مهر ٺاهيندڙ جي نالي جي ضرورت جو ٻڌو آهي. جيئن تہ هتي مهر ٺاهيندڙ مشهور هڪ شخص آهي، ان جي غفلت جي ڪري هيءَ ڍرائي ٿي وئي. هنن عزيزن سان، خط سان گڏ مهر پهچائي نہ سگهياسين. انشاءَالله بعد ۾ مهر، مخدوم معظم ميان محمد هاشم جي مهر جهڙي ٺهرائي، ڪنهن اعتبار جهڙي ماڻهوءَ جي هٿان موڪلي ڇڏيندس."

ڪتاب ۾ ذڪر ٿيل ڪجهه عالمن جا تذڪرا:

هن ڪتاب ۾ تمام گهڻن عالمن ۽ شخصيتن جو ذڪر ٿيل آهي. ڪجهه شخصيتون اهڙيون آهن، جن جو تذڪرو ۽ تعارف، تذڪري جي مختلف ڪتابن جي ڪافي ورق گرداني ڪرڻ کان پوءِ به دستياب نه ٿي سگهيو آهي، هنن خطن مان به انهن جي تعارف بابت ڪا گهڻي خبر نه ٿي پوي. سردست جن عالمن ۽ شخصيتن جو تذڪرو ملي سگهيو آهي تن جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو:

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي:

محمد هاشم پٽ عبدالغفور پٽ عبدالرحمان پٽ عبداللطيف پٽ عبدالرحمان پٽ خير الدين سنڌي بنورائي پوءِ بهرامپوري پوءِ ٺٽوي.

اصل ۾ ڳوٺاڻو ۽ ٻهراڙيءَ جو رهاڪو يعني ٺٽي جي آس پاس جي ٻهراڙيءَ جو رهاڪو هو. سندس اصل ولادت بنوري ۾ ٿي. تڏهن بنورائي سڏيا ويا. جو سندس وڏڙا بنوري جا رهاڪو هئا. محمد سومار شيخ لکيو آهي ته:

مخدوم صاحب جو والد عبدالغفور "اگهماڻي جو گابار" ۾ رهندو هو. جتان پوءِ ميرپور بٺوري وڃي رهيو ۽ اُتان پرڻيو.

مخدوم موصوف ذات جو پنهور هو. هن ذات جو نسبي تعلق حارث بن عبدالمطلب سان وڃي ملي ٿو. هن نسل جا اصل وڏا محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيا ۽ اول سيوهڻ ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائون. جتان پوءِ مخدوم صاحب جو والد ميان عبدالغفور لڏي نڪتو. پوءِ ممڪن آهي "اگهماڻي" ۾ به اچي ٽڪيو هجي. جنهن کان پوءِ بنوري ۾ اچي آباد ٿيو هجي. بهرحال اڪثر تذڪرن جي مطابق سيوهڻ کان بنوري ۾ لڏي اچي رهيا.

مخدوم صاحب جي ڳوٺ جي باري ۾ هڪ واقعو هن ڪتاب ۾ به ملي ٿو. جتي ڪين چورن لٽيو آهي ۽ پوءِ لڏو ڪنيو اٿن. پاڻ ان بابت هڪ خط ۾ لکن ٿا:

"نومڙين جا ماڻهو تعلقي هارون پٽ بولهه (بولا) خان نومڙي، هڪ رات آڌي جي ٽائيم آيا. فقير ۽ برخوردار ميان عبداللطيف جا دروزا ڀڃي

مال، زيور جيڪو ڪجهه ڪتابن کان سواءِ گهر ۾ هو، سو سڀ ڦري ويا. پنهنجو گهر ڇڏي اڪوڪ جي هنڌ تي تعلقي ميان غلام شاهه ۾ وڃي رهيا آهيون. هاڻي به فضل حضرت ايزدي جل شانہ جا اميدوار آهيون تہ واقعي جو تدارڪ ڪري پنهنجي احسان ۽ ڪمال درجي جي مهرباني سان واپس ڪرائيندو."

هي سندن ڳوٺ ڪهڙو هو؟ جيڪو هارون پٽ بولهہ خان نومڙئي جي تعلقي ۾ هو. جتان لڏي پاڻ تعلقي ميان غلام شاهہ ۾ اچي رهيا؟ ان جي تحقيق جي ضرورت آهي.

مخدوم موصوف جي بنوري ۾ ڏهين ربيع الاول 1102هہ مطابق 1692ع ۾ ولادت ٿي. ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب وٽ پڙهيو. ان بعد وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٺٽي آيو. پنهنجي دور جي تمام وڏن عالمن مخدوم محمد معين، مخدوم محمد سعيد ۽ مخدوم ضياءُ الدين وٽ پڙهيو. 1135هہ ڌاري حج جي سفر تي نڪتو، جتي حرم جي نامور عالمن: شيخ عبدالقادر مڪي، (مڪي جي مفتيءَ) ۽ شيخ ابو طاهر ڪردي مدنيءَ ۽ ٻين وٽان استفادو ڪيائين. 1137هہ ڌاري وطن موٽي آيو.

موٽي اچڻ کان پوءِ پهريائين پنهنجي ڳوٺ بنوري ۾ مدرسو کوليائين. پوءِ ويجهي ڳوٺ بهرام پور ۾ وڃي مدرسو کوليائين. هن مدرسي جا ڦٽل آثار ۽ ڊٺل نشان اڄ به موجود آهن. پر اتي جا رهاڪو بدعتن جي ڇڏڻ ۽ سنت رسول صلي الله عليه وسلم تي عمل جي معاملي ۾ ساڻس ڪونہ ٺهيا. جنهن ڪري ٺٽي لڏو ڪنيائون. جتي وچ شهر ۾ مدرسو قائم ڪيائون.

شايد بهرام پور اهو علائقو هجي جيڪو هارون پٽ بولهہ خان جي تعلقي ۾ هو. چوريءَ جي ڪري اتان لڏي نڪتا؟ ان جي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.

مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي:

هيءُ مخدوم هارون جو پٽ هو. مخدوم هارون شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي اولاد مان مخدوم عجائب بن مخدوم الياس جو فرزند هو. مخدوم الياس هن خاندان جو پهريون شخص هو جيڪو داٽي پاٽيءَ جي

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

چڪ جي ڪري اچي 'ورياه' ۾ رهيو. پوري زندگي اتي ئي پوري ڪيائين. سندس فرزند مخدوم عجائب پيءُ وارين خوبين جو مالڪ ٿي گذريو. ان جو پٽ مخدوم هارون ورياه مان لڏي ٺٽي ۾ اچي رهيو. مخدوم ضياءُالدين ان جو فرزند هو. جيڪو مخدوم عنايت الله بن فضل الله ٺٽويءَ جي شاگرديءَ جي بدولت اهل فضل ۽ ڪمال جي هڪ وڏي گروهہ جو معلم بنيو. ميان احمد ڪتابي، جيڪو مخدوم عنايت الله جو استاد هو. تنهن جو فرزند ميان محمد، مخدوم ضياءُ الدين جو شاگرد هو. قانع لکيو آهي تہ: (ميان محمد) مخدوم ضياءُ الدين جي شاگرديءَ جي بدولت همعصرن ۾ ممتاز رهيو." مخدوم ضياءُ الدين پنهنجي شاگرد ميان محمد جي، ان باوجود تہ هو سندس شاگرد هو، ان ڪري تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندو هو. تہ هو سندس استاد جي استاد جو فرزند هو.

نہ رڳو اهو پر ٺٽي جي ہي اولوالعزم هستي ۽ سنڌ کان ويندي پوري اسلامي دنيا ۾ علمي شهرت رکندڙ يگانہ روزگار عالم مخدوم محمد هاشم بہ مخدوم ضياءُ الدين جي ئي شاگرديءَ جي طفيل علمي مرتبا حاصل ڪيا. قانع لکيو آهي تہ: مخدوم ضياءُ الدين جي شاگرديءَ جي ئي برڪت سان هيءُ (مخدوم هاشم) علماءِ وقت کان افضل ۽ مشهور ٿيو ۽ اقبال ۽ انتظام ۾ اڪثر علماءَ کان بازي کڻي ويو. مخدوم ابوالقاسم جو مريد هو. قانع طومار سلاسل ۾ مخدوم ابوالقاسم جي ويهن خليفن جو ذڪر ڪيو آهي. جن ۾ مخدوم ضياءُ الدين بہ شامل آهي.

مخدوم محمد زمان لواريءَ وارو:

خواجا عبداللطيف سهرورديءَ جو پٽ هو. 21 رمضان سن 1125هہ ۾ لواريءَ شريف ۾ سندس ولادت ٿي. ابتدائي تعليم اتي ئي حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم لاءِ ٺٽي ۾ مخدوم محمد صادق وٽ پڙهڻ لاءِ ويلو. اتي ئي راهہ ويندي سندس لونءَ خواجا ابوالمساڪين ولد خواجہ اشرف سان لڳي وئي. نقشبندي طريقي هيٺ سندس ارادت اختيار ڪيائين. صرف ڇهن مهينن اندر اجازت حاصل ڪري ڪامل بنيو. اجازت واري ڏينهن مرشد پنهنجي دستار سندس سر تي رکي ۽ مريدن کي چيائين تہ اوهان نئين سر

خواجہ محمد زمان جي بيعت ڪريو. جنهن ڪان پوءِ خواجہ صاحب ڪجهہ وقت ٺٽي ۾ رهيو. ۽ 1150هہ ڌاري اجازت وٺي لواريءَ ۾ مقيم ٿيو.

مخدوم عبداللطيف:

مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم بن عبدالغفور پنهور پنهنجي وقت جو وڏو عالم هو. سندس زماني ۾ هڪ شخص طالب علم شهر (ٺٽي) ۾ آيو. چئي: "مون کي مطول معاني" پڙهڻي آهي. پر پڙهندس اهڙي شخص وٽ جيڪو صرف مطول جو خطبو جيڪو تقريبن ٻہ ورق ٿيندو، تنهن جو سڄو سال مون کي درس ڏئي، ان دور جي مڙني اهل علم وٽ استدعا لاءِ ويو. ڪنهن بہ قبول نہ ڪيو. مخدوم عبداللطيف وٽ آيو. فرمايائون: ڇهن مهينن تائين ان جو درس ڏيندس. اها ڳالهہ ان شخص قبول ڪئي ۽ شروع ٿيو. اڃان خطبو ئي ٿي پڙهيائين جو مطول جي ڪتابيات جا سيئي بحث پڙهي ڇڏيائين. تحفة الڪرام ۾ قانع لکيو آهي تہ هاڻي (1181هہ ۾) مخدوم عبداللطيف پنهنجي والد جو جانشين آهي. والد جي دستور مطابق هر جمعي جي ڏينهن صبح جي وقت جامع خسرو ۾ واعظ جي محفل قائم ڪندو آهي ۽ روزانو ٽيهريءَ جي وقت پنهنجي مسجد ۾ حديث جي درس جو شغل جاري رکندو ٿو اچي. هن سال يعني 1187هہ ۾، جيئن تہ پاڻ ميان محمد سرفراز خان جي لشڪر ۾ منصب قضا تي مامور آهي، ان ڪري سندس فرزند ارجمند ميان ابراهيم عرف موليڏنو والد ۽ ڏاڏي بزرگوار جو ڪم سنڀالي رهيو آهي.

مخدوم محمد ابراهيم مڏئي:

هيءُ مخدوم عبداللطيف جو پٽ ۽ مخدوم محمد هاشم جو پوٽو هو. ڏاڏي جي حياتيءَ ۾ ئي 1162هہ ۾ سندس ولادت ٿي. مخدوم ابوالقاسم نقشبندي سندس نانو هو. مخدوم محمد ابراهيم پنهنجي ڪتاب "القسطاس المستقيم" ۾ مخدوم محمد هاشم کي "جدي وابو ابي" (منهنجو ڏاڏو ۽ پيءُ جو پيءُ) سڏيو آهي. ۽ مخدوم ابوالقاسم نقشبندي کي "وهو جدي ايضا و ابو ابي امي" (اهو پڻ منهنجو پڙنانو يعني منهنجي ماءُ جي پيءُ

جو پيءُ) سڏيو آهي. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڳتي هلي مخدوم محمد هاشم ۽ مخدوم ابوالقاسم جي خاندانن جون پاڙ ۾ متيون مائٽيون بہ ٿيون. مخدوم محمد هاشم جو پٽ مخدوم عبداللطيف، مخدوم ابوالقاسم جي پٽ جي نياٽيءَ سان پرڻيو، جنهن مان مخدوم ابراهيم ڄائو. مخدوم ابراهيم جو عرفي نالو موليڏنو هو. کيس مڏئي مرقد بہ سڏيو ويندو هو. ڇاڪاڻ جو هو پوءِ ڪن سببن جي ڪري ٺٽي مان لڏي وڃي مڏئي ۾ رهيو ۽ اتي 1225هه ۾ فوت ٿيو. شهر مڏئي ڪڇ جي ساحل جو مشهور بندر هو. اتي مخدوم موصوف جي مزار تي تمام وڏو قبو تعمير ٿيل آهي. اتي جي ماڻهن ۾ مشهور آهي تہ سندس قبي جي مٿان ڪبوتر ۽ ٻيا پکي نہ اڏامندا آهن. جيڪڏهن اڏامندي ان جي مٿان گذريا تہ هڪ دم اچي پٽ تي ڪرندا آهن ۽ مري ويندا آهن. پر شهر مڏئي سان مخدوم ابراهيم جو تعلق گهڻو پوءِ جڙيو. ان کان اڳ سندس خدمتن جو مرڪز ٺٽو هو، جتي موصوف جامع خسرو ۾ واعظ ڪندو هو، جتي مخدوم محمد هاشم هر جمعي جي ڏينهن صبح جو واعظ فرمائيندو هو. ڪانئس پوءِ سندس پٽ عبداللطيف بہ پيءُ وارو طريقو جاري رکندو آيو. ان جڏهن ميان سرفراز جي ملازمت اختيار ڪئي تہ ان کان پوءِ پيءُ ۽ ڏاڏي وارو ڪم مخدوم ابراهيم سنياليو ۽ جامع خسرو ۾ واعظ جو سلسلو جاري رکندو آيو. وري جڏهن مخدوم عبداللطيف هن جهان کان موڪلايو تہ پيءُ واري ساڳي سرڪاري ملازمت مخدوم ابراهيم سنيالي. ميان عبدالنبي خان جي دور تائين اها ملازمت وٽس رهي.

ٽي مخدوم محمد صادق:

مخدوم محمد صادق نالي ٺٽي ۾ ٽي عالم گذريا آهن. قانع تحفة الڪرام ۾ ٽنهي جو ذڪر ڪيو آهي. انهن مان هڪ مخدوم محمد صادق نقشبندي آهي. جيڪو مخدوم آدم نقشبنديءَ جي پٽ مخدوم اشرف جو نياٽو هو. وڏو عالم ۽ ڪامل شخص هو. مشهور محدث ابوالحسن صغير سندس پٽ هو ۽ جناب سيد عبداللطيف تارڪ جو مريد هو.

ٻيو مخدوم مولوي محمد صادق هو. جيڪو مخدوم عنايت الله واعظ جو پٽ هو. هن جو ٻيو ڀاءُ ميان محمد سعيد واعظ هو. هي مولوي محمد

صادق، مخدوم محمد معين جي شاگردن ۾ سيني جو نڪ هو. وقت جو علامہ ۽ لياقت پريو استاد هو. ڪيترن شاگردن ڪي ڪمال جي درجي تي پهچايائين. معقولات ۾ پنهنجي وقت جو بينظير هو. هن لاءِ بہ قانع لکيو آهي تہ عبداللطيف جو مريد هو.

ٽيون مخدوم محمد صادق مخدوم عبدالجميل جو پٽ آهي. هيءَ مخدوم محمد صادق آهي، جيڪو مخدوم عبدالله نريي واري جو استاد ۽ هن ڪتاب ۾ لکيل خطن جو لکندڙ آهي. ٺٽي ۾ مخدوم آدم نالي بہ بزرگ هئا. هڪ مخدوم آدم نقشبندي ۽ ٻيو مخدوم آدم پٽ مخدوم اسحاق. پهريون مخدوم محمد صادق مخدوم آدم نقشبندي جي پٽ مخدوم اشرف جو نياٽو هو ۽ ٽيون (يعني هي) مخدوم محمد صادق ٻئي مخدوم آدم جي پاءُ جو ڏوهٽو هو. مخدوم آدم جو پاءُ مخدوم علي احمد عرف قمري هو، جنهن کي بہ پٽ هئا. هڪ مخدوم رحمة الله ۽ ٻيو مخدوم عبدالجميل . مخدوم عبدالجميل کي بہ پٽ هئا هڪ مخدوم نعمت الله، جنهن جا خط پڻ ڪتاب ۾ آهن. ان جو ذڪر الڳ بہ ڪجي ٿو ۽ ٻيو مخدوم محمد صادق. مخدوم عبدالجميل جو ٻيو اهم پاسو اهو آهي تہ اهو مخدوم ضياءُ الدين جو نياٽو هو، جيئن قانع لکيو آهي. يعني مخدوم ضياءُ الدين مخدوم محمد صادق جو نانو هو. جيئن مخدوم محمد صادق پنهنجي هڪ خط ۾ پنهنجي مامي مرحوم ميان محمد يار جي فوت ٿيڻ جي خبر لکي ٿو. ميان محمد يار مخدوم ضياءُ الدين جو پٽ هو.

مخدوم محمد صادق عين جوانيءَ ۾ علمي ڪمال حاصل ڪيو. حرمين شريفين جي زيارت بہ ڪيائين. مخدوم محمد صادق پنهنجي هڪ خط ۾ حرمين شريفين حج لاءِ وڃڻ جي ارادي ملتوي ڪرڻ جو لکيو آهي. شايد پوءِ ڪنهن موقعي تي ويو هجي. مقالات ۾ قانع لکيو آهي:

”حرمين شريفين جي زيارت جو شرف بہ حاصل ڪيائين. ۽ اتي هڪ سال رهي علم حديث جي سند حاصل ڪري وطن واپس وريو“

مخدوم عبدالله پاڻ بہ هن وٽ پڙهيو آهي، ۽ سندس پٽ عبدالرحمان ۽ عبداللطيف بہ ٺٽي ۾ وٽس پڙهيا آهن. خطن لکڻ وقت اهي ٻئي ٺٽي ۾ مخدوم محمد صادق وٽ پڙهن ٿا. مخدوم عبدالله مخدوم صادق

ڏانهن پنهنجي خطن ۾ سلام ۽ خط مخدوم محمد صادق جي ذريعي موڪليندو هو. مخدوم عبدالله مخدوم محمد صادق وٽ ڪٿي ۽ ڪڏهن پڙهيو؟ اها معلومات نٿي ملي. اندازو ٿو ٿئي تہ مخدوم ضياءُ الدين وٽ مخدوم عبدالله جڏهن پڙهيو، تن ڏينهن ۾ ٿي مخدوم محمد صادق ناني جي مدرسي ۾ استاد طور پڙهائيندو هو. يا شايد پنهنجي ٺٽي بيٺڪ ۾ پڙهائيندو هجي، جتي مخدوم عبدالله، مخدوم ضياء الدين وٽ پڙهڻ سان گڏ، هن وٽ بہ اچي پڙهيو هجي. مخدوم محمد صادق جي پنهنجي مدرسي جو ذڪر ڪٿي نہ مليو آهي. شايد حسام الدين راشديءَ جي چوڻ مطابق تہ ٺٽي جي هر عالم جي بيٺڪ دارالعلوم هئي. سندس بيٺڪ ئي مدرسو هجي.

قانع مخدوم محمد صادق جي ٻين سفرن مان هڪ سفر جونا ڳڙهہ جو بہ ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو:

"حرمين شريفين جي زيارت جو شرف حاصل ڪري موٽي آيو. ٿوري وقت کان پوءِ سفر اختيار ڪري جوناڳڙهہ ۾ ڏاڍي عزت ۽ نيڪيءَ سان گذاري واپس وريو. وري ٻيهر انهيءَ پاسي ويو ۽ ڪڇ جي سرزمين تي نريي جي ڳوٺ ۾ حياتي جي امانت ارواحن جي مالڪ جي حوالي ڪيائين."

يعني جوناڳڙهہ ۾ مخدوم محمد صادق جا ٻہ سفر ٿيا آهن. هڪ دفعي موٽي وري ٻيهر ويو آهي. پاڻ مخدوم عبدالله کي هڪ خط ۾ لکيائون تہ: "عنقريب سفر لاڙ (يعني ڪڇ ڪاٺياواڙ) جو ارادو آهي. اوهان وٽان گذر ٿيندو. مسقط بندر وڃڻ جو خيال آهي. جتان بعد ۾ اڳتي وڃبو."

بهرحال نيٺ مخدوم محمد صادق جوناڳڙهہ جو سفر ڪيو ۽ جوناڳڙهہ پهتو. قانع مقالات ۾ لکيو آهي تہ: هاڻي چند سالن کان سورت ملڪ جي زمين جونا ڳڙهہ سير تي نڪتل آهي. پنهنجي ٻئي هڪ خط ۾ مخدوم عبدالله کي لکيائين:

"جمادي الآخر جي آخر ۾ جوناڳڙهہ پهتس. ارادو هو تہ ڪجهہ ڏينهن هتي رهي سورت بندر ويندس. مائٽن جي زوربار تي هتي رهي پيو آهيان. اميد آهي تہ رمضان المبارڪ جي عيد کان پوءِ تفصيل سان لکندس."

مخدوم محمد صادق جي خطن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مڏئي، ڄام نگر، ڀڄ، نريو ۽ ٻيا شهر بہ گهميو آهي. آخري سفر ۾ پاڻ جڏهن ڪڇ لاءِ نڪتو آهي تہ ٺٽي کان روانو ٿي لکپت بندر پهتو آهي، لکپت کان جڏهن بکياري پهتو آهي تہ ڪيس پراڻي بيماري جو غلبو ٿيو. مخدوم عبدالله کي خط ذريعي ان جو اطلاع ڏنائين ۽ جلد پهچڻ جو چيائين تہ ڪٿي زندگي بقا نہ ڪري. پر پوءِ ٿيو بہ ائين. اتي ئي انهيءَ بيماريءَ جي غلبي هيٺ دم ڌڻي حوالي ڪيائين.

مخدوم عبدالله نريي جو هو. بکياري بہ نريي جي تقريبن ويجهو ڪو ڳوٺ آهي، جتي مخدوم محمد صادق وفات ڪئي. مخدوم محمد صادق ان طرف پنهنجن ڪن ماڻهن ڏانهن، سڪ جي ڇڪ سبب ويو هو، پر اصل سبب مخدوم عبدالله جي سڪ ۽ تعلق بہ هو. جنهن ڪري ان پاسي هو جيڏانهن بہ ويو آهي تہ مخدوم عبدالله سان رابطي ۾ رهيو آهي، بکياري ۾ آخري بيماريءَ ۾ بہ مخدوم عبدالله کي پاڻ ڏانهن جلد پهچڻ جو لکيو اٿس. مخدوم محمد صادق جي فرزند مخدوم عبدالجميل، جنهن جو سندس ڏاڏي پڻيان عبدالجميل نالو رکيو ويو، مخدوم عبدالله کي هڪ خط ٿو لکي تہ:

اسان جو قبلو (پيءُ مخدوم محمد صادق) الله مٿس رحمت ڪري، کيس جنت الفردوس ۾ داخل ڪري، پاڻ عزوجل جي ڏسڻ جو مشتاق، پنهنجي محبوب حقيقي ۽ رفيق اعليٰ وٽ وڃي پهتو. پاڻ رحمة الله عليه اوهان (مخدوم عبدالله) جي ملاقات جو گهڻو شوق رکندا هئا. ايستائين جو مرض جي غلبي وقت، جڏهن پٽن، يائرن ۽ دوستن سيني کي ڇڏي ڏنائين. ان حالت ۾ بہ اوهان ڏانهن اچڻ جو عزم رهيس. اوهان جي عظيم فضل ۽ مهر جي ڪري. ان کان پوءِ بہ اوهان جي حضور ۾ پهتو ۽ اوهان وٽ فوت ٿيو ۽ اوهان جي اسلاف (وڏڙن) جي قبرستان ۾ دفن ٿيو.

مخدوم محمد صادق جون تصنيفات دستياب نہ ٿي سگهيون آهن. صرف هي خط ئي آهن، جيڪي سندس قلم مان نڪتا آهن، جن مان سندس علمي پهچ، پختگي ۽ شان ظاهر ٿئي ٿو. جمعي جي نماز جي مسئلي تي مخدوم موصوف پيرزادي محمد شفيع کي جيڪي خط لکيا آهن، تن مان فقهي مسئلن تي سندس دسترس معلوم ٿئي ٿي. ايئن ٻين خطن مان بہ علمي

مسئلن تي ُسندس نظر جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

مخدوم نعمت الله:

هي مخدوم محمد صادق جو پاءُ هو. مخدوم محمد صادق کان عمر ۾ ننڍو هو. هن جي جڏهن شادي ٿي تہ ان جو اطلاع ڏيندي مخدوم عبدالله کي لکيائين:

"منهنجي پاءُ صاحب ميان نعمت الله جي شادي شوال مهيني جي آخر ۾ ٿي چڪي."

مخدوم نعمت الله پنهنجي ناني مخدوم ضياء الدين کان نقلي علم (يعني قرآن، حديث، تفسير، فقه وغيره) پڙهيو. عقلي علمن ۾ عنايت الله واعظ جو پٽ مخدوم صادق مخدوم محمد معين جو شاگرد هو. مخدوم محمد معين پنهنجي دور ۾ عقلي علمن ۾ سيني جو ابو هو. مخدوم عنايت الله مخدوم محمد معين جي شاگرد جو شاگرد هو. قانع معيار سالڪان طريقت ۾ لکيو آهي تہ: "سيد يار محمد لڪعلوي جي خدمت مان وڏن مرتبن کي پهتو.، مخدوم عنايت الله جو پنهنجو مدرسو بہ هو. ميان غلام شاهہ جو صاحبزادو محمد سرفراز خان شهزادگيءَ جي ڏينهن ۾ سندس مريد هو. مير علي شير قانع بہ سندس شاگرد آهي. 18 ذوالقعد 1179ھ ۾ وفات ڪيائين".
قانع سندس وفات جو سال هن مصرعي مان ڪڍيو آهي:

"وارث الانبياء وا شد از دنيا"

مخدوم ميڏنو نصرپوري:

وڏو عالم ۽ مفتي هو. نقشبندي طريقي ۾ حافظ ابوالقاسم نقشبندي ٺٽوي جو مريد ۽ مخدوم محمد امين ڏاسوڙيءَ جو ارادتمند هو. 1181ھ ۾ نصرپور ۾ فوت ٿيو. سندس پٽ ميان عبدالله پيءُ وانگر وڏو عالم هو. پنهنجي بزرگ پيءُ وانگر باطني علمن جو ڄاڻو هو. پيءُ جو نالو روشن ڪري ويو.

مخدوم ميڏني جي هڪ پٽ عبدالحق جو هتي هنن خطن ۾ ذڪر آيل آهي، جنهن جي وفات تي فاتحہ لاءِ ٺٽي مان مخدوم عبداللطيف

نصرپور پهتو. اهو ذڪر مخدوم ابراهيم هڪ خط ۾ هن طرح ڪيو آهي:

"اوهان جو وٽندڙ خط پهتو........پر جيئن تہ خط حضرت والد صاحب ڏانهن لکيل هو، جيڪي نصرپور ڏانهن سفر تي ويل هئا. مشهور عالم وڏي عارف مخدوم مرحوم ميڏنہ نصرپوري جي پٽ مخدوم مرحوم شيخ عبدالحق جي ڪين فاتحہ ڪرڻي هئي، جيڪو تازو وفات ڪري ويو آهي. الله سندس روح کي سلامتيءَ واري ملڪ پهچائي، "

عبدالڪريم نوشهرائي:

محدث عبدالڪريم بن عبدالملڪ نوشهرائي، هنن خطن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٺٽي ۾ مخدوم محمدصادق وٽ پڙهيو آهي. حج لاءِ بہ ڪنهن سفر تي ويو آهي، سفر جي سلسلي ۾ مخدوم عبدالله سان بہ سندس رابطو ۽ خط و ڪتابت رهي. هڪ خط ۾ هو پاڻ کي عبدالڪريم بن عبدالملڪ ٿو لکي. هڪ خط ۾ مخدوم عبدالله کي نبي صلي الله عليہ وسلم جي حليي بابت هڪ ڪتاب جي لفظن جون معنائون لغوي طريقي تي لکيون اٿس، جنهن مان ان جي علمي مرتبي جو اندازو ٿئي ٿو.

حافظ يعقوب طالب علم:

حافظ يعقوب ذات جو تنيو نوشهروفيروز جي پرسان هڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو. ڳوٺ اڄ بہ سندس نالي سان نوشهرو پڏعيدن روڊ تي آباد آهي. نوشهري جو هئڻ ڪري هي ٻئي بزرگ يعني عبدالڪريم نوشهرائي ۽ حافظ يعقوب ٺٽي ۾ مخدوم محمد صادق وٽ پاڻئجي ٿو تہ گڏ پڙهيا آهن. حج جو سفر بہ گڏ ڪيو اٿن. مخدوم عبدالله کي سندن هڪ خط گڏيل لکيل آهي. ڳوٺ صابرائيءَ ۾ مخدوم عبدالله ڪين هڪ خط گڏيل لکيو آهي. جنهن جو پڻ ڪيس احوال لکيو اٿن. هن ئي ڳوٺ ۾ قاصد خط ۽ ڪتاب ٻئي وٺن گڏ ڪٽي آيو.

مخدوم محمد باقر:

مخدوم محمد معين جي پاٽيجي جا بہ شاگرد هئا. هڪ احمد

طالب علم، پيو ميان محمد باقر واعظ . تحفة الڪرام ۾ قانع لکيو آهي تہ:
آخوند محمد باقر واعظ ولد خليفہ محمد رضا، حاجي محمد قائم جي شاگردن مان هڪ آهي. تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ ۾ نادروقت بزرگ هو. باوجود مال جي قلت ۽ گهٽي احتياج جي قناعت تي گذارو ڪندو هو. دنيا وارن ڏانهن رجوع نہ ڪندو هو. شيخ شڪرالله ميان نور محمد جي سرڪار مان سندس لاءِ ڪجھ مقرر ڪرايو، پر بنھ قبول نہ ڪيائين. اختياري غربت ۽ فقيريءَ ۾ پوري ڪمال ۽ فضيلت سان زندگي گذاريائين.

02-03-2015 ڊاڪٽر محمد انس راڄپر

مقدمو

هن ڪتاب ۾ شامل عربي ۽ فارسيءَ ۾ لکيل خط ٻارهين صدي هجري (18 عيسوي) ۾ سنڌ جي عالمن جي علمي معيار ۽ عربي فارسيءَ ۾ انهن جي تحريري مهارت جو نمونو آهن. هن کان پهرئين دور جا جيڪي به تاريخي ماخذ، علمي ادبي ڪتاب، رسالا، مخطوطات، ملفوظات، تحريرون وغيره راقم جي مطالعي ۾ آيون، انهن مان هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ سنڌ ۾ اسلامي نظام تعليم جي دورن ۾ وڏا مصنف ۽ محقق پيدا ٿيا آهن. ڪن جو تذڪرو ماضي جي تصنيفن ۾ موجود آهي.

مثال جي طور: دمشق جي عالم نجم الدين محمد دمشقي (وفات 1021هـ) جي ڪتاب: "لطف السمر وقطف الثمر من تراجم الطبقه الاوليٰ من القرن الحادي عشر" ۾ ٽن سنڌي عالمن ابوبڪر سنڌي، صبغت الله سنڌي ۽ موسيٰ سنڌي جو ذڪر آهي. ابوبڪر جي سلسلي ۾ "هندي" ۽ "سنڌي" جو دلچسپ ذڪر آيو آهي. مصنف لکيو آهي: تہ ابوبڪر شافعي مسلڪ جو استاد ۽ عالم هو. پورا ڏهہ ورهيہ دمشق ۾ اموي جامع مسجد جي اُبرئين مناري جي ويجهو تڪيل رهيو. ان جي علمي ۽ اعليٰ اخلاقي معيار جي باري ۾ لکي ٿو تہ: ڪان بارعا في المعقولات نافعا للطلبه صالحا دينا مبارڪا .... حسن الاعتقاد متواضعا." (معقولات جو وڏو ماهر هو. شاگرد ان مان وڏو فائدو وٺندا هئا. صالح، ديندار ۽ ڀلارو هو. ...... سهڻن عقيدن وارو نهايت نياز نوڙت وارو هو) طاعون جي مريض هئڻ باوجود روزو نہ ڇڏيندو هو. ڇنڇر جي ڏينهن ٽي ربيع الاول 1018هـ ڏاري روزي جي حالت ۾ وفات ڪيائين ۽ باب فردوس وٽ دفن ٿيو. ان کان ڪجهہ ڏينهن پهريائين سندس ساٿي ملا محمد هندي وفات ڪري چڪو هو. ٻئي زندگيءَ ۾ توڙي موت ۾ گڏ رهيا ۽ ٻنهي جون قبرون گڏ ٿيون. ان ٿي مصنف جو هي شعر:

عجبت بطاعون، اصابت بنالہ	واربت علي الحطي و الصارم الهندي
بسط في دمشق الشام غاماواجرا	انبط في الهندي وما ترک السندي.

هن ڪتاب ۾ 12 صدي هجري، يعني حضرت شاهه عبداللطيف جي همعصر عالمن جي پاڻ ۾ خط و ڪتابت موجود آهي. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ انگريزن جي سنڌ تي قبضي (1843ع) کان پهريائين سنڌ ۾ علمي ۽ تعليمي معيار ڪيترو بلند هو. انگريزن جي دور ۾، انگريزي پڙهڻ وارن کي گذريل تعليمي دورن ۾ مقامي علمائن جي علمي ڪارنامن کان بي خبر رکيو ويو. ان سلسلي ۾ ڪا تحقيق بہ ڪانہ ٿي. حالانڪ ان وقت پوئين دور جا کوڙ مدرسا، ڪتب خانا، استاد ۽ علماءَ موجود هئا.

ٻارهين صدي هجريءَ ۾ ٺٽي جي درسگاهن مان ڪڇ ملڪ جو هڪ ذهين طالب علم نالي عبدالله بن محمد پڙهي فارغ ٿيو. اهو پوءِ وقت جو هڪ وڏو عالم ثابت ٿيو. ان مخدوم عبدالله ۽ ٺٽي جي عالمن جي وچ ۾ علمي رشتو قائم ٿيو ۽ خط و ڪتابت جو سلسلو شروع ٿيو. 2 ربيع الاول 1203 هہ ۾ مخدوم عبدالله ان خط و ڪتابت کي "جامع الڪلام في منافع الانام" جي عنوان سان مرتب ڪيو. ان ۾ جملي 36 عربي ۽ 49 فارسيءَ ۾ لکيل خط شامل آهن.

عربي ۾ لکيل خطن جو تفصيل هن طرح آهي: مخدوم محمد هاشم جا لکيل بہ خط، مخدوم محمد صادق جا پنج خط، مخدوم نعمت الله جو هڪ خط، مخدوم عبدالرحمان بن مخدوم محمد هاشم جا چار خط، مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم جا بہ خط، مخدوم ابراهيم بن مخدوم عبداللطيف جا بہ خط، شيخ احمد بن راهب لڪڙي واري جو هڪ خط، ڪاتب سيد محمد ٺٽوي جو هڪ خط، شيخ نجم الدين (ايضاً شيخ عبدالصمد سان گڏ) بہ خط، شيخ عبدالصمد جا چار خط، عبدالجميل بن مخدوم محمد صادق جو هڪ خط، مخدوم محمد بن عبدالله (مخدوم محمد صادق جي پاٽيجي) جو هڪ خط، مخدوم عبدالڪريم نوشهرائيءَ جا ٽي خط، حاجي شيخ حافظ يعقوب طالب علم جا بہ خط، مسقط بندر کان لکيل هڪ خط، سيد عبدالغني بن سيد موسي هاشمي جو هڪ خط ۽ خود مؤلف مولانا عبدالله جو هڪ خط، جيڪو مخدوم محمد هاشم جي وفات تي ان جي پٽن کي لکيو ويو آهي.

فارسيءَ ۾ لکيل خطن ۾ هيٺين عالمن ۽ معاصرن جا خط شامل آهن.

مخدوم محمد هاشم، مخدوم ضياء الدين، مخدوم محمد صادق، مخدوم نعمت الله، مخدوم عبدالرحمان (مخدوم محمد هاشم جو پٽ) مخدوم محمد (بن مخدوم عبدالرحمان) ، خواجہ محمد زمان لواري وارو، مخدوم نجم الدين ۽ مخدوم عبدالصمد. انهن مان اڪثر علماء جڏهن (1203هـ) ڌاري مولانا عبدالله، هنن خطن کي مرتب ڪيو، وفات ڪري چڪا هئا.

(الف) ڪتاب جو مؤلف مولانا عبدالله:

مخدوم عبدالله ننڍي ۾ مخدوم ضياء الدين وٽ پڙهيو. شروع ۾ شايد مخدوم محمد هاشم وٽ رهيو يا پڙهيو. ڇاڪاڻ تہ هڪ خط ۾ مخدوم محمد هاشم مخدوم عبدالله کي "نور چشم" لکيو آهي. (نور چشم، جان جي راحت، ميان عبدالله) جڏهن تہ ٻئي خط ۾ کيس ڀاءُ (الاخ في الله) لکيو آهي، ان کي لکيل خطن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مخدوم عبدالله بلند پائي جو عالم هو ۽ ننڍي جي عالمن وٽ ان جي وڏي عزت هئي. مولانا محمد صادق هڪ خط ۾ مولانا عبدالله کي "جامع ڪمالات بديع السجايا" لکيو آهي. ٻئي خط ۾ "روشن فضيلتن جو خزانو، معنوي ڪمالن جو سرچشمو. الله ڪارڻ ڀاءُ شيخ عبدالله" لکيو آهي. هڪ ٻئي خط ۾ انهن سان "ڪامل انسان، فضيلتن ۽ مرتبن جا خزانا، روشن مهربانين جا مرڪز، وڏن ڪمالن جا مظهر، منهنجا سائين! شيخ عبدالله سلمه الله" جي لقبن سان مخاطب ٿيو آهي. باوجود ان جي تہ مولانا محمد صادق کي مولانا عبدالله پنهنجو استاد چئي ٿو.

مولانا محمد صادق پنهنجي هڪ خط ۾ جيڪو ان سيد عبدالله بن سيد علي کي لکيو آهي، مولانا عبدالله جو تعارف هن طرح ڪرايو آهي:

"فضيلت وارو، معنوي ۽ ظاهري فضيلتن جو سرچشمو، پرهيزگارن جو اڳواڻ، عاملن عالمن جو نمونو، مولانا شيخ عبدالله سنڌي حنفي (الله تعاليٰ کيس سلامت رکي، باقي رکي ۽ سندس مددگار ۽ آڌار ٿئي) اهڙو شخص آهي، جنهن جو اوهان جي شهرن ۾ ڪو مثال نہ ٿو ملي، هو علم ۽ تقوي جو مجموعو آهي."

مخدوم محمد هاشم جو فرزند مخدوم عبدالرحمان پنهنجي خط جي سرنامي ۾ ان جو نالو وڏي ادب سان لکي ٿو:

"جناب الله ڪارڻ پاءِ، جيڪو بحر بي پايان، ذخيرو ڪيل موتي، عالمن جو اڳواڻ، فقيرن جو رهبر، خلق جو مرجع، عام خاص لاءِ پناهه جي جاءِ، اسان جو سردار، اسان جو آقا شيخ عبدالله پٽ مرحوم محمد."

مخدوم عبدالله صحيح معنيٰ ۾ عالم هو. حق چوڻ وارو ۽ حق پرست هو. ڪنهن عالم، جنهن ذاتي غرض خاطر خلاف شرع فتوي جاري ڪئي. تنهن کي تنبيهه طور خط لکيائين. مخدوم موصوف پنهنجي لاءِ خوشامدڙين جي تعريف پسند نہ ڪندو هو. "ديره ڄام" جي رهڻ وارن ٻن پائرن محمد حسين ۽ فقير محمد کيس خوشامدي خط لکيو تہ مولانا عبدالله کين جواب ۾ تنبيهي خط لکيو. جواب ۾ مخدوم عبدالله کين مضبوط دليلن تي ٻڌل هڪ ڊگهو خط لکيو. پر خط جي آخر ۾ پنهنجو نالو نهايت نيازمنديءَ سان لکيو: "خدمت جو شوق رکڻ وارو، عالمن سان محبت ڪندڙ فقير عبدالله رهندڙ شهر "نليہ ڪڇ."

مخدوم عبدالله پاڻ کي رهندڙ ڳوٺ "نليہ" لکيو آهي. "نليہ" معني "نريہ". مقامي لفظ "نريہ" هو. ڪڇ کان ٻاهر بہ عام طور تي مخدوم عبدالله کي "نريي وارو" چيو ويندو هو. چاڪاڻ تہ مشهور نالو "نريو" هو. راقم کي وڌيڪ تحقيق سان معلوم ٿيو تہ مخدوم مبرور شهر "نريہ" کي تعليم ۽ تبليغ جو مرڪز بنايو هو. معاشري جي اصلاح لاءِ ڪتاب لکيائين ۽ ڪتاب تنبيهه الجاهلين منظوم ڪيائين، سندس مشهور ڪتاب ڪنزالعبرت آهي. جيڪو هڪ ضخيم ڪتاب آهي. ان جي باري ۾ مخدوم ابراهيم (پٽ عبداللطيف پٽ مخدوم محمد هاشم) مخدوم عبدالله کي خط لکيو تہ اوهان جي تصنيف سنڌي ڪتاب جنهن ۾ اوهان پنجهتر باب جمع ڪيا آهن. اهو جيڪڏهن هتي شهر ٺٽي ۾ هجي تہ خلق کي فائدو ٿيندو.

مخدوم عبدالله جا سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب ڇپيل ۽ مشهور آهن. ڪافي عرصو ٿيو تہ راقم سندس هڪ ڪتاب، تاريخ جي موضوع تي نالي مصباح الظلام في ائمه الانام" پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ ڏٺو هو.

مخدوم عبدالله کي ٺٽي جي مقتدر عالمن: مخدوم محمد هاشم، مخدوم ضياء الدين، مخدوم محمد صادق، شيخ عبدالصمد، شيخ نجم الدين مفتي وغيره خط لکيا ۽ سرنامي ۾ کين وڏي عزت ۽ محبت سان ياد

ڪيو. پنهنجي طرفان مخدوم عبدالله نيازمنديءَ مان جواب لکيا . هڪ خط مخدوم محمد هاشم جي وفات (1174هه) تي سندس فرزندن مخدوم عبدالرحمان ۽ مخدوم عبداللطيف کي لکيائين:

"سڀ ساراهه ان ذات لاءِ آهي، جيڪو زمين ۽ آسمانن جو بادشاهه آهي. جيڪو ماري ۽ جياري ٿو ۽ اهو هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهي. جنهن کان زمين آسمان ۾ ڪو ذرو به لڪل نه ٿو رهي. اهو مهربان خبر رکڻ وارو آهي، ۽ صلوات ۽ سلام ان تي جنهن جو نالو محمد آهي، جيڪو روشن سج جي مثال آهي. الله جو رسول، بشارت ڏيڻ وارو ۽ خبردار ڪندڙ آهي. سندس آل، اصحابن ۽ پيروڪارن ننڍن توڙي وڏن تي .

اما بعد فقير حقير ضعيف، ڪمزور، الله يڪتا بي نياز جي رحمت جي اميدوار عبدالله بن محمد جي طرفان سهڻا سلام، جن جو جوهر محبت جي لڙهيءَ ۾ پوتل آهي. سرهي سڪ پري سوڪڙي، جنهن جي سرهاڻ آڏو مشڪ عنبر جي خوشبو به شرمائبي آهي. شرف واري دعا، جنهن لاءِ صالحن بزرگن جا هٿ کڄن ٿا. وڏيون عزتون، تعظيمون ۽ اڻ ڳڻيا احترام ٻن عالمن، فاضلن، ڪاملن، ٻنهي معقول ۽ منقول جي جامعن جي خدمت ۾."

مخدوم عبدالله زماني جي عارف خواجا محمد زمان لواري واري جو نالو وڏي ادب ۽ احترام سان لکيو آهي. خط شريف حضرت، منهنجي مخدوم، نقشبندي طريقي جي مرشد، عارف بالله، حضرت مخدوم محمد زمان رهندڙ ڳوٺ لنهاري قدس سره و نور مرقده و برد مضجعه جو.

خواجه محمد زمان پاڻ مخدوم عبدالله کي هي خط لکيو هو:

"صلاحيت وارا، سمجهه جا مالڪ، فضيلت وارا ميان عبدالله سلامت، مسنون سلامن کان پوءِ خلوص جي اظهار سان واضح هجي ته اوهان جو لکيل خط، هر طرح شوق وڌائيندڙ ذوق کي راحت بخشيندڙ دل کي ڇهندڙ اچڻ فرمايو. ان جي مطالعي سان، اخلاص جو مواد وڌيو. صلاحيت پريا (سائين)! اسان جي قديم قوت ۽ اتحاد جي تقاضا تحت اسان کي به شوق وڌندڙ آهي، جيئن چيو اٿن، دل جي دل سان راهه هوندي آهي. بيت ·

دل را به دل رهي ست درين گنبذ سپهر
از سوئي کينه کينه و از سوئي مهر مهر

(هن سپهر گنبذ ۾ دل جي دل سان راهہ آهي

ڪيني واري ڏانهن ڪينو ۽ مهر واري ڏانهن مهر)

لازم آهي تہ دوستيءَ جي رابطن ۾ اڳي کان وڌيڪ ڪوشش ڪندا. مون کي پنهنجي، پنهنجي فرزندن ۽ پنهنجي وابستہ ماڻهن جي باري ۾ دعاگو ڄاڻندا. پنهنجي برخوردارن کي سلام پهچائيندا. باقي هلندڙ مقولن جا جواب، آڻڻ واري سان موڪليا آهن. واضح ٿي ويندا. وڌيڪ ڇا لکجي والسلام".

(ڏکي ۽ ڍنل عبارت جي ڪري ڪجهہ لفظ شايد صحيح نہ پڙهيا ويا هجن)

همعصر علماءَ:

خطن جي تفصيلي مطالعي مان هم عصر عالمن بابت نئين معلومات ملي ٿي.

مخدوم محمد هاشم: مخدوم محمد هاشم ان وقت ٺٽي جو وڏو مقتدر عالم ۽ مشهور استاد هو. مخدوم محمد هاشم مولانا عبدالله کي خط لکڻ وقت پنهنجي ٻن فرزندن ميان عبدالرحمان ۽ ميان عبداللطيف جا سلام لکيا ۽ گڏوگڏ حاجي محمد ۽ حاجي ابراهيم جي طرفان سلام لکيا. ٻئي خط ۾ پنهنجي گهر مان چوريءَ جو واقعو لکيو تہ:

بولا خان جي پٽ هارون جي نومڙيا قبيلي جا ماڻهو آڌي رات گذرڻ کان پوءِ آيا. فقير ۽ برخوردار ميان عبداللطيف جا دروازا ڪهاڙين سان ٽوڙيا، ڪتابن کان سواءِ ٻيو سڄو مال ۽ زيور ڪڍي ويا. ان ڪري پنهنجو گهر يعني پنهنجو ڳوٺ ڇڏي اڪرڪ جي هنڌ تي، جيڪو ميان غلام شاهہ جو تعلقو آهي. اتي اچي رهيا آهيون. ۽ اميد آهي تہ هن چوريءَ جو ونهوار ٿيندو. ٻہ عدد ڪوڙيون، جيڪي اوهان موڪليون، اهي پهتيون.

مخدوم محمد هاشم مخدوم عبدالله جي فرزندن ارجمندن ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف کي سلام لکيا. گڏوگڏ برخوردارن سعادت ٻرين ميان عبدالرحمان ۽ ميان عبداللطيف ۽ حاجي ابراهيم ۽ اولاد امجاد

برخوردارن طرفان سلام لکيا. ميان عبدالله طرفان موڪليل آئينو مصلو، چاقو، سوٽي ڳاڙهي چادر مخدوم صاحب کي مليا. ٻئي خط ۾ مخدوم صاحب برخوردار عبدللطيف احمد ۽ محمد طاهر جي طرفان سلام لکيا.

مخدم ضياء الدين: به نٽي جو وڏي پائي جو عالم هو. مخدوم عبدالله کيس لکن ٿا:

"مخدوم معظم ۽ مڪرم مخدوم ضياء الدين! الله اسان کي سندن علم مان فائدو نصيب ڪري." ان جا ٽي فرزند هئا: قمر الدين، غلام محي الدين ۽ يار محمد. مخدوم عبدالله کي مخدوم ضياء الدين "ميان عبدالله جيو!" ڪري لکي ٿو. هڪ خط ۾ لکيو آهي ته پنهنجي صاحبزادن کي، خاص طور ميان عبدالرحمان کي هن فقير ضياءُ الدين ۽ خاڪسار فقير يار محمد ۽ غلام محي الدين (ٻئي مخدوم ضياء الدين جا پٽ) جي طرفان گهڻا گهڻا سلام. انهن ڏانهن مخدوم عبدالله جي خطن جا عنوان: حضرت مولوي مخدوم ضياء الدين عليه الرحمة، حضرت ضياءُ الدين نفعنا الله تعاليٰ بعلومہ، مخدوم ضياءُ الدين پنهنجي فرزندن طرفان سلام موڪليا. "نور چشم غلام محي الدين (الله سندس عمر وڏائي) ۽ ننڍڙي ڀاءُ قمر الدين جي طرفان." ٻئي خط ۾ لکيو ته هنن ڏينهن ۾ غلام زادي قمر الدين احمد هن فنا جي جهان مان بقا جي جهان ڏانهن لاڏاڻو ڪيو آهي. ۽ مخلص جو پٽ ميان غلام محي الدين بالغ ٿيڻ کي ويجهو ٿيو آهي. ۽ علم سان به سعادت مند ٿيو آهي.... هن فقير جي حياتي نهايت پيريءَ ۽ ڏبرائيءَ کي پهچي چڪي آهي.

مخدوم محمد صادق: (ولد مخدوم عنايت الله) ۽ مخدوم عبدالله جي وچ ۾ گهاٽا لاڳاپا هئا. مخدوم عبدالله مخدوم محمد صادق کان علم حاصل ڪيو ۽ ان کي پنهنجو استاد ڪري لکيو. مخدوم محمد صادق پنهنجي هڪ فارسي خط ۾ پيار پرين لقبن سان: "منهنجا صاحب، منهنجا مهربان ميان عبدالله جيو. لکيو. وڏيڪ اهو ته پنهنجي فرزندن ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف کي سلام ۽ پنهنجي گهر وارن کي فقير جي گهر وارن طرفان سلام. لکن ٿا ته اوهان جو ٺٽي بندر تي اچڻ ۽ پوءِ واپس "نريہ" وڃڻ، جو

احوال پھتو. وڏيڪ اهو تہ فضيلت وارو عبدالرحمان جيو ڪتابين جي پھچڻ ڪان اڳ موتنگچي ۽ ٻين پاسن ڏانھن روانو ٿي ويو آهي. ان ڪري اوهان جو خط ميان عبداللطيف کي موڪليو ويو. يعني مخدوم عبدالله جا پٽ عبدالرحمان ۽ عبداللطيف ٺٽي ۾ مخدوم محمد صادق وٽ هئا. ان ڪري انھن کي خط بہ مخدوم محمد صادق جي ذريعي موڪليا ويا هئا. مخدوم محمد صادق وٽ مخدوم عبدالله جي وڏي عزت هئي. انھن کي موڪليل هڪ خط جو سرنامو:

"بخدمت فيض وارا، محققن جا اڳواڻ، عارفن جا مک ۽ يڪتا، حضرت بارگاهہ احديت جا مقرب، بحر عرفان جي ٽوبن جي مهڙئي دستي جا سالڪ، مخدوم ميان عبدالله صاحب جيو مدظلہ العالي."

مخدوم محمد صادق پنھنجي هڪ خط ۾ مخدوم عبدالله کي لکن ٿا:

"منھنجي پاءُ، منھنجي صاحب، ميان نعمت الله جي شادي ماهہ شوال جي آخر ۾ ٿي چڪي آهي. (جلد لاٿ) جي سفر جو ارادو آهي. اوهان وٽان گذر ٿيندو. مسقط بندر وڃڻ جو خيال آهي. جتان بعد ۾ مٿي وڃبو. في الحال اهل عيال سان حج تي وڃڻ جو خيال ملتوي آهي. نورچشم عبدالجميل کي بہ پنھنجي دعائن سان نوازيو."

پنھنجي هڪ فارسي خط ۾ (جيڪو رمضان مهيني ۾ لکيو) لکن ٿا تہ: "والده صاحبہ تاريخ 25 رجب تي وفات ڪئي، پاڻ بيمار، ان ڪري سفر جو ارادو في الحال ملتوي. رمضان کان پوءِ سفر جو ارادو. سلام ميان عبداللطيف جيو طرفان."

ٻئي خط ۾ ميان عبدالله کي لکن ٿا:

"آءٌ جماد الآخر جي آخر ۾ جونا ڳڙهہ پهتس. ارادو هو تہ چند ڏينهن هتي ٽڪي سورت بندر روانو ٿيندس. عزيزن جي زور بار تي هتي رهي پيو آهيان. اميد تہ رمضان المبارڪ جي عيد کان پوءِ وڏيڪ تفصيل سان لکندس. ٺٽي کان ڪو خط بندي جي نالي اچي تہ اسلام ننگر (جام ننگر) ۾ سيد محمود وٽ موڪلي ڇڏجو."

مولانا محمد صادق جو ٻيو خط پيرزادي سيد خلف شاهہ رهندڙ حصار (جونا ڳڙهہ) ڏانھن آهي تہ:

"فلاڻي جي هٿان .رسالو "عمدة الطالب في نسب ابي طالب" موڪلجي ٿو." هڪ ٻئي خط ۾ مولانا عبدالله کي لکن ٿا:

"تاريخ 3 جماد الاول هن سال مامو صاحب مرحوم ميان محمد يار وفات ڪري ويو."

(يعني مخدوم ضياء الدين مخدوم صادق جو نانو هو) مخدوم محمد صادق مخدوم عبدالله کي لکن ٿا تہ:

"تاريخ 5 شهر جماد الآخر خميس تي اسلام نگر مشهور ڄام نگر پهتس. هن کان اڳ مڏئي بندر کان خط لکي ميان محمد صالح جي هٿان موڪليو هو. اميد آهي تہ پهچائي ڇڏيو هوندائين. هن خط ۾ پهرئين خط، ٻنهي کي ڪنهن پروسي واري جي هٿان ٺٽي پهچائي ڇڏجو يا ديري بندر ۾ ميان نجم الدين ۽ ميان عبدالصمد کي يا منهنجي ياءُ صاحب ميان اديب الله ڏانهن موڪلي ڇڏجو. جيڪو ديري بندر ۾ آهي. يا پيرزادي کي لکجو تہ اهو نجم الدين وٽ پهچائي. چند ڏينهن کان هن طرف جي سفر ۾ رهيا آهيون پهريائين ٻج ۽ پوءِ مڏئي ۽ پوءِ ڄام ننگر پهتا آهيون. واپسي تي اميد آهي تہ اوهان سان ملاقات ٿيندي."

ساڳئي خط ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"هن کان اڳ واري خط ۾ احوال ڏنو ويو تہ رستي ۾ اتفاق پيش آيو. پهريائين ارادو هو تہ اوک کان هالار روانو ٿي وڃان، پر پوءِ ڪنهن چيو تہ اوهان وٽ اچان ۽ اهي ڪتاب، جيڪي سفر ۾ وزن آهن، اهي اوهان جي حوالي ڪيان. جن کي اوهان ٺٽي پهچائي ڇڏيو. ان ئي ارادي سان مڏئي پهتس، اتي معلوم ٿيو تہ اوهان پنهنجي عزيزن ڏانهن ويل آهيو. پر پوءِ ڪنهن چيو تہ اوهان اتاهون واپس اچي چڪا آهيو. ان ڪري روانا ٿي ڪوٺار پهتاسين تہ ميان يونس کان معلوم ٿيو تہ اوهان اڃا تائين مائٽن (برادري) وٽ آهيو. واپس نہ ٿيا آهيو. ان ڪري ڪتاب ۽ خط ۽ هندوي رقم چار روپيہ (چار روپيہ هندي) ميان يونس جي حوالي ڪيا ويا، تہ نورچشم ميان عبدالسلام کي پهچائي اچي. اهو منهنجي ياءُ صاحب ميان نعمت الله کي موڪلي ڇڏيندو."

مخدوم محمد صادق جو پيرزادي محمد شفيع ڏانهن هڪ خط

جنهن ۾ نليہ جي مسجد ۾ جمعي نماز پڙهڻ واري مسئلي جو فيصلو ڪري خط ۾ لکيو آهي تہ بي سمجهہ ملن چيو آهي تہ مسجد ۾ جمعي نماز "امام ۽ خطابت" کان بنا نہ ٿي ٿي سگهي. جيڪا ڳالهہ درست ناهي. هن خط کان پوءِ پيرزادي محمد شفيع ڏانهن بيو خط، چاڪاڻ تہ پنهنجي ڪم فهميءَ جي ڪري ان پهرئين خط کي نہ سمجهيو هو. هاڻي بيهر تاڪيد تہ، ملن کي سمجهايو ۽ جمعي جي نماز قائم ڪرائي وڃي.

مخدوم محمد صادق ڪڇ ڏانهن پنهنجي آخري سفر تي 17 تاريخ مهينو ذوالقعد ٺٽي کان روانو ٿيو ۽ لکپت بندر آيو. اتاهون جڏهن بکياري پهتو تہ ان تي پراڻي بيماريءَ جو غلبو شروع ٿيو. ان بيماري ۾ مخدوم عبدالله کي زوردار خط لکيائين تہ اهو خط ڏسندي ئي هليو اچي. ٿي سگهي ٿو ڪٿي زندگي بقا نہ ڪري. مخدوم عبدالله پيچ شهر ۾ هو ۽ پهچي نہ سگهيو. هي آخري خط هو. جيڪو مخدوم محمد صادق جي طرفان مخدوم عبدالله کي مليو.

مخدوم احمد: رهندڙ لڪڙي (تعلقو ٽنڊو محمد خان) پنهنجي وقت جو وڏو عالم هو. مولانا عبدالله کيس مخدوم معظم مڪرم تمام وڏي علم وارو مولانا شيخ رحمة الله الصمد جي لقبن سان ياد ڪن ٿا. مولانا احمد سال 1203هہ ۾ وفات ڪئي. ان پاڻ کي احمد بن راهب ڪري لکيو آهي. جناب حضرت محمد راشد رحمة الله (پاڳارن جي ڏاڏي) جو عقيدتمند هو.

شيخ نجم الدين مفتي: ۽ شيخ عبدالصمد ٻئي عالم هئا. هڪ خط مان معلو ٿو ٿئي تہ ٻئي "ديري چام" ۾ رهندا هئا. مولانا عبدالله جا پٽ عبداللطيف ۽ عبدالصمد ٻئي شيخ عبدالصمد وٽ پڙهندا هئا. مخدوم نجم الدين ۽ مخدوم عبد الصمد ٻنهي مخدوم عبدالرحمان ۽ مخدوم عبداللطيف کي انهن جي والد سڳوري مخدوم محمد هاشم جي وفات تي تعزيتي خط لکيو تہ:

"از فراق مخدوم مبرور زاريها مي کنند"

"مخدوم مبرور جي جدائيءَ تي ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهيون."

مخدوم نجم الدين جو خط مخدوم عبدالله ڏانهن جنهن جي عبارت ڏکي ۽ خوبصورت فارسيءَ ۾ آهي. ان جو ٻيو خط مخدوم عبدالله ڏانهن. مخدوم عبدالصمد پنهنجي ٻئي خط ۾: پنهنجي ياءُ پياري ميان جمال الدين ۽ پنهنجي چاچي ميان لقمان" جو ذڪر ڪري ٿو.

شيخ حافظ يعقوب: ان کي مخدوم عبدالله "محب، مشفق الحاج شيخ يعقوب طالب علم، ڪري لکن ٿا. حافظ يعقوب کين "ياءُ عزيز مڪرم" لکن ٿا. ڪتاب مرتب ڪرڻ وقت حافظ يعقوب وفات ڪري چڪو هو.

شيخ عبدالڪريم نوشهرائي: مولانا عبدالله کي لکن ٿا ته اسان حج کان واپسيءَ تي ٺٽي پهتا آهيون ۽ هي ته شيخ محمد صادق شيخ چلپيءَ سان گڏ مسقط روانو ٿيو، مشرڪ چورن ٻيڙي تي قبضو ڪيو. اتاهون هڪ ماڻهو اسان وٽ پهتو، جنهن پوري خبر ٻڌائي.

مخدوم ابراهيم پٽ مخدوم عبداللطيف پنهنجا ۽ ٻين طالب علمن (الحاج عبدالڪريم نوشهرائي وغيره شاگردن) جا سلام مخدوم عبدالله کي لکي موڪليا. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته عبدالڪريم نوشهرائي ٺٽي ۾ پڙهيو ۽ مخدوم ابراهيم جي وقت ۾ طالب علم هو. شيخ محمد صادق مولانا عبدالله کي پنهنجي خط ۾ لکي ٿو ته اوهان جو مخلص دوست شيخ عبدالڪريم نوشهرائي اوهان کي سلام پيش ٿو ڪري. اوهان جي خط پهچڻ وقت الحاج عبدالڪريم نوشهرائي شهر ٺٽي ۾ موجود نه هو. الحاج عبدالڪريم مولانا عبدالله ڏانهن لکيل پنهنجي عربي خط ۾ پاڻ کي "عبدالڪريم بن عبدالملڪ" لکي ٿو. مولانا عبدالله ان کي خط لکيو. جنهن جو جواب ڏنو اٿن ۽ ملاقات جو شوق ظاهر ڪيو اٿن. پر چون ٿا: ان ۾ رڪاوٽ، ڪي ڏينهن اسان جي استاد، اسان جي مخدوم معظم مولانا شيخ محمد صادق (الله کين سلامت رکي) جي صحبت ۾ گذارڻ آهي. ٻئي خط ۾ مولانا عبدالله کي "ياءُ معظم مڪرم" لکن ٿا. هڪ ٻئي خط ۾ پنهنجي ۽ حافظ يعقوب جي طرفان سلام لکن ٿا. ان وقت غالبن ٻئي حرمين شريف ۾ هئا.

سيد محمد بن فاضل السندي ٺٽوي: ڪاتب هو. ڪڇ ۾ مولانا عبدالله

سان مليو. واپسي تي ڪيس خط لکيا تہ: اوهان کان اجازت وٺي اوهان جي شهر ۽ "بندر منڌئي" جي وچ تي، "مشهد شاهہ مراد عليہ الرحمة" وٽ بيمار ٿي پيس. منڌوہ ۾ اهو ڏهہ ربيع الاول تي پهتو.

مخدوم ميڏنو نصرپوري: ان جو پٽ عبدالحق ڪاٺئس پوءِ نصرپور ۾ مشهور ٿيو ۽ وفات ڪيائين تہ فاتحہ لاءِ ٺٽي مان مخدوم عبداللطيف پٽ مخدوم محمد هاشم آيو. اهو ذڪر مخدوم ابراهيم پٽ مخدوم عبداللطيف هڪ خط ۾ ڪيو آهي، جيڪو ان مولانا عبدالله ڪي لکيو. ان ۾ "الشيخ عبدالحق" جي لاءِ ادب ڀريا لفظ استعمال ڪيا آهن:

"المخدوم المرحوم منبع العلوم الشيخ عبدالحق"

جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ شيخ عبدالحق بہ وقت جو وڏو عالم هو.

سيد عبدالغني بن سيد موسيٰ هاشمي: مولانا عبدالله ان کي هن طرح ٿا لکن: عامل فاضل، ڪامل سيد عبدالغني پٽ سيد موسي هاشمي (الله ڪيس عمر ۾ وڌائي) ڪيس اطلاع ڏنائين تہ 1203هہ ۾ ربيع الاول ۾ پيچ پهتاسين. جتي آءٌ بيمار ٿي پيس، جنهن ڪري سفر جو ارادو ڪيو... بندر لکپت مشهور هاشم رئيس؟ جي قافلي سان گڏ."

مخدوم محمد باقر: مولانا عبدالله ڏانهن ان جو فارسي خط، جڏهن مخدوم محمد هاشم ۽ مخدوم ضياء الدين حيات هئا، ان ۾ لکيائين تہ "ڪافرن جي ايذائڻ جي ڪري اوهان هن طرف اچڻ ۽ خالي گهر بابت پڇيو آهي. هن شهر ۾ اسان جو جيئڻ گذر ٿئي ٿو سو اوهان کي معلوم آهي. في الحال گهر خالي ڪونهي. ايندؤ تہ هر گهر اوهان لاءِ خالي ڪرايو ويندو. صدر جتي بہ ويهندو صدر هوندو. جن مسئلن بابت اوهان لکيو آهي ۽ انهن بابت اسان جو جواب اهو ئي آهي، جيڪو حضرت، استاد مخدوم ضياء الدين جيو مدظلہ اوهان کي لکيو آهي. لکڻ وقت آءٌ موجود هيس ۽ هر مسئلو فقير سان گڏ لکيائون. مهر مخدوم معظم ميان مخدوم محمد هاشم جيو مدظلہ العالي، جي مهر جيان، درست ڪرائي ڪنهن معتمد جي هٿان موڪلي ڏيندس."

پنهنجي ٻئي خط ۾ لکي ٿو ته:

"اوهان جو خط سيد امام شاهه جيو ۽ سيد احمد شاهه جيو ۽ مخدومي، مڪرمي، عزت ۽ احترام واري عظيم فاضلن جي اڳواڻ، علماء ڪرام جي مک، منهنجي صاحب ميان نور محمد جيو (سندس شان سلامت رهي) وٽ اچڻ فرمايو"

انهن لفظن مان ظاهر آهي ته مخدوم نور محمد به ان وقت ٺٽي جي مقتدر علماء مان هڪ هو.

مخدوم عبدالرحمان قاري پٽ مخدوم محمد هاشم: مخدوم عبدالله سان ان جو ادب ۽ احترام جو رستو هو. پنهنجي والد مخدوم محمد هاشم جي وقت ۾ مخدوم عبدالله کي خط لکيائين. ڪتيانه (ڪاٺياواڙ) جي آخوند محمد شفيع ۽ ميان يار محمد (پٽ مخدوم ضياء الدين، جيڪو اتي رهيل هو) کي لکيائين ته جنهن ڏينهن اوهان کان موڪلايو، ته ڏاڍو غم ۽ ڏک ٿيو. تاريخ 26 جمادي الثاني رفيقن سان گڏ نريي ۾ مخدوم عبدالله وٽ پهتس. جيڪي ڪتاب مرحوم ميان حاجي نور محمد جي ڪتبخاني ۾ آهن، اهي ان جي وارث ملا علي کان خريد ڪري ميان يار محمد کي ڏيو جيڪي اهو پسند ڪري، ملا علي کي ايترو معاوضو ڏيو جو اهو خوش ٿي وڃي. ڇاڪاڻ ته اهو مدد جي لائق آهي."

مخدوم عبدالله کي هڪ ٻئي خط ۾ لکيائين ته: "مخدوم محمد صادق تاريخ 27 صفر 1172هه تي خير سلامتيءَ سان پهتو."

ان کان پوءِ لکيائين ته:

"حاجي سمهبو ۽ فقير جي ڪريم ڏني ڇڇر سان، جيڪو بکياريءَ جو مقدم آهي ۽ ڪونرجي جو خاص ماڻهو آهي، ملاقات ٿي. ۽ حاجي سمهبي کي بکياري کان رخصت ڪيو ويو. سٽري جو حاڪم هرڏهر، ڇام جو پٽ، پنهنجي پيءُ سان گڏ هن فقير سان اچي مليو، جنهن کي پڻ حاجي سمهبي ۽ ڪريم ڏني جي مصلحت موجب رازداري واري سمجهاڻي ڏني وئي. اطمينان رکو."

(ج) ڪتاب ۾ شامل خطن جي مجموعي مان ڪن جاين ۽ هنڌن

بابت هيٺين معلومات ۾ اضافو ٿئي ٿو.

ٺٽي ۾ ضرب ٿيل پيسا:

مياں نعمت الله (مولوي محمد صادق جي ڀاءُ) مولانا عبدالله کي خط لکيو، جنهن ۾ "نو روپين ضرب شهر ٺٽو" جو ذڪر آهي. مغليہ دور کان وٺي ٺٽي ۾ ضرب خانو قائم هو. قياس اهو ٿو ڪيو وڃي تہ اهي مغليہ دور جا روپيہ هئا.

سنڌ جا ٻہ بندر: بندر ديرو ۽ بندر ڪڪرالو.

مخدوم عبدالرحمان (پٽ مخدوم محمد هاشم) مخدوم عبدالله کي لکي ٿو تہ: "اسان شعبان جي ڇهين تاريخ ديري ڄام پهتاسين ۽ ڄام کان ٻيڙي ڪري نائين شعبان تي ڪڪرالي بندر پهتاسين ۽ انشاء الله يارهين تاريخ هتان ٺٽي ويندا سين."

معلوم ٿيو تہ 'ديرو ڄام' هڪ بندر هو. ۽ اتاهون 'ڪڪرالي' بندر پهچڻ ۾ ٽي ڏينهن لڳا. 'ڪڪرالي بندر' مان مراد 'شاهہ بندر' ٿي سگهي ٿو.

سنڌ مان حج تي وڃڻ جو بندر:

ان دور ۾ سنڌ کان ويندڙ اڪثر ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي بندرن تان حج جي لاءِ جهازن تي سوار ٿيندا هئا. ميان نعمت الله هڪ خط ۾ مولانا عبدالله کي لکيو تہ:

"برخوردار ميان گل محمد مسقط جي رستي سان حج جي لاءِ روانو ٿيو آهي. (يعني انهن ڏينهن ۾ حج جي لاءِ هڪ رستو اهو بہ هو تہ ٺٽي کان مسقط ۽ پوءِ اڳتي حرمين شريفين ويندا هئا)

مولانا محمد صادق جوناڳڙهہ مان پنهنجي هڪ خط ۾ مولانا عبدالله کي لکيو: جونا ڳڙهہ اچڻ کان پوءِ حاجي يعقوب حج جو ارادو ڪيو. پر جيئن تہ جونا ڳڙهہ جي بندر ويلاول کان جهاز وڃي چڪا آهن. ان ڪري ان جو ارادو مسقطي جهازن ۾ وڃڻ جو آهي. ڪيس مشورو ڏنو ويو آهي تہ

پهريائين اوهان وٽ اچي ۽ پوءِ اڳتي جو انتظام ڪري.

ٺٽي کان ڪڇ ڏانهن سفر:

مخدوم محمد صادق پنهنجي خط ۾ مولانا عبدالله کي لکن ٿا: "هي فقير 17 تاريخ ذوالقعد (1171هه) تي ٺٽي کان روانو ٿي لکپت بندر يعني مئو تي پهتو. پوءِ بکياري پهتو تہ اڳين بيماريءَ زور ورتو. پوءِ ٻيڙي ۾ سوار ٿي ٻيهر مئو بندر لکپت آياسين."

معلوم ٿيو تہ ان وقت ڪڇ ۾ لکپت کي مئو جي نالي سان بہ سڏيو ويندو هو. مخدوم محمد صادق پوءِ لکپت کان ٺٽي روانو ٿيو. مخدوم عبدالرحمان جي خطن مان معلوم ٿئي ٿو تہ 27 صفر 1172هه تي ٺٽي پهتو مولانا محمد صادق ٺٽي کان ڪڇ ڪاٺياواڙ ڏانهن سفر ڪيا ۽ مولانا عبدالله جي لاءِ سهارو بڻيو. پنهنجي خطن ۾ "ديري بندر" جو ذڪر ڪري ٿو. لکي ٿو تہ:

پهريائين ارادو هو تہ اوکا (اوکہ) کان هالار (ڄام نگر) روانو ٿي وڃان. پر پوءِ (اوهان سان ملڻ جي ارادي سان) مندوي (مڏئي) پهتس. اتاهون اڳتي ڪوٺارو (ڳوٺ ڪوٺارو) پهتس.

ڪڇ جي وڏن باخبر جت بلوچن کان معلوم ٿيو تہ ٺٽي کان شهر نريي تائين جو رستو هن طرح هو:

ٺٽي کان جاتي، پوءِ بوهڙ، پوءِ چوپٽي، پوءِ آرنهاء، پوءِ وير، پوءِ آڏي يا آڏيانگ ۽ پراڻي ڪوٽڙي ۽ اتاهون لکپت (ٻيڙيءَ ۾) لکپت کان پوءِ قلرو، پوءِ موهرو، پوءِ مڙهہ، پوءِ ياڏرو، پوءِ تيرهو، پوءِ نريو. اڳتي نريي کان چور ڪوٺارو، پوءِ وارهاڙيو، پوءِ مڏئي (جتن جو نالو) يا مانڊوي (ڪڇين جو نالو) اتاهون اڳتي ڪاٺياواڙ جي شهرن هالار (ڄام نگر) ۽ جوناڳڙهہ ڏانهن رستو ويندو هو.

ڄام نگر کان بندر ڪڪرالي تائين:

هڪ خط ۾ مخدوم نعمت الله ٻڌائي ٿو تہ: سندس ڀاءُ ميان اديب الله، ڄام ننگر کان ٻيڙي جي ذريعي ڪڪرالي بندر ڏانهن روانو ٿيو. ان مان

معلوم ٿيو تہ ٺٽي جي علمائن جي سنڌ کان ڪڇ ۽ اڳتي ڪاٺياواڙ (ڄام نگر) تائين اچ وڃ هئي. مخدوم محمد صادق جڏهن هڪ ڀيري ڪڇ ڪاٺياواڙ ڏانهن سفر ڪيو تہ ڄام نگر ويو. هڪ خط ڄام نگر کان مخدوم عبدالله کي لکيائين.

جونا ڳڙهہ تائين اچ وڃ:

مولانا محمد صادق هڪ خط ۾ مولانا عبدالله کي لکي ٿو تہ: هڪ ماڻٽياڻي، جيڪا ورهين کان ٺٽو ڇڏي جونا ڳڙهہ ۾ ماڻٽن ۾ رهي ٿي پيئي، ان سان ملڻ لاءِ جونا ڳڙهہ آيل آهيان. ڪجهہ مهينا شايد هتي رهڻو پوي. اجاريدار قاصد رحمت الله نالي ٺٽي، موڪلي رهيو آهيان، جيڪو ضروري ڪاغذات کڻي ايندو. اوهان ان کي خط ڏئي ڇڏجو يعني جوناڳڙهہ کان اجرت (ڪرائي) تي قاصد ملي ويندا هئا، جيڪي سنڌ (ٺٽي) ويندا هئا.

مخدوم محمد هاشم جو پنهنجو اباڻو ڳوٺ ڇڏڻ:

ڦهريائين ذڪر تي چڪو آهي ۽ هڪ خط ۾ مخدوم محمد هاشم پنهنجي گهر مان چوريءَ جو ذڪر ڪيو آهي تہ:

بولا خان جي پٽ هارون جي ماڻهن نومڙين، آڌي رات گذري تہ فقير (محمد هاشم) ۽ برخوردار ميان عبداللطيف جا دروازا ڪهاڙين سان ٽوڙي سڄو مال ۽ زيور، سواءِ ڪتابن جي سڀ کڻي ويا. ان ڪري پنهنجو اباڻو گهر ڇڏي اڪرڪ يا اڪوڪ ۾ اچي رهيو آهيان، جيڪو ميان غلام شاهہ جي حد ۾ آهي. (شايد اصل ڳوٺ ميان عطر خان جي حد ۾ هو)

مخدوم محمد هاشم جو لکپت جي والي کي خط:

مخدوم عبدالله لاءِ لکيل ان سفارشي خط جو سرنامو هن طرح آهي:

عروج ۽ ترقيءَ تي فائز، جلال ۽ بلنديءَ وارا، محبت ۽ صداقت جا مالڪ، دوستن ۽ خوش مزاجيءَ وارا، فقيرن سان محبت ڪندڙ راجا رائي لکپت جيو دام اقبالہ." اتاهون جيڪو جواب آيو اهو مخدوم محمد هاشم کي نہ وڻيو. خاص طور ان ۾ گجراتيءَ ۾ لکيل هڪ جملو هو جنهن کي

مخدوم صاحب ناپسند ڪيو. مخدوم عبدالله ڪي ان جي جواب ڪان واقف ڪيائين ۽ دلداري ڏنائين تہ حالات بهتر ٿيندا.

مياں غلام شاهہ ۽ ميان عطر خان جي لشڪر جو ٺٽي شهر کي تاراج ڪرڻ:

جڏهن ميان غلام شاهہ ۽ ميان عطر خان جو لشڪر ٺٽي کي تاراج ڪندو پهتو تہ عين ان وقت مولانا محمد صادق خط لکي مولانا عبدالله کي گهرايو. لکيائين تہ:

"حالات اهڙا آهن جو وطن ڇڏڻ ضروري آهي، فوري طور تي اسان ٻنهي ڀائرن جو ارادو مڙني تعلق وارن سان گڏ نڪرڻ جو پڪو آهي". (ٻہ ڀائر معني پاڻ ۽ مخدوم نعمت الله)

مخدوم عبدالله سنڌ جي عالمن جي لاءِ ڪانياواڙ ڏانهن چاڻ ڏيڻ وارو ۽ سهارو هو. ٺٽي جي عالمن ۽ مولانا عبدالله جي علمي ۽ تعليمي تعلقات سان ڪڇ ۽ ڪانياواڙ ۾ اسلام جي تبليغ کي فروغ حاصل ٿيو. ميان غلام شاهہ ڪڇ ۾ فتح حاصل ڪئي تہ حڪومت سنڌ جي وقار ۾ اضافو ٿيو. مخدوم محمد هاشم ميان غلام شاهہ جو وڏو مفتي (چيف جسٽس) هو. ان جي ايتري عزت ۽ شان هو جو ڪڇ جي راجا کي خط لکيائين تہ مولانا عبدالله هڪ وڏو اسلامي عالم آهي ان کي اتي ڪا بہ تڪليف نہ ٿيڻ گهرجي. ڪن خطن ۾ سنڌ جي عالم 'هالار' کي 'اسلام ننگر' چيو آهي. جيڪو پوءِ 'ڄام نگر' جي نالي سان مشهور ٿيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

جامع الكلام في منافع الانام

الله جي ساراهہ، جنهن اسان کي هدايت جي طريقي ۾ داخل ڪيو. ٻانهن تي فضل فرمائيندي ڪيترين ئي قسمن جون نعمتون پيدا فرمايائين. قيامت جي نجات لاءِ اسان کي عمل تي صبر ۽ ثابت قدمي نصيب ڪيائين.

صلوات ۽ سلام ان ذات جي مٿان، جنهن جي خلق ۽ گڻن کي ڳڻڻ کان هر موجود توڙي گذريل عاجز تي چڪا آهن. يعني محمد صلي الله عليه وآلہٖ وسلم، پاڻ سيني رسولن ۾ افضل آهن. انبيائن ، شان وارن ۾ سيني کان پيارا آهن ۽ سندن آل ۽ اصحاب مٿان، جن اعلاءِ ڪلمات الله لاءِ جهاد ڪيو. جهڙو جهاد جو حق هو ۽ تابعين جي مٿان جن ڪافرن سان لڙايون ڪيون ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين حق جي مدد ڪندا ۽ ان کي غالب رکندا آيا.

حمد ۽ صلوات کان پوءِ، ضعيف ٻانهو، ڪمزور خلقت وارو بلڪہ حقيقت ۾ ڪا بہ شيءِ ڪونہ، مٽيءَ کان بہ گهٽ، مک مڇر کان بہ ادني، پنهنجي مولا مددگار کان التجا ڪندڙ پنهنجي پالڻهار بي پرواهہ جي رحمت جو اميدوار عبدالله بن محمد سنڌي، الله سندس ۽ سندس والد جي گناهن کي بخشي ۽ سندن عيبن جي ستر پوشي ڪري، ڪين ۽ سندن اسلافن کي، سيد المرسيلن، خاتم النبيين ، زمين آسمان وارن جي زينت،

(مٿس صلوات ۽ درود پڙهندڙن جي صلوات ۽ مسلمانن جو پاڪيزه سلام هجي، صلوات ۽ سلام مٿن هميشہ قيامت تائين دائمي هجي) جي شان ۽ رتبي جي صدقي، معاف رکي.

مون جڏهن ڪجهہ دوست ۽ ساٿي طالبن کي ڏٺو تہ خط پٽ لکڻ ۾ ڪين نموني طور اهڙي عبارت جي تحرير، ۽ اشارن جي رقم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي، جيڪي مناسب ۽ صحيح نهج تي لکيل هجن، مناسب هو تہ اهڙيون تحريرون وڏن عالمن، فاضلن، وڏي سمجهہ وارن، شرفاءِ ڪرام وغيره جون لکيل هجن، جيڪي وڏي عزت ۽ احترام وارا هجن، ان ضرورت کي مد نظر رکندي مون انهن لاءِ بادشاهہ حقيقيءَ جي ڪامل توفيق ۽ مدد سان دستور العمل جمع ڪيو آهي، جيڪو ڪجهہ عربي خطن ۽ ڪجهہ فارسي خطن تي مشتمل آهي، انهن ۾ منهنجي استادن سڳورن جا فيض ڀريا خط، نامور دوست عالمن ۽ وڏن فاضلن جا خط شامل آهن، جهڙوڪ:

مولانا مخدومنا، عالم، عامل، ڪامل، واصل، محقق، مدقق، مجتهدن جي آخري ڪڙي، فقيهن، اوليائن ۽ محدثن جي مک اڳواڻ، پنهنجي زماني جي يڪتا، پنهنجي دور ۽ زماني جي لاڏلي، روشن سج، ڪامل ۽ مڪمل عارف، الله ۾ فنا رکندڙ الله لاءِ عبادت ڪندڙ الله ڏانهن رهنمائي ڪندڙ منهنجي سردار مخدوم محمد هاشم سنڌي، ٺٽوي، حنفي قاري جا خط آهن.

۽ شيخ عالم، عامل، فاضل ڪامل بزرگ ۽ تقوي واري الله جي عارف مولانا مخدوم معظم مڪرم نالي ضياء الدين جا خط آهن، الله سندس آرام گاهہ کي روشن رکي.

۽ شيخ علامہ، عالم، ڪامل، اڪمل، فاضل، افضل ، تحرير ۽ تقرير جي صاحب، عقلي ۽ نقلي علمن جي گڏيل ماهر، ڪسبي ۽ وهبي چاڻ جي گڏيل مالڪ، الله ڪارڻ دوستي رکندڙ مولانا محمد صادق، الله سندس آرام گاهہ کي ٺڏو ڪري ۽ سندس قبر مبارڪ کي روشن ڪري ۽ سندس مغفرت فرمائي، جا خط آهن.

۽ پرهيزگارن جي اڳواڻ، عرفان جي بحر بي پايان ۾ ٽٻيون هڻندڙ سخا، احسان ۽ ڪرم جي سرچشمي مولانا شيخ نعمت الله، الله سندس روح

ڪي راحت بخشي ۽ ڪائنن روشنيءَ جي چٽنگ وٺندڙن لاءِ سندس فيض جا دروازا کولي.

۽ شيخ، وڏي فضل ۽ عزت واري، وڏي عالم ۽ الله جي ڪتاب جي قاري، رسول الله جي سنت جي مٿان عمل ڪندڙ. الله ڪارڻ دوست ۽ الله ڪارڻ ڀاءُ سيدنا عارف بالله مولانا ۽ مخدومنا الحاج شيخ عبدالرحمان قاري پٽ مخدوم محمد هاشم، الله کين بخشي.

۽ سندس ڀاءُ شيخ، وڏي علم واري، فقيهن ۾ وڏي مقام جي مالڪ، وڏي فضل، عزت ۽ تقوي واري، ظاهري ۽ باطني ڪمالن جي گڏيل صاحب مولانا مخدوم شيخ عبداللطيف، الله کيس بخشي ۽ سندس اسلاف کي بخشي.

۽ شيخ وڏي فقيه، وڏي عالم فاضل، مولانا شيخ احمد غفرالله له. الله سندس روح کي راحت بخشي.

۽ شيخ فاضل، ڪامل، عالم، عامل، مولانا مخدومنا شيخ نجم الدين، الله سندس مغفرت فرمائي.

۽ عالم عامل عارف عابد زاهد مولانا شيخ عبدالصمد الله کيس معاف ڪري.

۽ اهڙن ٻين عالمن فاضلن دوستن ۽ ڀائرن جا خط آهن، جن ۽ منهنجي وچ ۾ محبت، قرب ۽ ظاهري ۽ معنوي ڳانڍاپو آهي، الله سندن نڪاڻو سهڻو ڪري، جنت انهن جي رهڻ جي جاءِ بنائي.

آءٌ انهن مڪتوبات ۽ فيض ڀرين خطن جي تاليف ۾ شروع ٿي ويس ۽ مون عزم ڪري ورتو ته، اهي ساڳي انهن جي ئي عبارت ۾ جمع ڪري وٺان، ته جيئن مقصد ۽ مراد وارن جملن ۾ استعمال ڪري سگهجي. ۽ انهن جو فائدو سيني ضرورتن لاءِ عام هجي. ان ۾ مون برڪت طور انهن جون عبارتون ۽ اشارا جيئن هئا، تيئن گڏ ڪيا آهن، جيڪي هو هن ضعيف نحيف ڏانهن پنهنجي خطن ۾ اڪثر وقتن ۾ لاڳيتو موڪليندا هئا، جن ۾ بهترين عبارتون، قيمتي لقب، سلام ۽ دعائون، پاڪيزه تحفا هوندا هئا، جن جو آءٌ اهل ڪونه هئس. انهن فيض ڀرين خطن جي مطالعي دوران مون پنهنجي دل ۾ چيو: الله جي ساراهه ۽ حمد جنهن هن نعمت سان نوازيو آهي. حمد ۽ احسان ان جا مون تي آهن، جنهن مون کي هنن علماء فضلاء

جي زمري مان بنايو ۽ ان ڪري منهنجي مٿان مهر ۽ رحمت ۽ محبت جا ڪڪر ڇانو ڪندڙ بيهاريا ۽ ان کي ڪمال توجهه، رعايت، رحمت ۽ برڪت جي نشاني بنايائين.

هن ضعيف جي حق ۾، انهن عالمن فاضلن عوام ۽ خواص جي زباني ۽ ڪجهه منهنجي پيارن دوستن جي زباني فضائل ٻڌا آهن، جيڪا ڳالهه منهنجي لاءِ نيڪ فال آهي، انشاءَ الله تعاليٰ قريب آهي ته الله تعاليٰ ياڳي وارين هستين ۽ فضيلت وارن بزرگن جي برڪت ۽ شرف جي ڪري منهنجي عيبن کي مجموعي طور ڍڪي ڇڏي، پنهنجي ڪمال جي اظهار جي ذريعي منهنجي گناهن کي بخشي ڇڏي. اهو ڪريم ۽ مٿاهون آهي نه ته حقيقت ۾ هي شخص هزارين عيبن سان ڀريل آهي، جن جو بيان نه ٿو ڪري سگهجي. لکڻ ته ٿيو پري جي ڳالهه.

شل الله تعاليٰ مون کي ان مطابق بنائي، جيڪو انهن ٻڌو ۽ مون کي انهن جي گمان مطابق بنائي ۽ منهنجي حق ۾ اهو قبول فرمائي جيڪو انهن لکيو. اي الله: مون کي ان کان بهتر بناءِ، جيترو منهنجي باري ۾ انهن گمان ڪيو آهي ۽ اهي گناهه معاف ڪر جيڪي اهي نه ٿا ڄاڻن ۽ انهن جي چيل ڳالهين تي منهنجي پڪڙ نه فرماءِ. بيشڪ تون منهنجو اندر ڄاڻين ٿو اهي نه ٿا ڄاڻن.

مون هي ڪتاب ٻن بابن ۾ لکيو آهي، انهن بزرگن جي خطن ۽ فيوضات جي عبارت مان برڪت حاصل ڪرڻ خاطر ۽ انهن جي دعائن جي اشارن ۽ ڏسن جي برڪت حاصل ڪرڻ خاطر. ان اميد سان ته جيڪا اميد ۽ توقع رکي وئي آهي، سا پوري ٿئي. اها ڳالهه الله کان پري ڪانهي جو اهو مون کي ائين بنائي ڇڏي جيئن انهن لکيو آهي، بلڪ انهن جي گمان کان به مٿي الله تعاليٰ انهن جي نفسن جي برڪتن، زبان جي پاڪيزگيءَ، انهن جي دعائن ۽ لفظن جي طفيل، مون کي بهتر بنائي ڇڏي، ڇاڪاڻ ته پرپٺ دعا وڌيڪ جلد قبول ٿيندي آهي، خاص طور جڏهن صالح عالمن جي دعا هجي، جيڪي انبياء مرسلين جا وارث آهن. الله اسان جي ڳجهه ۽ ظاهر کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو.

هنن خطن جمع ڪرڻ مان مقصد آهي ته شاگردن کي آساني ۽

فائدو ٿئي، پري ڪونهي تہ الله ان سان مڙني مومنن کي فائدو ڏئي. شل الله ان جي سهڻي پڇاڻيءَ جي توفيق ڏئي.

مون هن نسخي ۾ پهريائين استادن سڳورن ۽ وڏن عالمن جا خط ڏنا آهن، ان جو مون نالو رکيو آهي "تحفتہ الڪلام في تحرير الارقام" پوءِ جڏهن مون ان کي مختصر ڏٺو تہ ان جو شرح لکڻ جو ارادو ڪيو ۽ ارادو ڪيم تہ ان جي ضروري شين کي کولي بيان ڪيان.

اهو ڪم مون سومر جي ڏينهن ربيع الاول جي ٻي تاريخ سان 1203هہ ڌاري شروع ڪيو. (هاڻي) مون ان جو نالو "جامع الڪلام في منافع الانام" رکيو. ان کي ويهن بابن هڪ خاتمي سان ترتيب ڏنم.

هي ڪتاب عوام جي سهولت، آساني ۽ عوام ۽ خواص لاءِ تفريح مهيا ڪندو. الله مددگار آهي ان تي ئي ڀروسو آهي قوت ۽ طاقت الله بلند ۽ عظيم هستي جي هٿ ۾ آهي، منهنجي ڪم جي توفيق جي واڳ الله جي هٿ ۾ آهي، منهنجي توڪل ۽ رجوع ان ڏانهن آهي، منهنجي لاءِ الله ڪافي آهي ۽ اهو بهترين ڪارساز مددگار ۽ مالڪ آهي.

عربي خط

(هيءُ خط شريف اسان جي سائينءَ، وڏي عالم، شيخ محمد هاشم ٺٽويءَ جو آهي. الله سندس روح کي راحت بخشي ۽ سندس نيڪين ۽ سوڀ جو اسان کي فيض عطا ڪري)

الحمد لله والصلوات والسلام علىٰ محمد المصطفىٰ وعلىٰ آله و اصحابه اهل التقي والنقي و اما بعد السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته.

اوهان الله جل جلاله جي نالي ۽ نبي ﷺ جي نالي ٻڌڻ وقت ان جي تعظيم جي باري ۾ پڇيو آهي. ان جو جواب آهي ته:

”نبيءَ ﷺ جي مٿان عمر ۾ هڪ دفعو صلوات پڙهڻ فرض آهي، ان ۾ ڪنهن جو به اختلاف ناهي. اها ڳالهه هن آيت جي روشنيءَ ۾ چئي ويئي آهي. ”يا ايهاالذين آمنو صلوا عليه وسلمواتسليما“.

هن ۾ اختلاف آهي ته، ڇا جڏهن نبيءَ ﷺ جو نالو ٻڌجي ته صلوات واجب آهي؟ ان جو وڌيڪ صحيح جواب ۾ اهو آهي ته: ’واجب آهي‘، حنفي مذهب جو پيروسي وارو قول اهوئي آهي، جيئن ’درمختار‘ ۾ آهي.

۽ هن ۾ به اختلاف آهي ته الله تعاليٰ جو نالو ٻڌڻ وقت ان جي تعظيم ۽ نبيءَ ﷺ جي نالي ٻڌڻ وقت صلوات، ڇا اهي ٻيئي اصطلاحي فرض يا واجب آهن؟ يعني جيئن سنت ۽ وجوب ۾ رتبا رکيل آهن ان مطابق؟. ’صلوات المصطفيٰ‘ ۾ ان جي وضاحت آهي ته ڇهريون فرض آهي ۽ حاويءَ ۾ وضاحت آهي ته ٻيو فرض آهي، البحرالرائق، در مختار وغيره ۾ آهي ته اهي ٻيئي عمل اصطلاحي واجب آهن، الله جي نالي ۽ نبيءَ ﷺ جي نالي ٻڌڻ وقت تعظيم ۽ صلوات واجب ان صورت ۾ آهي جڏهن الڳ الڳ محفل ۾ نالو ورتو وڃي. البته جڏهن هڪ ئي محفل/ مجلس ۾ ورجايو وڃي ته هڪ دفعي سان ئي وجوب ادا ٿي ويندو ۽ بار بار چوڻ مستحب

ٿيندو. اها ڳالھ ئي صحيح آهي. جيئن ’ڪافيءَ‘ ۾ باب سجود التلاوه ۾ ان جي وضاحت آهي، فتوي بہ ان تي ڏني ويندي. جيئن ’متانته الروايات‘ ۾ ’قنيہ‘ کان نقل ڪري آندل آهي. ڪن چيو آهي تہ: هڪ مجلس چو نہ هجي ورجائي ورجائي تعظيم ۽ صلوات واجب آهي، ڇنهي اسمن شريفن ۾ ان باري ۾ بہ فرق ڪونهي، تہ ڳالهائيندڙ پاڻ اهي ٻيئي اسم چوي يا اهي ٻيئي ڪنهن ٻئي کان ٻڌي. ’نهايہ‘، ’ڪفايہ‘، ’ڪافي‘ ۽ ’بحرالرائق‘ وغيره ۾ ان طرح آهي. تعظيم صرف اسم ذاتي الله جي لاءِ ئي نہ، پر هر اسم لاءِ آهي، جنهن مان الله جي ذات مراد آهي. ’قاضيخان‘ ۽ ’عالمگيريہ‘ وغيره جي عبارت مان ائين واضح ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح صلوات بہ نبيءَ ﷺ جي اسم ذاتي يعني لفظ ’محمد‘ سان مخصوص ناهي بلڪہ نبيءَ ﷺ جي هر اسم مبارڪ تي صلوات جو اهو حڪم آهي. ابن حجر پنهنجي هڪ رسالي ۾ ان جي تصريح ڪئي آهي. والسلام.

(هي وڏنڊڙ ۾ دل جي راحت وارو خط پڻ
مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة جو آهي)

الحمدلله والسلام علىٰ عباده الذين اصطفىٰ . اما بعد
السلام عليكم ورحمة الله و بركاتهٗ

اوهان جو خط پهتو. اوهان ليلة القدر ۾ ان جي ڏينهن جي باري ۾ پڇيو آهي. 'فتح الباري، شرح بخاري' ۾ آهي تہ: عالمن ليلة القدر جي باري ۾ تمام گهڻو اختلاف ڪيو آهي، ان باري ۾ علماء جي مذهبن مان اسان کي چاليهہ قول حاصل ٿين ٿا. جيئن جمعي جي وقت جي باري ۾ اهڙو مثال اسان کي حاصل ٿيو آهي.

آءٌ چوان ٿو تہ: انهن قولن مان جيڪو نتيجو اسان حاصل ڪيو آهي، اهو هي آهي تہ: جيڪڏهن ليله القدر ستاويهين رات آهي تہ قدر جو ڏينهن ستاويهين تاريخ جو ڏينهن ٿيندو، جيڪڏهن ليلة القدر پنجويهين جي رات آهي تہ قدر جو ڏينهن پنجويهين جو ڏينهن ٿيندو. ان طرح ٻين ۾ بہ ٿيندو. قدر جو ڏينهن، قدر جي رات کان اڳ ۾ گذريل ڏينهن ناهي. جيئن اهو اڄ ڪلهہ هتي مشهور آهي، اسان جي ڳالهہ جي هيءَ مرفوع حديث بہ تائيد ڪري ٿي، جيڪا مسلم، اُبيّ بن ڪعب رضي الله عنہ کان آندي آهي، جنهن جا لفظ آهن تہ:

" ان جي نشانين مان هڪ هي بہ آهي تہ: ان ڏينهن جي صبح جو سج اڇو اڀرندو ۽ ان ۾ شعاع نہ هوندا".

علامہ نجم الدين الغيطي پنهنجي رسالي ۾ پندرهين شعبان جي فضيلت ۾ جيڪو لکيو آهي، ان جا لفظ هن طرح آهن:

" پندرهين شعبان جي رات برڪت وارين راتين مان هڪ آهي، ان جو ڏينهن بہ فضيلت ۾ ان جي رات جهڙو آهي. حافظ ابو نعيم پنهنجي سند سان انس بن مالڪ رضي الله عنہ کان روايت ڪئي آهي تہ، رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"چار راتيون آهن، جن جا ڏينهن بہ انهن جي راتين جهڙا آهن، الله

انهن ۾ گناهه معاف ڪندو آهي ۽ انسانن کي جهنم کان آزاد ڪندو آهي ۽ انهن ۾ گنج عطا ڪندو آهي: قدر جي رات ۽ ان جو ڏينهن، شعبان جي پندرهينءَ جي رات ۽ انهيءَ جو ڏينهن، نائين ذوالحج جي رات ۽ ان جو ڏينهن، جمعي جي رات ۽ ان جو ڏينهن"

غيطيءَ جو ڪلام پورو ٿيو. جيڪو وڏيڪ واضح دليل آهي. هن جو ته قدر وارو ڏينهن، قدر واري رات جي پويان وارو ڏينهن آهي ان کان اڳ وارو ڏينهن ناهي. ان تي غور ڪجي. وڌيڪ الله تعاليٰ بهتر ٿو ڄاڻي. والسلام.

(هي خط شريف مولانا مخدومنا شيخ محمد صادق جو ڪلام آهي.)

سڀ ڪان پهريائين الله جو حمد، جنهن اسان جون دليون اسلام ۽ ايمان ڏانهن ڦيريون ۽ نوع انسان کي ڳالهائڻ ۽ بيان ڪرڻ جي فصاحت سان خاص نوازيائين. ان کان پوءِ سندس رسول ﷺ تي صلوات، جنهن حق کي باطل کان نکيڙي، ڌار ڪيو. شريعت جا اصول بيان ڪيا، ته جيئن ايمان ۽ يقين وارا انهن مان مسئلن جا فروع استنباط ڪري سگهن ۽ ان جي آل ۽ اصحابن تي پڻ صلوات، جيڪي حقيقت ۽ عرفان جي خزانن کي ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن ۽ هدايت ۽ يقين جي ميدان جي سبقن کي حاصل ڪري ويٺا آهن. ان کان پوءِ هزارين پاڪيزه سلام ۽ قسمين قسمين وٽندڙ تحفا، جن جي خوشبوءِ سان دل معطر ۽ انهن جي سرهاڻ مان مشڪ ۽ عنبر تازگي وٺن ٿا. انهن وڏين فضيلتن ۽ معنوي مرتبن، سٺين وصفن جي مالڪ ۽ پاڪيزه اخلاقن جي مظهر جي لاءِ آهن، جنهن جي عملن جي تعريف بيان کان ٻاهر آهي.

معلوم هجي ته اهي رسمي تڪلف آهن، جن جا پاڻ محتاج ناهن. الله کين سلامت رکي، سندس حفاظت ڪري، سندس حامي، مددگار ۽ محافظ رهي.

الله جي حمد ۽ سيدنا محمد ﷺ تي صلوات کان پوءِ عرض آهي ته: جيڪڏهن اوهان فقير جي احوالن کان واقف ٿيڻ ٿا چاهيو ته اهو الله عليم قدير جي حمد ۽ نعمت سان خير ۽ عافيت سان آهي. الله مان اميد رکي ٿو ته اوهان کي دنيا ۾ عافيت ۽ خيريت سان رکي ۽ اوهان کي ڪامياب ۽ خوش رکي ۽ بشارت سان نوازي، اوهان کي ۽ مون کي قيامت جي ڏينهن ان گهر ۾ گڏ رکي جيڪو پرهيزگارن لاءِ بهترين گهر آهي، سيدالمرسلين، خاتم النبيين ﷺ جي مهابي.

اوهان جي خط ملڻ تي مون کي ڪمال روحاني تازگي ۽ انتهائي دلي خوشي محسوس ٿي. جيڪڏهن رسمي تڪلفات کان پاسو نه ڪريان

ها تہ ان جي سھڻين عبارتن جي وصف ۾ اھڙيون عبارتون تصنيف ڪريان ها، جو ان جي فڪري مضمونن تي نظرون تازيون ۽ اکيون ھوند ٺري پون ها. ان ڪان ڪمال بي پرواھيءَ، بي پرواھ ڪيو، دل وارن جي دلين ۾ صاف محبت ڪرڻ وقت دلي رابطا ۽ دلي رستا ۽ راھون ھونديون آھن، جيڪي وڏو پنڌ ڪرڻ لاءِ چاتل طريقن جون محتاج نہ ٿينديون آھن. الله جي ساراھ جنھن اسان ۽ اوھان کي الله لاءِ محبت ڪرڻ وارن ۽ الله لاءِ ياٿپي رکڻ وارن مان بنايو آھي. ڪانئس ئي اميد ٿا رکون تہ پاڻ کي قيامت جي ڏينھن صافي صاف محبت ڪرڻ وارن مان اٿاري ۽ قوي محبت جا پيالا پري پياري، سيدنا محمد خيرالبريہ عليہ وعلي آلہٖ و صحبہٖ افضل الصلوات والتحيہ جي مهابي، الله کان سوال آھي تہ اسان کي ان جي سنت جي پيروي جي توفيق عطا فرمائي ۽ سندس جماعت مان اٿاري، سندس پاڙو ۽ قرب نصيب ڪري، پنھنجي پاڇي ھيٺ ، ان ڏينھن ڇانو نصيب ڪري، جڏھن ڪنھن شيءِ جو پاڇو نہ ھوندو.

❁

(هي خط شريف پڻ مولانا شيخ محمد صادق جو آهي)

پنهنجي رب ڪريم جي محتاج محمد صادق جي طرفان، وڏين فضيلتن جي سرچشمي، معنوي ڪمالن جي خزاني، الله ڪارڻ ڀاءُ جي طرف، الله ڪيس سلامت رکي، باقي رکي، سندس مدد ڪري، سندس حامي ۽ ناصر ٿئي. السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتهٗ. اما بعد:

جيڪڏهن اوهان فقير جي احوالن کان واقف ٿيڻ ٿا چاهيو ته، پوءِ اهو الحمد لله خير ۽ عافيت سان آهي ۽ ڪمال نعمتن سان مالا مال آهي. اسان اڄ تائين واعدي مطابق اوهان جي اچڻ جا منتظر هئاسين، هاڻي تائين اوهان جو نه اچڻ وڏي تعجب جو موجب ٿيو. جيڪڏهن اوهان اچڻا آهيو ته ان جو اسان کي اطلاع ڪريو ۽ پڻ اوهان جي حال احوال کان تفصيل سان واقف ڪريو ۽ ڀاءُ مشفق شيخ نعمت الله ۽ منهنجو دوست سيد حامد اوهان کي سلام ٿو چئي. اسان جا سلام پنهنجي اولاد سڳوري کي به چئجو. خاص طور عبدالسلام ۽ عبداللطيف کي، الله کين سلامت رکي. شهر جا احوال هاڻي به اهي ئي ساڳيا آهن، جيڪي اڳي هئا. بلڪ اهو ڏينهون ڏينهن تنزل ۾ آهي، ترقي ۾ ناهي. باقي حقيقتون ملاقات تائين موقوف رکجن ٿيون. اڳي پوءِ اوهان تي سلامتي.

(هي خط پڻ مولانا شيخ محمد صادق جو آهي، الله سندس مغفرت فرمائي.)

مسنون سلام شريف ۽ پاڪيزه تحفا خاص ڪريون ٿا. جناب سردار، فاضلن جي مک هستي، عالمن ۽ صالحن سان محبت ڪندڙ جناب شيخ عبدالله سان، الله ڪيس سلامت ۽ باقي رکي. زماني جي مصيبتن کان سندس حفاظت ڪري ۽ سندس حامي ۽ مددگار ٿئي. اما بعد.

الله جي ساراهه سندس فضل ۽ نعمت تي ۽ شرف واري صلوات ۽ سلام اسان جي سردار محمد ﷺ ۽ سندس آل تي، جيڪڏهن اوهان هن فقير جي احوال کان واقف ٿيڻ گهرو ٿا ته هي فقير الحمد الله خير ۽ عافيت سان آهي، ۽ وڏيڪ ڪشادين نعمتن سان نوازيل آهي، الله تعاليٰ کان دعاگو آهي ته اوهان کي دنيا ۽ دين ۾، سيد المرسلين ﷺ ۽ سندس اصحابن جي صدقي، عافيت نصيب ڪري.

خط کڻي اچڻ وارو وڏين فضيلتن جو خزانو ۽ سهڻن گڻن وارو شخص الله بخش عرب ملڪ ڏانهن وڃڻ جو ارادو رکي ٿو. حرمين شريفين (ﭴنهي کي الله تعاليٰ تعظيم شرف ۽ عزت ۾ وڌائي) جي زيارت ڪرڻ ٿو چاهي، ان جي حق ۾ اوهان جون مڪمل مهربانيون گهربل آهن، خاص طور سواريءَ جي حوالي سان معاملن متعلق مهرباني گهربل آهي، ڇاڪاڻ ته هي اتان کان بلڪل ناواقف آهي، ڪيس اتي ڪو به ڪونه سڃاڻي، فضيلت وارا ماڻهو پاڻ جهڙن کي سڃاڻندا آهن، ان سان گڏ هڪ ساٿي به آهي. اوهان جي تعاون سان هو ۽ سندس ساٿي جڏهن سواريءَ ۾ روانا ٿي وڃن ته ان جو اسان کي اطلاع ڏجو، ته جيئن اسان جي دل مطمئن ٿي وڃي. اميد ته ان جي مدد ۽ سندس پورو تعاون وڏيڪ ثواب جو موجب ٿيندو. اوهان هر حال ۾ مهربانين ۽ فضل جا ڏني آهيو. السلام عليڪم اولا و آخرا .

❁

(هي وڻندڙ خط ۽ مقبول نياپو پڻ اسان جي مولانا اسان جي مخدوم شيخ محمد صادق جو آهي.)

رب جليل جي محتاج محمد صادق بن عبدالجليل جي طرفان انسان ڪامل، فضيلتن ۽ شان جي مالڪ، وڏين مهربانين جي سرچشمي، ڪمالن جي مظهر، اسان جي سردار شيخ عبدالله، الله تعاليٰ کيس سلامت رکي، سندس مدد ڪري، ڏانهن. الله تعاليٰ سندس فضل، فيض، احسان ۽ چڱائيءَ کي هميشه رکي ۽ سندس حفاظت ڪري. السلام عليڪم و رحمة الله. اما بعد.

الله جي عام فضل ۽ عظيم مهرباني سان، اسان بندر پهتاسين، جيڪو پنهنجي رئيس جي نالي سان سڏجي ٿو. الله کان اميدوار آهيون ته اسان کي خير ۽ عافيت سان دوستن تائين پهچائي. مون کي ۽ انهن کي مصيبتن کان حفاظت ۾ رکي. اسان کي سهڻو ٺڪاڻو عطا فرمائي، اهو بند دروازن کولڻ وارو آهي.

اوهان جا ساٿي جيڪي اسان سان سفر ۾ گڏ هئا، تن اسان جي خدمت ۾ ڪا به ڪسر ڪانه ڇڏي، الله سندن ڪوشش کي قبول ڪري. سيدالمرسلين ﷺ ۽ صحابه جي مهابي کين اجر عظيم عطا فرمائي، الحمد لله رب العالمين.

ان کان پوءِ اوهان کي اهو معلوم هجي ته هي بندو دعائن ۾ اوهان کي نه ٿو وساري. معاملا سڀ الله جي هٿ ۾ آهن، الله جي فضل ۾ اميد آهي ته اوهان جي دشمنن کي خوار خراب ڪري، بيشڪ اسلام جا دشمن دنيا ۽ آخرت ۾ خساري ۾ آهن ۽ اهو وڏو پڌرو خسارو آهي. پر اوهان جي دل مڪمل طور الله جي فضل تي توڪل ۽ ڀروسو رکڻ واري آهي، اهو وڏي فضل وارو آهي، اميد ته تنگيءَ مان خلاصيءَ جو رستو پيدا ڪندو ۽ هر غم مان ڇوٽڪارو عطا ڪندو سيدالمرسلين جي مهابي صلي الله عليه وعليٰ آله و صحبه افضل الصلوات واڪمل التسليم.

اسان جا سلام پنهنجي ڀنهي فرزندن عبدالسلام ۽ عبداللطيف کي

ڏجو اميد تہ مون کي ۽ منهنجي دوستن کي پنهنجي دعائن ۾ نہ وساريندا. خاص ڪري هن ڏکئي وقت ۾، جڏهن دل قسمين قسمين انتشارن، مختلف قسم جي شڪن ۾ ورتل آهي، جيتوڻيڪ ان تڪليف کان سوا ۽ بہ اوهان کان اسان کي اهائي اميد آهي، بلڪ ڪڏهن تہ اهو بہ چئبو آهي تہ تڪليف تحصيل حاصل آهي، پر ان باوجود آءٌ ان مرتبي ۾ ڪوتاهي ڪرڻ نہ ٿو گهران. اها اميد رکان ٿو تہ هڪ لمحو بلڪ اک ڇنڀ جيترو وقت بہ اوهان مون کي نہ وساريندا. الله اوهان کي سلامت رکي، اوهان کي باقي رکي، اوهان جي مدد ڪري، اوهان ۽ اسان کي پنهنجي محبت جو پيالو پياري. اوهان ۽ اسان کي پنهنجي معرفت جي بحر بي ڪنار ۾ غرق رکي. اسان ۽ اوهان جي اکين کي پنهنجي عالي مقصدن ۾ ڪاميابي عطا ڪري، پاڻ ۾ فنا جي ذوق جو مزو چکائي ۽ اسان جي جسمن جي فنا ٿيڻ کان اڳ پاڻ سان بقا جو ذائقو چکائي. آمين ثم آمين. اوهان جو دوست شيخ عبدالڪريم اوهان کي ججها سارا سلام عرض ٿو ڪري.

❁

(هي خط پڻ مخدوم مذڪور جو،
سندس هڪ شاگرد (الحاج يعقوب) ڏانهن آهي.)

پنهنجي رب خالق جي رحمت جي محتاج، محمد صادق جي طرفان، وفادار دوست، وڏي عالم، صاف شخص، اخلاق ۽ گڻن جي مالڪ الحاج يعقوب ڏانهن. الله ڪيس پنهنجي رضاوارن ڪمن جي توفيق ڏئي ۽ ڪيس پنهنجي آيتن مان قرآن جو فهم نصيب ڪري.

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته. اما بعد.

اوهان احوالن کان واقف ڪيو. ماضي ۽ حال جي ڪيفيت کان تنهنجي قيمتي خط تفصيل سان واقف ڪيو. جيڪو گذريو ۽ جيڪو بچيو، ان تي الله جو شڪر ۽ سندس ساراهه.

الله ڪارڻ اسان جي ياءُ شيخ عبدالله، الله تعاليٰ ڪيس سلامتي ۽ بقا عطا ڪري، جي خطن جي مطالعي مان ڏاڍي دلي خوشي ۽ اطمينان حاصل ٿيو. جيتوڻيڪ شهر جون خبرون مختلف آهن، حالات مختلف آهن، پنڌ پري آهي، مدت وڏي آهي ۽ جيڪا پائرن کان خبر ملي آهي، تنهن تي الله جو شڪر. اهوئي مددگار آهي، اسان دعا گهرڻ وارا آهيون، اهو قبول ڪرڻ وارو آهي، ان تي ئي ڀروسو آهي الله اسان کي ڪافي آهي ۽ ڀلو ڪارساز آهي اسان جي الله تي ئي توڪل آهي.

اوهان جيڪي بعض مسائل مون ڏانهن لکيا آهن، تن جو جواب لفافي ۾ بند ورقن ۾ لکيل آهي. البته جڏهن منهنجي تقرير ۾ هڪ ڳئي جي مخالفت بابت ڪي سوال آهن، ان باوجود ته ٻيو ڀهرئين جو شرح ڪري ٿو. جواب ڏيڻ واري لاءِ ايستائين اهو جائز ناهي ته جنهن صورت جي باري ۾ سوال ڪيو ويو آهي ان تي ڪو مخصوص حڪم لڳايو وڃي، جيستائين چوڻ واري جا بعينه لفظ بيان نه ٿين. جيڪڏهن هندي آهن ته هندي، سنڌي آهن ته سنڌي، عربي آهن ته عربي، الفاظن جي ترتيب ۽ ترڪيب جي تفاوت کان بنا، جيئن آهن تيئن، ڇاڪاڻ ته لفظن ۽ ترڪيب جي ٿوري فرق سان حڪم (فيصلو) تبديل ٿي ويندو آهي، جيئن اها ڳالهه فقهه ۾

ٿورڙي بہ ڄاڻ ۾ مطالعو رکندڙ کان مخفي ناهي. والله اعلم.

ان کان پوءِ پاءُ توجيڪو اڳين ۾ گڏيل ورقن ۾ پنهنجو غم ۾ ڏک ظاهر ڪيو آهي، مطالعي ۾ نہ پڙهڻ تي، پڙهڻ ۾ قرائت کان فارغ ٿي ويهڻ تي، اهو سڀ مون کي تسليم آهي. البتہ اهو سڀ ٿيڻ جو سبب ماضيءَ ۾ ... ... اهو تسليم نہ ٿو ڪري سگهجي. اوهان جيڪو حياء ڪرڻ جو لکيو آهي، ان جو ڪو مناسب سبب مون کي نظر ڪونہ ٿو اچي. فرض ڪجي تہ اوهان نہ پڙهڻ جي ڪري غمگين آهيو پر پهرين موسم ويجهي آهي، جيڪڏهن اوهان جي مراد مسقط ڏانهن سوار ٿي وڃڻ آهي تہ پوءِ موٽي اچڻ بي معني آهي. ڇاڪاڻ تہ اڄ ڪلهہ اسان بہ پهرين تہ وطن موٽڻ جو ارادو رکون ٿا. ان کان پوءِ مقصود جڳهين ڏانهن ٻيهر (سفر). ان کان پوءِ اهي سڀ پهريان ٻيا ارادا جيتوڻيڪ پڪا آهن. پر اهي ٿئي بہ سگهن ٿا. جيڪڏهن اوهان جو مقصد مسقط بندر جي ٻيڙن تي سوار ٿيڻ جو آهي تہ پوءِ بندر کان اسان ڏانهن موٽڻ بي معني آهي، ڇاڪاڻ تہ ڏينهن ٿورا آهن، پر جيڪڏهن اوهان جو ارادو علم حاصل ڪرڻ يا ڪتاب پڙهڻ جو آهي، اڳ وانگر، تہ پوءِ اتي ترسڻ فضول آهي ۽ پوءِ ان سبب جي ڪري غم ۾ ڳٽي جو اظهار ڪرڻ عجيب آهي ۽ توجيڪا حياء ڪرڻ جي ڳالهہ لکي آهي، سا اهل صفا وٽ معتبر ناهي، ان موقعي تي اوهان جي جاءِ پنهنجي جاءِ تي. اوهان کي گهرجي تہ سوچيو ۽ پنهنجي معاملي ۾ استخارو ڪيو. استخاري کان پوءِ جيڪو ظاهر ٿئي ان تي عمل ڪريو. اسان ڏانهن تنهنجو موٽڻ تڏهن صحيح ٿيندو، جڏهن تنهنجي دل پڙهڻ ۾ ڪتابن جي تدريس تي ڪنهن جاءِ تي مطمئن ٿئي ۽ جڏهن ائين عزم هجي تہ پوءِ جاءِ تنهنجي جاءِ آهي، جتي مشيت اسان کي ڇڪيندي. سبق ۽ تدريس انشاءَ الله اتي وڌيڪ سهڻي ۽ خوبصورت ٿيندي. الله مدد ڪندو پوءِ حياء ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي.

جيڪڏهن اوهان جو مون وٽ اچڻ ٿئي ۽ محمد علي جي رفاقت سان اچڻ ٿئي، مطلوب ڪتابن سان گڏ تہ اهو نيڪ ٿيندو. نہ تہ نہ.. ان کي منهنجي طرفان سلام چئجو. اوهان کي بدرالدين، اسماعيل، شيخ محمود، قاضي محمد اڪرم، محمد مڪرم، شيخ محمد ۽ يار محمد ۽ ٻيا اسان جا دوست السلام عليڪم چون ٿا.❁

(خط مخدوم معظم مڪرم مولانا شيخ محمد صادق جو، ڪنهن دوست طرف)

حامدا ومصليا ومسلما:

پنهنجي رب غنيءَ ڏانهن محتاج ٻانهي محمد صادق بن عبدالجميل سنڌي ٺٽوي جي طرفان ان جناب ڏانهن جنهن کي الله وڏين عنايتن سان نوازيو آهي، الله کيس وڏين فضيلتن جو مالڪ ۽ معنوي مرتبن جو سرچشو بنايو آهي، يعني يڪتا عالم ۽ بي نياز شيخ خلفان بن محمد، الله کيس سلامت رکي، سندس حفاظت فرمائي ۽ سندس فضل، احسان، نيڪي ۽ فيض کي هميشہ جاري رکي، سندس شان بلند ڪري ۽ سندس مقام بلند فرمائي ۽ دشمن کان حفاظت فرمائي.

اما بعد الله جو حمد سندس فضل ۽ مهر جي سببان. افضل صلواتون ۽ سلام سيدنا محمد ﷺ ۽ سندس آل جي مٿان.. متواتر اوهان جي سٺن اخلاقن، قيمتي گڻن جي اپنائڻ ۽ پسند ڪيل محمدي اخلاقن بابت ٻڌندو رهان ٿو جيڪي علمي ڪمالن سميت اوهان جي اجتماعي مادي ۾ گڏيل آهن، جنهن صاف دلين ۾ نهايت گهري دلي محبت پيدا ڪري وڏي آهي. ڪيترين ئي دل ۾ پيوست ٿي ويل محبتون اهڙيون هونديون آهن، جن جي پيدا ٿيڻ جو سبب صرف ٻُڌِ سُڌِ هوندو آهي، ڪيترين ئي ذهن تي چٽيل تصويرون اهڙيون هونديون آهن، جن جي دماغ ۾ چٽجڻ جو سبب ٻڌ سڌ کان سواءِ ڪو بہ نہ هوندو آهي، ڪيڏو نہ ڪنهن چڱو چيو آهي:

شجو حساده و غيظ عداه
ان يري مبصر و يسمع واع

(حاسدن کي ڏکيو ٿو لڳي ۽ دشمنن کي ڪاوڙ ٿي چڙهي، هن ڳالهہ تي تہ ڪو ڏسندڙ ڏسي ۽ ڪو ياد ڪندڙ ٻڌي)

خاص طرح جيڪو الله ڪارڻ ياءُ الله ڪارڻ دوست، صاف مشرب عالم شيخ محمد بن علي چلپي کان اوهان جي سهڻن، پاڪيزه

اخلاقن ۽ علمي ڪمالن حاصل ڪرڻ جي شوق ۽ حڪمت عمليه ۾ وڏي مهارت جو ٻڌڻ، عالم غيب روحانيءَ ۾ معنوي ملاقات جو موجب ٿيو. جيڪا ملاقات جسماني ملاقات جو باعث ٿي. اسان بندر ڪراچيءَ کان سوار ٿي رهيا هئاسين. خيرالبريه صلي الله عليه وسلم جي زيارت ۽ نبي ﷺ جي حضور ۾ ابدي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سنبريل هئاسين، جو مون رستي دوران اوهان جي خدمت ۾ اچڻ جو شوق محسوس ڪيو ته جيئن شوق پورو ٿئي ۽ جسماني ملاقات جي راحت حاصل ڪجي، جڏهن ته علت غائيه جي وحدت باوجود متعدد غايتن کي جائز قرار ڏنو اٿن، جيئن اهو علم ڪلام جي ڪتابن ۾ بيان ٿيو آهي،پوءِ رستي ۾ اسان تي جيڪو رب البريه جي تقدير ۾ لکيل هو سو گذري چڪو معاملا سڀ تقدير ۽ مشيت جي حوالي ٿيل آهن ۽ ارادو فضل ۽ عطيي جو تحفو آهي، حالانڪ نفس ته اهو نه ٿو ڄاڻي ته صبح ڇا ڪندو شام ڇا ڪندو. ان کان پوءِ دل جي محبت مان هيءَ ورق لکي رهيو آهيان، اها جيتوڻيڪ عوام وٽ اڌ جسماني ملاقات آهي، پر صاف دل ۽ پاڪيزه خيال رکڻ وارن وٽ پوري روحاني ملاقات آهي. بلڪ اها پاڪيزه دل وارن وٽ منطقين جي "حد اوسط" وانگر آهي، جنهن ۾ حد اڪبر کان فوري پوءِ حد اصغر داخل ٿيندي آهن ۽ اعليٰ مرتبا ذهني نتيجن جي پيداوار هوندا آهن.

باقي ڳالهه هيءَ آهي ته غريب ۽ اوپرو پنهنجي احوالن جي تعريف لاءِ بيان ۽ وضاحت جو محتاج آهي، پر توهان جي مهرباني ۽ شفقت، جيڪا نعت ۽ وصف جي محتاج ناهي، سائي حقيقت ۾ معرِف به ۽ معرَف پڻ. جڏهن ته غريبن جا احوال "معرب" وانگر آهن، جيڪي عوامل بدلجڻ سان بدلبا رهندا آهن، عزت ۽ شرف وارن جي مهرباني ۽ شفقت "مبني الاصل" وانگر آهي، جيڪو پنهنجي اصل محڪم تي مبني هوندو آهي، بلڪ اها ته "مطلق" وانگر آهي، جنهن مان فرد ڪامل ئي مراد وٺبو آهي، الله اوهان کي سلامت رکي اوهان جو حامي ۽ ناصر هجي.

(هي خط پڻ اسان جي مولانا ۽ اسان جي
مخدوم شيخ محمد صادق غفرالله لہ جو آهي)

حامد او مصليا ومسلما:

مسنون سلام، پاڪيزه ۽ شرف واريون سوکڙيون ۽ تحفا .... جنهن کي الله تعاليٰ فضل سان نوازيو آهي، صاف دل اڳواڻن جو نچوڙ سيني جو مددگار آهي، عترت نبويہ جو اولاد سيد عبدالله بن سيد علي، الله کيس سلامت رکي سندس مدد ڪري ۽ شان بلند ڪري، بلند مقام عطا ڪري ۽ سندس حفاظت فرمائي.

السلام عليڪم و رحمة الله وبرڪاتہ اما بعد

الله جي فضل تي سندس ساراهہ ۽ سيدنا محمد ﷺ ۽ سندس آل تي افضل صلوات ۽ سلام. سهڻا گڻ ۽ قيمتي اخلاق، جيڪي هڪ گڏيل مادي ۾ ذاتي شرافت سان گڏ جمع ٿيل آهن، سي متواتر پڌجي رهيا آهن. انهن دل ۾ گهري محبت ۽ صاف چاهت پيدا ڪري وڌي آهي ۽ ڏسڻ لاءِ ڪمال درجي جو شوق ۽ توجهہ پيدا ڪيو آهي. ڪيتريون ئي دل ۾ پيوست ٿي ويل محبتون اهڙيون هونديون آهن، جن جي پيدا ٿيڻ جو سبب پڌسڌ هوندو آهي ۽ ڪيتريون ئي ذهن تي چٽيل تصويرون اهڙيون هونديون آهن، جن جي دماغ ۾ چٽجڻ جو سبب پڌسڌ ڪان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي.

اوهان تي مخفي نہ هجي تہ قيمتي فضائل ۽ صوري ۽ معنوي فضل جي سرچشمن پرهيزگارن جا اڳواڻ ۽ باعمل عالمن جو نمونو، مولانا شيخ عبدالله سنڌي حنفي سلمہ الله تعاليٰ وا بقاه، اهڙا ماڻهو آهن، جن جهڙو اوهان جي شهر ۾ بيو ڪو آهي ئي ڪونہ، چاڪاڻ تہ اهو علم، عمل ۽ تقوي جي گڏيل صفتن جو مالڪ آهي، الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وتزودوا فان خير الزاد التقوي

(سامان گڏ ڪيو، بيشڪ بهترين سامان تقويٰ آهي.)

تنهن ڪري اوهان جي شهر ۾ سندس وجود غنيمت آهي، ۽ ههڙي

وقت ۾ اتي سنڌس رهڻ وڏي نعمت آهي ۽ وڏي عزت ۽ فخر آهي، جيڪڏهن اوهان کان، اوهان جي شهر جي حاڪم وٽ سنڌس مدد ٿي سگهي، جيڪا ڳالهه سنڌس دل جمعيءَ جو ذريعو ٿيندي، ته اها اوهان جي طرفان وڏي مهرباني هوندي.

اسان ۽ اوهان جي وچ ۾، هن کان اڳ جيتوڻيڪ ڪا به سڃاڻ ڪانهي، نه ئي خط و ڪتابت جي رسم رهي آهي، البته متواتر اوهان جي تعريف ٻڌندو رهيو آهيان، جنهن ڪري اوهان سان خط و ڪتابت جو دروازو کولڻ شروع ڪيم ۽ اوهان کي هڪ ڪم جي تڪليف ڏنم، جيڪا اميد ته اُخروي ثواب ۽ درجن جي بلندي جو ذريعو ٿيندي.. هن طرح جو شيخ مذڪور جي مدد ڪرڻ اوهان جي لاءِ ثواب جو باعث ٿي پوي، آئون اوهان جي لاءِ دين ۽ دنيا جي سلامتي ۽ عافيت لاءِ دعاگو آهيان، بيشڪ الله چڱائي ڪرڻ وارن جو اجر ضايع نه ڪندو آهي، صلي الله علىٰ سيدنا محمد و آلهٖ و صحبهٖ الطيبين الطاهرين والحمد لله رب العالمين.

(هي خط شريف مولانا مخدوم نعمت الله غفرلہ جو آهي)

الحمدلله والصلواة والسلام عليٰ رسولہٖ محمد المصطفيٰ و عليٰ آلہٖ وصحبہٖ والذين اتبعوهم باحسان اليٰ يوم الدين اما بعد.

الله تعاليٰ کان اوهان جي معنوي ۽ صوري عافيت مطلوب آهي، جيڪڏهن اوهان مشتاقن جو حال پڇڻ ٿا چاهيو تہ الحمدلله، الله جي فضل سان حال، الله جي لک نعمتن تي شڪر ۽ ان جي ساراهہ ڪرڻ جي لائق آهي ۽ سندس فضل ۽ احسان سان اسان کي شفاء بہ حاصل آهي. جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

واذا مرضت فهويشفين

اوهان جو خط مبارڪ زماني کان اسان وٽ ڪونہ پهتو آهي. ان وچ ۾ بيهر لشڪرن جي هجوم جي ڪري بي چيني واقع ٿي چڪي آهي، ان ڪري دل منتظر هئي تہ اوهان وٽان ڪا خيرعافيت جي خبر اچي. ان ڪري هتان کان اوهان جي شهر ڏانهن، جيڪو (اچ وڃ جي سلسلي ۾) توجہ رهندو آهي، سو بہ گهٽ رهيو آهي، جو بي چيني ۽ عدم اطمينان جي صورت حال رهي، ان ڪري اسان جو خط بہ اوهان ڏانهن ڪونہ پهتو. اوهان تي لازم آهي تہ هنن ورقن پهچڻ کان پوءِ اوهان جا ورق بہ اسان تائين پهچڻ گهرجن، جن ۾ اوهان، اوهان جي گهر وارن، دوستن ۽ ساٿين جي صحت ۽ عافيت جي خبر شامل هجي، اسان جي طرفان اوهان جي پٽن، خادمن، خاص طور محمد هاشم صباغ ۽ سيني دوستن کي السلام عليڪ چئجو. اوهان تي ۽ جيڪي اوهان وٽ آهن انهن تي ظاهر ۽ باطن، اول ۽ آخر سلام.

❁

(هي خط شريف اسان جي
مولانا مخدوم عبدالرحمان قاري پٽ عارف بالله مولانا
و مخدومنا شيخ محمد هاشم قدس سره جو آهي.)

الحمدلله الذي بنعمته تتم الصالحات والصلواة والسلام علي رسوله سيد السادات و علىٰ آله و صحبه خير العبادات اما بعد. آئي هزار پاڪيزه سلام ۽ قسمين قسمين صاف سوڪڙيون ۽ وڏنڊڙ دعائون هديو ٿو ڪريان، الله ڪارڻ پاءَ ۽ الله ڪاڻ اسان جي پنهنجي لاءِ جيڪو فخر وارو، علم جو سمنڊ، سنپاليل موتي، عالمن جو اڳواڻ، فقيرن جو رهنما، خلق، خاص ۽ عام لاءِ مرجع ۽ ماوي، بادشاهه واحد جي مهربانين سان سرشار، سيدنا و مولانا شيخ عبدالله بن مرحوم محمد، الله تعاليٰ واحد صمد کيس سلامت رکي، هميشه سندس والي ۽ وارث ٿئي.

جيڪڏهن حال احوال پڇڻ ٿا گهرو ته الحمدلله خير ۽ عافيت آهي الله جون وڏيون نعمتون ۽ فضل آهن. لاڳيتو اوهان جي ياد جي ڪري اوهان جي ملاقات ۽ جمال جي طلوع جو مشتاق رهيو آهيان. اوهان جي دين ۽ دنيا جي خير لاءِ دعاگو آهيان، ۽ اوهان جي شروع ۽ آخر جي تندرستي جو گهورو آهيان، اوهان جي سچي اولاد، گهر وارن جي توفيق لاءِ دعائون ٿو ڪريان. اوهان کان اميد آهي ته ائين ئي هوندو يا ان کان به بهتر. اوهان جي ملاقات جو شدت سان مشتاق آهيان، اميد ته الله بنهي گهرن مان پلي گهر ۾ اسان کي خير ۽ عافيت سان گڏائيندو. بنهي جهانن جي چڱائي، ثواب، رسول ﷺ جي شفاعت جو حصول ۽ دنيا ۽ آخرت جي نعمت جي مالڪ جي رضا عطا فرمائيندو. خاتمي تي الله جو حمد. اهوئي اسان کي ڪافي ۽ بهترين ڪارساز آهي، ولاحول ولا قوة الا بالله العلي العظيم. منهنجي طرفان پنهنجي وڏي اولاد کي، پنهنجي دوستن، اوهان جي عظيم صحبت ماڻيندڙن، مانوارن دوستن کي سلام ۽ قيامت تائين اوهان تي سلامتي.

(هي خط شريف پڻ اسان جي مولانا ۽ اسان جي مخدوم عبدالرحمان غفرله جو آهي.)

السلام ۽ وري السلام، گڏوگڏ وڏيڪ عزتون ۽ اڪرام ۽ لاڳيتيون گهڻيون دعائون هميشہ حضرت سائين ءَ، سڳوري، شريف، عظيم، واجب الاحترام والتعظيم، فضل ۽ شان جي سرچشمي، فيض ۽ برڪتن جي خزاني، لطف ۽ چڱاين جي منبع، خير ۽ ڪمال جي مرڪز، فضل ۽ ڪمال جي تاج پهريل، قبوليت جي چادر ڍڪيل، منهنجي آقا، منهنجي مولي، شيخ عبدالله لاءِ، الله تعاليٰ کيس سلامت رکي، باقي رکي، حفاظت ۾ رکي ۽ سندس مدد حمايت ۽ مالڪي ڪري.

اوهان فقيرن جي احوالن بابت پڇيو آهي ۽ ضعيفن جي باري ۾ معلوم ڪيو آهي، سي پاڻ سبحانه و تعاليٰ جي حمد سان خير ۽ عافيت سان آهن. الله تعاليٰ جي پوري احسان جا احسانمند آهن، هميشہ اوهان جي ياد جي ڪري، اوهان جي جمال جي طلوع جا مشتاق آهن، اوهان جي زندگيءَ جا گهورا آهن، اوهان جي دين ۽ دنيا جي خير ۽ اوهان جي منڍ کان آخر تائين اصلاح لاءِ دعاگو آهن، اميد تہ اوهان بہ ساڳيءَ طرح خير ۽ عافيت سان هوندؤ بلڪ ان کان بهتر هوندؤ.

هن سال اوهان جي پاسي جيڪو شخص حج جي ارادي سان پهتو آهي، سو فضل ۽ ڪرم جو خزانو آهي، نالي خدا بخش، جيڪو وڏن عالمن جي جماعت مان آهي، بيت الله الحرام جي حج سان گڏ حضرت سيد الانام (عليه افضل الصلوات و التحيه و اشرف السلام) جي زيارت لاءِ آيو آهي، اميد تہ کيس پنهنجي پنهي هٿن سان وٺندؤ، سڌي ڪم ۾ سندس مدد ڪندؤ ۽ کيس پنهنجي احباب جي حلقي ۾ شامل ڪندؤ، پنهنجي وڏن فيضن سان مددگار ٿيندؤ. جيئن اهو اوهان جو شانائتو طريقو رهيو آهي، السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ اول ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن.

❁

(هي خط پڻ خلق جي مخدوم شيخ عبدالرحمان جو، بيت الله الحرام کان موٽڻ وقت جو لکيل آهي.)

سلام وڏيڪ سوڪڙين ۽ مڪمل شوق سان، جناب شيخ جليل القدر، عظيم، جود ۽ سخا جي سرچشمي، فيض ۽ احسان جي خزاني، الله ڪارڻ ياءُ منهنجي سردار منهنجي آقا شيخ عبدالله، الله تعاليٰ کيس سلامت رکي، باقي رکي، حفاظت فرمائي، سندس حامي ۽ مددگار ٿئي، ڏانهن موڪلجن ٿا. اما بعد

منهنجا سائين! جيڪڏهن اسان جي باري ۾ پڇو ٿا ته اسان خير ۽ عافيت سان آهيون، لاڳيتو اوهان جي ياد ۾ اوهان جي جمال جا مشتاق آهيون، اوهان لاءِ ۽ اوهان جي دين ۽ دنيا جي ڀلائي جا دعاگو آهيون ۽ اوهان جي اول آخر اصلاح جا طلبگار آهيون، اوهان مان به اهائي اميد رکون ٿا بلڪ ان کان بهتر جي اميد رکون ٿا. الله جي مدد سان تاريخ چوٿين شعبان المعظم تي اسان مشهور ڳوٺ بکياريءَ سلامتيءَ ۽ عافيت سان مڙني ساٿين سميت پهتاسين ۽ چار ڏيسر الله کيس سندس افعالن ۽ اقوالن جي ڪري پڪڙي، پاڻ پنهنجي سر وڏي ڳالهه ڪئي آهي. ڪافرن کي حڪم ڪيو اٿس ته ڪنهن هڪ مسلمان کي به نه ڇڏيو، انهن کي دشمنن جي زمري ۾ شامل ڪريو، ان ايذو فساد پيدا ڪيو آهي، جنهن جو ڪو حساب ئي ناهي، اهو بتن جي پوڄا ٿو ڪري ۽ ڍڳي جي قربانيءَ کان روڪي ٿو ۽ اهڙا ٻيا غير شرعي ڪم ڪري ٿو. خادم الفقراءَ، حقيقي ڀاءُ الحاج عبدالرحمان ۽ سندس ڀائٽيو الحاج ابراهيم، الحاج محمد ۽ موسي، اوهان کي سلام ٿا چون ۽ اوهان به پنهنجي ٻارن، مڙني دوستن ۽ الحاج اسماعيل وغيره کي گهڻي کان گهڻا سلام چئجو. والسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته.

(هي ءُ اسان جي مولانا ۽ مخدوم شيخ عبد الرحمان جو، هالار ڏانهن سفر وقت آخري خط آهي.)

ٻانهي ضعيف عبدالرحمان بن محمد هاشم مرحوم ٺٽويءَ طرفان، جناب، الله کارڻ اسان جي پاءُ ۽ الله کارڻ اسان جي پنهنجي، فيض ۽ ڪمالن جي سرچشمي، علم ۽ ڪرامتن جي خزاني، الله جي قرب ۽ عنايتن سان سرشار، سيدنا و مولانا عبدالله ڏانهن. الله سندس حفاظت فرمائي، سندس مغفرت ڪري، سندس حامي ۽ مددگار ٿئي. فقير الحمد لله اوهان جي اڳئين ڳوٺ ۽ گهرن ۾ پهتو آهي، هن کان اڳ آءٌ ڏهه ڏينهن بخار ۾ ورتل هوس، مون کي ۽ منهنجي ساٿين کي ان جي ڪري ڪمزوري رهي، اسان فرائض جي ادائگيءَ لاءِ سخت ٿڪاوٽ ۾ ورتل هئاسين. ان ڪري ضرورت جي پيش نظر سنتون ڇڏي ڏنيون سين. اسان سيدنا عبدالسلام جي بيماريءَ جو ٻڌو هو. ان کان پوءِ حافظ عمر رنگريز ٻڌايو ته هاڻي چڱو ڀلو ٿي ويو آهي ۽ مسجد ۾ ايندو آهي، ان ڪري اسان کي تسلي ٿي. اسان جي طرفان کيس ۽ سندس پائرن عبداللطيف وغيره ۽ ٻين پنهنجي خدمت ۾ ايندڙن کي سلام چئجو. السلام عليڪم ورحمة الله و برڪاتهٗ.

۞

(هي پيارو خط اسان جي مولانا ۽ اسان جي مخدوم شيخ عبداللطيف پٽ علامہ فهامہ عارف بالله مولانا شيخ محمد هاشم عفي الله عنہ جو آهي.)

الحمد لله و صلي الله علىٰ سيدنا محمد و آلہٖ وسلم

هديو ثنا ڪريون. هزارين سلام، جناب سيدالانبياء جي اولاد جي مک، فضل ۽ صفا جي درجن جي جامع، جنهن جي خصوصيتن کي ساراهيندڙ پهچي نہ ٿو سگهي، عبدالله بن سيد علي (الله کيس سلامت رکي، سندس حفاظت فرمائي) اوهان سان محبت ڪندڙ هي فقير، اوهان جي جمال جي طلوع جو مشتاق آهي الله کان مدد ٿو گهري تہ اوهان جي حياتي وڌي ڪري. هميشہ امن ۾ رکي ۽ خوشي ۽ صحت جي غنيمت سان نوازي. هر مصيبت ۽ ڏک کان محفوظ رکي.

عرض هي آهي تہ: فضائل ۽ ڪمالن جو خزانو، مرتبي ۽ مقام جو مرڪز، الله ڪارڻ پياءُ ۽ دوست، شيخ عبدالله (الله کيس سلامت رکي) اوهان جي هن دعاگو جو ڪامل دوست آهي، هن صاف محبت ڪرڻ واري جي دوستن مان وڏي فضيلت وارو آهي، هو وڏو تقوي وارو صوفي آهي، خير ۽ تقوي ۾ سندس هٿ وڏا آهن. اوهان جي خدمت عاليہ ۾ جيڪڏهن رجوع ڪن يا مقتدر حاڪم وٽ، تہ ان سلسلي ۾ سندس مدد ڪجو. سندس مقصد پوري ڪرڻ ۾ پنهنجي پوري ڪوشش صرف ڪجو. سندس شان جو پورو لحاظ رکجو. پاڻ ان لائق آهن تہ اوهان پنهنجي وس آهر، جيترو اوهان ڪوشش ڪري سگهو سندس مدد ڪريو. مذڪور پياءُ جو رضامندو، هن دعاگو جو رضامندو سمجندا. ان تي اوهان جا ٿورا منهنجي مٿان ٿورا ٿيندا، ڪوشش ڪرڻ وارو فضيلت وارو آهي، اسين اوهان لاءِ پنهي جهانن جي ڀلائي جا دعاگو آهيون ۽ پنهي زندگين ۾ ڪاميابي لاءِ صالح وقتن ۽ قبوليت وارين گهڙين ۾ دعاگو رهنداسين، الله ۾ قبوليت جي اميد آهي، اهڙيءَ طرح اوهان کان اسان اها مدد ٿا گهرون تہ اسان کي پنهنجي ڪامل ۽ قبوليت جي اميد وارين دعائن ۾ ياد رکندا. قوت ۽ طاقت الله بلند ۽ عظيم لاءِ آهي وصلي

الله علي سيدنا و سندنا محمد وآله وصحبه اجمعين ۽ سلام اوهان لاءِ ۽ اوهان جي محفل مان نور حاصل ڪندڙن لاءِ ۽ الله جون رحمتون ۽ برڪتون پڻ. منهنجو پٽ ابراهيم به اوهان لاءِ خير جي دعا تو گهري ۽ گهڻا سلام هديو تو ڪري. هميشه خوش رهو.

(هي خط شريف پڻ مولانا مخدوم عبداللطيف غفرلہ جو آهي.)

الحمدلله تعاليٰ ! تحفو پيش ٿا ڪريون، جنهن جي ڪلڻ سان آس پاس سرهو ٿي وڃي ٿو ۽ سلام جيڪي ان نور مان روشن ٿيل آهن، جنهن جي ذڪر سان زمانا خاص ٿيل آهن، ان هستيءَ کي جيڪا ڪمال مرتبن واري، فيض ۽ جلال جي فضيلتن تي مشتمل آهي، يعني مولانا شيخ عبدالله سلمہ الله تعاليٰ و ابقاه. اما بعد.

جيڪڏهن اوهان فضل فرمائي هن مسڪين دعاگو جي حال جي باري ۾ پڇڻ ٿا گهرو تہ الحمدلله اهو هر وقت ۽ هر حال ۾ محفوظ آهي، اوهان جي جمال جي طلوع جو هميشہ مشتاق رهان ٿو ۽ اوهان جي زندگيءَ جو گهورو آهيان. اوهان جي ملاقات جو شوق مٿان شوق رکان ٿو. اوهان جيڪو ياءَ، فاضل، ڪامل سند واري، بلند رتبن واري، الله سندس حفاظت فرمائي، ڏانهن لکيو آهي، سو پهتو. پهچندي شرط اسان ان کي مٿي، اکين ۽ دل تي رکيو آهي.پر اتفاق سان، ياءَ موصوف اوهان جي خط پهچڻ کان ڏينهن بہ اڳ ڪن ضروري ڪمن سان نڪري ويو آهي، انشاءَ الله جڏهن خير ۽ سلامتيءَ سان سفر کان موٽندو تہ اوهان جو خط کيس ڏينداسين. ان ۾ اسان کا بہ ڪوتاهي ڪونہ ڪنداسين. اوهان خاطري، ڪريو. جيئن اوهان اسان کي خير، عافيت ۽ آخرت جي ڀلائي ۽ معاش جي سڌاري جي دعائن ۾ نہ ٿا وساريو، تيئن اسان بہ اوهان کي ڪونہ ٿا وساريون.

هل جزاء الاحسان الاالاحسان

(نيڪيءَ جو بدلو نيڪيءَ کان سواءِ ڪو ٿيندو؟)

اوهان پنهنجي وڏين مهربانين ۽ شان واري اولاد کي سلام چئجو ۽ اهڙي طرح صاحب ڪمالات شيخ سمهبي، الله سندس حفاظت فرمائي، کي پڻ سلام چئجو ۽ سلام ٿا چوون اوهان کي ۽ اوهان جي اولاد کي، منهنجي ياءَ جا پٽ: شيخ محمد، شيخ محمد اعظم، شيخ عبدالڪريم، شيخ فيض الله ۽ منهنجو پٽ ابراهيم اوهان جي حضور ۾ خلوتن ۽ جلوتن ۾ امداد ۽ توفيق جو سوال ٿا ڪن. ۽ اوهان تي سلامتي، الله جون رحمتون ۽ برڪتون هجن ۽ اوهان جي محفل شريف ۾ شامل جماعت کي پڻ، هن گنهگار طرفان سلام پهچائي ڇڏجو. ۞

(هي وڏندڙ خط اسان جي مولانا ۽ اسان جي مخدوم شيخ ابراهيم پٽ مخدوم عبداللطيف عفي الله عنهما جو آهي.)

الحمدلله، ڪيڏو وڏو شان آهي ان ذات جو ۽ ڪيڏي سندس پاڪائي، جنهن سيدنا محمد ﷺ کي پنهنجي مخلوقات مان چونڊيو ۽ پنهنجو برهان مٿس ۽ سندس اولاد تي ۽ سندس مددگارن تي واضح ڪيائين. اما بعد:

وڏيڪ بهتر سلام، جن جو وڻ آڳاٽو دلي محبت جي باغ ۾ ڦٽندو آهي ۽ وڏيڪ پهتل تحفا جن جي مضبوط دلي ڳانڍاپن جا گل آسمان جي افق تي تڙندا آهن، فاضل مهربان، وڏي علم واري، وڏن مناقبن ۽ مجيل فضيلتن ۽ مان واري هستي، سهڻن گڻن واري دوست، الله ڪارڻ ڀاءُ شيخ عبدالله لاءِ هديو ڪجن ٿا. الله کيس معاف ڪري ۽ سلامت رکي.

سائين! اوهان جو وڏندڙ خط پهتو ان جي پهچڻ سان، اسان محبت جون سرڪيون پري پيتيون، جيڪي دل کي حياتي بخشڻ واريون آهن، اسان ان جي عبارتن جي عظمت ڏسڻ ۾ ڪامياب ٿياسين، جنهن لاءِ عاشقن جو وات اجارو آهي، مون ان جي باريڪين ۽ خوبصورتين کي پوري توجهه سان ڏٺو.

پر ڇاڪاڻ ته خط حضرت والد صاحب ڏانهن لکيل هو جيڪي نصرپور ڏانهن سفر تي ويل هئا. مخدوم مرحوم شيخ عبدالحق پٽ مشهور عالم وڏي عارف مخدوم مرحوم ميڏنه نصرپوري جي ڪين فاتحه ڪرڻي هئي، جيڪو تازو وفات ڪري ويو آهي. الله سندس روح کي سلامتيءَ واري ملڪ پهچائي، جنهن ڪري ان جو جواب لکي ڪونه سگهيا. ۽ مون کي حڪم ڪيائون ته : "شيخ ڏانهن صحيح جواب لکڻ تنهنجي ذمي آهي."

تنهن ڪري خط اوهان ڏانهن آءُ لکي رهيو آهيان.

شفيق ڀاءُ! اسان خوش ۽ عافيت ۾ آهيون، اوهان هميشه الله تعاليٰ جي نعمتن ۽ ان جي عظمتن جي سرهاڻ ۾ ويڙهيل ۽ محفوظ رهندؤ . اسان اوهان لاءِ پرپٺ خير جون دعائون گهرندا ٿا رهون، ان جي فضل ۾ اميد آهي

تہ اهو قبول ڪندو. اوهان جون مهربانيون، جيڪي اسان سان شامل (حال) رهيون آهن، تن مان اميد ٿا رکون تہ پنهنجي سعادت وارين گهڙين ۾ پنهنجي عزت وارين دعائن ۾ اسان کي نہ وساريندا.

سائين اوهان جڏهن واعظ، ورد ۽ ذڪر جو شرف حاصل ڪريو . حديث، تفسير جي درس ۽ تدريس ۽ ٻين هدايت جي مشغولين ۾ ويهو، تہ ان وقت بہ اسان کي پنهنجي دعائن ۾ ضرور سنڀارجو. اوهان ۽ جيڪي اوهان وٽ آهن، تن سيني لاءِ اول ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن ۾ سلام. الله جي رحمت ۽ ان جون برڪتون هجن. اسان جي طرفان وڏي فضل وارن سڳورن ڀائرن يعني اوهان جي عظمت واري اولاد ۽ طالب علمن کي سلام چوندا. الحاج عبدالڪريم نوشهرائي، اوهان جي خط پهچڻ وقت شهر ۾ موجود ڪونہ هو، ان ڪري ان ڏانهن سلام پهچائڻ آسان نہ ٿي سگهيو. اوهان کي شيخ محمد بن مرحوم عبدالخالق رهندڙ ٺٽو السلام عليڪم چئي ٿو ۽ چئي ٿو تہ اوهان جو سنڌي ڪتاب، جنهن ۾ اوهان پنجهتر باب جمع ڪيا آهن، سو جيڪڏهن اسان جي شهر ۾ هجي ها تہ ان مان گهڻا طلباء فائدو حاصل ڪن ها، اوهان تي ان جو تدارڪ ڪرڻ لازم آهي ۽ اوهان کي مبارڪون ۽ سلام.

(هي خط اسان جي مولانا ۽ اسان جي مخدوم قاضي ابراهيم، الله كيس سلامت ۽ باقي ركي، جو آهي.)

حامداو مصليا و مسلما علىٰ حبيبہ و مصطفاه و علىٰ آلہ و صحبہ البالغين من دينہ بقصواه .

قيمتي تحفا ۽ سوكڙيون، جن جي سچ ۽ چنڊ جا كرڻا، عرفان جي اپرڻ جي جاءِ تان اپرن ٿا ۽ سلام، جنهن جون پسنديده نهرون اتحاد جي سرچشمن مان ڦٽن ٿيون، فضيلتن ۽ بركت واري هستيءَ جي مٿان، جيكو خوبصورتي، عزت ۽ كاميابي جي ميوي ڏيڻ واري وڻ جي مثل آهي، موتي آهي، جيكو كسبي ۽ وهبي معرفتن جي سپ ۾ محفوظ ٿيل آهي، ظاهري ۽ باطني ترقين جي خصوصيتن جو خزانو آهي، يعني الله كارڻ ڀاءُ شيخ عبدالله (الله كيس معاف كري ۽ بقا عطا كري) اما بعد.

اسان كي تمام گهڻي خوشي ۽ فرحت حاصل ٿي ۽ اسان خوشيءَ ۽ فرحت جي غذا حاصل كئي. اوهان جي خط پهچڻ سان، جنهن جا گل ولايت جي باغ ۾ ٽڙن ٿا. جنهن جون نهرون محبت جي باغ ۾ وهن ٿيون، الله اوهان كي اسان جي طرفان پلو بدلو ڏئي ۽ اوهان كي الله تعالىٰ عالمن ۽ عارفن جو مشروب پياري، شل هميشہ ان طرح پنهنجي خطن جي ذريعي اسان كي خوش كندا رهو جيكي ملاقات جهڙو ئي لطف ڏيندا رهن ٿا.

ڀاءُ اسان الحمدلله، الله جي احسانن ۽ مهربانين سان خوش ۽ فرحت ۾ آهيون، اسان كي نہ وسارجو اسان اوهان جي ملاقات جو ايترو شوق ٿا ركون، جو جڏهن قلم ان جو بيان ٿو كري تہ زبان كتجي ٿي وڃي.شعر جو ترجمو:

حال المشوق عليكم غير خفيه
والنطق عيب في حضورالكيس

(اوهان جي شوق ركڻ واري جو حال اوهان كان ڳجهو كونهي.
۽ ڳالهائڻ، داناء جي حضور ۾ عيب آهي.)

البته شيخ مرحوم محمد صادق جو پٽ، جيڪو عبدالجميل جي نالي سان سڏبو آهي ۽ متو نالي سان پڻ مشهور آهي، تنهن کي اهي ڪاهي ويا آهن، جن جو ڪنڌ اتفاق جي رسيءَ مان نڪتل آهي، بر و اتفاق آهي، ان ڏانهن سلام پهچائڻ ممڪن ناهي. نه ئي ان تائين ڪا ڳالهه پهچائي سگهجي ٿي، جيتوڻيڪ ان جو پيءُ ماءُ ائين نه هئا، متن سندن رب رحم ڪري. شعر جو ترجمو:

(اسان جا دوست خاخ نالي باغ ڏانهن هليا ويا ۽ پنهنجا ڏينهن رخاخ ۾ گذارن ٿا. پنهنجي سوارين کي هدايت رستي تي ڪاهي هليا آهن ۽ شداخ جي باغ ۾ ٿهلڻ لڳا آهن)

اوهان جهڙين هستين کان اميد اها آهي ته اسان کي پنهنجي صالح دعائن ۾ نه وساريندا. الله تعاليٰ سندن رستي جي هدايت فرمائيندو. اول، آخر، باطن، ظاهر ۾ السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته، اوهان، اوهان جي اولاد، دوستن ۽ مڙني طلباء کي. منهنجي چاچي مرحوم جو پٽ محمد ۽ سندس ٻيا ياٿر گهڻي کان گهڻا سلام چون ٿا. اوهان تي سلام ۽ الحاج عبدالڪريم نوشهرائي وغيره طلباء، فقراء وغيره کي سلام.

❁

(هي خط شريف، دل چهندڙ، مخدوم، معظم، عالم مڪرم، مولانا شيخ احمد رهندڙ ڳوٺ لڪڙي جو آهي، الله بي نياز متس رحمت فرمائي.)

ذات قدسيءَ جو حمد ۽ شڪر ڪندي ۽ سندس چونڊيل ۽ پاڪ رسول تي صلواتون ۽ سلام چوندي (عرض ڪجي ٿو) تہ بي نياز ذات جو ٻانهو ۽ محتاج احمد بن راهب سنڌي سڀ کان پهريائين اڻ ڳڻيا سلام ٿو عرض ڪري، ۽ اڻ ڪٿ تحفا پيش ٿو ڪري. عالم، باعمل، فاضل، سٺن اخلاقن واري، دنيا جي ناياب شخص، بلند لقبن سان مخصوص، روشن صفتن سان موصوف، اسان جي شيخ (استاد)، اسان جي رهنما شيخ عبدالله کي (سندس مهربان ذات جو سج هميشہ روشن رهي، سندس روشني پوري عالم کي پهچي).

ان کان پوءِ عرض تہ اوهان جو خط، جنهن جي هر سٽ خالص سون جهڙي نہ بلڪ خود سون آهي ۽ هر حرف يگاني موتيءَ وانگر نہ بلڪہ پاڻ يگانو موتي آهي، پهتو. ان سان ڏاڍي خوشي ٿي، فرحت ٿي، جنهن سان آءٌ اوهان ۾ فنا ٿي ويس، مان اهڙي فرحت ڪنهن بہ خط ۾ نہ ڏٺي. بلڪ ڪنهن بہ نہ ڏٺي هوندي. الله جو حمد، جنهن اوهان کي اسان لاءِ شفقت ۽ رحمت جو وسندڙ ڪڪر بنايو ۽ اوهان کي ڪمال توجهہ، محبت، سڪون ۽ رحمت جي نشاني بنايو.

اوهان جيڪو ماڻهن ۽ ڪن فاضلن سڳورن جي واتان هن ضعيف جي سٺين وصفن جي باري ۾ ٻڌو آهي، سو خوش اعتقادي آهي، اميد تہ الله ذوالجلال کان واقعي اهڙيون صفتون حاصل ٿينديون يا ڪمالات عطا ڪري عيب ڍڪي ڇڏيندو. جيئن اهو احسان ڪرڻ واري ذات جو طريقو آهي. نہ تہ حقيقت ۾ هي اهڙن عيبن سان معيوب آهي، جن جو بيان لفظن ۾ ڪري ئي نہ ٿو سگهجي، لکڻ تہ ٿيو پري. الله تعاليٰ اميد تہ ان مطابق بنائيندو. جهڙو اوهان ٻڌو آهي ۽ مون کي ان جي موافق بنائيندو، جيڪو اوهان مون کي گمان ڪيو آهي. ها اوهان ڪامل انسان آهيو، جيڪي پنهنجي ڪمال

جي انتها سان ڳالهائيندا آهن. ان ڳالهه جو دليل اهو آهي جيڪو خاص ۽ عام وٽان پڌو ويو آهي، خاص طور جيڪو اسان جي ڪنن تائين پهتو آهي، سو الله ڪارڻ ياءُ سچي دوست، اعليٰ مخلص، الله وٽ مقبول حافظ لال محمد کان پهتو آهي، الله تعاليٰ کيس روشن ۽ بلند تقدير ۽ وڏي حياتي عطا ڪري، اوهان جي فضائل جي ڪا حد ڪانهي ۽ اوهان اهڙا موتي آهيو جنهن جو راز محفوظ آهي. اوهان جو شان اندازي کان ٻاهر آهي. اوهان جي فضيلت دشمنن مٿان وڏي آهي. اوهان کان اميد آهي تہ منهنجي حق ۾ دعا گهرندؤ تہ الله مون کي رباني علماءَ ۾ داخل ڪري ۽ مون کي مقرب ابرارن ۾ شامل ڪري. الله اوهان کي روشن مقام ۽ خوبصورت فضيلتن تي باقي رکي. اوهان کي، اوهان جي اولاد ۽ تعلق وارن کي مڙني ديني، دنيوي، اڻ وٽندڙ ڳالهين کان قيامت تائين حفاظت ۾ رکي، نبي ﷺ جي حرمت جي صدقي. السلام اوهان کي، اوهان جي پٽن کي ۽ اوهان جي حضور ۾ حاضري رکندڙن کي.

(هي خط مولانا ميرن محمد ڪاتب سنڌي ٺٽوي، جو آهي، الله سندس بخشش فرمائي.)

پنهنجي رب جي محتاج ٻانهي محمد بن فاضل سنڌيءَ ڪان، ان جناب عاليٰ ڏانهن، جنهن کي الله وڏين خصلتن سان نوازيو آهي، جيڪو معنوي ۽ ظاهري فضيلتن جو سرچشمو آهي، علماء محققين جو اڳواڻ، ڪامل عارفن جو نمونو آهي. اسلام جو فخر، عالمن جي سونهن، عزت وارن جو شان، شيخ عبدالله سنڌي، الله تعاليٰ سندس حفاظت فرمائي ۽ مسلمانن جي حمايت تي سندس ظاهر ۽ مخفي فضيلتن جو فيض جاري ڪري. سيدنا محمد مخلوق مان سڀني ڪان وڌيڪ ڀلي جي صدقي. ان ۽ سندس آل تي افضل صلواتون ۽ ڪامل سوکڙيون ۽ اوهان تي به سلامتي ۽ الله جون رحمتون ۽ برڪتون هجن.

اما بعد قسمين قسمين سلامن ۽ پاڪ قدمن چمڻ ۽ مسلسل صالح دعائون گهرڻ، (جيڪي توهان لاءِ صرف ٿينديون رهنديون آهن ۽ قبول ڪرڻ الله جي هٿ آهي،) ڪان پوءِ عرض ته اوهان جي روشن ضمير کي متوجهه ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ اوهان هن حقير ٻانهي جي حال بابت پڇڻ جي مهرباني فرمائي آهي، ته اهو هيئن آهي: جيئن هي ٻانهو اوهان جي حضور شريف مان نڪتو آهي ته، اوهان جي منزل مبارڪ ۽ بندر منداره جي وچ تي شاهه مراد عليه الرحمة جي مزار واري جڳهه تي سخت بيمار ٿي پيو آهي، منداره ۾ ربيع الاول جي ڏهين تاريخ پهتو آهي، جڏهن ته موٺڻ کي ڇهه ڏينهن ٿيا آهن، ان ڪان پوءِ مون کي سخت بخار آيو آهي، الله جو حمد جو هاڻي ٺيڪ آهيان. الله ڪان سوال آهي ته اڳتي لاءِ صحت ۽ عافيت جو احسان فرمائي. اوهان جي حضور شريف ۾ وقت مطابق پهچڻ ۾ مون کي ڏاڍي تڪليف پهتي آهي، الله ڪان سواءِ ٻيو ڪو به اسان جو حال نه ٿو ڄاڻي. اوهان پنهنجي هن خادم جي وقت تي نه پهچڻ تي نظر ڪندؤ ته ان جو سبب ظاهر آهي ۽ چڱن ماڻهن وٽ عذر قبول ڪيو ويندو آهي. هاڻي مون پيچ ڏانهن سفر جو ارادو ڪيو آهي، جنهن مطابق اسان جي موٽڻ ڪان اڳ اتي

لهڻ جو اسان سان اوهان ذڪر ڪيو هو. شايد انشاء الله گڏجي وڃون ۽ گڏ موٽون، جيڪڏهن اوهان جو موٽڻ ممڪن نہ ٿيو تہ اسان اوهان ڏانهن عنقريب انشاءَ الله موٽنداسين. جيترو ممڪن ٿيو اسان مصحف شريف لکندا رهنداسين، پر هن ڪان اڳ بيماري جي ڪري اسان هڪ سٽ بہ نہ لکي آهي. هي خط بہ مون تمام جلدي ۽ تنگ وقت ۾ لکيو آهي هن ۾ جيڪڏهن ڪا گهٽ وڌائي هجي تہ اوهان جي فضل جي اميد رکان ٿو. اسان جا سلام اوهان وٽ موجود سڀني دوستن کي چوندا. خاص طور اوهان جي اولاد کي گهڻا سلام.

(هي خط سڳورو اسان جي سردار، سائينءَ مولانا شيخ نجم الدين مفتي ۽ شيخ عالم، عامل مولانا شيخ عبدالصمد جو آهي، الله ٻنهي جي بخشش فرمائي.)

الحمدلله رب العالمين و الصلواة والسلام عليٰ رسوله محمد سيد المرسلين وعليٰ آله واصحابه اجمعين. اسان، الله مددگار، اڪيلي جي رحمت جي اميدوارن وٽ يعني فقير نجم الدين ۽ عبدالصمد وٽ شيخ صالح، عالم، عارف ڪامل، وڏين قيمتي فضيلتن واري وڏي فاضل، سهڻن اخلاقن جي مالڪ، مڙني سٺين وصفن جي صاحب، شيخ عبدالله جو خط پهتو آهي. الله تعاليٰ کيس هميشہ سلامت رکي، کيس سندس شان مطابق حفاظت ۾ رکي. سندس خط اهڙي وقت پهتو آهي، جڏهن اسان جون دليون پنهنجي نيڪ دوستن جي احوالن لاءِ تڙپي رهيون هيون ۽ اسان جون اکيون اسان جي چونڊ دوستن جي خبرن لاءِ منتظر هيون. الحمدلله اسان ان مان خوشي فرحت ۽ خيريت جو مطالعو ڪيو جنهن تي اسان الله جو حمد ڪيو جيڪو خوشيءَ ۽ فرحت جو مالڪ آهي.

اسان اڳيئي هڪ خط اوهان جي خبر چار پڇڻ بابت، هڪ ماڻهو هٿان، جيڪو اوڏانهن اچڻ وارو هو، موڪلي چڪا آهيون، اسان الله جي ڪرم سان خير ۽ عافيت ۾ آهيون. اوهان لاءِ بہ ظاهر ۽ باطن جي خير ۽ ڀلائيءَ جي دعا گهري رهيا آهيون، اوهان کان بہ ان جي اميد رکون ٿا. الله تي ڀروسو آهي جيڪو قبول ڪرڻ وارو آهي، اهو ويجهو آهي. ٻڌي ٿو ۽ قبول ٿو ڪري. جيڪڏهن وقت بوقت پنهنجي خبر چار رکڻ ۾ ڍرائي نہ ڪندؤ تہ دوستن جون خبرن چارون انتظار گهٽائن ٿيون. چوندا آهن تہ خط اڌ ملاقات آهي، بلڪ ڪڏهن تہ عين ملاقات هوندو آهي، اسان جلدي ۾ هن تي ڪفايت ڪئي آهي، السلام اوهان تي ۽ جيڪي اوهان وٽ موجود آهن انهن تي لاڳيتا گهڻي کان گهڻا. وصلي الله عليٰ خير نبينا و شفيعنا محمد و آله واصحابه وسلم.

(هي خط سڳورو پڻ متين ٻنهي (مولانا شيخ نجم الدين مفتي ۽ شيخ عالم، عامل مولانا شيخ عبدالصمد) جو آهي، الله ٻنهي جي بخشش فرمائي)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سڀ تعريفون الله لاءِ آهن، جنهن پنهنجي دوستن کي قسمين قسمين مصيبتن ۽ امتحانن ۾ آزمايو آهي ۽ پنهنجي اوليائن کي سختين جي امتحانن ۾ مبتلا ڪيو آهي. صلواة ۽ سلام سيدنا و مولانا خيرالانام محمد تي، جنهن کي دشمنن جي ظلم ۽ مصيبتن سهڻ سبب ۽ صبر ڪرڻ تي الله ڀلو بدلو عطا ڪيو آهي ۽ سندس اولاد ۽ اصحابن تي پڻ، جيڪي صبر ۽ وفا وارا هئا.

هن کان پوءِ اسان سلام موڪليون ٿا، گهڻي شوق جو اظهار ڪريون ٿا، پاڪيزه سوکڙيون، خير ۽ عافيت جون دعائون ان صالح ۽ فاضل شخص ڏانهن، جيڪو فضائل ۽ عرفان جو گڏيل مالڪ، بزرگيءَ ۽ وڏائيءَ وارو، يقين ۽ فضيلتن جو صاحب آهي يعني شيخ عبدالله (الله تعاليٰ کيس هميشہ سلامت رکي، مضبوط حفاظت فرمائي).

اوهان جو خط مبارڪ ڊگهي مدت ۽ وڏي عرصي گذرڻ کان پوءِ پهتو، جيتوڻيڪ اسان جو گهڻن ڏينهن کان اوهان جي شهر جي ويجهو رهڻ ٿيو آهي ۽ اوهان اسان کان اسان جو حال نہ پڇيو آهي ۽ نہ اسان تائين ڪا سلام ۽ دعا پهچائي آهي ۽ اوهان جي موڪليل خط مان اوهان جي شهر جي پاڙيسرين طرفان سخت مصيبتن واقع ٿيڻ جو پتو پيو، جن اوهان ڀلارن جي ايذاء جي هميشہ ڪوشش ڪئي آهي. پر ڄاڻو تہ هر نيڪ ۽ چڱي سان گڏ فاجر ۽ شرارتي بہ هوندا آهن ۽ الله تعاليٰ عظيم بدلو عظيم مصيبتن سان جوڙي رکيو آهي، ان ئي باري ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

ولنبلونكم بشيءِ من الخوف والجوع ونقص من الاموال والانفس والثمرات و بشر الصابرين الذين اذا اصابتهم مصيبة قالوا انالله وانااليه راجعون.

(ضرور آزمائيندا سين اسان اوهان کي ڪجهه خوف، بک، مال ۽ افراد ۽ ميون جي قلت سان خوش خبري ڏي انهن کي، جن تي جڏهن ڪا مصيبت اچي ٿي تہ صبر ڪن ٿا ۽ چون ٿا: اسان الله جا آهيون ۽ اسان ڏانهس ئي موٽندا سين.)

تنهن ڪري صبر ڪريو الله ڏانهن متوجهہ ٿيو اوهان جو صبر الله جي سهاري هئڻ گهرجي، اسان الله کان دشمن جي شر کان اوهان جي حمايت جو سوال ٿا ڪريون، اوهان کان بہ اميد ٿا رکون تہ اسان لاءِ بہ اوهان پنهي جهانن جي ڀلائي ۽ ٻنهي جهانن جي ڪاميابي جي دعا گهرندؤ ۽ سڀ تعريفون الله رب العالمين لاءِ آهن ۽ صلواة سندس رسول نبي ﷺ تي جيڪو سڀني نبين ۾ پيارو آهي، سندس آل ۽ مڙني اصحابن تي. اوهان تي سلامتي ۽ جيڪي اوهان جا صحبتي آهن انهن تي، اوهان جي اولاد ۽ دوستن تي سلامتي.

❁

(هيءُ پيارو خط شريف مولانا مخدوم عبدالصمد جو آهي، الله سندس بخشش فرمائي)

الله فضل ۽ ڪرم واري لاءِ حمد. مخلوق مان پلي، سندس رسول تي ۽ سندس آل ۽ نيڪ اصحابن سڀورن تي صلواة ۽ سلام.

هن فقير حقير ضعيف گنهگار، الله اڪيلي جي رحمت جي محتاج، عبدالصمد جي طرفان، شيخ عالم، عامل فاضل، ڪامل، الله جي عارف، صالح دوست، روحاني ۽ جسماني فضيلتن جي عزت سان مشرف، معرفت، حقيقت ۽ گهري نظر جي صاحب، عرفان ۽ يقين جي سمنڊ جي ٽوبي، الله جي تائيد لڌل، شيخ عبدالله ڏانهن، الله ڪيس، سيد الثقلين صلي الله عليه وسلم جي صدقي پنهي جهانن جي مصيبتن کان سلامت رکي. اوهان تي سلام ۽ الله جي رحمت ۽ برڪتون.

اسان وٽ اوهان جو خط پهتو، جيڪو لطيف مرتبن ۽ ظرافت وارن قانونن تي مشتمل هو، عربي زبان ۾ ۽ ٻيو فارسيءَ ۾. ان جو حاصل مضمون اهو ته سڀ کان پهريائين اوهان پنهنجي صالح پٽ عبداللطيف، الله سندس عمر، عمل ۽ تقويٰ کي وڌائي، جي احوالن کان غير واقف آهيو ۽ جڏهن اوهان ان جي حقيقت حال کان واقف ٿيندؤ ته هو علم جي طلب ۾ دعاگوءَ وٽ ڪيئن جمي ويٺو آهي ۽ هو سٺن نتيجن ڏيڻ وارو آهي ته اوهان تمام گهڻو خوش ٿيندؤ ۽ اڻ ڳڻيو شڪر ادا ڪندو.

۽ هيءُ اوهان جو دعاگو اوهان جي ناراضگيءَ جي وڏي خوف ۾ ورتل هو، سو جڏهن اوهان جي راضي ۽ خوش ٿيڻ تي واقف ٿيو آهيان ته تمام گهڻو شڪر ادا ڪيو اٿم. جيڪڏهن اوهان پنهنجي مذڪور پٽ جو حال پڇڻ چاهيو ٿا ته اهو الحمدلله خير ۽ سلامتيءَ سان آهي، علم شوق ۽ سرگرمي سان حاصل ڪري رهيو آهي، ان ڳالهه کان مڪمل اطمينان رکو. اهو جيئن اوهان جو پٽ آهي، ائين اسان جو پٽ آهي. دل جو ٽڪرو ۽ اکين جو ٺار آهي، ان لاءِ خير ۽ سٺي توفيق جي دعا گهرو، قريب آهي ته اوهان لاءِ پهرئين حال کان بهتر پلاٽي جمع ڪري وٺي.

آءٌ غمن جي سمندن ۾ غرق آهيان، يائرن جي جدائيءَ جي ڪري، اهڙن زخمن ۾ مبتلا آهيان، جن جي نہ ملم پٽي ٿي ٿي سگهي، نہ پرجي ٿا سگهن، دوستن ۽ احبابن مان بہ غم پرايا آهن، اوهانءَ جي خدمت ۾ درخواست آهي تہ مون لاءِ ٻنهي جهانن جي ڀلائي جي دعا گهرو، سهڻي خاتمي ۽ دشمنن ۽ جنن جي، دين ۽ دنيا جي تباهين جي شر کان محفوظ رهڻ جي، ڏينهن رات فرض نماز کان پوءِ برڪت وارن وقتن ۾ هميشہ دعا گهرندا رهو. آءٌ بہ ان طرح اوهان لاءِ دعاگو آهيان، قبول ڪرڻ وارو پاڻ آهي. ان تي ئي ڀروسو آهي. اهو اسان لاءِ ڪافي آهي ۽ بهتر نگهبان آهي. قوت ۽ طاقت الله جي هٿ ۾ آهي. جيڪو بلند ۽ عظيم آهي. مون کي ۽ اوهان کي عظيم بادشاهہ جي رضا جو رزق عطا فرمائي، سيدنا ۽ مولانا نبي ڪريم عليه افضل الصلواة واڪمل التسليمات جي شفاعت جو رزق عطا فرمائي. آمين ثم آمين.

❁

(هيءُ خط شريف پڻ مولانا مخدوم عبدالصمد جو آهي، الله واحد احد مٿس رحمت فرمائي)

سڀ تعريفون الله رب العالمين جي لاءِ. صلواة ۽ سلام سندس رسول محمد ﷺ جي مٿان. جيڪو مسلمانن ۾ افضل آهي ۽ سندس آل ۽ مڙني اصحابن جي مٿان. اما بعد.

الله احد جي رحمت جو محتاج، ضعيف ٻانهو عبدالصمد عفي الله عنه پهرين ججها سلام تو چوي ۽ پاڪيزه سوکڙيون پيش تو ڪري. عالم فاضل پرهيزگار متقي فضيلتن، معرفت ۽ ڪمال جي صاحب، پرهيزگارن جي اڳواڻ، عالمن فاضلن جي مرڪز ۽ مغز، عارفن جي سرگرم دوستن مٿان شفيق، صفا جي دوست، عارف، شيخ عبدالله، سلمہ الله تعاليٰ جي آڏو.

ٻيو عرض اهو تہ اوهان جو مهر ڀريو خط، روشن ۽ عزت ڀريو، گهڻو اڳ پهتو. ان سان گڏ شيخ دهلوي جو شرح مشڪواة بہ پهتو. ان جي مطالعي مان اسان کي ڏاڍي خوشي ملي ۽ تمام گهڻي تازگي ملي. پر ان جو جواب لکڻ کان اسان کي، اسان تي آيل زماني جي مصيبتن روڪي رکيو. اوهان جي معاف ڪرڻ ۽ درگذر ڪرڻ تي پڻ پورو ڀروسو آهي. اسان کي معاف رکندا. بنهہ مواخذو نہ ڪندا. پڻ اوهان جو فارسي خط بہ پهتو. جنهن ۾ اوهان دشمنن جي سازشن بابت پڇيو آهي، الله قيامت جي ڏينهن کيس خوار ڪري ۽ اسان کي ان مان وحشت جي عيوض، محبت ۽ ڏکين مصيبتن جي وقت رحمت ۽ شفاعت حاصل ٿئي.

مقصد جي تشريح ۽ ڪلام جو تفصيل هيءُ آهي تہ اهو شخص جيڪو اسان کان وڏو عرصو علم حاصل ڪندو رهيو، اسان منجهائنس وفا جي اميد رکندا رهياسين، پر ان شڪر بجاءِ ناشاڪري ڪئي، بيوقوفن وانگر دوکو ڪيو. بيوقوف جاهلن جهڙو معاملو ڪيائين، جيڪي صراط مستقيم ۽ ادب کان ٿڙيل هوندا آهن. پنهنجي پيءُ وانگر دشمني اختيار ڪيائين. سندس پيءُ بہ اسان جي وڏڙن سان ائين سازشون ڪيون هيون، حالانڪہ اسان جي وڏڙن کان کيس چڱايون، پلئہ پيون هيون، انهن بہ ان مان

شڪر جي توقع رکي هئي، پر ان نا شاڪري ڪئي. ٻنهي (پيءُ پٽن) ساڳي ڪار ڪئي آهي، ڪيڏو نہ عربيءَ ۾ ڪنهن سٺو شعر چيو آهي:

فمن انباک ان اباک ذئب
اذاکان الطباع طباع سوء
فليس بنافع ادب الاديب

(اسان جي گهر ۾ پلئين ۽ اسان وٽ وڏو ٿئين! توکي ڪنهن ٻڌايو تہ تنهنجو پيءُ بگهڙ آهي. جڏهن طبيعت ۽ فطرت بڇڙي هجي تہ، ادب وارن جو ادب ڪو بہ فائدو نہ ٿو ڏئي.)

۽ فارسيءَ ۾ بيت آهي:

عاقبت گرگ زاده گرگ شود
گرچہ با آدمي بزرگ شود

(بگهڙ جو ٻچو نيٺ بگهڙ ئي ٿيندو. جيتوڻيڪ ماڻهن ۾ وڏو ٿئي.)

پڻ نظم آهي:

بي ادب را علم وفن آموختن
دادن تيغ بدست راه زن
تيغ دادن در کف جنگي مست
بہ کہ آيد علم ناکس را بدست

(بي ادب کي علم ۽ فن سيکارڻ، رهزن جي هٿ ۾ تلوار ڏيڻ برابر آهي. مست ويڙهاڪ جي هٿ ۾ تلوار ڏيڻ، بڇڙي کي علم ڏيڻ کان ڀلو آهي.)

ان تي ڏک ۽ پريشاني جو سبب ترمذيءَ جي روايت مان مستفاد ٿئي ٿو جيڪا ان جامع ترمذيءَ ۾ روايت ڪئي آهي، نبي ﷺ کان تہ:

"الله لعنت ڪري اسان مان بي سبب نکرڻ واري تي ۽ بي سبب داخل ٿيڻ واري تي."

هيءُ شخص ۽ سندس پيءُ ٻئي قسم مان آهن. نہ تہ انهن ٻنهي لاءِ دين کان ڦرڻ ۽ تڪبر ڪرڻ مناسب ڪونہ هو. اسان الله وٽان ملعونن جي

شر کان نبي ﷺ جي زبان ۾ پناهہ تا گهرون. اوهان کان سوال آهي تہ برڪت وارين گهڙين ۾ پنهنجي صالح دعائن ۾ اسان کي نہ وسارجو تہ، اسان جو خاتمو خير تي ٿئي ۽ الله اسان کي دين ۽ دنيا جي دشمنن جي شر کان بچائي. الله کين بدبختن وانگر خوار ۽ ذليل ڪري. خاص ڪري هن آخري زماني ۾ جنهن ۾ ماڻهو دين جي محبت، علم ۽ علماء کان ڀڄن تا ۽ دين ۽ حق جو ڪلمو چوندڙ علماء سان بغض تا رکن. بيوقوفن جو سهارو ورتو اٿن جيڪي حق ۽ يقين کان هٽيل آهن، ان ڪري علماء هن زماني ۾ اوپرا ۽ جاهل قوت ۽ جرئت وارا تي پيا آهن، پلارن جي خبر رکڻ ۽ خط لکڻ بہ اڌ ملاقات آهي ۽ دوستن جي دلين لاءِ اطمينان جو سبب آهي. اسان پڻ اوهان لاءِ ان طرح دعاگو آهيون، الله مددگار آهي. ان جي فضل سان ئي سگهہ ونجي ٿي ۽ ان جي ساراهہ سان ئي پڄاڻي ڪجي ٿي. سلام اوهان تي، اوهان جي جملي اولاد تي، خاص طور منهنجي ثمر، منهنجي دل ۽ منهنجي اکين جي ٺارن ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف (سندن رب کين سلامت رکي) ۽ اوهان جي مڙني شاگردن ۽ اوهان وٽ اسان جي سڃاڻڻ وارن تي ۽ سلام اوهان ۽ اسان تي اول آخر ۽ ظاهر باطن ۾.

۞

(هيءُ خط شريف پڻ مولانا، الله ڪارڻ پاءُ، اسان جي سائينءَ، اسان جي مخدوم، شيخ عبدالصمد جو آهي، الله واحد احد مٿس رحمت فرمائي.)

سڀ تعريفون الله لاءِ آهن، جنهن اسان تي گهڻو انعام ڪيو آهي، ۽ اسان ڏانهن، پنهنجي فضل سان مڙني انسانن لاءِ بشارت ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ الله ڏانهن، سندس اذن سان سڏيندڙ روشن سج موڪليو آهي. جنهن پنهنجي روشنيءَ سان گمراهن کي اونداهين مان ڪڍي دين، اسلام ۽ صراط مستقيم ڏانهن آندو آهي، صلواة ۽ سلام ان تي ۽ ان جي آل ۽ اصحابن تي، جيڪي هدايت جا ستارا آهن، جن مرتبن جو لحاظ رکندي، انهن جي محبت، ۽ ڪتاب ۽ سنت جي اتباع جي وسيلي کي پڪڙيو سي نجات وارا ٿي ويا، جن انهن جي محبت ۾ حدون اورانگهيون، افراط ۽ تفريط ۾ پئجي باطل مذهبن ڏانهن لاڙو ڪاڏو، سي گمراهه ٿي ويا.

اسان مسنون سلامن جو تحفو ۽ پاڪيزه سوکڙيون پوري سڪ ۽ محبت سان، شيخ عالم، صالح، متقي، وڏيون فضيلتن، سهڻين ساراهن، نيڪ خُلقن جي مالڪ، شيخ عبدالله جي خدمت ۾ پيش ڪريون ٿا. الله ڪيس ان ڪان بچائي، جيڪو الله ۽ سندس رسول ﷺ کي پسند نه هجي. الله ڪيس دائمي سلامتي نصيب فرمائي. الله ڪيس ڊگهي عمر نصيب فرمائي.

اسان وٽ اوهان جو سهڻو خط پهتو، جنهن کي اسان عرفان ۽ يقين جو صحيفو تصور ڪريون ٿا. اسان ان جي لفظن کي موتي ۽ مرجان وانگر ڏٺو آهي. دل ۽ زبان سان ان کي سنو پانيو آهي، اوهان لاءِ ڏينهن رات ايمان ۽ اسلام تي ثابت قدم رهڻ جي دعا گهرندا رهون ٿا. اوهان کان به اها ئي اميد ٿا رکون. بيشڪ مڙئي صالح جماعت، جيڪا اوهان وٽ آهي، تنهن مان اميد آهي ته مون کي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائين لاءِ پنهنجي اڪيلين ۽ گڏيل دعائن ۾ نه وساريندا. اوهان اهل صفا آهيو، اوهان جي دعا زمين آسمان جي خالق وٽ مقبول آهي ۽ مصيبتن کي ٽارڻ واري آهي. آءُ وڏو عرصو بيمار هيس، تمام گهڻو ضعيف ٿي پيو آهيان، جنهن ڪري منهنجا حواس گم

هئا. پنهنجي خطائن جي الله کان آءُ معافي تو طلب ڪريان، شل الله اسان کي ۽ اوهان کي مڙني آفتن کان سلامت رکي. اسان ۽ اوهان کي سڀ چڱايون نصيب ڪري. صلواتون ۽ سلام شفاعتن جي صاحب جي مٿان. سندس آل ۽ اصحابن جي مٿان. السلام عليڪم اولا ۽ آخرا.

(هيءُ خط شريف پڻ مولانا مخدوم عبدالصمد جو آهي، الله سندس بخشش فرمائي.)

ساراهہ الله تعاليٰ جي ۽ صلواة ۽ سلام مڪمل ۽ پورا نبي ﷺ جي مٿان، جيڪو پنهنجي خواهش وٽان نہ ڳالهائيندو آهي، اهو صرف وحي آهي، جيڪو کيس وڏي طاقت واري ۽ وڏي سمجهہ واري سيکاريو آهي جيڪو برابر ٿيو ۽ هو افق اعليٰ تي هو. ان کان پوءِ قريب ٿيو. پوءِ جهڪيو ۽ پوءِ ٻن ڪمانن جي برابر هو يا ان کان بہ ويجهو. پوءِ الله پنهنجي ٻانهي ڏانهن وحي ڪئي جيڪا ڪرڻي هئي. سندس مڙئي وصفون قرآن ۽ ٻين آسماني صحيفن ۾ بيان ڪيل آهن ۽ سندس آل ۽ اصحابن پاڪن جي مٿان.

آءُ هميشہ سيني ٻائرن، ڀينرن، مؤمنن ۽ مؤمنائين جي حق ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي گهرندو رهندو آهيان. خاص طور اوهان جهڙي اهل صفا ۽ اهل ولاء لاءِ وڌيڪ گهرندو آهيان. الله اسان ۽ اوهان کي دين ۽ دُنيا جي چڱ ڀلائي نصيب ڪري. اسان ۽ اوهان کي ڪمال درجي جي ڀلائي ۽ آخرت جي سعادت نصيب فرمائي آمين ثم آمين - شفاعت عظميٰ جي صاحب جي صدقي.

اوهان جو خط شريف عظيم پهتو، ان جي مطالعي مان اسان کي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي. الله اوهان کي ۽ اسان کي خير ۽ عافيت عطا ڪري ۽ اسان سان گڏ الله اوهان کي پنهنجي فضل سان مڙني برائين کان سلامت رکي. آءُ پڻ اوهان سان ملاقات جو شوق رکان ٿو. الله تعاليٰ اسان ۽ اوهان کي ضرور ملائيندو. آءُ رسمي تڪلفات کان پاسو ٿو ڪريان، گهڻو ڊگهو ڪلام ڪونہ ٿو جوڙيان. هن ٿوري تي ڪفايت ٿو ڪريان. سلام سنت سيد الانام اوهان تي ۽ جيڪي بہ اوهان وٽ موجود آهن. انهن سيني تي گهڻي کان گهڻا اول آخر ظاهر باطن ۾. الله سبحانه و تعاليٰ جي حمد ۽ پنهنجي نبي ﷺ جي مٿان صلواة سان پنهنجي خط جي پڄاڻي ٿا ڪريون.

اللهم صل وسلم عليٰ سيدنا و شفيعنا محمد و آله و اصحابه اجمعين.

(هي خط شريف شيخ عبدالجميل پٽ علامہ فهامہ مولانا و مخدومنا، الله ڪارڻ ڀاءُ ۽ اسان جي پنهنجي شيخ محمد صادق جو آهي، الله ڪيس ۽ سندس اسلاف جي بخشش فرمائي.)

سڀ تعريفون، تعريف لائق ذات لاءِ ۽ صلواة ۽ سلام سندس نبي محمد ﷺ ۽ سندس آل ۽ اصحاب ۽ سندس اوليائن جي مٿان. جيڪي سندس آدابن ۽ اخلاقن جو نمونو آهن. امابعد.

اسان جو قبلہ، الله مٿن رحمة ڪري، ڪيس جنت الفردوس ۾ داخل ڪري، پاڻ عزوجل جي ڏسڻ جو مشتاق ، پنهنجي محبوب حقيقي ۽ رفيق اعليٰ وٽ وڃي پهتو. پاڻ رحمة الله عليه اوهان سان ملاقات جو تمام گهڻو شوق رکندا هئا، ايستائين جو مرض جي غلبي وقت جڏهن پٽن، ڀائرن ۽ دوستن سيني کي چٺيون ڏنائين، ان حالت ۾ بہ اوهان ڏانهن اچڻ جو عزم رهيس، اوهان جي عظيم فضل ۽ مهر جي ڪري، ان ڪان پوءِ اوهان جي حضور ۾ پهتو ۽ اوهان وٽ فوت ٿيو ۽ اوهان جي اسلاف جي قبرستان ۾ دفن ٿيو. جڏهن پاڻ رحمت الله تعاليٰ قدس واري مقام کي پهتو تہ اسان يتيم ۽ مسڪين ٿي پيا آهيون. اوهان ۾ اميد آهي تہ برڪت وارين گهڙين ۾ سندس لاءِ اخروي سعادت ۽ الله عزوجل ۽ سندس رسول ﷺ جي قرب وارن درجن جي سعادت حاصل ڪرڻ جي دعا گهرندا، الله ڄاڻي ٿو جيڪا اسان جي سينن ۾ محبت ۽ اخلاص آهي.

اسان اوهان سان محبت ڪريون ٿا ۽ اوهان جا مشتاق آهيون، اسان سان محبت ڪريو جيئن الله صالح مؤمنن سان محبت ڪندو آهي، اسان کي پنهنجي مقرب خادمن ۾ شمار ڪريو ۽ اسان کي دين ۽ دنيا جي برڪت لاءِ دعائن ۾ نہ وسارجو، قريب آهي تہ الله اسان کي توفيق ڏئي، جنهن ۾ پاڻ راضي هجي، ۽ اسان کي صالحن مان بنائي. معلوم آهي تہ پاڻ رحمة الله عليه جي وفات کان پوءِ اسان اصطلاحي طور نہ سهي پر حقيقت ۾ يتيم آهيون. ڪيترو نہ سنو چيو آهي ڪنهن عالم:

يتيم اهو ناهي جنهن جا والدين مري وڃن

علم ۽ ادب کان خالي ماٺهو يتيم آهي.

۽ ان سان گڏ يتيمن جي مدد، دين جو ڪم ۽ صالحن جو طريقو آهي. اوهان تي سلامتي هجي. اسان جي طرفان پنهنجي پٽن عبدالسلام ۽ عبداللطيف کي سلام چوندا. اوهان کان دين، دنيا ۽ آخرت جي عافيت لاءِ دعا جا طلبگار آهيون. السلام عليڪم

(هي خط شريف ڪريم اسان جي مولانا شيخ گل محمد پٽ شيخ عبدالله ٺٽوي، مولانا مخدوم شيخ محمد صادق رحمة الله عليه جي پاڙيچي جو آهي.)

سڀ تعريفون الله رب العالمين جي لاءِ آهن ۽ الله رحمت موڪلي اسان جي سائين آقا محمد ﷺ ۽ سندس آل ۽ مڙني اصحابن تي.

مخدوم معظم مڪرم، علم، فضل ۽ سخا جي خزاني، عطا جي سرچشمي، عالمن جي فخر، متقين جي امام، اوليائن جي سرگروهه، صورت وڻندڙ معنائن جي خزاني، معنوي ڪمالن جي صاحب، اسان جي سائين ۽ آقا شيخ روشن ۽ عظيم شيخ عبدالله بن مخدوم مرحوم مغفور شيخ محمد، الله اوهان کي دنيا ۽ آخرت ۾ سڀني مصيبتن ۽ آفتن کان سلامت رکي. اوهان ۽ اوهان جي اولاد کي ان جي توفيق ڏئي جنهن کان پاڻ راضي هجي. سيدنا محمد ﷺ ۽ سندس آل ۽ انهن آيتن جي صدقي جيڪي مٿس نازل ڪيون آهن. آمين. السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاتہ.

اوهان جيڪڏهن الله ڏانهن محتاج گل محمد بن عبدالله جو حال معلوم ڪرڻ گهرو ٿا تہ الحمدلله اهو خير ۽ عافيت سان آهي. سندس ارادو هو تہ اوهان جي خدمت ۾ اچي ۽ ڪجهہ اوهان کان فيض پرائي ۽ ٻنهي مرحوم مغفور شيخن جي زيارت جو شرف حاصل ڪري. الله سندن فيض اثر جو پيالو پياري، جنت انهن جو ٺڪاڻو بنائي. اسان کي انهن ۽ اوهان جي فيوضات مان نفعو ڏئي. الله اسان، اوهان ۽ انهن کي معاف فرمائي.

پر الله جي تقدير هر شيءِ تي غالب آهي، تقدير تہ تدبير کان مٿي هوندي آهي، آس پاس وارا وڏي بحري سواريءَ جي انتظار ۾ آهن. ڪالهہ ٻڌو اٿن تہ انشاءَ الله جلد اچڻ واري آهي. آءُ انهيءَ ڪوشش ۾ مصروف آهيان، اچڻ کان پوءِ سوار ٿيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ڪم ڪونهي. ان ڪري هن وڏي بحري سواريءَ ۾ سير تي نڪري پوندا. چاڪاڻ تہ هن سمنڊ ۾

ان ڪري فقير اوهان جي خدمت ۾ اچڻ جو ارادو مؤخر ڪري ڇڏيو آهي. آءُ جلد پنهنجن دوستن سان گڏ انشاءَ الله تياري ڪندس.

اوهان کي گذارش آهي تہ مذڪور مرحوم شيخن جي قبرن وٽ مستجاب وقتن ۾ خير جي دعائن ۾ اسان کي نہ وساريندا ۽ تہ الله اسان کي عافيت ۽ سلامتي ۽ خير جي مڙني مقصدن ۾، پنهنجي احسان، لطف ۽ ڪرم سان ڪامياب ٿيڻ جو رزق عطا فرمائي. پوءِ ڪنهن ايندڙ وقت ۾ انشاءَ الله هن شهر جي ڪنهن سواريءَ ۾ اوهان جي خدمت ۾ ملاقات ۽ مذڪور مرحوم مغفور شيوخ جي قبرن جي زيارت لاءِ سوار ٿي پئبو.

السلام عليڪم اول، آخر، ظاهر ۽ باطن ۾، فقير جي طرفان سلام، علم جي چٽنگ وٺندڙ پنهي وقار وارن، اوهان جي پٽن عبدالسلام ۽ عبداللطيف، بلڪ سيني لاءِ.

(عالم، فاضل، ڪامل مولانا شيخ الحاج عبدالڪريم نوشهرائيءَ جو خط)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الله سبحانہ و تعاليٰ جي محتاج عبدالڪريم پٽ عبدالملڪ طرفان فضل ۽ ڪرم جي سرچشمي، وڏندر خصلتن جي صاحب، صوري ۽ معنوي ڪمالن جي جامع مولانا شيخ عبدالله ڏانهن، الله کيس سلامت رکي ۽ مون کي ان جي توفيق ڏئي جنهن کان پاڻ راضي هجي. السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ.

اما بعد: جيڪڏهن اوهان اسان جي باري ۾ معلوم ڪرڻ گهرو ٿا تہ اسان الحمدلله خير عافيت ۽ مڪمل نعمتن سان آهيون، اوهان کي بہ الله ائين ڪندو. اوهان جو خط مڪي شريف کان، الله کيس تعظيم ۽ عزت ۾ وڌائي، پهتو. جنهن اوهان جي صحت، عافيت ۽ اوهان جي پنهنجي معاملن ۾ استقامت جي خبر ڏني. الله اوهان کي سٺي جزا عطا فرمائي. شوق اندازي کان مٿي آهي ۽ هر ڪم جو وقت مقرر آهي، ڪجهہ ڏينهن شيخ مخدوم معظم مولانا صادق جي صحبت، ان کان رڪاوٽ جو سبب بني. الله کيس سلامت رکي ۽ بقا عطا فرمائي. اوهان کان، چڱي پڇاڙيءَ جي دعا ۽ صالح عملن جي دعا جا اميد وار آهيون، جيئن اهو معمول آهي. منهنجي طرفان اوهان پنهنجي پٽ مڪرم معظم عبدالسلام ۽ سندس ڀاءُ کي سلام چوندا ۽ اوهان کي شيخ حافظ يعقوب سلام ٿو چوي. ۽ بندر مخا، حرمين شريفين (الله انهن کي شرف ۽ عزت ۾ وڌائي)، کان موٽي آيو آهي. والسلام.

❁

(عالم عامل، الله کي پهتل مولانا شيخ عبدالڪريم نوشهرائيءَ جو خط)

الله سبحانہ و تعاليٰ جي محتاج عبدالڪريم بن عبدالملڪ جي طرفان، پنهنجي عزت ۽ ڪرم واري ڀاءُ، سٺن اخلاقن ۽ بهتر مزاج جي مالڪ، وڏي عزت ۽ ڪرم واري اسان جي دوست ۽ مولانا شيخ عبدالله ڏانهن. الله ڪيس ۽ مون کي ان جي توفيق ڏئي، جنهن تي پاڻ راضي ٿئي. السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ. اما بعد.

اوهان جي مهربان طبع ڪان، چڱي ڀچاڙيءَ ۽ صالح عملن لاءِ دعا جو اميدوار آهيان، جيئن اهو اوهان جو ڳڻ آهي، هيڏانهن فقير الحمدلله خير عافيت سان آهي، الله جون نعمتون ڪامل حاصل آهن. الله اوهان کي بہ ان طرح بنائيندو. الله ڪان صبح شام اوهان سان ملاقات جو سوالي آهيان. منهنجي طرفان پنهنجي پنهي معظم ۽ مڪرم فرزندن: عبدالسلام ۽ عبداللطيف کي سلام چوندا. الله ڪين اعمال صالحہ جي توفيق عطا فرمائي. اوهان وٽ حاضر مڙني شاگردن کي بہ سلام. خاص طور الحاج ابراهيم پنجابيءَ کي ۽ مڙني اسان بابت پڇندڙ دوستن کي سلام. نسخو اڌ کي ويجهو پهتو آهي، انشاءَ الله تعاليٰ ان جي پوري ٿيڻ ڪان پوءِ اوهان سان ملنداسين. الله جو حمد اڳ ۽ پوءِ ۽ الله جون رحمتون اسان جي سردار محمد ﷺ ۽ سندس آل ۽ اصحابن جي مٿان ۽ سلام.

(هي خط بہ شيخ عالم، شفيق دوست مولانا عبدالڪريم، (الله سندس بخشش فرمائي) جو آهي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ. الله سبحانہ جي ٻن محتاجن عبدالڪريم ۽ حافظ يعقوب جي طرفان السلام، دوست مهربان، سٺي اخلاق واري، سهڻن گڻن جي مالڪ، پرهيزگار مولانا شيخ عبدالله جي طرف. الله ڪيس نبي ﷺ جي صدقي حفاظت ۽ حمايت هيٺ رکي.

هي خط ڪٺي اچڻ وارو اسان وٽ، ڳوٺ صابرائي ۾، نبي ﷺ جي حليي مبارڪ جي باري ۾ هڪ نسخو ڪٺي پهتو آهي. اسان کي پنهنجي صالح دعائن ۾ نہ وسارجو. اسان اوهان لاءِ الله کان دعا ٿا گهرون تہ اوهان کي دنيا ۽ آخرت جي مڙني آفتن کان حفاظت ۾ رکي. اوهان کي اسان جا سڀ ساٿي سلام ٿا چون، باقي ان جي قول : "باشداقہ" جي باري ۾ اوهان جي سوال (جو جواب هي آهي) تہ اهو "شدق" جو جمع آهي ۽ ان جي معني آهي، ڏيگهہ ۾ وات جو ڪنارو (واڇ) ۽ سندس هن قول جي باري ۾ تہ "فضل لاتزر ولا هذر" جي معني آهي نبي ﷺ جي ڪلام ۾ ڪا اجائي ڳالهہ ڪونهي ۽ سندس قول "منوط" بابت هي تہ، اهو مفعول جو صيغو آهي. ناط ينوط باب نصر ينصر مان آهي. مڙني حاضرين مجلس کي سلام. هي مون جلديءَ ۾ لکيو آهي. والسلام.

(شفقت پرئي پياري الحاج شيخ يعقوب طالب علم (الله سندس مغفرت فرمائي) جو خط)

الله سبحانہ و تعالىٰ جي محتاج فقير يعقوب طرفان، ياءُ پياري، مهربان، شفيق، سٺن اخلاقن ۽ سٺي مزاج واري، الله ۽ سندس رسول خاطر دوست عزت وارن علمائن ۽ راسخ فاضلن جي اڳواڻ ، الله ۽ سندس رسول ﷺ جي سچاڻ رکڻ واري، شيخ عبدالله ڏانهن. الله کيس سلامت رکي ۽ سندس حفاظت فرمائي. سندس حبيب ﷺ جي صدقي. السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہٗ . اما بعد.

فقير حرمين شريفين زادهما الله شرفا و تعظيما، ۾ اوهان لاءِ دعائون گهريون، خاص ڪري ڪعبة الله شريف وٽ ۽ خير الخلائق سيد الڪونين ﷺ ۽ سندس ٻن ساٿين ابوبڪر ۽ عمر رضي الله تعالىٰ عنهما وٽ ۽ صالح شهيدن وٽ، جيڪي الله جي رستي ۾ شهيد ٿيا. الله تعالىٰ ڪانئن راضي ۽ اهي ڪانئس راضي آهن.

اسان، ڏهين ربيع الاول تي پهتاسين، هن ضعيف بابت پڇڻ ٿا چاهيو تہ هي خير عافيت ۽ ڪامل نعمتن سان آهي. الله اوهان کي بہ ان طرح، بلڪ ان کان بهتر بنائيندو. فقير اوهان ۽ اوهان جي اولاد لاءِ پرپٺ دعاگو آهي. جيئن الله ۽ سندس رسول ظاهر ڪيو آهي تہ پرپٺ دعا مستجاب هوندي آهي، جيئن صحيح حديث ۾ آيل آهي. اوهان بہ اسان کي صالح دعائن ۾ سٺي خاتمي بابت نہ وساريندا، جيئن اهو اوهان جو شيوو آهي. اسان مولانا شيخ عبدالڪريم نوشهرائي وغيره ياڙن جي حقيقت حال جي پڇا ڪئي. الله جو حمد ۽ شڪر اڻکٽ نعمت جي مٿان، جيڪا اوهان تي ڪئي اٿس.

شيخ اجل، اعظم مخدوم مڪرم مولانا شيخ محمد صادق، شيخ چلپيءَ سان وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ مسقط ڏانهن سواريءَ ۾ چڙهيو. چورن مشرڪن اها ٻيڙي قبضي ۾ ڪئي، جنهن ۾ شيخ مخدوم محمد صادق ۽ ٻيا فقراءَ ۽ شاهوڪار سوار هئا. سيني کي وڃي پنهنجي جڳهہ تي لاٿائون.

هڪ شخص اسان جي شهر آيو، جنهن وٽان اسان شيخ مذڪور جي حقيقت ٻڌي. مخدوم شيخ نعمت الله پڻ ان طرح ٻڌو آهي. جيستائين وچي اسان کي حقيقت حال جي خبر پوي. اوهان اسان کي خاص طور هن حال ۾ پنهنجي دعائن ۾ نہ وسارجو. هن وقت شيخ عبدالڪريم اوهان کي ۽ اوهان جي ٻنهي پٽن کي سلام ٿو چوي.

(هي خط بہ حافظ يعقوب، الله سندس مغفرت فرمائي جو آهي)

سڀ تعريف ان الله جي جنهن قلم سان علم سيکاريو. انسان کي اهو علم ڏنائين جيڪو ان نٿي ڄاتو. صلواة ۽ سلام اسان جي سردار محمد سيد العرب و العجم ﷺ تي ۽ سندس اولاد بزرگيءَ ۽ عزت واري تي ۽ اصحابن تي جيڪي اونده ۾ چراغ آهن. ان کان پوءِ سلام، هٿ پير چمڻ کان بعد وڏيڪ عزت سان، شان واري ذات سٺن اخلاقن ۽ سٺن گڻن واري هستي مولانا شيخ عبدالله کي. الله کيس سلامت رکي. سندس حفاظت ڪري ۽ بچاءَ ۾ رکي. هميشہ پنهنجي مهربانين جي نوازش ڪندو رهي. ان ذات جي مهابي، جنهن جي ٻن ڏندن جي وچان نڪرندڙ نور ڪون ۽ مڪان کي روشن ڪري ڇڏيو.

اوهان جي حضور مان پڇڻ جون ڳالهيون گهڻيون آهن. اوهان سان ملاقات جو شوق بہ وڏو آهي، جيڪو بيان نٿو ڪري سگهجي. شل الله تعاليٰ اوهان سان ملاقات نصيب ڪري. البتہ جيڪڏهن اوهان فضل فرمائي حال پڇڻ ته گهرو تہ اسان الحمدلله خير عافيت ۽ پوري نعمت سان (نوازيل) آهيون. الله اوهان کي بہ ساڳيءَ طرح، بلڪہ ان کان بہ بهتر بنائيندو. اوهان جي مهربانين ۽ شفقت مان اميد رکون ٿا تہ اسان کي پنهنجي صالح دعائن ۾ نہ وساريندا. الله مون کي ۽ اوهان کي سيدنا محمد ﷺ جي سنت تي هلڻ جي توفيق ڏئي آمين. اسان جو وسيلو اسان جو استاد، اسان جو مولانا، ڪرم الله اوهان کي تمام گهڻا سلام ٿو چوي. اسان جا سلام شيخ مهربان شفيق مير محمد ۽ ٻين دوستن کي چئجو. جيڪي اسان جي باري ۾ پڇن. الحمدلله اولاو آخرا و ظاهرا و باطنا. والسلام.

(هي خط بندر مسقط جي ڪنهن مهربان دوست جُو آهي، الله سندس بخشش فرمائي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الله جي نالي سان شروعات ۽ صلواة ۽ سلام سندس رسول ﷺ ۽ سندس آل ۽ اصحابن تي، ان ڪان پوءِ وڏيڪ سوکڙين ۽ تحفن سان سلام پيش ڪجن ٿا، جناب محققن جي اڳواڻ، گهري نظر رکڻ وارن مان عمدي، علماء ڪرام جي رئيس، عظيم صالحن جي تاج ڪي. منهنجو ان مان مطلب آهي شيخ جليل القدر عبدالله پٽ شيخ محمد (الله تعاليٰ ڪيس سلامت رکي ۽ بقا عطا فرمائي). آمين يا رب العالمين.

اما بعد. اسان جا سائين ! جيڪڏهن اوهان جي روشن ضمير ۾ هيءَ ڳالهه آئي آهي، اوهان اسان ڪان فقير جو حال پڇڻ ٿا چاهيو ته الله جي وڏن احسانن سان خير ۽ عافيت سان آهي. اهڙيءَ طرح، بلڪ ان ڪان بهتر الله اوهان ڪي به عطا ڪندو. الله هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو ۽ قبول ڪرڻ وارو آهي. اوهان تي مخفي نه رهي ته اسان اوهان ڏانهن راهداري موڪلي ڏني آهي. شايد جلد اوهان وٽ پهچي حالانڪ اوهان ان جي پهچڻ جو ذڪر نه ڪيو آهي ۽ نه جواب ڏنو آهي، اسان انشاء الله هن موسم ۾ اوهان جي خدمت ۾ پهچنداسين. جيڪڏهن اوهان ڪي ڪنهن شيءِ جي ضرورت يا ڪو ڪم هجي ته اسان ڏانهن لکي موڪليو. انشاء الله پورو ڪنداسين. فقير هن شهر ۾ پنهنجي پاءُ جي ڪري آيو آهي. ان ڳوٺ صحم ۾ شادي ڪئي آهي، منهنجي ڳالهه نٿو مڃي. وطن موٽڻ جو سندس ارادو ڪونهي. اوهان ڪيس نصيحت جي طريقي تي لکو. شايد اوهان جي ڳالهه ۽ نصيحت مڃي وٺي. اسان جي طرفان پنهنجي پٽن ۽ جملي دوستن ڪي سلام چئجو والسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته.

(هي خط شريف، وڏي شرف وارو، وڏي عزت وارو ورق اسان جي مولانا، فاضل، ڪامل، عامل سيد عبدالغني پٽ سيد موسيٰ هاشمي جو آهي. الله ڪيس وڏي حياتي ڏئي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سڀ تعريفون الله لاءِ آهن. صلواة ۽ سلام ان هستيءَ تي، جنهن ڪي پنهنجي ٻانهن مان چونڊيائين. رب بي پرواهه. جنهن جو شان مٿاهون آهي، ڏانهن محتاج عبدالغني بن موسيٰ هاشمي، (الله ڪيس نعمتون نصيب ڪري ۽ سندس نيڪين کي ٻيڻو ڪري، سندس گناهن کي درگذر ڪري) جي طرفان، عالم، فاضل، دوست مخدوم معظم مڪرم، علم ۽ علماء جي تعظيم ڪرڻ، مسلمانن کي نبي ڪريم ﷺ جي پيرويءَ تي اڀارڻ واري، سنت جي پيروڪار عالم ڏانهن، منهنجي مراد ان مان آهي؛ مخدوم عبدالله. الله ڪيس ۽ سندس مڙني دوستن کي سلامت رکي. الله ڪيس دين جو مددگار بنائي ۽ بدعتين جي رد ڪرڻ وارو بنائي.

هي دعاگو خيريت ۽ سلامتيءَ سان آهي، الله جي اڻ ڳڻين نعمتن سان مالامال آهي. آءُ صرف الله کان اوهان جي عافيت ۽ اوهان جي فرحت جي خبر جو طلبگار آهيان. اسان شهر ٺٽي ۾ ربيع الآخر مهيني ۾ پهتاسين، جتي آءُ بيمار ٿي پيس ۽ سفر جو عزم ڪيم. اسان قافلي سان گڏ بندر لکپت ڏانهن سفر ڪري رهيا آهيون، جيڪو رئيس جي نالي سان مشهور آهي، اسان کي پنهنجي صالح دعائن ۾ قبوليت وارن وقتن تي نه وسارجو. اوهان وٽ جيڪي به آهن، اوهان جا پٽ، دوست ۽ شاگرد، سڀني کي اسان جا سلام چئجو جيتوڻيڪ آءُ انهن جا نالا نه به سڃاڻان، والسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته.

ڪتاب جي مؤلف مخدوم عبدالله جو خط

(هي خط ڪتاب جي مؤلف ضعيف ٻانهي جو آهي. الله تعاليٰ سندس اصلاح حال فرمائي. ٻن عالمن عاملن، ڪاملن، عارفن مولانا شيخ عبدالرحمان ۽ علامہ فهامہ شيخ عبداللطيف ڏانهن. الله ٻنهي کي سلامت رکي. سندن پيءُ مخدوم معظم، مڪرم، وڏي استاد، مجتهدن جي سلسلي جي ڪڙي، علماء محدثن محققن جي اڳواڻ، مولانا مخدومنا شيخ محمد هاشم، الله سندس مغفرت فرمائي ۽ کيس راحت نصيب ڪري، جي وفات جي موقعي تي لکيو ويو).

سڀ تعريف الله لاءِ، آسمان ۽ زمين جي بادشاهي جنهن جي هٿ ۾ آهي، جيڪو جياري ۽ ماري ٿو ۽ اهو هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهي، ان کان ذري برابر بہ ڪا شيءِ آسمان، زمين ۾ لڪل ناهي ۽ اهو مهربان ۽ خبر رکڻ وارو آهي.

صلواة ۽ سلام ان تي، جنهن جو نالو آهي: محمد ﷺ، روشن چراغ، سندس رسول، خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو ۽ سندس آل ۽ اصحاب ۽ سندس پيروڪارن ننڍن ۽ وڏن تي. امابعد.

فقير، حقير، ضعيف، ڏٻري، الله اڪيلي بي نياز جي رحمت جي اميدوار، عبدالله بن محمد جي طرفان سهڻا سلام، جن جو جوهر محبت جي لڙهيءَ مان پوئيو ويو آهي. پاڪيزه سوکڙيون جيڪي عنبر ۽ عاج سان سينگاريون ويون آهن، شرف واريون دعائون جن لاءِ عظمت وارن بزرگن صالحن جا هٿ بلند ٿيا هجن، وڏيون تعظيمون ۽ عزتون لاڳيتيون عالمن، عاملن، فاضلن مان سيني کان وڏن، فاضلن، ڪاملن مان سيني کان وڌيڪ، ڪاملن، معقول ۽ منقول جي علمن جي جامعن، سيدالڪونين جيؐ شريعت کي مضبوط جهليندڙن، ٻنهي مخدومن، زماني جي يڪتا جناب شيخ عبدالرحمان ۽ وڏي شرف واري جناب شيخ عبداللطيف ڏانهن، الله ٻنهي کي هميشہ سلامت رکي، ٻنهي کي پاڪيزه حياتي نصيب ڪري. ٻنهي کي پنهنجي مرضيءَ وارن عملن جي توفيق نصيب ڪري، جيڪا قرآن شريف

جي آيتن مان تلاوت ڪندا رهن ٿا.

ان ڪان پوءِ عرض آهي تہ اسان حقيقت احوال ڪان ۽ ماضي ۽ حال جي ڪيفيت ڪان اوهان جي خط شريف جي بيان مان لکت ۾ واقف ٿياسين ۽ خط مبارڪ ڪٽي اچڻ واري جي زباني بہ هي واضح ٿيو تہ رئيس العلماء، تاج الفقهاء، فخر الفضلاء، جنهن کي جيڪڏهن ابوالعيناء ۽ ابن سينا ڏسن ها تہ سندس ساراهہ ۽ تعريف ڪن ها. سندس علم جي فضيلت تي فراء ۽ سيبويہ بہ حيران ٿين ها. سندس بلاغت آڏو ابو عمرو ۽ ٻيا قراء بہ ڦڪا ٿين ها، سو فاني دنيا مان بقا واري دنيا ڏانهن روانو ٿي چڪو آهي ۽ زمين ۽ آسمان جي خالق جي پاڙي ۾ وڃي رهڻ لڳو آهي.

ان ڀوائتي خبر ٻڌڻ سان اسان نڌڻڪا ٿي پيا آهيون، هزار حسرتن سان افسوس ٿا ڪريون، سوين افسوسن سان ڏکويل آهيون، اڪيلائيءَ ۾ پشيمان ۽ حيران آهيون. رات ۽ ڏينهن آهہ و زاري ۾ آهيون. ساڻس آخري ملاقات نہ ٿيڻ تي ۽ سندس جدائي تي ڏکويل آهيون.شعر جو ترجمو:

فيا عيني افيضي ڪالسجام
دموعا مثل امطار الغمام

اي اکيون نيرو هايو
ڳوڙها مينهن وانگر وسايو

پر جڏهن الله تعاليٰ جي هن قول:

اين ماتڪونوا يدرڪڪم الموت ولوڪنتم في بروج مشيدة
(جتي بہ هجو، موت اوهان کي پهچندو، جو نہ اوهان مضبوط قلعن ۾ هجو)

۽ اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جو قول تہ :

ڪل نفس ذائقه الموت
(هر نفس موت جو ذائقو ضرور چکندو.)

سامهون ٿا ڏسون تہ ان تي صبر ٿا ڪريون ۽ ڏاڙ گهوڙا ڪان رڪجون ٿا. جيئن ڪنهن چيو آهي:

الا ان حكم الله في الناس واقع
وليس لما يقضيہ ذوالعرش مانع

الله جو حڪم ماڻهن ۾ ضرور واقع ٿيڻو آهي. عرش وارو، جيڪو فيصلو ڪري ٿو، ان کي ڪير بہ روڪڻ وارو ناهي
ايستائين جو پنهنجي نبي ﷺ کي بہ چئي ڏنائين تہ

انک ميت و انهم ميتون
(بيشڪ تون بہ مرڻ وارو آهين ۽ هو بہ مرڻ وارا آهن.)

ان کان مٿي ٻيو ڪير آهي! جيڪو هن مصيبت کان بچي سگهي ۽ شعر:

اذا اتتک مصيبہ تحزن بها
فاذكر مصابک بالنبي محمدا

(جڏهن تو وٽ مصيبت اچي، جنهن تي تون غمگين ٿي رهيو آهين. تہ تون نبي ﷺ تي آيل مصيبتن کي ياد ڪر.)

يفعل الله مايشاء ويحكم مايريد
(الله جيڪي گهري ٿو سو ڪري ٿو، جنهن جو ارادو ٿو ڪري، ان جو حڪم فرمائي ٿو.)

هن ڏک جي دوا "انالله وانااليہ راجعون" کان سواءِ ٻي ڪا بہ ڪانهي. هن جدائيءَ ۾ صبر ۽ نماز کان سواءِ ٻي ڪا بہ ونڊر وروڻهن ڪانهي. جيئن ان تي آيت ڪريمہ دليل آهي:

واستعينوا بالصبر والصلواة
نماز ۽ صبر سان مدد گهرو.

ان ڪري اسان نماز پڙهي ۽ صبر ڪيو ۽ الله جي فيصلي تي راضي ٿياسين ۽ ڪلمو: "انالله وانا اليہ راجعون" چيوسين، ڪيترو نہ چڱو چيو آهي ڪعب پنهنجي قصيدي ۾:

كل ابن انثي و ان طالت سلامتہ
يوما علي آلہ حدباء محمول

(هر ماءُ جو پٽ، ڇو نہ ڊگهو عرصو سلامت رهي هڪ ڏينهن ڏولهيءَ تي سوار ٿيڻو اٿس)

الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ پنهنجي صبر ڪرڻ وارن ٻانهن سان اڻ ڪٿ اجر ۽ بي حساب بدلي جو واعدو ڪيو آهي، جيئن سندس فرمان آهي:

انمايوفى الصابرون اجرهم بغير حساب

(صبر ڪرڻ وارن کي انهن جو بي حساب اجر پورو جو پورو ڏنو ويندو.) شعر :

صبراً جميلاً فان الصبر محمود

ان الثواب لاهل الصبر موعود

(صبر ڪرڻ سٺو آهي ڇاڪان تہ صبر ساراهيو ويو آهي، صبر ڪرڻ وارن لاءِ ثواب جو واعدو ڪيل آهي.)

الله اوهان جي اجر کي عظيم ڪري، اوهان کي صبر جي توفيق ڏئي. اوهان ۽ اسان کي شڪر نصيب ڪري. بيشڪ اسان جا نفس، مال، اولاد ۽ دوست الله جو قيمتي تحفو ۽ اوڌار آهن. انهن مان ٻانهو هڪ مقرر وقت تائين نفعو حاصل ڪندو آهي، ۽ هڪ مقرر وقت تائين، ان تي ان جو قبضو هوندو آهي، الله جي ڪمن جا پيمانا مقرر آهن، ڪو بہ نفس الله جي اذن کان سواءِ نہ ٿو مري، ان جو وقت مقرر آهي، الله اوهان کي هن مصيبت ۾ اجر عطا ڪري ۽ اوهان جيڪو صبر ڪيو آهي، ان جو اوهان کي پورو بدلو عطا ڪري ۽ ثواب عطا ڪري، جيڪو بي حساب هجي، بيشڪ دنيا فنا، ڏک، اهنج، مصيبت ۽ زوال جو گهر آهي ۽ آزمائش ۾ لهڻ ۽ جدائي ۽ فراق جي جاءِ آهي، نہ ان کي هميشگي آهي، نہ ان کي بقا آهي. ان جو هر ڏينهن تنزل ڏانهن وڃڻ جو ڏينهن آهي، ترقيءَ جو نہ. باقي الله جي ذات آهي، جيڪو زنده ۽ قائم آهي، جنهن جي مثال ڪڏهن بہ نہ موت اچڻو آهي ۽ نہ فنا. جيڪڏهن دنيا ۾ ڪنهن لاءِ هميشہ رهڻ ممڪن هجي ها تہ حضرت نبي ﷺ ان جي مخلوق مان سيني کان وڌيڪ لائق هئا ۽ ان جا وڌيڪ حقدار هئا تہ دنيا ۾ هميشہ رهن، تہ جيئن اسلام جا ڪم ۽ معاملا سگهاري طرح قائم ڪري سگهن. جيئن ڪنهن جو شعر آهي:

وما احد يبقي من الناس سالما
فانما المنايا اصابت محمدا
فلوكان في الدنيا بناء لساكن
لكان رسول الله فيها مخلد

(ماڻهن مان ڪو بہ هڪ سلامت باقي نہ رهندو. بيشڪ مصيبتون محمد ﷺ کي بہ پهچي چڪيون آهن. جيڪڏهن دنيا ۾ رهڻ وارن لاءِ ڪو ٽڪاڻو هجي ها، تہ رسول الله ﷺ ان ۾ هميشہ رهن ها.)

ان باري ۾ ڪيڏو نہ چڱو چيو حضرت عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ عنها، جڏهن مڪي جي رستي ۾ حج تان مديني موٽڻ مهل سيدنا عثمان بن عفان رضي الله عنہ جي شهادت جو ٻڌائين. شعر:

لوكان في الدنيا كريم مخلد
خلدت لكن ليس فيہ بخالد

(جيڪڏهن دنيا ۾ عزت وارا هميشہ رهن ها تہ، هميشہ رهن ها، پر ان ۾ ڪو بہ هميشہ رهڻ وارو ڪونهي.)

بيشڪ الله تعاليٰ هر مصيبت کان مٿي آهي ۽ هر هلاڪت کان بچيل آهي. تنهن ڪري الله جي پناهہ وٺجي. الله تي ڀروسو رکو، پنهنجي وڏڙن جا حق ادا ڪريو، دعا سان، غم ۽ روئڻ سان نہ. پاڻ رحمة الله عليہ مخلوق جو مرشد هو، عام خاص جو رهنما هو. الله سندس روح کي راحت نصيب ڪري، سندس برڪتن ۽ حاصلات جو فيض اسان کي عطا ڪري، سندس قبر مبارڪ روشن ڪري. سندس آرام جي جاءِ کي ٿڌو ڪري، سندس مقبري کي پاڪ ڪري ... ... سندس برڪتن مان هڪ برڪت، سندس چڱاين مان هڪ چڱائي آهي.

مون اچڻ ۾ دير ڪئي آهي ۽ تعزيت ۾ سستي ٿي آهي، سا ڪن ضروري سببن ۽ رڪاوٽن جي ڪري ۽ زماني جي حادثن ۽ ڪن مخفي ڳالهين جي ڪري ڪئي آهي، جن جو ظاهر ڪرڻ ممڪن ڪونهي. انهن معاملن جي وچ ۾ مون سان، جيڪا ماجرا ٿي، سا رب پاڪ جي تقدير سان ٿي گذري. جهڙوڪ: منهنجي اهليہ سڳوري جو فوت ٿيڻ ۽ سرائن جي

لشڪر جو حملو ۽ پيش قدمي ڪرڻ ۽ ان فتنني ۽ مصيبت جي ڪري ماڻهن جو هڪ شهر کان ٻئي شهر پڄڻ ۽ ان کان سواءِ ٻيون مخفي ڳالهيون، الله اسان ۽ اوهان کي خيرالبريہ جي صدقي انهن کان حفاظت ۾ رکي، ظاهر ٿيون. سڀ معاملا تقدير ۽ مشيت ۾ طئہ ٿيل آهن. فضل عطا ڪندڙ ذات جو ارادو آهن. ڪو نفس نہ ٿو ڄاڻي تہ سڀاڻي ڇا ڪندو. ان ڪري هي خط لکيم، جيڪو دلي محبت سان ڀرپور آهي، اها جيتوڻيڪ عوام وٽ اڌ جسماني ملاقات آهي، پر صاف دل جي صاحبن ۽ پاڪيزه نظر رکندڙن وٽ اها مڪمل روحاني ملاقات آهي. اهو اوهان جو اخلاق ۽ ڪرم ۽ فضل ٿيندو، جو اوهان دير اچڻ تي مون کي ملامت ۽ مواخذو نہ ڪندؤ. ڇاڪاڻ تہ زماني جا حادثا نازل ٿي رهيا آهن ۽ عذر پيارن انسانن وٽ قبول ڪيو ويندو آهي. شعر:

مـجـدكـم خـارج عـن الاحصـاء
فضـلـكـم قـاهـر عـلـي الاعـداء

(اوهان جي سخا اندازي کان ٻاهر آهي،اوهان جو فضل دشمنن جي مٿان غالب آهي.)

الله ٻنهي جي، معنائن جي بيان جي افاديت جو سايو ڪشادو فرمائيندو. ٻنهي جي قرآن جي تفسير جي برڪت ڀرئي فيض کي ہہ ، هميشگي عطا ڪندو. الله ٻنهي کي حديث ۽ ڪلام جي اشاعت لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيندو. الله ٻنهي جي خلق جي لاءِ فتوي ۽ احڪامن جي اشاعت ۾ تائيد ۽ نصرت فرمائيندو. اول آخر ظاهر باطن السلام عليڪم. منهنجي طرفان ۽ منهنجي ٻن پٽن عبدالسلام ۽ عبداللطيف جي طرفان ۽ مڙني ديندار دوستن جي طرفان، اوهان پنهنجي اولاد شريف ۽ دوستن کي سلام چوندا. تمام گهڻي کان گهڻا سلام. وصلي الله علي سيدالخلق محمدو آلہ واصحابہ اجمعين.

فارسي خط

(هي خط شريف، عمدو ۽ پيارو مولانا مخدوم، عارف بالله شيخ محمد هاشم ٺٽوي جو آهي. الله ڪيس پنهنجي بخشش جي سائي هيٺ ڍڪي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ترقي، بلندي ۽ عزت وارا، جلال، شان ۽ مان وارا. محبت ۽ صداقت جا صاحب، دوستن ۽ خوش مزاجيءَ جا مالڪ، فقراء سان محبت ڪرڻ وارا راجا رائيءَ لکپت جيو (سندس سربلندي هميشه رهي).

عزت ۽ دولت جي مسند تي هميشه براجمان رهو. حاجتمندن جون ضرورتون پوريون ڪندا رهو. هزارين اڻ ڪٿ دعائن ڏيڻ جو جيڪو فقراء جو طريقو آهي. تنهن کان پوءِ روشن ضمير آڏو ڪولي پڌائجي ٿو ته جيئن فضيلتن جي مالڪ، ڪمالات ۽ بزرگي جي صاحب، معنوي ۽ صوري ڪمالن جي جامع، مخدوم عبدالله اخلاص ۽ محبت جي اعليٰ مرتبن واري جي خدمت مان بزرگن ڏانهن ظاهر ٿيو ۽ سفارش جي ٻن ڪلمن جي تڪليف به ڪيائون، جنهن ڪري لاچار اوهان ڏانهن قلم کنيو اٿم. مخدوم موصوف هميشه ڳوٺ نريه تعلقه ملڪ گرامي ۾ ابن ڏاڏن کان رهندڙ آهي. ڪن شرع شريف جي مخالفن، اڄڻ ڪان پوءِ، اڪثر ماڻهو جيڪي عوام ڪالانعام (جانورن وانگر) آهن، جن حق جي راهه ڇڏي گمراهن جي واٽ ورتي آهي، سي ڪيس تڪليف پهچائڻ جي پٺيان پيل آهن، ناڪرن جا ماڻهو جيڪي گهڻا اتي جا هندو هئا، البت بري پلي جي سڃاڻ رکندا هئا ۽ تلوار تي به نظر رکندا هئا، هاڻي انهن جا ڪي ڇوڪرا وچي بچيا آهن، جيڪي پنهنجي وڏن جي ڳالهين جو به لحاظ نٿا رکن. ان ڪري مخدوم موصوف کي بي چيني ۽ دلي طور تمام گهڻي پريشاني آهي. اوهان وٽ هن بزرگ ۽ حق شناس شخص جهڙو بيو ڪو به شخص نه ٿيندو. جيڪڏهن

موصوف ولايت گرامي لڏي وڃي ٻيءَ جڳهه تي ويهي، ته اها ڳالهه نامناسب آهي. هي سڀ ڳالهيون اهو ثابت ڪن ٿيون ته موصوف هر طرح دلاسي ۽ تسليءَ جو حقدار آهي ۽ ڪيس اهڙو دلاسو ۽ تسلي ڏيو جو اڳ کان وڌيڪ ان تي شڪر گذار ٿئي. هر ڳالهه جنهن ۾ موصوف اوهان ڏانهن رجوع ڪري، هر قسم جي مدد پاڻ تي لازم ۽ ضروري سمجهندا. جيڪڏهن وڌيڪ توجهه جي رعايت ٿي سگهي ۽ وڌيڪ منظور هجي، ته موصوف جي دلداريءَ لاءِ زرعي زمين جو ٽڪرو پوکڻ لاءِ سندس حوالي ڪرڻ جي مهرباني فرمائيندا، جنهن سان سندس قوت لايموت ٿي سگهي، ته هميشه لاءِ بادشاهي جي دوام جون دعائون گهرندو رهندو. اها ڳالهه وڏي اجر، عظيم ثواب ۽ شان، رتبي، ترقي ۽ هميشه جي بادشاهي جو باعث ٿيندي ۽ ٻنهي جهانن جي سرخ روئي ۽ نيڪ نامي جو سبب ٿيندي ۽ وڌيڪ اوهان جو دعاگو ٿيندو. دعا.

(هي خط پڻ مولانا مخدوم محمد هاشم عليه الرحمة جو آهي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

محبت ۽ سڪ وارا، سچائيءَ ۽ خلوص جا مالڪ، عقيدت ۽ اخلاص جا صاحب، خليفه شاهه مراد بخاري، ميان ناموري فقير صاحب جيو سلمه ربه

اميد ته صحت، عافيت ۽ سلامتي سان هوندؤ. اسلامي سنت سلامن کان پوءِ واضح هجي ته فضيلتن ۽ مرتبن جي صاحب، ڪمالن ۽ بزرگيءَ وارن، معنوي ۽ صوري ڪمالات جي جامع مخدوم عبدالله، اخلاص، گهڻي محبت ۽ بي شمار خير خواهي، جو رابطو جيڪو ان باري ۾ خالص الله ڪارڻ ڪيو اٿن، سو پهتو. موصوف هر هڪ ڳالهه تفصيل سان لکي آهي، جيڪي مشورا موصوف جي تسليءَ جا، خير خواهيءَ طور ڪيا اٿن، انهن کان به واقف ڪيو اٿن، جنهن ڪري دل ۽ جان کي بي حد خوشي ۽ فرحت حاصل ٿي آهي ۽ دعائن ۾ ياد ڪرڻ جي باعث ٿي. موصوف جو وجود مسعود انهيءَ سرزمين ۾، اوهان بلڪ مڙني مسلمانن جي حق ۾ تمام گهڻي نفعي وارو آهي.

تازو شرع شريف جي مخالف دشمنن جي مخالفت سبب دلي طور بيچين ۽ پريشان آهن. موصوف جي بي چيني ۽ پريشاني اسان جي پريشاني آهي ۽ اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته موصوف جي دلي تسليءَ لاءِ اوهان مخلصن جون ڪوششون ۽ سعيو تمام گهڻو رهيو آهي، تنهن ڪري جڳائي ته هر معاملي ۾، جنهن ۾ موصوف اوهان ڏانهن رجوع ڪري، ان ۾ سندس مدد ضروري ڄاڻندا. جيڪڏهن زرعي زمين جو ٽڪرو، موصوف جي گهرج مطابق، اتي جي حاڪم جي خدمت مان هٿ اچي، ته بهتر، نه ته جيڪو مناسب سمجهو، موصوف جي استحڪام لاءِ عمل ۾ آڻجو ته جيئن ڪفايت جي حد تائين ڪم پهچي. ائين نه ٿئي جو موصوف مالي عدم استحڪام جي ڪري پريشانيءَ کان اوهان جي هوندي، ملڪ گراميءَ مان لڏي وڃي بئي هنڌ رهائش اختيار ڪري، اها ڳالهه اوهان جي لائق ناهي، نه ئي ٿيڻ

گهرجي. ان باري ۾ پورو تاڪيد ۽ تمام گهڻي ڪوشش ۾ لڳا رهجو سستي ۽ غفلت بلڪل نہ ڪجو ڇاڪاڻ تہ اها ڳالهہ وڏي اجر، نيڪ نالي ۽ جناب رسالت مآب ﷺ جي حضور ۾ سرخ روئيءَ جو سبب ٿيندي ۽ هن دعاگوءَ جي پڻ وڏيڪ رضامندي ۽ دعاگو ٿيڻ جو موجب ٿيندي. والسلام عليڪم.

❁

(خط شريف حضرت مولوي مخدوم محمد هاشم رحمة الله عليه)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بخدمت فضيلت ۽ مانواري، ڪمالن ۽ جلالت واري، حقيقتن ۽ معرفتن جي واقف، اسان جي دوست ميان عبدالله جيو الله کيس سلامت رکي ۽ عافيت بخشي، زماني جي حادثن ۽ وقت جي مصيبتن کان محفوظ رهي ۽ سگهه سلامتيءَ سان رهي.

مسنون سلامن کان پوءِ روشن ضمير آڏو واضح هجي تہ خط مبارڪ پلاري وقت تي پهتو. بي حد فرحت بخشيائين، پاڻ فضيلت پرين جي حق ۾ ڏينهن رات، ٻنهي جهانن جي خيريت ۽ اصلاح، شريرن ۽ دشمنن جي شر کان بچاءُ جي دعائن کان بي خبر ناهيان ۽ انشاءَ الله اڳتي بہ ڪوتاهي نہ ٿيندي. اي الله! مدد ڪر، ان جي جيڪو محمدي دين جي مدد ڪري ۽ خوار خراب ڪر ان کي جيڪو محمدي دين جي خواري پٺيان هجي.

اميد تہ اوهان ڏانهن بہ هن فقير جي ياد گهر وارن سميت سٺي هوندي ۽ هڪ خط ٻي ڏر طرفان، جيڪو دين جي علم کان ناواقف آهي، لکيل پهتو، ان جي جواب ۾، ان جي ديانت دار نہ هئڻ سبب، ڪجهہ نہ لکي سگهيس، نہ لکڻ ئي گهرجي. انشاءَ الله تعاليٰ هر شخص جيڪو دين متين ۽ شرع شريف جو مخالف هوندو، جلد خوار خراب ٿيندو، مٿس ڏمر ڪرندو، الله اوهان جو سايو ڊگهو ڪندو. رب معبود جل شانہ جي عزت جي صدقي، السلام عليڪم ورحمة الله و برڪاتہ. برخوردار سعادت نشان ميان عبدالرحمان ۽ ميان عبداللطيف، سندن رب کين سلامت رکي، پاڪيزه دعائون موڪلن ٿا ۽ علي محمد ۽ حاجي ابراهيم دعائون سلام گهڻي کان گهڻا عرض ڪن ٿا. والسلام.

(خط مخدوم معظم، استاد مڪرم مولانا شيخ محمد هاشم غفرالله لہ جو آهي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بلنديءَ محبت وارا، مان ۽ محبت جا ملڪ، سچائي ۽ خلوص جي سچاڻ رکڻ وارا ميان يار محمد جيو (سندس رب ڪيس سلامت رکي) عزت جي مسند تي مضبوط ۽ بادشاهت تي براجمان هجو ۽ سلامت رهو.

فقيراڻين دعائن ۽ سلامن کان پوءِ اوهان جي ضمير آڏو روشن هجي تہ، فضيلت ۽ ڪمالات جي مالڪ، شان ۽ بزرگي جي صاحب، اڻ ڪٿ خوبين جي مالڪ، برخوردار نورچشم راحت جان ميان عبدالله جيو سلمہ ربہ جي خط مان معلوم ٿيو تہ چند ڪتاب جيڪي منهنجي برخودار نورچشم حرمين شريفين جي حاجي عبدالرحمان، حرمين شريفين کان موٽڻ وقت فضيلتن ۽ ڪمالن جي مالڪ حاجي حرمين شريفين ميان مخدوم محمد صادق کي ڏنا هئا، ذڪر ڪيل ڪتاب هن پاسي (مخدوم هاشم) جي ملڪيت آهن. ان باوجود تہ ميان عبدالله مذڪور انهن جي نقد قيمت اوهان کي ڏئي ٿو، اوهان مٿيان ڪتاب موصوف کي نہ ٿا ڏيو. اهو اوهان جي لائق ناهي، جڳائي اهو ٿو تہ راءِ صاحب کي ان ڳالهہ جو اطلاع ڏئي مذڪوره ڪتاب سهڻي نموني وٺي، مهر ۽ فضل فرمائي انهن ڏانهن موڪليندا. خبر ڏيڻ شرط ڄاڻندا. ٿورو لکيو گهڻو سمجهندا، خود غرض ماڻهن جون ڳالهيون منظور نہ ڪندا، تہ جيئن حق هٽان نہ وڃي. ان باري ۾ تمام گهڻو تاڪيد ڄاڻندا. والسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ.

۞

(خط مخدوم معظم، مڪرم شيخ محمد هاشم غفرالله تعاليٰ جو آهي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضيلتن ۽ فضل جا مالڪ، ڪمالن ۽ بزرگيءَ جا صاحب، حقيقتن ۽ معرفت کان آگاهہ، ميان عبدالله جيو سلمہ الله، حضرت احديت جل شانہ جي حمايت ۽ حفاظت هيٺ محفوظ ۽ سلامت رهو.

مسنون سلامن ۽ دعا کان پوءِ روشن ضمير آڏو واضح هجي تہ اوهان جو خط، جيڪو محبت پناهہ ميان اسماعيل ڪتابي جي هٿان موڪليو ويو، سني وقت ۾ پهتو، تمام گهڻي خوشي بخشيائين، البتہ چورن جي حقيقت هن طرح آهي تہ نومڙين جا ماڻهو تعلقي هارون پٽ بولهہ خان نومڙي، هڪ رات آڌي جي وقت آيا. فقير ۽ برخوردار ميان عبداللطيف جا دروزا ڀڃي مال، زيور جيڪو ڪجهہ ڪتابن کان سواءِ گهر ۾ هو، سو سڀ ڦري ويا. پنهنجو گهر ڇڏي اڪوڪ جي هنڌ تي تعلقي ميان غلام شاهہ ۾ وڃي رهيا آهيون. هاڻي بہ فضل حضرت ايزدي جل شانہ جا اميدوار آهيون تہ واقعي جو تدارڪ ڪري پنهنجي احسان ۽ ڪمال درجي جي مهرباني سان واپس ڪرائيندو. باقي ٻيو هر طرح سان خير آهي. اوهان سچن دوستن، ڪامل شفيقن جي خيريت ۽ سلامتي مطلوب آهي ۽ مبلغ بہ عدد ڪئنورا جيڪي عنايت ڪيا اٿو، سي پهتا آهن. تسلي رکو ۽ انشاءالله تعاليٰ جيڪو گهر مان هوندو ۽ ٿيو، اسان خيريت جي دعا ۾ اوهان، اوهان جي پيروڪارن ۽ گڏ رهندڙن کان غافل ناهيون ۽ نہ ٿينداسين ۽ مڪرم دوستن ۽ عظيم محبت ڪندڙن حاجي سمهبي ۽ مڙني شاگردن ۽ ڳوٺ گرامي جي رهاڪن ۽ فرزندن ارجمندن ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف کي منهنجي طرفان ۽ برخوردار سعادت نشان ميان عبدالرحمان ۽ عبداللطيف ۽ حاجي محمد ۽ حاجي ابراهيم برخوردار جي اولاد طرفان پاڪيزه دعائون ۽ سلام قبول پون. السلام عليڪم اولا آخرا باطنا و ظاهرا و رحمة الله و برڪاتہ. ۞

(خط شريف ۾ عظيم حضرت مخدوم محمد هاشم رحمة الله عليه جو آهي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

محبت وارا پيارا، صداقت ۽ خلوص وارا، صلاحيتن ۽ تقوي جا مالڪ، فضيلت جا صاحب، منهنجا دوست، ڪنهن شڪ کان بنا، الله کاڻ ياءَ، ميان عبدالله ! الله تعاليٰ کيس سلامت رکي.

مسنون سلامن کان پوءِ روشن ضمير آڏو واضح هجي ته تازگي بخشيندڙ خط پهتو، خوشي ۽ بي انت فرحت بخشيائين. اوهان جي لکڻ مطابق مسئلي جو جواب ، الڳ پني تي لکي هن محبت نامي ۾ ويڙهي، پنهنجي خاص مهر سان سينگاري موڪليو اٿم، اميد ته پهچندو. هي فقير پنهي جهانن جي ڀلائي، اصلاح ۽ دنياجي دشمنن جي شر کان دفاع لاءِ اوهان جو دعاگو آهي، پنهنجي دعائن ۾ اوهان ۽ اوهان جي متعلقين جي ياد کان غافل ڪونهي، نه ئي ڪڏهن ٿيندو. اوهان جي طرفان اوهان جي مڙني متعلقن سميت ان جي پڪي اميد اٿم، حق سبحانه و تعاليٰ اوهان دوستن سچن کي ظاهري ۽ باطني اطمينان نصيب ڪندو. دين ۽ دنيا جي دشمنن جي شر کان محفوظ رکندو اهوئي ٻڌڻ وارو ۽ جلد قبول ڪرڻ وارو آهي، مسئلو قلم حوالي ڪجي ٿو. ان جو سوال ٻئي پني تي لکي، ان جي هيٺان ان جي جواب جيتري جڳهه صاف ڇڏي موڪلي ڇڏيو ته جيئن ٻيهر سوال لکڻ جي ضرورت نه ٿئي، آئينو مصلو چاقو ۽ شال سوٽي ڳاڙهي رنگ جي، جيڪا اوهان موڪلي هئي، سا پهتي. تسلي رکو. السلام عليڪم اولا و آخرا وظاهرا و باطنا و رحمة الله تعاليٰ و برڪاته.

(مخدوم معظم، استاد مکرم مولانا
محمد هاشم عليه الرحمة جو خط)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اي الله! مدد ڪر، جنهن محمدي دين جي مدد ڪئي آهي ۽ خوار ڪر جنهن محمدي دين عليه الصلواة و السلام جي مخالفت ڪئي آهي.

بخدمت فضيلت ۽ شان وارا، ڪمال ۽ بزرگيءَ وارا، حقيقت ۽ معرفت جا ڄاڻو ميان عبدالله جيو! سندس رب کيس سلامت رکي، زماني جي مصيبتن ۽ ڏکن کان محفوظ رکي ۽ سلامت رهي.

پاڪيزه سلامن ۽ وسيع دعائن کان پوءِ روشن ضمير آڏو واضح ڪجي ٿو تہ هن طرف جا احوال حمد ۽ شڪر جا موجب آهن، اوهان سچن دوستن جي خيريت ۽ سلامتي الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ مطلوب ۽ مقصود آهي.

عرض هي آهي تہ مرحوم مغفور حافظ تاج محمد ڪتابي هن پاسي جو الله جل شانہ جي تقدير سان پيچ شهر ۾ ميان اسماعيل جي مسجد ۾ هن مهيني وفات ڪري ويو آهي، ڪتاب وغيره ۽ ٻيون شيون مذڪوره شخص وٽ موجود آهن، پيچ ۾ اسماعيل مذڪور وٽ لکيل شين ڪتابن وغيره لاءِ ڪو ماڻهو موڪلي، گهرائي، ڪنهن اعتماد واري جي هٿان جلدي موڪليندا، جو انتظار سخت آهي، هن باري ۾ ٿورو لکيو گهڻو سمجهندا. ڍرائي نہ ڪندا. اوهان جي حق ۾ خير ۽ دشمنن جي شر کان دفاع جي دعا ڏينهن رات دل ۾ آهي. اوهان جي فرزندن ۽ مڙني دوستن کي جيڪي منهنجي باري ۾ پڇن، تن کي سلام چئجو. والسلام.

(مخدوم معظم مڪرم مولانا محمد هاشم تغمد الله بغفرانہ جو خط مبارڪ)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضيلت ۽ شان وارا، ڪمالن ۽ بزرگيءَ وارا، حقيقت ۽ معرفت رکڻ وارا، ميان عبدالله جيو! الله تعاليٰ ڪيس سلامت رکي، امن امان جي جهولي ۾ محفوظ رهو، رباني عنايتن ۾ محفوظ هجو.

اهل اسلام جي مبارڪ سنت ۽ تحفن پهچائڻ کان پوءِ لکجي ٿو تہ: خلوص ڀريو خط پهتو. اوهان سچ وارن جي خيالن کان آگاهي ٿي. الله تعاليٰ اوهان فضل ۽ ڪمال جي صاحبن کي غيبي مهربانين ۽ يقيني خاص الخاص عنايتن سان مشرف فرمائيندو. آمين. ٻانهن جي رب جل وعلا جي مدد سان گهربل مسئلن جا جواب هيٺ لکي لفافي ۾ وڌا آهن، جلدي ۽ فرصت هٿ نہ اچڻ ۽ مزاج جي ضعف جي ڪري الڳ سوال نہ لکي سگهيو آهيان، بلڪ انهن ئي سوالن تي جيڪي خط ۾ الڳ لکيل هئا، انهن تي جواب لکيا آهن، ان ڪي ٻي معني ۾ نہ وٺجو ۽ ٻيا جواب، جيڪي مسائل منقولہ شرعيہ جي خلاف هٿ جا ٺاهيل چئي ٿو انهن ڪي جوابن ۾ نہ لکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ:

من اهان عالما جزاه الله تعاليٰ بما يستحقہ

(جنهن عالم جي بي عزتي ڪئي، الله ان کي ان جي جوڳي سزا ڏيندو.)

مثال مشهور آهي، الله اوهان کي محفوظ رکندو ۽ مخالف کي برباد ڪندو. آمين. مخالف جيڪو جواب ۾ چيو آهي تہ: لفظ "اولي الامر منڪم" آيل آهي، ان ۾ ڪافر حاڪم بہ شامل آهي، هي جواب مخالف کي چڱو لڳو آهي، نتيجو معلوم هجي تہ اهو شخص علم کان خالي آهي، ڇاڪاڻ تہ لفظ "اولي الامر منڪم" واقعي آيو آهي ۽ "منڪم" سان مؤمنن جي جماعت مخاطب آهي، جيئن ان تي آيت جو منڍ "يا ايها الذين آمنوا" شاهد آهي، بهرحال هي ان جو سچو جواب حد (شرع) کان ٻاهر آهي، برخوردار عبداللطيف ۽ احمد ۽ محمد طاهر سلام چون ٿا ۽ اوهان وٽ موجود سيني کي سلام ۽ الله جون رحمتون ۽ برڪتون اول، آخر، ظاهر ۽ باطن. ❁

(خط شريف حضرت بقية المجتهدين مخدوم محمد هاشم جو، الله سندس مغفرت فرمائي).

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضيلت ۽ شان وارا، ڪمالن ۽ بزرگيءَ جا مالڪ، بنا شڪ جي منهنجا دوست، ميان عبدالله ! (الله ڪيس سلامت رکي، حضرت الاهيءَ جي حفاظت هيٺ محفوظ ۽ عافيت سان هجي).

سلامن ۽ دعائن کان پوءِ روشن ضمير آڏو واضح هجي تہ خوشين ڀريو خط پهتو، ان جو مضمون واضح ٿيو. تازي فرحت ۽ بي انداز خوشي ملي. ان تي الله جو حمد، گهڻي کان گهڻو. الله تعاليٰ اوهان سڄڻ دوستن کي زماني جي آفتن ۽ مصيبتن کان محفوظ رکي، خوش ۽ سگهارو رکي. ٻنهي جهانن جي خيريت ۽ ڀلائي جي دعائن کان اوهان فضيلت وارن جي حق ۾ اوهان جي پيروڪارن ۽ متعلقين سميت غافل ناهيان، اڳتي بہ انشاءَ الله تعاليٰ ڪوتاهي نہ ٿيندي. والسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہٗ.
برخوردارن سعادت مندن پاڪيزه سلام ۽ دعائون چيون آهن.

(خط مقبول ۽ محبوب حضرت مولوي مخدوم ضياء الدين عليه الرحمة جو آهي.)

فضيلت مآب، فضل ۽ شان جي مالڪ، عرفان جي مظهر، ڪمالات ۽ يقين جي سرچشمي، فيض واري، مهر ۽ احسان واري، قاضين سڳورن جي اڳواڻ، وڏن عالمن جي مک، ميان عبدالله جيو ڏانهن. الله تعاليٰ ڪيس سلامتي ۽ بقا نصيب ڪري.

نياز جي دعائن، مسنون سلامن پيش ڪرڻ ۽ پسنديده دعائن کان پوءِ گذارش ڪجي ٿي تہ: خط شريف لطف ۽ ڪرم سان چند سوالن سان گڏ موڪليل پهتو، خوشي ۽ فرحت حاصل ٿي. سوالن جا جواب الڳ لکي ويڙهي اوهان ڏانهن موڪليا آهن ۽ جيڪو انتهائي دلي مهرباني سان مخلص کي اڪثر وقتن تي دعائن ۾ شامل ڪيو اٿو، سو وڏيڪ احسانمنديءَ جو باعث ٿيو. الله سبحانہ و تعاليٰ ان عيوض باطني توجهات، ديني ۽ دنيوي درجن ۾ ترقي عطا ڪندو. اميد تہ عنايت ۽ ڪرم سان اهڙيءَ طرح هن ضعيف جي باري ۾، جملي اولاد ۽ جماعت سميت قلبي توجهہ فرمائيندو. پڻ اوهان جي مهربانين کان توقع آهي تہ هر اچڻ وڃڻ واري جي هٿان، اوهان جي صحت ۽ سلامتيءِ جي خبر ڏيندؤ. خط ذريعي ياد فرمائيندا رهندا. والسلام عليڪم اولاو آخرا و ظاهرا و باطنا، مخلص زادن يار محمد ، غلام محي الدين، قمرالدين ، محمد صادق ۽ نعمت الله طرفان عجز ۽ انڪساري ۽ سوين نيازمنديون عرض ڪجن ٿيون ۽ اهي خاص توجهہ مان، ڪرم جا اميدوار آهن، اڳتي بہ ان طرح توجهہ فرمائيندا. سوال لکي موڪلڻ فرمائيندا تہ انشاء الله العزيز تقرير ۽ تحرير ۾ ڪوتاهي نہ ٿيندي، باقي باطني توجهہ جو اميدوار آهيان، وڏيڪ مقام محمود جي صاحب جي صدقي اوهان جي ڏکهي پاڇي لاءِ دعاگو آهيان.

(خط شريف، حضرت مخدوم ضياءُ الدين عليه الرحمة جو)

سبحاني تائيدون ۽ حقاني فضيلتون، ان مقبول ربانيءَ ۽ نصرت حضرت رحماني سان مدد ڪيل، فضيلت ۽ مهر واري ميان عبدالله جيو سان شامل حال هجن. سلامن جي قافلن جي ادائگي ۽ اوهان سان رهڻ جي آرزو ۽ شوق کان پوءِ گذارش آهي تہ نوازش نامو پهتو. خوشي ۽ سڪون تمام گهڻو بخشيائين، اڳ ۾ پڻ اوهان جو نوازش نامو پهتل هو. جنهن جو جواب اچڻ واري جي حوالي ڪيو ويو هو. معلوم ٿيو، حضور ۾ نہ پهتو آهي.

الله جي فضل سان اوهان خدا جو خوف رکڻ وارا ۽ اوهان جا سعادتمند صاحبزادا، فضيلت پريا امن امان ۾ هوندا. حاسدن، بدخواهن شيطانن جي شر کان محفوظ هوندا، خوش باش هوندا ۽ حضرت پروردگار جي ياد ۾ هميشہ آباد رهندا. الله اسان جي حال جو شاهد آهي تہ اوهان جي دعا انشاء الله جيڪا قبوليت کي ويجهو آهي، ان کي تحرير مطابق، باوجود مشتاقن جي قصور جي عمل ۾ آڻي، خط مبارڪ موڪلڻ ذريعي خوشي جو باعث ٿيندا.

جيئن تہ عمر اچي پڇاڙيءَ تي پهتي آهي، چاهيان ٿو تہ هڪ ڀيرو اوهان سان ملاقات ڪريان، جيڪڏهن ملاقات جي دولت هٿ اچي تہ خوشي ۽ فرحت جي باعث ٿئي. جيستائين ملاقات ٿئي، ايمان جي سلامتي، ٻنهي جهانن جي عزت جي حفاظت ۽ آخرت جي سعادت جي دعا، نور چشم غلام محي الدين (الله سندس عمر وڏي ڪري) جي لاءِ ۽ ڀاءُ قمرالدين مرحوم جي لاءِ. برڪت وارن وقتن ۾ خيريت جي دعا ۾ هرگز نہ وسارجو. جيئن تہ خط اڌ ملاقات آهي، جيستائين پوري ملاقات ٿئي اڌ هٿان نہ وڃائڻ گهرجي، سعادتمند، فضيلت ڀرين صاحبزادن جي خدمت ۾ فقير ۽ خاڪسار محمد يار ۽ غلام محي الدين طرفان گهڻي سڪ مان سلام عرض ڪجن ٿا. گهربل نسخو في الحال ميسر نہ ٿيو آهي، ان جي رعايت سان هٿ اچڻ لاءِ بہ معذرت خواه آهيان، البتہ جيڪو شخص لکرائيندو هن سان گڏ انشاءَ الله العزيز ناظر ۽ نگران ٿيو. بروقت اطلاع جڳائي ٿو. ميان نعمت الله گهڻا سلام چوي ٿو. سلام اوهان کي ۽ جيڪي اوهان سان گڏ آهن، انهن کي. ❁

(خط موڪليل ۽ مقبول حضرت مولانا مخدوم ضياء الدين عليه الرحمة جو.)

فضيلتن ۽ مهربانين وارا، علمائن ۽ فقرائن سان محبت ڪندڙ دوستن جي دل خوش رکندڙ ميان عبدالله صاحب جيو سلمہ ربہ.

فقير ضياء الدين ۽ خاڪسار فقير محمد يار طرفان اڻ ڪٿ سلام لک ڀيرا سڪ سان عرض آهن. جيتوڻيڪ جسماني طور پري هئڻ ظاهر آهي، پر حقيقت ۾ دوست دوست سان گڏ هوندو آهي، اهو طئي آهي. ان ڪري اميد اٿم تہ اوهان صاحب از راهِ ڪرم ۽ مخلص نوازيءَ طور چڱن وقتن ۾ فقير کي، پٽ يار محمد، اولاد فرزند غلام محي الدين کي فقرائن سميت خير جي دعائن ۾ نہ وساريندا ۽ فقير کي پڻ، جيستائين حياتي باقي آهي، انشاء الله تبارڪ و تعاليٰ اوهان صاحبن کي پراڻو دوست ۽ سچو مخلص سمجهي، ٻنهي جهانن جي سعادت جي دعائن ۾ نہ وساريندو. سچائيءَ ۽ عقيدت جي روءِ سان جيڪي، پنهنجي مخلص دعاگوئن سان، ڪرم فرمائن ٿا، حق جل شانہ پنهنجي احسان ۽ ڪرم سان، ان صاحب کان قبول فرمائيندو آهي، الله تعاليٰ فرمايو آهي:

(جيڪي پنهنجو مال رات ڏينهن ظاهر ۽ ڳجهہ ۾ خرچ ڪن ٿا، انهن لاءِ سندن رب وٽ اجر آهي، نہ خوف آهي انهن تي، نہ اهي غمگين ٿيندا.)

خط ڪٽي اچڻ واري وٿان، رقم، چاقو، قئنچي موڪليل پهتا. گهر آباد ۽ ڏيئو روشن هميشہ تائين. وڏيڪ سڪ ۽ سلام، صاحبزادي محمد جي خدمت ۾، جيڪو محمدي اخلاقن ۽ گڻن سان موصوف آهي ۽ سندس پياءُ کي ڏيندا ۽ سڪ جا سلام فقير ضياء الدين ۽ خاڪسار محمد يار ۽ غلام محي الدين ۽ قمرالدين جا وصول ڪندا.

(خط حضرت مخدوم ضياء الدين جو، الله سندس مغفرت فرمائي ۽ سندس علمن مان اسان کي فائدو ڏئي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضيلت وارن مهربانن، صداقت ۽ تقوي وارن، حافظن جي اڳواڻ ميان عبدالله صاحب جيو ڏانهن. الله کيس سلامت رکي ۽ بقا ڏئي، دوستن ۽ صبح شام دعا ڪندڙن طرفان سڪ جا سلام، نياز ۽ بي انت دعائن سان، عاجزي ۽ انڪساري سان، خدمت سراپا عزت ۾ عرض رکجن ٿا.

الله جو حمد، جو الله جي مدد ۽ قوت سان هنن دعا گهرندڙن جا احوال زماني جي حادثن کان سلامتي ۽ شڪر جا موجب آهن. اوهان فضيلت ڀرين جي دل گهرين تمنائن ۽ صاحبزادن جي عزت ۽ سکھ، مڙني مخلصن محبتين ۽ ملازمن سميت، حاصل ٿيڻ جا الله تعاليٰ آڏو سوالي آهيون، الله تعاليٰ اها دعا قبول فرمائيندي، اوهان صاحبن کي خوش، باعزت ۽ باوقار فرمائيندو. اوهان صاحبن کان اها اميد آهي تہ هنن دعاگوئن کي اولاد سميت برڪت وارين گهڙين ۾ خير ۽ ايمان جي سلامتي جي دعا ۽ حادثن کان حفاظت جي دعائن ۾ ياد ڪندا. ڪڏهن ڪڏهن سلام ۽ پيغام جي ذريعي، جيڪو اوهان جي خيريت مسرت حال جي خبرن تي مشتمل هجي، ياد فرمائيندا رهندا.

خاڪسار جي پٽ فقير محمد يار جي طرفان قدم بوسي ۽ سلامن کان پوءِ عرض هي آهي تہ: هنن ڏينهن ۾ غلام زادو (صاحبزادو) قمر الدين احمد دارفنا کان دار بقا ڏانهن لاڏاڻو ڪري ويو آهي، ان ڪري سندس والده جي بس تمام گهڻي بي چيني تي ٿئي. اميد تہ ان جي عيوض ٻيو فرزند ڀاڳن وارو ڄمندو ۽ مخلص زادو ميان غلام محي الدين جيڪو بلوغت کي ويجهو پهتو آهي، علم سان بہ سعادتمند ٿيو آهي، سو علم ۽ عمل سان ڀرپور ۽ سعادتمند ٿيندو ۽ خير سان جلد گهوٽ ٿيندو ۽ پنهنجي اولاد ذريعي پنهنجي ڏاڏي مبارڪ جون اکيون روشن فرمائيندو. صاحبزادن، برڪت وارن، (الله کين سلامت رکي، انهن جي عمر وڌي ڪري، کين وڏو عرصو باقي

رکي) خاص طور ميان عبدالرحمان صاحب کي فقير ضياء الدين ۽ خاڪسار فقير محمد ۽ غلام محي الدين جي طرفان گهڻا سلام پهچائيندا، ٻيهر اها گذارش تہ حياتيءَ ۾ هن فقير جيڪو پيريءَ ۽ ڏٻرائيءَ جي حد کي پهتو آهي، تنهن کي پنهنجي ملاقات سان خوش فرمائيندا تہ احسان مند رهندو. جڏهن بہ ڪنهن مسئلي جي ڇنڊ ڇاڻ وغيره جي ضرورت پوي تہ اطلاع فرمائيندا تہ، پنهنجي لاءِ سعادت سمجهندس. جيئن تہ رمضان المبارڪ سامهون آهي، تراويح ۽ افطار جي فارغ وقتن ۾ الله عزوجل خاطر ياد فرمائيندا. والسلام

❁

(خط شريف حضرت مخدوم معظم مڪرم مخدوم ضياء الدين جو. الله تعاليٰ سندس علمن مان اسان کي فائدو ڏئي.)

فضيلت پريا، محبت ۽ اخلاص جا صاحب ، صلاحيت ۽ تقوي جا نشان ميان عبدالله صاحب جيو. سندس رب کيس سلامت رکي. اسلام جي سنت سلام ۽ تازگي بخش ملاقات جي آرزو پيش ڪرڻ کان پوءِ اوهان جي حضور ۾ هي عرض پيش ڪجي ٿو ته: خط مبارڪ موڪليل، اوهان جي خيريت جي خبر ڏيندڙ پهتو. دلي تسلي ۽ اطمينان بخشيائين، حق سبحانہ و تعاليٰ اوهان سچن دوستن کي زماني جي حادثن کان پنهنجي امن امان واري جهوليءَ ۾ محفوظ ۽ سلامت رکي، حق جي ياد ۾ مشغول رکندو. سندس ڪرمن لطف ۽ احسان سان اميد تہ اڳتي بہ اهڙيءَ طرح ذات بابرڪات جي سلامتي جي خبر چار ذريعي ياد فرمائيندا. هن طرف مخلصن ڏانهن خير ۽ عافيت آهي، مخلص زادي محمد يار جا نياز وارا سلام گهڻي شوق سان قبول پون. والسلام.

(وڏندڙ ڪمالن جي جامع، فيض جي سرچشمي، ڪسبي ۽ وهبي فضيلتن جي جامع مخدوم محمد صادق رحمة الله عليه جو لکيل خط)

روشن صفتن واري ذات، نيڪين جي جامع، فضيلتن ۽ ڪمالن جي رتبي کي پهتل، فضل ۽ جلال جي منزلت ماڻيندڙ مهربانن، مخلصن، گهڻن لطفن جي مظهر، فضل ۽ احسانن جي سرچشمي، منهنجي دوست ميان عبدالله جيو (ڏانهن) الله سندس تائيد فرمائي، مدد ڪري، سندس فضل ۽ فيض کي هميشه جاري رکي. سندس شان خلاف ٿيڻ کان ڪيس محفوظ رکي. آمين ثم آمين.

مسنون سلامن ۽ پاڪيزه دعائن کان پوءِ سرهي دل آڏو اهو واضح ٿو ڪجي ته هن فقير جا احوال الاهي حمد ۽ ساراهه جا مستحق ۽ خيريت وارا آهن. اوهان شفيقن مهربانن جي سلامتي ان طرح هجي ته جلد جنوبي سفر جي ارادي سان خدمت گرامي مان ٿيندو وڃبو. مذڪور مدت جي بنياد تي عزم جي پختگيءَ پڻ اهڙي طرح فضل سان بدل آهي، جيئن آهي ته، پاڻهو تدبير ڪندو آهي ۽ الله تقدير مقرر ڪندو آهي، بندر مسقط ڏانهن پڪي عزم جو اتفاق ٿيو ته شايد بندر مذڪور پهچي، ان کان مٿي به چرپر جو اتفاق ٿئي. البته ان جو تعين نياز جي خط ذريعي بندر مسقط کان انشاءَ الله تعاليٰ خدمت مبارڪ ۾ لکي موڪلبو ۽ روشن ضمير آڏو واضح ڪبو.

دعا جي باري ۾ روبرو استدعا ڪري چڪو آهيان، ان جي يادگيري جي ضرورت ناهي البته جيئن ته سمنڊ ۾ سفر تي روانگي عملي طور سامهون آهي، تجديد جي طور ٻيهر استدعا ڪجي ٿي. وڌيڪ معاملو اوهان جي حوالي آهي. السلام عليڪم.

ميان نعمت الله جيو اوهان جي خدمت ۾ سلام چوي ٿو. ان جي شاديءَ کان شوال جي آخر ۾ فراغت حاصل ٿيندي، ، ان پاسي کان تسلي هٿ ايندي، البته باطني تسلي ۽ سگهه الاهي بارگاهه کان مطلوب ۽ گهربل آهي. اهو ويجهو. سڏ ورنائيندڙ ۽ جلد قبول ڪندڙ آهي. ميان عبدالسلام

جيئو ميان عبداللطيف جيئو دعائون ۽ سلام چون ٿا. اوهان جي حويليءَ جي اندر وارن کي فقير ۽ ان جي حويلي طرفان گهڻيون دعائون قبول پون. ماڻهن مان سيني کان وڌيڪ حقير جي باري ۾ پوري توجهه سان دعا، صرف هڪ وقت نه پر برڪت وارين گهڙين ۽ مخصوص وقتن ۾ مطلوب ۽ متوقع آهي. السلام محب مهربان وڏي عزت ۽ مقام واري حاجي الحرمين الشريفين ميان سمهبي جيو کي فقير طرفان تمام گهڻيون دعائون ۽ سلام پهچائجو.

خدمت گرامي ۾ اچڻ جو عزم ۽ ان طرف اچڻ گهڻو ڏيان ۾ آهي، عملي طور جڏهن ان جو اتفاق قسمت ۾ آيو، خدمت گرامي کان توقع اها آهي ته دل ۽ جان سان احوال کان واقف ڪرڻ ڏانهن توجهه رکندا، حرمين شريفين جو ارادو جيڪو گهر وارن ۽ دوستن سميت ڪيل هو، في الحال اڻ ڳڻين رڪاوٽن جي سببان عمل ۾ نه اچي سگهيو آهي ۽ حضرت الاهي آڏو آسانيءَ جو سوال آهي، اهوئي هر ڏکيائي کي آسان ڪندڙ آهي.

هن شهر جا حالات ڪجهه ڏئل اٿو ڪجهه پڌا هوندو، هن فقير جي لکڻ جي ضرورت ڪانهي. حاصل اهو ته هي وقت زمين آسمان پيدا ڪرڻ واري آڏو قبوليت جو آهي، اهوئي ڏکيائن کي آسان ڪندڙ بند دروازن کي کوليندڙ آهي، وقت جي تنگيءَ جي ڪري اجمالي طور خط لکي ڇڏيو آهي، تفصيلي طور خط، انشا الله هن پٺيان ئي تسلي سان بندر کان لکي موڪلبو ۽ دعا ئي اصل مقصد آهي، هن فقير جي حق ۾ جيڪا دعا ڪجو، تنهن ۾ فرزند عبدالجميل کي به شريڪ ڪندا. ان طرفان اوهان جي خدمت ۾ بندگيءَ جو التماس آهي.

(خط مقبول ۽ موڪليل منهنجي پاءُ حضرت مخدوم محمد صادق صاحب جو. الله ڪيس ۽ سندس وڏن کي بخشي)

وڏن درجن واري، نهايت شفقت واري، ڪمالن واري ۽ فضيلت پرئي، صوري ۽ معنوي فضيلتن جي مظهر، منهنجي دوست ۽ مهربان ميان عبدالله صاحب جي خدمت ۾. الله تعاليٰ کيس سلامت رکي، باقي رکي ۽ سندس مدد فرمائي. فقير محمد صادق طرفان مسنون دعائن کان پوءِ واضح هجي ته خط مبارڪ پهتو، دل کي مڪمل فرحت بخشيائين. حق تعاليٰ انهن توجهات سان سلامت رکي. بندر جي منزل تي پهچڻ ۽ نريه ڏانهن موٽڻ جو سبب ۽ هن طرف نه اچڻ معلوم ٿيو. دلي ڳانڍاپو جيڪو پاڻ ۾ آهي، سو الحمدلله سبحانه ڏينهون ڏينهن وڌندو ۽ ترقي ڪندو ٿو رهي، تفصيل پڙهڻ کان پوءِ تمام گهڻي تسلي ٿي. الله تعاليٰ جل و علا علماء دين جي دشمنن کي هرگز ڪامياب نه ڪندو:

حقانيا اگر همه اعدا يک شوند
خوش باش مر ترا مددي مصطفيٰ ست

(اي حقاني جيڪڏهن سڀ دشمن هڪ ٿين، خوش ٿي توکي صرف مصطفيٰ جي مدد ڪافي آهي.)

فضيلت ۽ مهر وارو ميان عبدالرحمان جيو هڪ ڏينهن شاگردن جي اچڻ کان اڳ موتنگچي يا ڪنهن ٻئي پاسي روانو ٿيو. ان ڪري لفافي بنا جيڪو خط ان جي نالي هو سو ميان عبداللطيف جي خدمت ۾ موڪليو آهي ۽ لفافي ۾ ويڙهيل کي پاڻ وٽ رکيو آهي. جو دل ۾ ڪجهه ڪٽڪيو ٿي. وڌيڪ حقيقت حال الله بهتر ٿو ڄاڻي. سفيد جزا (ورق ۽ پنا)، جيڪي جدول (ڪنهن شيء کي نقشي مطابق ناهڻ) لاءِ موڪليا هئائون، ان کي جيئن ته چواله لالو نالي ڪنهن جدول ڪيو، ٻيو جدول ڪرڻ وارو عزت الله نالي، بندگان عالي جي حضور ۾ آهي.

باقي ڪم جو استاد اهوئي شخص آهي، البته ان جي واعدي

خلافيءَ جي ڪا حد ئي ناهي. ان باوجود تاڪيد ۾ ڪوتاهي نہ ڪئي آهي، انشاءالله جلد تيار ٿي ويندو. البتہ ان جي انتهائي وعدي خلافين جي ڪري ۽ پڻ فقير ۽ سندس گهر وارن بلڪ ڪجهہ گهر جي مردن کي بہ ڪنهن بيماري جو عارضو آهي، جنهن ڪري في الحال ان کي موڪل ڏني آهي، ۽ فقير جو، ربيع الثاني جي منڍ تائين، اوهان جي خدمت ۾ نہ پهچي سگهڻ جو سبب پڻ ان بيماري جو عارضو آهي، جو اڄ تائين جاري آهي. فقير جي گهر واري کي سخت تپ آهي. هي ڏينهن ان جي بار چڙهڻ جا بہ آهن، ڪجهہ ڏينهن کان وٽي سانئڻ ۽ مامو صاحب چند مهينن کان بستري داخل آهن، ڪجهہ ڏينهن کان بيماري پوري زور تي آهي، الله تڪليفون هٽائڻ وارو آهي، اوهان جي خدمت مبارڪ مان بہ دعا جا طلبگار آهيون. ان صورت ۾ جيڪڏهن فقير جو شب برائت تائين اچڻ ٿي سگهيو تہ ٺيڪ، نہ تہ اوهان جي تشريف، جيئن لکيو اٿم، لازم ٿي پوندي. البتہ في الحال پوري تصوير اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿي، ان جو تفصيل هن خط جي پوئين پاسي لکجي ٿو. والسلام.

(خط شريف ۽ مڪرم حضرت مخدومي مخدوم محمد صادق عليه الرحمة)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الله سبحانہ و تعاليٰ، برڪتن جي جامع ذات، فيض ۽ سڻائين جي سرچشمي، روشن فضيلتن جي خزاني، معنوي ۽ صوري رتبن جي مالڪ، پسند ڪيل گڻن واري، منهنجي پاءُ ميان عبدالله صاحب جيو ڪي سلامت رکي، سندس مدد ڪري، سندس حفاظت ڪري ۽ سندس مقام بلند ڪري، ڪي زماني جي حادثن ۽ مصيبتن کان محفوظ رکي ۽ سيدالڪونين آڏو سرخرو ۽ محترم بنائي ۽ هن فقير ضعيف پانهي کي بہ بزرگن جي انفاس جي صدقي ۽ انهن جي دعا جي برڪت سان خير سان خاتمو سعادت، شهادت ۽ موليٰ جي محبت ۽ رضا نصيب فرمائي آمين.

مسنون سلامن ۽ پاڪيزه دعائن کان پوءِ واضح هجي تہ خط ميان محمد اڪرم جي هٿان موڪليل پهتا. تسلي ٿي. ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف کي بيماري جي عارضي جي اطلاع تي ڏاڍو افسوس ٿيو. ان کان پوءِ محمد اڪرم جي زباني ميان عبداللطيف جي طرفان تسلي ڏني وئي آهي، اميد تہ ميان عبدالسلام طرفان جيڪو انشاء الله تعاليٰ حقيقي شافع جي فضل سان شفا ڪامل تي فائز ٿيندو، هر اچڻ وڃڻ واري جي هٿان تسلي جو اطلاع موڪليندا تہ دل خوش ٿيندي.

فقير ان ڏينهن کان جڏهن ميان غلام ڪتابي ۽ نور محمد سفيد پنا کڻي آيا، اڄ تائين تپ ۽ بواسير جي آزار ۾ مبتلا آهي، ٽي چار ڏينهن ٿيا آهن، جو ڪجھ هلڪائي ٿي ۽ وڏي مسجد ۾ شب برائت جي ابتدا کان وڃڻ مقرر ٿيو آهي، شايد ختم رمضان المبارڪ مهيني ۾ پڙ اتي ٿئي. طبيعت اهو ٿي گهري. البتہ ايتري مسافت هلڻ تمام گهڻي ڪمزوري جي ڪري تمام ڏکيو ٿو ٿئي، صرف ان سبب جي ڪري يعني بيماري جي ڏينهن ڊگهي ٿيڻ جي ڪري، سفر ڪرڻ ۽ ان طرف جو ارادو ڇڏيو اٿم. نہ تہ ارادي مطابق پاڻ ان جي مون کي گهڻي تڪڙ هئي.

ٻيو سبب جيڪو سفر نہ ڪرڻ جو وڏو سبب ٿيو، سو اهو تہ حضرت والده ماجده کي بہ فقير کي بيماري شروع ٿيڻ سان گڏ ئي بيماري شروع ٿي، چند مهينا تڪليف ڪاٽي اٿن. چند ڏينهن کان پوءِ ان جي صحت کان نااميديءَ جا آثار نظر اچڻ لڳا. نيٺ تاريخ 25 رجب المرجب الله جي رحمت جي سايي هيٺ لاڏاڻو ڪري وئي. انالله وانااليہ راجعون . ان واقعي ٿيڻ جي ڪري پڻ دل کي بي آرامي ٿي پيئي. پڻ گهر جي انتظام ۾ مڪمل گڙٻڙ ٿي پيئي. جيڪو الله گهرندو آهي، سو ڪندو آهي. جنهن جو ارادو ڪندو آهي، فيصلو فرمائيندو آهي. حقيقت ۾ مامون صاحب هن خط لکڻ کان اڳ ويو هو. في الحال ارادو اهو آهي تہ رمضان المبارڪ گذرڻ کان پوءِ متصل ان طرف اچڻ جو عزم ڪبو. الله آساني ڪندو، اوهان صاحبن جا اجزاءَ،جن ڏينهن ۾ تمام جلديءَ ۾ جدول ڪيڻ واري جي حوالي ڪيا هئا، فقير انهن ڏينهن ۾، عزيزن جي بيماريءَ کان علاوه، پنهنجي بيماريءَ ۾ پنهنجي حال تي پريشان هو.وچايل جدول، باوجود گهٽي، جيتري ٿي سگهي، اوتري ڳولا جي هٿ نہ آيو. جدول ڪرڻ وارن جا حال اوهان کي ساريا پيا آهن. لاچار فقير، جدول نہ ملڻ جي ڪري، مطمئن نہ ٿيو. ۽ شرمندگيءَ جو موجب ٿيو. واعدي مطابق شعبان مهيني ۾ اچڻ جو انتظار گهڻو رهيو. چاڪاڻ تہ عملي طور ارادي جو اتفاق نہ ٿيو. نور محمد ڪتابي هنن ڏينهن ۾ هتي آيو. سندس اچڻ جو مقصد معلوم نہ ٿيو، معني شاعر جي پيٽ ۾. ظاهر اهو ڪيائين تہ جيڪو شخص نئون مسلمان ٿيو، سو هتي موسي سان آيل هو، ان ڪري آيو آهيان، ان کان پوءِ ان کان ورجائي ورجائي پڇيم تہ جيڪڏهن موٽي ميان صاحب وٽ وڃين تہ اجزاءَ تنهنجي حوالي ڪريان، نہ تہ خير. جيئن تہ پڪو واعدو ۽ پڪو وقت مقرر ڪيائين تہ حضرت ميان صاحب جن وٽ ويٺو آهيان، ان ڪري جدول ڪيل اجزاء جزگير ۾ موڪلجن ٿا. والله المعين، ميان نعمت الله جيو ۽ مير سيد حامد جيو جي طرفان مسنون سلام قبول پون.

(خط مبارڪ، شرف وارو، محترم حضرت مخدومي مشفقي مڪرمي معظمي مخدوم محمد صادق صاحب عليہ الرحمۃ جو)

بخدمت فيض پرين محققن جي اڳواڻ، عارفن جي تاج، حضرت صمديت جي يگاني، بارگاهہ احديت جي مقرب، بحر عرفان جي ٽوبن جي اڳواڻ ميان عبدالله صاحب جيو مدظلہ.

سلامن جي مراسمر ۽ دعائن جي تحفن پيش ڪرڻ کان پوءِ عرض اهو تہ خط مبارڪ نور محمد ۽ غلام شرف جي هٿان پهتا. سفيد ورق ۽ پنا جيڪي جدول ڪرڻ لاءِ موڪليا آهن، جدول ڪندڙ ، هن شهر جا، ان ڪم ۾ استاد ۽ ماهر بہ شخص آهن. جن مان هڪ، جنهن جو نالو عزت الله آهي، سو ڪلهہ ڪتابين پهچندي، بندگان عالي جي حضور ۾ روانو ٿيو آهي. ٻيو جنهن جو نالو لالو آهي، باوجود ان جي تہ علم واعدي خلافيءَ ۾ پهرئين استاد وانگر فارغ التحصيل ناهي. ان باوجود هن علم جا ڪلي قانون اهڙا مستنبط ٿو ڪري جو جيڪڏهن اجرت تي وٺندڙ ان جي ڏينهن کي هفتو شمار ڪري ۽ ان جي هفتي کي مهينو شمار ڪري، تڏهن بہ عذر وقت، ان کي حقيقي معنيٰ، جنهن لاءِ ڪلمہ ٺهيو آهي، جي بجاءِ ٻي معنيٰ ۾ وٺي، مجاز لغوي تي حمل ڪري وٺندو. تنهن کان پوءِ بہ سڄو شهر پنهنجي اجتهادي خطا جو اعتراف ڪري يقين ڄاڻندو تہ هن جا مستنبط ڪيل قانون، مختصر المعاني ۽ مُطَوَل جي قانونن کان وڌيڪ عميق ۽ دقيق آهن.

ان باوجود ان ڏينهن کان پوءِ ان کي گهرائي، اجزاء ۽ ورق ان حوالي ڪيا آهن. ويجهي ۾ ويجهو وقت جيڪو تسلي بخش ٿي پئي سگهيو، ان کان ورتو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ڪيس متوجهہ ڪيو آهي، جو جڏهن علم حساب مطابق ايڪن کي ڏهاڪن ۽ ڏهاڪن کي سون ۾ آڻڻ ۾ فرق صرف ٻڙيءَ جو آهي تہ علم حساب ۾ هڪ نقطي جو تفاوت نہ هوندو ۽ اوهان جي مخصوص علم ۾ هڪ ٻڙيءَ جو احتياج بہ ناهي، ليڪن حساب جي ڪتابن ۽ حساب جي ماهرن وٽ هن طرح مقرر آهي، تہ ضرب چئبو آهي، جنهن عدد سان ضرب ڪجي، ان کي، جنهن ۾ ضرب ڪرڻي آهي،

ان مطابق ٻيٽو ٽيٽو ڪجي، ان صورت ۾ جيڪڏهن اوهان سان ڪيل واعدي جي ڏينهن کي ٻيٽو ٽيٽو ڪري، ٻئي مرتبي کان ٽيي وچي ٽئين مرتبي کي پهچي تہ پوءِ شايد ضرب تي انتها ۽ پڇاڙي ڪري. (يعني ان کي ضرب شمار ڪجي) ٽئين مرتبي کان اکيون پوڻ جي بنياد تي، چوٿين مرتبي کي بہ جيڪڏهن ٻيٽي مٿان ٻيٽو ڪرڻ جي قسم مان شمار ڪجي، تہ پوءِ وچي ڪو اهو خاص مرتبو ڪمال استلزام جي بنياد تي شايد ضرب جي عين ماهيت ٿئي، پنهنجي دل کي هنن چند قانونن جي ذڪر سان تسلي ڏيندو رهجي، البتہ آخري حرف هن ۾ هي آهي تہ ان کي عمل بالعڪس جي مطالعي ۽ ٻن خطائن واري حساب مان، جيڪو اصل حساب جي اعليٰ ترين مقصدن ۽ بحثن مان آهي، فراغت حاصل ٿئي يا نہ ٿئي ۽ هنن قانونن جهڙن مثالن سان، جيڪي علم حساب جا مبادي آهن، عمل ڪري يا نہ ڪري ۽ هن حرف جازمہ سان حرف علت جو ڪرڻ ٿئي يا نہ ٿئي ۽ هن قليل البضاعت (ڪمزور ۽ ناچيز) جو الف لام عهد، ان جي "تنڪير" کي ختم ڪري يا نہ ڪري ۽ هنن صغرائن ۽ ڪبرائن مان حدبنديءَ مان نتيجو ظاهر ٿئي يا نہ ٿئي. .... تہ اسان جو گرم نفس ان جي سرد لوهہ تي اثر ڪري يا نہ ڪري.

پر اهو ڪم ڪنهن ڏاهي حڪيم، فلسفي ۽ دانشمند جو ناهي تہ ڦيريائين طبيعت جي گرميءَ ۽ سرديءَ کي ڳولي ۽ ٽن عناصرن جي چند چاڻ ڪري يا متڪلم هجي جيڪو قاطع برهان ۽ روشن دليل سوفسطائين جي مذهب جي بطلان تي پيش ڪري ۽ هن محصل (علم جي تحصيل ڪندڙ) سان، جيڪو پاڻ کي لاادرين، شڪ مٿان شڪ ڪندڙن جي زمري مان ٿو ڳڻي، جيڪو اهل سنت الزام ۽ ماٺ ڪرائڻ جي طريقي انهن جي گمراهيءَ، رفع ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو آهي، سو دنيا آڏو ظاهر ٿيندو.

۽ آءٌ الله پنهنجي رب آڏو پنهنجي سيني گناهن ۽ خطائن کان استغفار ٿو ڪريان، هن فقير جي انسانيت جي تقاضا هيءَ هئي تہ (اوراق جي جدول جي) ڪجهہ تياري کان اڳ خط آڻيندڙن کي هرگز موڪل نہ ڏجي ۽ رد ڪرڻ جو هٿ انهن جي رخصت طلب ڪرڻ جي سيني تي هڻجي. خصوصن ڪجهہ عذرن جو مطالعو ان معنيٰ جو تقاضا ڪندڙ اهو

خاص طور گروي ڏيڻ ۽ گروي رکڻ جي مسئلن مان جو اوهان حقيقتن جي سرچشمن، ڪنزالدقائق مان ان جو استخراج ڪري منهنجي نالي خط ۾ شامل ڪيو آهي، ان جي مطالعي کان پوءِ پيارن دوستن کي بنا اجزائن (جي جدول تياري) جي موڪلي ڏيڻ ماٺهپو نہ ٿيندو، باقي ڪجهہ عجيب اتفاقن جو سامهون اچڻ جيڪو ڪلي طور بي چيني جو سبب آهي، جڏهن بہ جدول جي مطالعي، جنهن جو تفصيل سان ذڪر ٿيو کي منظم ڪري معلوم شين کي ترتيب ڏجي ۽ ان جو نتيجو جيڪو يارن کي حاصل ٿيندو، سو في الحال مشڪل ٿو لڳي، منطقي صغريٰ ڪبريٰ ۽ نتيجي کان سواءِ پيو ڪجهہ نہ ڄاڻندو آهي ۽ حد اصغر ۽ اڪبر ۽ حد اوسط کان نہ ٽپندو آهي، ۽ فقيهہ ڪنزالدقائق جي معضلات(منجهيل عبارتن) جي حل جي باري ۾ البحرالرائق جي عبارتن تي گذارو ڪندو آهي. گهوڙي جي طبيعت رکندڙ سامهون واري کي پنهنجي ان عمل ۾ موجود ئي ڪونہ سمجهندا آهن:

پيش ڪہ برآورم ز دست فرياد
هم پيش تو از دست تو ميخواهم داد

(ظلم جي دانهن ڪنهن کي ڏيان،
تنهنجي آڏو تنهنجي ظلم جو داد ٿو گهران)

مصلحت ان ۾ آهي تہ فقهہ ۽ منطق کي عضديءَ جي قانونن مطابق هڪ جڳهہ تي رکي، انهن فقهي مسئلن کي، انهيءَ منطق جي عنوان ۾ آڻي ڀرپور مناظره ڪجي، البتہ هي مناظرو ڪوشش باوجود ممڪن ڪونهي، اهو ملاقات تي موقوف آهي، ملاقات کان اڳ جيڪڏهن طبع مبارڪ کي صوفين سڳورن جي مشرب ڏانهن مائل ڪري، وحدت الوجود جا قائل ٿي اعتراف فرمايو تہ لڪيل فقهي مسئلن جو باوجود ڪمال درجي جي سچائي ۽ حقيقت جي، ڪو بہ انطباق ڪونهي (يعني ڪا بہ واقعي صورت جنهن تي انهن مسئلن جو عملي اطلاق ٿي سگهي) اهو اعتراف ڪامل احسان جو موجب ٿيندو. جيڪڏهن هن پاسي جي قصور تي نظر رکي، جيڪو لکيو اٿو، ان تي عمل ڪريو تہ بہ اختيار وارا آهيو پر اهو اختيار ملاقات کان اڳ آهي ۽ ملاقات کان پوءِ منطقي قانون ۽ فقهي مسئلا ڪناري تي رکبا تہ،

ڪلام جي پڄاڻي وحدت الوجود تي ٿيندي.

الله اسان کي ۽ اوهان کي خالص مشڪ جو پيالو پياري ۽ اسان ۽ اوهان کي پنهنجي معرفت جي بحر ۾ غرق ڪري، اسان ۽ اوهان جي اکين کي پنهنجي عالي مقصدن ۾ ڪاميابي تي ثابت رکي ۽ اسان ۽ اوهان کي پنهنجي ذات ۾ فنا، ۽ جسم جي فنا کان پهرين، پنهنجي ذات سان بقا جو ذائقو چکائي. آمين ثم آمين.

(وڻندڙ ۽ طلب وارو خط، ڪمالن جي جامع مولانا شيخ مخدوم محمد صادق جو. الله تعاليٰ دين ۽ دنيا ۾ سندس نفعو نصيب ڪري.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الله سبحانہ عزشانہ ساراهيل گڻن واري ذات، چڱاين جي سرچشمي، فضل ۽ ڪمالات جي مرڪز مهر ۽ احسانن جي مظهر، منهنجي دوست، شفيق کي زماني جي مصيبتن ۽ آفتن کان پنهنجي خاص حمايت جي سايي هيٺ محفوظ رکي، دين ۽ دنيا ۾ ڪامياب ڪري.

مسنون سلامن، پاڪيزه دعائن کان پوءِ رسمي تعلقات طئي ڪرڻ کان پوءِ واضح هجي تہ اوهان جي ذات گرامي ۽ فرزندن سڳورن جي خيريت جو اطلاع ميان يونس جي زباني ٿيو جنهن مان گهڻي خوشي ٿي. مهر پريو خط جيڪو سائنس گڏ هو سو شايد بندر لکپت وساري آيو. اوهان جي واعدي مطابق رمضان مهيني مبارڪ گذرڻ کان پوءِ اڄ تائين اوهان جي تشريف گرامي جي انتظار ۾ آهيون، باقي خير ۽ عافيت آهي، ننڍڙو پٽ، جيڪو ڄائو هو فقير جي موٽڻ کان اڳ حق جي رحمت ۾ وڃي پهتو. انا لله و انا اليہ راجعون. پيو خير ۽ عافيت آهي، منهنجي پاءُ ميان نعمت الله طرفان سلام مسنون قبول پون ۽ مير حامد بہ سلام چون ٿا. دوستن کي تفصيل سان سلام.

هن شهر جا احوال، جيڪي اڳيئي اوهان کي معلوم آهن، ڏينهون ڏينهن تنزل ڏانهن پيا وڃن. هن پاسي دلي بي اطميناني ڏيهون ڏينهن وڌ آهي، فقير برسات جي ڏينهن کان اڳ ان طرف اچڻ جو ارادو ڪيو پر والده طرفان اجازت نہ ملڻ جي ڪري رهجي پيس، پڪي طرح ربيع الاول جي شروع يا ربيع الآخر جي منڍ ۾ پڪو ارادو آهي، واڳ اختيار جي ڏٽي تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي. هن کان اڳ نيازمنديءَ جو خط عزيز نالي خاڪي شاهہ هٿان موڪليو اٿم، شايد مليو هوندو. اوهان طرفان اڄ تائين ڪوبہ خط نہ پهتو آهي، نہ ڪنين ڪجهہ پڌو آهي. البتہ ميان يونس جو خط، جيڪو ڪنين پڌم ۽ مطالعو نہ ڪري سگهيس. بهر حال اميد اٿم تہ هڪ خط خاص هٿ سان، پنهنجي احوالن ۽ ارادي جي باري ۾ موڪليندا.

جيڪڏهن تشريف آوري جو اتفاق ٿئي تہ پلو ۽ فقير بہ اميد تہ جلد پهچندو. هڪ شيء فقير جي، جيڪا اسماعيل ڪتابي ڪچ اچڻ مهل ميان سمهبہ وٽ ڇڏي آهي، جيڪڏهن ميان سمهبہ پاڻ ڪم آڻي تہ ٺيڪ آهي. جيڪڏهن جسامت ۽ حجم ۾ وڏي هجڻ ڪري تصرف جي قابل نہ هجي تہ ڪانئس گهرائي وٺو ۽ پنهنجي استعمال ۾ آڻيو. جيتوڻيڪ قابل ۽ لائق انجي ناهي ، فقير فرزند سميت مڪمل طور خير ۽ عافيت ۾ آهي، ننڍيو پٽ، جيڪو ڄائو هو، فقير جي موٽڻ کان اڳ رحمت الاهيءَ کي پهتو. (فوت ٿي ويو) انالله اليہ راجعون. منهنجي پاءُ ميان نعمت جيو طرفان مسنون سلام قبول پون ۽ مير حامد جيو بہ سلام ٿو چوي. ميان عبدالسلام جيو ۽ ميان عبداللطيف جيو ۽ حويلي وارن کي گهڻيون دعائون ۽ سلام چئجو. دوستن کي تفصيل سان سلام چوندا.

❁

(خط سڳورو ۽ عظيم حضرت مخدوم مولانا شيخ محمد صادق ٺٽوي جو الله تعاليٰ کيس ۽ سندس استادن ۽ اسلاف جي مغفرت فرمائي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حضرت ذوالجلال عز اسمہ المقال ذات بابرڪات، فضيلتن جي سرچشمي، فضل جي مظهر، حقيقتن ۽ دقيق ۽ گهرين ڳالهين کي روشن ڪندڙ معرفت جي ڄاڻو الله جي حضور ۾ مقبول، منهنجي دوست ميان عبدالله جيو کي زماني جي مصيبتن ۽ حادثن کان حفظ ۽ امان ۾ محفوظ رکي. ان جي احسانن ۽ ڪمال جي ڪرمن سان فقير محمد صادق طرفان مسنون سلامن جي تحفن ۽ پاڪيزه سوکڙين پهچائڻ کان پوءِ التماس آهي تہ هن کان اڳ مڏئي کان نيازمنديءَ جو خط خدمت گرامي ۾ موڪليو هو، اميد تہ مطالعي جو شرف پاتو هوندائين. البتہ لتيل ڪتابن جي واپسيءَ جو مسئلو، جيڪو هن سفر علت غائيہ (مقصد) هو، تن مان هڪ ٻن ڪتابن جي حصول کان سواءِ اتفاق نہ ٿيو.

ٻي ڳالهہ تہ مستورات مان هڪ، جنهن جي ويجهڙائي جي لحاظ کان نسبت پڦيءَ کان وڌيڪ آهي، سالن کان وطن ٺٽو ڇڏي، پنهنجي عزيزن جي گذارش تي جوناڳڙهہ ۾ رهائش پذير آهي، چند ڏينهن کان فقير جوناڳڙهہ پهچي، ان مائٽيائيءَ سان ملاقات جي شرف تي فائز ٿيو آهي، پر هڪ بزرگ جيڪو شرفاءِ ڪرام مان ميان خلف شاهہ نالي آهي، فقير موٽڻ جو ارادو ٿو ڪري، تہ اهو ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونهي، انهن جي ڪمال توجهہ ڪمال همت ۽ زور پرڻ تي هاڻي چند مهينا رهڻ جو خيال ڪيو آهي. ان ڪري قاصد اجرت تي ورتو آهي، رحمت الله نالي ان قاصد هٿان پنهنجي خيريت جي خبر ۽ ڪجهہ هندوي (رپيا) پهچائڻ ۽ ڪجهہ دستاويز، جيڪي ڪجهہ فاصلي جي ڪري دنيوي معاملات بابت ڊگهي عرصي کان منهنجي ۽ ان بيبي مذڪوره جي وچ ۾ هئا، سي ٺٽي موڪلي رهيا آهيون. اوهان صاحب بہ جيڪڏهن ڪو خط ان جي هٿان ڏيڻ چاهيو تہ

واپسي تي ان جو جواب جلد پهچائيندو.

۽ هن طرف اچڻ وقت فقير جو اوهانجي خدمت گراميءَ ۾ حاضريءَ کان محروم رهڻ، جيتوڻيڪ ڪوتاهي کان خالي نہ چئبو. پر ان جو انتهائي وجهہ هو. ڪمال درجي جي تڪڙ، جيڪو لاچاري معاملو هو. جنهن ڪري انهيءَ دولت جي حصول ۾ رڪاوٽ ٿي. ان کان قطع نظر هن پاسي هيتري مدت تائين رهڻ بہ لحاظ ۾ نہ هو. ۽ انشاءَالله هن ڪوتاهيءَ جي مڪافات ۽ هن نقصان جو پورائو موٽندي مهل ڪبو. والسلام.

(خط عزت ۽ شرف وارو حضرت مخدوم، مشفق مڪرم مخدوم محمد صادق صاحب جيو عليه الرحمة جو)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حضرت ذوالجلال عز اسمہ المتعال، برڪتن واري ذات، ظاهر ۽ ڳجهين فضيلتن جي سرچشمي، صوري ۽ معنوي فضل جي مظهر، سڄڻ گهڻن سان روشن، مشفق ۽ مهربان کي وقت جي حادثن ۽ زماني جي ڀائرن جي شر کان پنهنجي حفظ ۽ امان ۾ رکي. ۽ پنهنجي جهانن جي مقصدن ۾ ڪامياب بنائي. آمين.

مسنون سلامن ۽ پاڪيزه دعائن، دل گهرين سوکڙين پيش ڪرڻ کان پوءِ واضح هجي تہ هي فقير خيريت سان جمادي الآخر جي پڇاڙيءَ جوناڳڙهہ پهتو. ارادو اهو هو تہ مقرر ڏينهن هتي رهي بندر سورت روانو ٿي وڃبو. پر ڪجهہ سبب جيڪي جلد ٿيڻ جوڳا آهن، پر عملي طور نہ ٿيڻ سبب هتي ئي ترسي پيا آهيون، انشاء الله عيد رمضان المبارڪ گذرڻ کان پوءِ روئداد جي حقيقت تفصيلي طور جيترو ممڪن ٿي سگهي، اوهان کي ان جو اطلاع ڏبو. ايستائين جيڪڏهن ڪو خط ننڍي کان فقير جي نالي تي اوهان جي خدمت ۾ اچي، تہ اهو ميان سيد محمود جيو ڏانهن اسلام نگر موڪلي ڇڏجو تہ فقير کي انشاء الله پهچي ويندو.

پنهنجي ۽ ٻارن جي خيريت ۽ عافيت ۽ ميان محمد عاقل ۽ ٻارن جي خيريت ۽ عافيت کان واقف ڪندا تہ تسلي ٿيندي. اڪثر موقعن تي برڪت وارين گهڙين ۾ دعائن ۾ نہ وساريندا. نورچشم ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف ۽ حويلي وارن کي دعائون ۽ سلام قبول هجن.

جيئن تہ حاجي يعقوب جي، جوناگڙهہ پهچڻ کان پوءِ حرمين شريفين جو ارادو پڪو ٿي ويو آهي، بندر ..... مان جهازن نڪري وڃڻ کان پوءِ مسقط جي ٻيڙي ۾ سوار ٿيڻ جو ارادو ٿي رکيائين، ڪيس صلاح اها ڏني آهي تہ، پهريائين اوهان جي خدمت گرامي ۾ پهچي. پنهنجون امانت واريون شيون پاڻ سان ڪنيو منزل مقصود ڏانهن روانو ٿئي، ڪتاب شرح ملا، پاڻ

استدعا ڪئي هئائين تہ هن پاسي جي شرح ملا سان تبديل ڪري، في الحال سندس رغبت ساڳئين پهرئين شرح ملا ۾ آهي. ان بنياد تي لکجي ٿو تہ اوهان صاحبن فقير جا ڪتاب جيڪڏهن شهر ٺٽي نہ موڪليا هجن تہ پوءِ شرح ملا، جيڪا حاجي يعقوب وٽ آهي، ان کان وٺي فقير جي ڪتابن سان گڏ سانڍي رکندا. ۽ شرح ملا جيڪا اوهان وٽ امانت آهي، اها ان جي حوالي ڪندا، جيڪڏهن شهر ٺٽي موڪلي ڇڏي اٿو تہ خير. والسلام.

❁

(خط مولوي مخدوم محمد صادق جيو جو، جيڪو پيرزادي سيد خلف شاه رهندڙ ڪهنہ حصار ڏانهن موڪليو هئائون.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضل ۽ عنايت جي سرچشمي، اڻ ڪٿ فضيلتن جي مظهر، بزرگي ۽ شرف واري خاندان جي خدمت ۾! الله اوهان کي سلامت رکي، ۽ باقي رکي. مسنون سلامن پهچائڻ ۽ پاڪيزه تحفن پيش ڪرڻ کان پوءِ عرض تہ اوهان جي روشن راءِ آڏو واضح ڪجي ٿو تہ اهم مقصد ۽ بهترين اعليٰ مطلب، جيڪو عطائن ڪرڻ وارن ۽ فضل وارن اوهان صاحبن جي حضور مان، لڙيءَ رات جي دعائن ۾ گهربل آهي، سو دين جي سلامتي ۽ آخرت جي درجن جي بلندي آهي، ان ڪري صبح ۽ شام، بلڪ هميشہ جي لاءِ انهيءَ عظيم نعمت جي حصول جي استدعا ڪجي ٿي، جيڪا ٻنهي جهانن جي سعادت ۽ قوت تي مشتمل آهي، الله تعاليٰ پنهنجي عام ڪرم ۽ قديم مهر سان حضرت رسول ڪريم عليہ افضل الصلواة و اڪمل التسليم جي مهابي ، مخلصن جون پرپٺ دعائون قبول فرمائيندو ۽ انهن جي صدقي اوهان مخلص، جيڪي ديدؤن دور ۽ دليئون ويجها آهيو. تن کي پڻ، احسانن ۽ ڪمال ڪرم سان، ٻنهي جهانن جي عزت نصيب فرمائيندو. هن کان اڳ نياز جو خط اوهان جي خدمت گراميءَ ۾ موڪليو آهي، اميد تہ پهتو هوندو. آخري زماني جي تقاضا ۽ بعثت ۽ نشور جي ڏينهن جي ويجهڙائي جي ڪري ڪجهہ مختلف حادثا ۽ ڪي اڪثر شهرن جا سانحا خاص طور هن پاسي واقع ٿيا آهن، ان ڪري اوهان جي فيض پري خدمت مان دعا جي مدد جنهن جو روبرو بہ التماس ڪندو رهيو آهيان، مطلوب آهي، صحبت جو حق بہ ان جي تقاضا ٿو ڪري تہ، برڪت وارين گهڙين ۾ جيڪي اڌ رات يا ان کان پوءِ جون گهڙيون آهن، تن ۾ دلي توجهہ ۾ فقير کي بنهہ نہ وساريندا. صحبت جي حقن کان قطع نظر، پرپٺ دعا بہ قبوليت ۾ تڪڙي ثابت ٿي آهي ۽ پڻ خيريت ۽ عافيت جا احوال لکي خوش ۽ تسلي ڏيڻ فرمائيندا، في الحال رسالہ "عمده المطالب" هنن نياز جي ورقن ڪٽي اچڻ

واري هتان خدمت شريف ۾ موڪلجي ٿو. ان جي پهچڻ کان پوءِ به لفظ لکي مطمئن ڪرڻ فرمائيندا. الله جل و علا زماني جي حادثن ۽ وقت جي مصيبتن کان اوهان چڱاين جي جامع ذات کي ۽ صاحبزادن کي محفوظ ۽ مامون رکندو ۽ ٻنهي جهانن جي سعادت نصيب فرمائيندو ۽ جناب فيض مآب سيد عالم ﷺ جي خدمت ۾ سرخرو رکندو. اصل مطلب ۽ مقصد تہ اهو آهي. باقي ڳالهيون تہ ان جون تابع آهن. السلام عليڪم اولا و آخرا و ظاهرا و باطنا.

(خط مقبول ۽ محبوب منهنجي ياءُ محمد صادق صاحب جو پڻ هن ضعيف ڏانهن)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حامدا و مصليا و مسلما

الله اوهان کي سلامت رکي، اوهان جي فضل ۽ احسان، اوهان ڄـڻي نيڪين ۽ فيض کي دائمي جاري رکي، اوهان جي شان کي بلند ڪري. سيد المرسلين ۽ سندس آل ۽ پاڪ اصحابن صلي الله عليهم اجمعين جي مهابي. آمين ثم آمين.

مسنون سلامن ادا ڪرڻ ۽ بي معنيٰ رسمي تعلقات پيش ڪرڻ کان پوءِ خدمت گراميءَ ۾ واضح هجي ته خط سڳورو پهتو. جيڪو اوهان جو عين فضل ۽ عمومي مهرباني چئبي، سا تمام گهڻين خوشين جي باعث ٿي. هن طرف جون پيانڪ خبرون جيڪي اوهان جي گرامي سماعت هيٺ آيون آهن، سي اڪثر واقعي آهن، پر في الحال انهن ۾ مڪمل هلڪائي آهي، مستقبل جي حال جي خبر ان ذات کي، جيڪا غيب ڄاڻڻ واري آهي.

لڪل ۽ محفوظ احوال، هن طرف ۽ حويلي حضرت قبله مڪاني مرحوم نورالله مرقده جا خيريت وارا ۽ الله جي شڪر جا موجب آهن. البته بزرگن جي دعائن جي اڳ کان وڌيڪ ضرورت آهي، خاص طور رات ۽ ڏينهن جي دعا ۽ برڪت وارين گهڙين ۾ باطني توجهه، خاص طور اوهان مهربانن طرفان يقيني آهي، البته بين بزرگن جي خدمت مان امداد وٺڻ ۽ دعا وٺڻ پڻ شڪر جو موجب ٿيندي.

جيڪڏهن اوهان جو اچڻ اڳئين خط ۾ ڏنل بشارت موجب، جيڪا دلي خوشي ۽ فرحت جو موجب ٿي، ممڪن ٿئي، ته اهو مهر ۽ ڪرم کان خالي نه ٿيندو. بدامنيءَ جو خوف، جيئن خبر سچ ۽ ڪوڙ جو احتمال رکندي آهي، تيئن ٻنهي ڳالهين جو احتمال رکي ٿو ۽ خير جي اميد گهڻو پري آهي، پر هتي جي رهندڙن جو امن ۾ رهڻ به اهڙو ئي (غير يقيني) آهي. ان ڪري تشريف گراميءَ کي خوف جي بنياد تي نه روڪيو. الله اوهان کي

سلامت رکي، باقي ۾ محفوظِ رکي. اِوهان جوِ حامي ۽ ناصر رهي، السلام عليڪم اولا و آخرا و ظاهرا و باطنا و حاضرا و ناظرا.

حقائق ۽ معرفت آگاهہ حاجي ميان سمهبہ جيو جي خدمت ۾ اسلام جي مسنون سنت 'السلام' چوندا، ۽ مڙني حاضرين مجلس ۽ خادمن کي پڻ سلام چوندا، منهنجو پاءُ ميان نعمت الله جيڪو مسنون سلام ۽ پاڪيزه دعائون چوي ٿو ۽ منهنجي مهربان ساٿي ميان يار محمد جيو ۽ منهنجي پاءُ ميان غلام محي الدين طرفان پڻ مسنون سلامن کان پوءِ عرض آهي تہ دعا جي تڪليف ۽ باطني توجهہ جو خدمت گراميءَ ۾ عرض ڪرڻ، خاص طور هن وقت تحصيل حاصل چئبو، مطلب تہ مختلف حادثا ۽ مصيبتون هن طرف کي گهيري ويٺيون آهن، حفاظت ڪرڻ وارو پاڻ الله سبحانہ و تعاليٰ ئي آهي، السلام ۽ دعائون نور چشم، اکين جي ٺار ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف کي پهچائجو. مخلص زادو عبدالجميل سلام ۽ قدم بوسي جو عرض ٿو ڪري ۽ مڙني مجلس جا حاضرين سلام ٿا چون.

(خط شريف، عزيز، مشفق، حاجي حضرت مخدوم محمد صادق جيو، جي طرفان. الله سندس شان کي دين جي بلنديءَ لاءِ بلند ڪري، تہ شرع مبين جي احڪامن کي حجت ۽ دليل سان غالب ڪندو رهي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حضرت سبحانہ جل شانہ، ذات گراميءَ، فضل ۽ بزرگيءَ جي صاحب، صوري ۽ معنوي ڪمالن جي جامع، ظاهري ۽ باطني خوبين جي مالڪ، منهنجي دوست ميان عبدالله جيو کي زماني جي مصيبتن ۽ حادثن کان حفظ ۽ امان ۾ رکي. اخلاص وارو محبت ڪندڙ محمد صادق مسنون سلامن ۽ پاڪيزه دل گهرين دعائن کان پوءِ اوهان آڏو واضح ٿو ڪري تہ حضرت رب ڪريم جل شانہ عز سلطانہ جي قديم مهر ۽ عام ڪرم سان خيريت ۽ عافيت سان ويهين محرم الحرام جمعي جي ڏينهن شهر ٺٽي پهتاسين الحمدلله رب العالمين .

حضرت ميان صاحب قبلہ مدظلہ العالي چند ڏينهن کان ڪمزور مزاج ٿي پيا آهن، اوهان جي خدمت ۾ دعا جي تڪليف ڪرڻ جي گذارش تحصيل حاصل آهي، فقير کي پنهنجي دعائن ۾ ڪنهن بہ سبب کان نہ وسارجو. البتہ باطني توجهہ ۾ بہ هن احقر کي خاص طور نہ وساريندا. سعادتمند، سٺن گڻن واري، برخوردار ميان نعمت الله جا سلام خدمت گراميءَ ۾ قبول پون.

(خط مبارڪ حضرت مولوي مخدوم شيخ محمد صادق صاحب جو (شل هميشہ الله وٽان نفس قدسيہ جي ذريعي تائيد لڌل هجي، ۽ الله تعاليٰ جي فضل جي پالوٽ ذريعي انساني ڪرامتن سان مخصوص هجي.)

خوبين جي سرچشمي، برڪتن جي خزاني، ڀلاين گڏ ڪندڙ فيض ڀريي، ڪمالن جي مظهر، عامل عالمن جي اڳواڻ، صالح فقيهن جي نموني، منهنجي دوست مهربان ميان عبدالله جيو جي خدمت ۾. الله تعاليٰ کيس سلامت رکي، کيس باقي رکي، سندس مدد ڪري ۽ زماني جي حادثن کان حفاظت ۾ رکي، ۽ سندس حامي ۽ ناصر ٿئي.

مسنون سلامن، پاڪيزه سوکڙين، شرف وارين دعائن پيش ڪرڻ کان پوءِ واضح ڪجي ٿو تہ بتاريخ چار جمادالاول هن سال مامون صاحب ميان محمد يار، الله کيس پنهنجي مخصوص رحمت سان نيڪن صالحن بزرگن جي زمري ۾ آرامي ڪرڻ فرمائي ۽ کيس قرار جي گهر ۾ رهائي، زوال واري گهر مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي انالله وانا اليہ راجعون. ۽ جيڪا بي آرامي پنهنجي بيماري ۽ گهر جي چند فردن جي بيماريءَ جي ڪري درپيش آهي، اڄ تائين ڏکي ٿي آئي آهي. دعا جو وقت آهي، دعا جو وقت آهي، دعا جو وقت آهي.

اوهان جا جدول ڪيل اجزاءَ يعني ورق اڃا تائين ڪم کان فارغ ناهن. السلام عليڪم اولا و آخرا وحاضرا و ناظرا.

ميان عبدالسلام جيو، ميان عبداللطيف جيو، پنهنجي خادمن، ڪتابين (شاگردن) ۽ اوهان جناب جي مخلصن مڙني کي سلام چوندا، ميان محمد عاقل ۽ نورچشم بي بي رحيمہ ۽ گهر جون عورتون پاڪيزه دعائون پهچائن ٿيون.

منهنجا دوست منهنجا مهربان الله اوهان کي سلامت رکي ۽ بقا عطا ڪري، بهرحال بيماري جي ڏيگهہ ڪمزور ڪري وڌو آهي، گهڻو ڏيرو ٿي

پيو آهيان. ان سان گڏ شهر مان بہ تسلي گم آهي، شايد فقير جي بدن جي شفا، ۽ بيماري جي ڪري بي آرامي ۽ ڪمزوري، شهر ۾ رهي ختم ڪانہ ٿيندي، چند ڏينهن ٿيا آهن جو سفر جو رخ متعين ڪرڻ ۾ دل لڳل آهي، اڳ فقير لکيو هو تہ جيڪڏهن فقير جو ہن ٿن مهينن لاءِ اچڻ ٿيو تہ بهتر، جيڪڏهن نہ تہ اوهان رمضان شريف کان اڳ تشريف کڻي اچڻ فرمايو. واقعي گذارش اها آهي تہ جيڪڏهن تشريف گرامي جو ارادو پڪو آهي ۽ دشمنن جو خطرو، جيڪو سفر جي وڏي رڪاوٽ آهي، سو درپيش ناهي تہ، اهو جيترو جلد ٿي سگهي تہ بهتر. جيڪڏهن نہ تہ پوءِ بلڪل نہ نڪرو، اوهان اسان لاءِ ۽ اسين اوهان لاءِ دعا گهرون. اميد تہ الله اسان ۽ اوهان جي جلد ملاقات يقيني بنائيندو. اُتي، اوهان وٽ جيڪڏهن اها ملاقات هنن ڏينهن ۾ نہ ٿي ٿئي تہ مهينو پوءِ ان کان بہ بهتر آهي، ڇاڪاڻ تہ مڙني ڪمن جو وقت مقرر آهي، الله اوهان ۽ اسان جي جلد ملاقات يقيني بنائيندو.

الله اوهان ۽ اسان کي جناب رسول اڪرم ﷺ جو مقرب بنائيندو ۽ سندس زمري مانۡ سندس سايي هيٺ اٿاريندو، سندس رفيقن مان شمار ڪندو ۽ پنهنجي فضل سان ماڻهن کان بي پرواهہ ڪندو. آمين آمين آمين. وصلي الله علي سيدنا محمد و آلہ وصحبہ اجمعين.

منهنجو ياءُ ميان نعمت الله جيو ۽ مير صاحب منهنجو شفيق مير حامد جيو ۽ منهنجو ياءُ ميان غلام محي الدين جيو مسنون سلام ۽ پاڪيزه دعائون چون ٿا. السلام.

❁

(خط شريف حضرت مولوي مخدوم محمد صادق جو (الله پنهنجي فضل سان سندس معاملن کي بهتر بنائي ۽ پنهنجي مهربانيءَ سان سندس قدر بلند فرمائي)

ذوالجلال عز اسمہ المتعال، قيمتي گڻن واري ذات، فضل ۽ ڀلائن جي جامع، فضيلتن ۽ ڪمالات جي اعليٰ مرتبن تي فائز، روشن منزلن واري، وڏين خوبين واري، مهربانين جي سرچشمي، اخلاق ڪريمہ محمديہ جي مالڪ، منهنجي دوست ميان عبدالله جيو کي زماني جي مختلف حادثن ۽ مختلف مصيبتن کان محفوظ رکي. ديني ڀلاين سان وابستہ ۽ خوش رکي.

فقير محمد صادق طرفان مسنون سلامن ۽ پاڪيزه دعائن جي تحفن پيش ڪرڻ کان پوءِ سرهي دل آڏو واضح هجي تہ نوازش نامي پهچڻ سان اوهان جا قيمتي سلام پهتا، منهنجو پاءُ مهربان ميان نعمت الله جيو سلام چوي ٿو ۽ منهنجي مشفق، مامي صاحب، طرفان جيڪي سلام، مهربانيءَ ۽ توجهہ سان پاڻ موڪلڻ فرمايا هئائون، تن سان تمام گهڻي،جيتري لکي سگهجي ٿي، ان کان وڌيڪ خوشي ۽ فرحت ٿي، الله جل وعلا باطني خوشي، جيڪا ظاهري خوشي جو پڻ مرڪز آهي نصيب ڪري، پڻ زماني جي رنگينين ۽ وقت جي گردش کان، علائقي جي هر پاسي کي، خاص طور سڄي سنڌ ۽ ان جي آس پاس کي بچائي ۽ حفاظت فرمائي.

هن وقت گذارش اها آهي تہ: پنهنجي سرهي دل جي ڪنهن گوشي ۾ خصوصي طور ياد رکندا، هن طرف بہ اوهان جي ياد ۾ ڪو بہ قصور نہ ٿو ڪيو وڃي، تشريف آوريءَ جو واعدو جيڪو خط مبارڪ ۾ لکيل هو خوشيءَ جو باعث ٿيو، اميد تہ عنقريب ان کي پورو ڪرڻ فرمائيندا. ميان عبدالڪريم (صحاف) هڪ اڌ روپيہ جي طلب رکي ٿو ۽ فقير کي ادا ڪرڻ بہ ڏکيو نہ ٿيندو. پر جيئن تہ حاشيہ عبدالحڪيم جي قلمي نسخي جو هو بنهہ اقرار نہ ٿو ڪري ۽ چوي ٿو تہ بنهہ ڪيس خبر ڪانهي، ان ڪري فقير سعيو ڪري ڪيس اهي پيسا ڏيڻ جي جرئت نہ ڪئي، جيستائين خيريت جي خبر چار لکي، ملاقات جي حصول ذريعي خوشي بخشيو. تيستائين

السلام عليڪم، ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف جيو کي سلام چوندا ۽ مڙني خادمن کي بہ سلام پهچائيندا.

منهنجو برخوردار عبدالجميل مسنون سلام ۽ پاڪيزه دعائون ۽ هزارين قدم بوسيون عرض رکي ٿو. چند ڏينهن بخار ٿيو هوس، هاڻي شفاياب ٿيو آهي، الله جو فضل آهي. هن کان اڳ جيڪا وڏي وبا، جيڪا فقير کي پهچڻ کان اڳ، شهر ۾ شدت سان موجود هئي، سا هن وقت دفع ٿي وئي آهي، البتہ حاڪمن جي جهيڙي جي ڪري ڪجهہ ڏقيڙ شهر ۾ موجود آهي. جنهن ڪري گهڻا ماڻهو پيچي وچي ويران جاين تي آباد ٿيا آهن، جيڪي رهاڪو بچيا آهن، سي هن وقت دل جي گهراين سان دعائن کي لازم سمجهي، وس آهر دعائن ۾ ڪوتاهي نہ ٿا ڪن. وڌيڪ ڇا لکجي.

(وڏندڙ ۽ محبوب خط مولانا مخدوم، زماني جي يڪتا، مهربان محمد صادق جو، رب خالق عز وجل ڪيس معاف ڪري.)

رب ذوالجلال عز اسمہ المتعال، خوبين پري ذات، فضيلتن ۽ عزت واري هستي، صوري ۽ معنوي رتبن جي مالڪ، منهنجي دوست مهربان ڪي صبح شام مصيبتن ۽ دشمنن جي سازشن کان حفاظت ۾ رکي ۽ پنهنجي حمايت هيٺ محفوظ رکي ۽ پنهنجي احسان ۽ ڪمال ڪرم سان، حضور جناب سيدالڪونين ﷺ جي دربار ۾ سرخرو فرمائي.

مسنون سلامن ۽ پاڪيزه دعائن کان پوءِ واضح هجي تہ خيريت ۽ عافيت سان، پنج جمادي الآخر خميس جي ڏينهن اسلام نگر مشهور ڄام نگر پهتا آهيون، انشاءَ الله اڄ ۽ سڀاڻي منزل طرف روانا ٿيون ٿا. هن کان اڳ هڪ خط بندر مڏئيءَ ۾ لکي، ميان محمد صالح جي حوالي ڪيو هو. اميد تہ پهچايو هوندائين. دعا جي سلسلي ۾ اوهان جي خدمت ۾ گذارش ڪرڻ تحصيل حاصل آهي. لفافي ۾ ويڙهيل خط اڳيون ۽ اچڻ وارو، جيڪڏهن ڪو معتمد هٿ اچي تہ تتي موڪلي ڇڏجو، يا بندر ديره ميان نجم الدين جيو ڏانهن ۽ ميان عبدالصمد جيو ڏانهن يا منهنجي ڀاءُ ميان اديب الله جيو ڏانهن جيڪو پڻ ديري بندر هوندو آهي، تنهن ڏانهن موڪلي ڇڏجو. اميد تہ انهن مان ڪنهن هڪ ذريعي سان خط تتي پهچي ويندو. فقير جا احوال هر طرح خير ۽ عافيت وارا آهن، اوهان صاحبن جي سلامتي، مڙني متعلقين سميت مطلوب آهي، ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف جيو ۽ حويلي وارن کي مسنون دعائون پهچائيندا. والسلام.

۞

(خط شريف حضرت مولانا، علماء جي اڳواڻ ۽ فاضلن جي نموني مخدوم محمد صادق جو. الله اسان کي سندس عملن مان تحفو عطا فرمائي.)

روشن ضمير، نوراني نظر رکڻ واري، قيمتي مهربانين جي مظهر، پنهنجو مٽ نہ رکندڙ بزرگيءَ ۽ فضيلت جي مالڪ، صوري ۽ معنوي ڪمالن جي صاحب، منهنجي دوست ميان عبدالله صاحب جي آڏو فقير محمد صادق طرفان مسنون سلامن، پاڪيزه دعائن ۽ دل گهرين سوکڙين پيش ڪرڻ کان پوءِ واضح هجي تہ قسمت جي گهرئي مطابق چند ڏينهن کان هن سر زمين تي سفر جو اتفاق ٿيو آهي، پهرين پيچ ۽ ان کان پوءِ مڏئيءَ پهچڻ ٿيو ۽ چار نگر ان کان پوءِ ٽئين نمبر تي ويٺو آهي، چوٿين ۽ پنجين منزل ڪمن جي تقدير ٺاهڻ واري جي هٿ ۾ آهي، البتہ اميد اها آهي تہ انشاءَ الله عنقريب موٽڻ ٿيندو. رستن دوران ملاقات جو ڪو ڳڻتو نہ ٿو نڪري. انشاءَ الله جيڪڏهن حياتي آهي تہ عنقريب روبرو تفصيلي گذارش ڪبي، جيستائين ملاقات جي اميد پوري ٿئي، تيستائين خدمت گرامي ۾ پنهي جهانن جي مقصدن لاءِ دعا ۽ خاص طور هن سفر جي حق ۾ دعائن ۾ نہ وساريندا. اڪثر اوقات دعائن ۾ ياد رکندا. وڌيڪ ملاقات وقت.

۽ سلام عبدالسلام ۽ سندس ياءُ کي چوندا. الله پنهي جي عمر ۾ برڪت وجهندو ۽ ميان عبدالخالق کي سلام پهچائيندا.

(خط شريف عارفن جي اڳواڻ محققن جي شان، عمل وارن عالمن جي نموني مولانا شيخ محمد صادق جو. الله سندس مغفرت فرمائي.)

فضيلتن ۽ ڪرامتن جي ڌڻي، حقيقتن ۽ معرفتن جي ڄاڻو مهربان مخلص، منهنجي دوست ميان عبدالله جيو جي، الله حفاظت ڪري، کيس سلامت رکي، سندس شان مطابق سندس نگهباني ڪري.

سڪ ڀرين سلامن کان پوءِ واضح خاطر گرامي هجي ته خط مبارڪ جيڪو مهرباني ڪري موڪليو، سو پهتو، ان جو جواب به هن کان اڳ لکجي چڪو، اميد ته پهتو هوندو.

ٻيو عرض اهو ته: جنهن وقت احقر ٺٽي شهر، ڪنهن ڪم سان چند ڏينهن گذرندي آيو هو، تن ڏينهن ۾ تاج محمد نالي شاگرد فوت ٿيو. ان جا ڪتاب هڪ ڪافيه، ٻيو شرح ملا، ٽيون به هڪ جلد، جملي ٽي جلد سليمان امام مسجد اسماعيل وٽ امانت آهن، فقير کيس هنن ڪتابن جي باري ۾ چيو هو ته، جڏهن خط مخدوم صاحب مهربان مخدوم ميان محمد هاشم جيو جو تو وٽ پهچي، يا فقير تو ڏانهن لکي ته، ان وقت هيءَ امانت ان شخص، جنهن بابت توکي لکيو وڃي، تنهن جي هٿان موڪلجان. فقير ان وقت سورت ٽي ويو. ان ڪري پاڻ وٽ نه رکيو. فوري طور ان طرف لکي ٽئي جلد پاڻ وٽ گهرايو. پاڻ توجهه ڏئي ڪنهن معتقد هٿان ان وٽان گهرايو. ان کان پوءِ ڪنهن اچڻ وڃڻ واري معتقد هٿان فقير ڏانهن موڪليو يا مخدوم صاحب مخدوم ميان محمد هاشم جي خدمت ۾ موڪلي ڇڏيو. ان ڳالهه جو تاڪيد رکندا ته حق حقدار کي پهچي ۽ ان کي اجر عظيم جو موجب سمجهندا. والسلام.

(خط زماني جي سيبويہ ۽ ابن سينا، فرع ۽ اصل جي ڄاڻو، معقول ۽ منقول جي گڏيل عالم، مولانا شيخ الحاج مخدوم محمد صادق جو، الله سندس ۽ سندس استادن ۽ اسلافن جي مغفرت فرمائي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الله تعاليٰ، خوبين ڀري ذات، فيض ۽ چڱاين جي مرڪز، شفيق ۽ مهربان، فضيلت ۽ بزرگي جي مرتبن واري منهنجي دوست ميان عبدالله صاحب جيئو سلمہ ربہ، کي دور جي حادثن کان محفوظ ۽ بچيل رکي ۽ ٻنهي جهانن ۾ مقبول بڻائي آمين، آمين.

پراڻي مخلص فقير محمد صادق طرفان مسنون سلامن کان پوءِ خدمت گرامي ۾ واضح هجي تہ هن کان اڳ مغربي شهرن ڏانهن وڃڻ وقت خدمت گرامي ۾ خط لکيو هوم. اميد تہ پهتو هوندو. تفصيل جي ضرورت ڪانهي، مذڪوره واقعي ٿيڻ کان پوءِ پهريائين فقير جو ارادو اهو هو تہ، ان جي گهر کان، روبرو هالار طرف روانو ٿجي، وري دل ۾ صلاح اها آئي تہ هڪ پيرو پاڻ کي خدمت گرامي ۾ پهچائي، تہ اوهان ان کي ڪنهن معتقد هٿان شهر روانو ڪيو. جڏهن مڏئي پهتو تہ اهو ٻڌڻ ۾ آيو تہ اوهان مائٽن ڏانهن روانا ٿي ويا آهيو. ان کان پوءِ هڪ مائٽ مڏئي پهچي ظاهر ڪيو تہ وري موٽي آيا آهن، ان بنياد تي ملاقات جي ارادي سان بندر منڌئي کان خدمت گرامي ڏانهن روانو ٿيندي جڏهن ڳوٺ ڪوٺاري پهتاسين تہ ملا يونس کان معلوم ٿيو تہ اوهان 'راڄ' ڏانهن تشريف فرما آهيو ۽ اڃا تائين موٽيا ناهيو. ان ڪري جيڪو دل ۾ هو سو خط ۾ لکي موڪلجي ٿو.

منهنجا دوست! ڪجهہ ڪتاب ميان يونس جي هٿان اوهان جي گهر پهچائجن ٿا. جڏهن اتي اوهان پهچو تہ هندوي چاليهہ روپيہ منڌئي کان، معرفت ميان محمد صالح جي ڪيستي نالي سيٺ کان ۽ ڪنڪداس کان لکرائي، خط ۾، جيڪو ميان نعمت الله جيو ڏانهن لکيو آهي، لفافي ۾ وجهي رکيو آهي، اهو خط بہ ملايونس کي ڏئي تاڪيد ڪيو آهي تہ منهنجي نورچشم ميان عبدالسلام کي ڏين تہ ان کي ڏسن. اميد تہ اوهان گهر پهچندي

ئي ائين ڪندؤ، تہ جلد مذڪوره خط منهنجي ياءَ ڏانهن ڪنهن شاگرد هٿان يا ڪنهن معتقد هٿان مذڪوره ڪتابن سان گڏ روانو ڪندؤ. ڇاڪاڻ تہ پيش ڪيل (موڪليل پيسا) هندوي آهي، ان ۾ دير بهتر ناهي. وڏيڪ پاڻ بهتر ٿا ڄاڻو. نورچشم ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف شل سندن عمر دراز ٿئي، کي سلام چوندا.

(خط شريف حضرت مخدوم محمد صادق جو، پيرزادي محمد شفيع ڏانهن، مسجد فليہ جي فيصلي نبيرڻ، ان ۾ جمعي جي نماز قائم ڪرڻ ۽ ٻنهي ڌرين ۾ هر طرح جي اصلاح لاءِ.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

حامدا و مصليا و مسلما

خاندان عاليہ جي نچوڙ ۽ دودمان نبويءَ جا نورچشم، سهڻين وصفن جا مظهر، وڻندڙ خوبين جا مالڪ، الله اوهان کي سلامت رکي، عافيت عطا ڪري ۽ زماني جي مصيبتن کان حفاظت ۾ رکي.

سلام جيڪي اسلام جي سوکڙي، خيرالانام عليہ السلام جي بهترين سنت آهن، تن پيش ڪرڻ کان پوءِ خدمت گرامي ۾ عرض تہ: موڪليل ٽن خطن ۽ زباني پيغام مان معلوم ٿيو تہ جمعي نماز جو منع ڪرڻ، جيڪو نعوذبالله اسلام جي احڪامن جي نفاذ ۾ هڪ اهم رخنو آهي، صرف ملن جي دعوا جي بنياد تي، جيڪي علائقي جي چند ڳوٺن جي عملن کان سواءِ ڪا بہ قال الله وقال الرسول جي سند نہ ٿا رکن. ڳوٺ جا رئيس جيڪي پنهنجي ملن جي رعايت تي نظر ٿا رکن، تن جي حمايت بہ کين ملي رهي آهي. ان ڪري فقير انهن مهربانن کي ان لحاظ کان بي ميار ٿو سمجهي.

پيو تہ جيئن ميان حاجي بيگ جي زباني پيغام مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن ملاقات جي ڪا صورت ٿي سگهي تہ اجتماعي لحاظ کان رئيس کي سهڻي نموني سمجهائي، ان کي هن عظيم فتني پيدا ٿيڻ کان روڪي، ٻنهي طرفن جي اصلاح ڪري سگهجي ٿي. فقير ان کي سمجهائڻ گهڻو مشڪل نہ ٿو سمجهي. اجتماعي شڪل تي پاڙڻ بہ دل نہ مڃيو. ان ڪري ان کي پاڻ وٽ طلب ڪري پهريائين پوريءَ طرح پڇا ڪئي، ۽ پوءِ ڳالهہ سهڻي نموني سمجهائي.

پر مذڪور رئيس ملن جي حمايت کان بنهہ انڪار ڪري ظاهر ڪيو تہ اسان جو جمعي نماز کان منع ڪرڻ پيرزادي گرامي قدر جي

رضامندي حاصل ڪرڻ ۽ ان جي دلي خوشي جي رعايت ڪرڻ آهي. نہ تہ اسان ماڻهو اجر ثواب ۽ اوهان جي احڪامن جي روايتن کان واقف ناهيون، ان ڳالهہ کي ڇڏي ايتري قدر يقين ڄاڻان ٿو تہ هڪ وقت نماز جو موقوف رکڻ (ڇڏڻ) رئيس تي تمام گهڻو مشڪل آهي. هي سال تہ پري جي ڳالهہ آهي، ان ڪري پنهنجي ملن جي رعايت رکڻ لاءِ نہ ٿا چاهيون تہ هڪ وقت جمعي جو موقوف رکڻ کي جائز چئي پاڻ کي هن وڏي ذميواريءَ جي بار هيٺ آڻي بدنام ڪريون.

پر جيئن تہ مذڪوره پيرزادو گرامي قدر ڪئي دفعا جمعي نماز جي منع ڪرڻ جي سلسلي ۾ اسان تي ڏاڍو ۽ تمام گهڻو زور ڪيو آهي ۽ صريح نموني چيو اٿس تہ: اوهان جي، ملن جي خطابت ۽ امامت کان سواءِ، انهيءَ مسجد ۾ جمعي جي نماز بنهہ جائز ناهي، بلڪ ان کان منع ڪرڻ واجب آهي، لاچار ان جي رضامنديءَ کي مقدم رکيو اٿئون. جيڪڏهن اسان جو پيرزادو نماز جمعي جي پڙهڻ جي فتوي ڏئي ۽ ملن کان بغير ان جي جواز جو قائل ٿئي تہ، اسان جو منع ڪرڻ، جيڪو پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ برابر آهي، سو ڪهڙي معني ٿو رکي. رئيس جو ڪلام پورو ٿيو.

ان کان پوءِ ميان حاجي بيگ ، جنهن شايد ملن آڏو اهو سوال لکيو ۽ کين غور ڪرڻ جو چيو. تنهن واضح ٻڌايو تہ مذڪوره ملن جو انهيءَ بري فتني کان، جيڪو منقول ۽ معقول جي خلاف ۽ قال الله و قال الرسول جي طريقي کان انحراف آهي، موٽڻ (رجوع ڪرڻ) پيرزادي گرامي قدر جي فتوي تي موقوف آهي.

هي فقير هنن ٻن خبرن ٻڌڻ تي، جن مان هڪ رويرو ٻڌل هئڻ ڪري يقيني ۽ ٻي اعتبار واري پڪي ماڻهوءَ کان ٻڌل هئڻ ڪري يقين جي قريب آهي، تمام گهڻو حيران ۽ متعجب ٿيو آهي، جو هنن ٻنهي خبرن کي لفظ ڪيف جي استفهام سان جيڪو موڪليل خط ۾ واقع مصرعي ۾ آهي:

من لسان الوري فكيف انا

ان سان ڪهڙي مشابهت ۽ مناسبت چئبي.

جناب اعليٰ نبوي حديثن مان دلائل ۽ فقهي روايتن آڻڻ جي نندڙي

خط ۾ گنجائش نٿي ٿي سگهي، ان باوجود متعدد وجوهہ نبوي حديثن ۽ فقهي روايتن مان اجمال ۽ اختصار جي طور 'يڪ مشت نمونہ خروار' جي چوڻي مطابق گذريل خط ۾ لکي چڪو آهيان. اوهان مهربان، مطالعي ۽ لکيل واضح دليلن جي تسليم ڪرڻ کان پوءِ، جيڪي چوڏهين جي چنڊ وانگر چٽا ۽ سج وانگر روشن آهن، رئيس ۽ مذڪور ملڻ جي زباني، ڪجھ جي ڳوٺن جي تعامل جو جواب لکيو هو.

الحمدلله جو اوهان مهربان پنهنجي وڏين فضيلتن ۽ شان جي بنياد تي سيني ماڻهن کان بهتر ٿا ڄاڻو تہ خاص طور جنهن باري ۾ اسان ڳالهايون ٿا، تنهن کان قطع نظر، هر بحث ۾ هڪ طرف کان قال الله ۽ قال الرسول عليہ السلام ۽ 'ڪذا في البخاري' (هن طرح بخاري ۾ آهي) ۽ 'وقال الفقهاءَ ڪذا' (فقيهن سڀني هن طرح چيو آهي)، 'وعليہ الفتوي' (فتوي هن تي آهي) 'ڪذا في المحيط' (ان طرح محيط ۾ آهي) 'وبہ ناخذ' (اتاهون اسان ورتو آهي)، 'ڪما في الهدايہ' (جيئن 'هدايہ' ۾ آهي)، 'وعليہ الجمهور' (جمهور بہ ان جو قائل آهي)، 'ڪما في الاشباہ والنظائر' (جيئن 'الاشباهہ والنظائر' ۾ آهي) مثال طور هجي ۽ ٻئي طرف کان چند ڳوٺن جي تعامل ۽ چند اهڙن ماڻهن جي قول کان سواءِ ڪا بہ سند نہ هجي، جيڪي قول ۽ عمل ۾ غير معتبر ۽ اعتماد جوڳا ناهن.

پوءِ اها سند، جيڪا ڪوريئڙي جي گهر کان وڌيڪ ڪمزور آهي، تنهن کي قال الله ۽ قال الرسول جي مقابلي ۾ آڻڻ نبوي حديثن ۽ فقهي روايتن جي توهين چئبو يا نہ؟ ان صورت ۾ صرف بشري تقاضا تحت پنهنجي موقف تي بيهڻ ۽ شرع شريف ۾ سالن تائين رخنو وجهڻ، جائز سمجهڻ بيت:

مستلزم ذلت شديد است،
واز مشرب اصفيا بعيد است

(سخت ذلت جو موجب آهي ۽ صاف دل وارن جي مشرب کان پري آهي.)

اوهان جي نيڪ ۽ روشن ضمير آڏو واضح هجي تہ رستي ويندڙ مسافر کي ڪنهن جي امامت ۽ خطابت جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي،

خلاصو ۽ نتيجو هر ته:

الحق يعلو ولا يعلي عليه
(حق غالب ٿيندو آهي، مغلوب نہ ٿيندو آهي)

جي مطابق ۽ آيت سڳوري:

و كلمة الله هي العليا والله عزيز حكيم

(الله جو ڪلموئي آهي، جيڪو غالب ٿيندو ۽ الله ڏاڍو ۽ حڪمت وارو آهي)

جي مطابق، جنهن مسئلي ۾ اسين آهيون، جيڪو نبوي احاديث ۽ فقهي روايتن جي مطابق آهي ، بيشڪ اڳ لکي ذميواري پوري ڪري چڪا آهيون، ان کي ورجائڻ وقت وڃائڻ آهي ۽ وري تحرير ڪرڻ ڏيگهہ جو سبب آهي.

بهرحال هر صورت ۾ صبح جو رواني ٿيڻ جو ارادو پڪو آهي، لاچار، عمومي اسلامي مرتبن ۽ خصوصي دلي محبت، جيڪا خطن مبارڪن جي مضمونن مان نظر ايندي آهي، تنهن جو لحاظ رکي، هن رقعي لکڻ لاءِ تيار ٿيو آهيان، جيڪڏهن حقيقت ۾ هن خلاف شرع بري فتني جو دفاع اوهان مهربانن جي رضا ۽ همت تي موقوف آهي. يقين ڄاڻو، بيت:

ڪہ از اتباع فقهہ واحاديث چاره نيست
درڪارخير حاجت هيچ استخاره نيست

(فقهہ ۽ حديث جي پيروي کان سواءِ ڪو بہ چارو ڪونهي، خير جي ڪم ۾ ڪنهن استخاري جي حاجت ڪانهي)

جنهن صورت ۾ مذڪوره ملان، گهڻ سمجهہ جي ڪري ۽ گهڻ غور فڪر جي ڪري هن معني کي نہ پهچن تہ پوءِ انهن کي آيت:

ويحق الحق ويبطل الباطل ولوكرهہ المجرمون

(الله حق کي ثابت ۽ قائم ڪندو ۽ باطل کي ختم ڪندو، ڇو نہ مجرمن کي نہ وڻي)

جي مطابق سهڻي تڪلف ۽ زور سان سمجهائيندا، تہ خلاف شرع،

نامناسب رستي تي هلڻ هن آيت:

انمايدعوا حزبہ ليکو نوا من اصحاب السعير

(شيطان رڳو پنهنجي جماعت کي ٿو سڏي، تہ جيئن جهنم وارن مان ٿين)

جي وعيد هيٺ ٿو اچي. جنهن آيت ڪريمہ سان متصل آيل آهي:

ان الشيطان لڪم عدو فاتخذوه عدوا

(بيشڪ شيطان اوهان جو دشمن آهي، تنهن ڪري ان کي دشمن ڪري وٺو)

ڄاڻڻ تہ لفظ "حزبہ" جو تفسير، آخر سوره مجادلہ جي تفسير ۾ ضمير جي مرجع جي تعين کان پوءِ، سٺي نموني مدلل ٿي ٿو پوي.

پوءِ جيڪڏهن اوهان گرامي قدر مهربانن جي وجود جي ڪري شريعت جي حڪم جي تابع ٿيا تہ بهتر، نہ تہ پوءِ جيئن رئيس جي حمايت اوهان مهربانن جي رضا جي حصول لاءِ آهي، جڳائي تہ رضامنديءَ جي ادني ڪرشمہ جي ذريعي هن بري ۽ خلاف شرع فتني کي هڪ پيري سان ئي ختم ڪري ڇڏيندا. جو اوهان مهربانن جي رضامنديءَ کان رئيس واقف ٿيندو، تہ ان کان پوءِ اسلام جي عظيم احڪامن جي روڪڻ جو ڪانئس تصور ئي نہ ڪري سگهبو. مذڪوره ملن کي جيڪڏهن مسئلي ۾ اڃا تردد باقي آهي، تہ انهن کي هن فقير طرفان سهڻي نموني تسلي ڏيو ۽ جيئن ڳوٺ جي رئيس جو اڳ بہ سمجهائڻ ۽ هڪ ٻئي سان ملاقات مان بہ ڪا اجتماعي صورت پيدا ڪانہ ٿي. ان کي ٻيهر گهرائڻ پڻ ساڳي ڳالهہ ٿيندي، هن صورت ۾ جيڪڏهن، هن فتني جي ختم ڪرڻ ۾ مدد گار ٿئي، جنهن فتني هيترا سال ديگهہ پڪڙي آهي ۽ پين اسلامي احڪامن جي جاري ڪرڻ ۾ بہ رخني جو سبب ٿيو آهي، ان تي مڪمل توجهہ ۽ ڪوشش خرچ ڪري، حقيقت کي ثابت ڪري، ظاهر ڪجي، تہ الاهي رضا جو موجب ٿيندو ۽ پڻ دربار مصطفوي ﷺ ۾ سرخرو ٿيڻ جو سبب ٿيندو ۽ پڻ صاف دلين جي صاحبن جي رضا جو سبب ٿيندو ۽ دنياوي ۽ اخروي نيڪ نامي جو باعث ٿيندو. ۽ صاف چونديل دلين جي رضامندي جو ذريعو بڻبو. جڏهن تہ الله،

جنھن ڪان مدد گھربي آھي، جي فضل سان ھيءَ (فقير) علماء جي قدمن جي خاڪ جي حيثيت رکندڙ بزرگن جي توجهه ۾ مدد سان، باوجود غريبي حال ۽ ڏيرائي جي، جتي به ويجي ٿو، اڪثر علماء فضلاء، اڪابر ۽ شرفاء ان مشھور پھاڪي موجب تہ، "اڪرام الاضياف من ادب الاشراف" (مھمانن جو اڪرام بہ شريفن جو شيوو آھي) توجھہ ڪرم ڪندي لاتعداد ۽ اڻ ڪٿ صحبتن سان ھن غريب جي دلجوئي ڪندا آھن. سويقين آھي تہ اوھان مھربانن جي نيڪ نامي ۽ سمورن جي دلين ۾ سٺي ياد ۽ تذڪرہ خير جو موجب ٿيندو، ھن صورت ۾ تہ ھي فتنو ۽ اختلاف اوھان جي توجھہ سان ٽري وڃي. عالم بالا جي نيڪ نامي ۽ ملاء اعلي ۾ ذڪر خير، ان ڪان بہ وڌيڪ وڻندڙ ۽ پسنديدہ آھي. جيڪڏھن ھن خط کي، جيڪو عوام وٽ نصف ملاقات جسماني مشھور آھي، صوفين جي مشرب مطابق پوري روحاني ملاقات تصور ڪندا تہ وڌيڪ بھتر ۽ مناسب آھي.

❁

(هيءُ مخدوم صاحب جو خط بہ مذڪوره پيرزادي ڏانهن آهي، جيڪو لڪيل معاملو، قلت علم، ضد ۽ بي سمجهائيءَ جي ڪري قبول نہ پيو ڪري.)

حضرت ذوالجلال، جنهن جو بلند نالو عزت وارو آهي، اوهان سيادت ۽ شرافت جي رتبي وارن، خصوصي منزل جي مالڪن، خاندان عزت ۽ رتبي وارن کي سلامت رکي ۽ مصيبتن کان پري رکي ۽ فضيلت ۽ شان جي زيورن سان سينگاري. مسلمانن جي وچ ۾ اصلاحَ جي عيوض آخرت جون منزلون ۽ بلند درجا عطا ڪري، پنهنجي فضل احسان ۽ ڪمال ڪرمن جي مهرباني ڪري.

سلامن جي هدين ۽ پاڪيزه تحفن پيش ڪرڻ کان پوءِ اوهان سڳورن جي آڏو واضح هجي تہ خط شريف جو پهچڻ، لطف ڀرئي مضمون جو مطالعو وڏيڪ خوشيءَ جو باعث ٿيو. مخصوص ملن جي نالي خطبي جو تقرر (يعني انهن کي خطيب مقرر ڪرڻ) جيڪو ڏرين جي اصلاح لاءِ ڪيو ويو هو، شايد هن کان اڳ بہ ڪئي دفعا ٽڪراءَ جو سبب ٿي چڪو آهي ۽ مخالف جواب هڪ ٻئي جي ٽڪراء جي صورت ۾ ظاهر ٿي چڪا آهن. ان ڪري چند چاڙ کان پوءِ هن معاملي جي افهام تفهيم کي بہ لطف ۽ اثرجي دائري کان ٻاهر ٿو ڄاڻان. ممڪن سوچ ۽ نظر ۽ گهري ويچار کان پوءِ ڪو اهڙو جواب جيڪو هن طرف کي ماٺ ڪرائڻ وارو هجي بنهہ تصور ۾ نہ ٿو اچي. باني جي مقدمي کي يڪ لخت موقوف ڪرڻ ۽ ڇڏي ڏيڻ، ۽ مقدمات مان اهم مقدمن يعني جمعي نماز ۽ خطبي تي انهن جي راءِ جي خلاف (ماٺهو) مڪرر فرمائڻ، فقهي روايتن تي عمل جي دائري کان ٻاهر چون ٿا، 'شرح الاشباه و النظائر' ۾ آهي تہ:

"مسجد جو باني، امام، خطيب ۽ موذن مقرر ڪرڻ جو سڀني کان وڏيڪ حقدار آهي، باني جو پٽ ۽ ان جو وارث ٻين کان وڏيڪ حقدار آهي."

انهن، اهڙين روايتن جهڙيون ڪيتريون روايتون، جيڪي اڳين پونين فقيهن جو دستور العمل آهن، سي فقهي ڪتابن ۾ تصور کان ٻاهر

موجود آهن. انهي کان بہ قطع نظر، ڪنهن جي نالي خطيب طور تقرر، باوجود هن جي تہ ان جو ڪلام (خطبو) ٻڌڻ واري جماعت، ڪن ڳالهين جي ڪري، جيڪي اوهان تي سج کان وڌيڪ روشن ۽ ڪالهہ کان وڌيڪ چٽيون آهن، ان کي مڪمل طور ناپسند ٿي ڪري، اهو پڻ نبي ﷺ جي حديثن جي خلاف آهي ۽ پڻ فقهي روايتن جي مضمون جي بلڪل خلاف آهي، مشڪاة المصابيح باب "بحث الامامة" ۾ آهي تہ ابن عباس رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي تہ رسول ﷺ جن فرمايو:

"ٽي ماڻهو آهن، جن جي نماز انهن جي مٿي کان هڪ گرانٽ بہ مٿي نہ ويندي آهي. هڪ اهو شخص، جيڪو اهڙي جماعت جي امامت ڪري، جيڪا کيس پسند نہ ٿي ڪري ... آخر تائين"

۽ ابن عمر رضي الله عنه کان پڻ منقول آهي، تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

" ٽي ماڻهو آهن جن جي نماز قبول نہ ٿي ٿئي. هڪ اهو شخص جيڪو ڪنهن جماعت جي امامت تہ ڪري ۽ اها ان کي پسند نہ ٿي ڪري .... آخر تائين".

هتي اهو وهم نہ ٿيڻ گهرجي، تہ خطابت ٻي ڳالهہ آهي ۽ امامت ٻي ڳالهہ آهي، امامت جي حڪم ۾ شامل ناهي.نہ نہ بلڪہ اها بہ ان جهڙي آهي. جيئن ' المحيط البرهاني' ۾ آهي.

انهن ٻنهي ڳالهين کان قطع نظر انصاف سان ڏسڻ گهرجي ۽ پير تعصب جي دائري مان ٻاهر ڪڍي ڏسجي تہ وڌيڪ عالم وڌيڪ قاري، وڌيڪ پرهيزگار جي هوندي ڪنهن واضح وصفن واري مائٽ جي نالي خطابت جو تقرر ڪيترو نہ ڪتابن جي مخالف چئبو!؟ ۽ وڌيڪ علم وارو امامت جو وڌيڪ حقدار آهي. ان کان پوءِ وڌيڪ قرائت وارو، ان کان پوءِ وڌيڪ پرهيزگار.... (آخر تائين.) باوجود ان جي تہ اهڙي عبارت هدايہ، شرح وقايہ، ڪنزالدقائق وغيره مڙني متنن ۾ موجود آهي ۽ ان جو تفصيل شرحن مان تفصيل سان ۽ تشريح سان ملي ٿو. ۽ "خواهش پرست ۽ بدعتيءَ جي امامت مڪروهہ آهي" جهڙيون (فقهي) روايتون، جيئن قنيہ ۾ ۽ اهڙي طرح خطابت بہ جيئن محيط ۾ آهي، تصور کان ٻاهر آهن. ان باوجود

ان جي خلاف عمل ڪرڻ، مڪمل گستاخي ۽ فقهي ڪتابن جي بي ادبي نہ ٿي چئي سگهجي؟

ان سان گڏ ٻيو عرض تہ، هن بي وجهہ تقرير سان جيڪڏهن اصلاح ممڪن هجي ها تہ صاف دل ۽ اصلاح پسند ماڻهو آيت ڪريمہ :

والصلح خير (۽ صلح ڀلو آهي)

جي تقاضا مطابق بنهہ توقف (ماٺ) نہ ڪن ها.(۽ صلح ڪرائي وٺن ها) هن مقدمي، جنهن کان فارغ ٿيا آهيون. ڪي ٻيهر مفروغ عنہ بنائڻ لا حاصل بلڪ تحصيل حاصل سمجهڻ گهرجي. جيئن اهو انصاف وارن ۽ ڏڦيڙ جي طرف کان پاسو ڪندڙن جي آڏو واضح آهي.

پوءِ جنهن صورت ۾ هيءَ بي وجهہ تقرير، ڪن سببن جي ڪري نبوي حديثن ۽ فقهي روايتن جي خلاف عزيزن ۽ پيارن وٽ قبوليت ڪي نہ پهتي آهي ۽ جهيڙو ۽ هڪ ٻئي ۾ دشمني سالن تائين هلي آهي. ان صورت ۾ غور ۽ گهري نظر سان ڏسجي تہ هي عزيز حديث شريف:

"لايحل لمسلم ان يهجر اخاه فوق ثلاثه ايام"

"مسلمان لاءِ جائز ناهي تہ پنهنجي ڀاءُ کان ٽن ڏينهن کان مٿي ڇنل رهي"

جي وعيد ۾ داخل تہ ناهي؟ يا هن حديث:

من اعطا لله و منع لله و احب لله فقداستكمل الايمان

"جنهن الله خاطر ڏنو ۽ الله خاطر منع ڪيو ۽ الله لاءِ محبت ڪئي، تنهن جو ايمان مڪمل آهي"

جي مصداق بنجي ايمان جي تڪميل جي بشارت جو مالڪ ٿيو آهي؟

۽ آيت ڪريمہ :

ان الشيطان لكم عدومبين فاتخذوه عدوا

(بيشڪ شيطان اوهان جو دشمن آهي، سو ان کي دشمن سمجهو)

۽ ان جي مثان هي آيت آئي آهي:

يا ايهاالناس ان وعد الله حق فلا يغرنكم الحيواه الدنيا ولايغرنكم بالله الغرور

(اي انسانو بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي، تنهن ڪري اوهان کي دوکي ۾ وجهڻ وارو دوکي ۾ نہ وجهي)

لفظ 'الناس' ۾ جيڪو 'استغراق' آهي، تنهن جي تقاضا مطابق خطاب عام آهي. ان ۾ ڪافر ۽ مسلمان ٻئي شامل آهن. مفسرن 'يا ايهاالذين آمنوا' ۽ يا 'ايهاالناس' جي وچ ۾ فرق جي بيان ۾ اها ڳالهہ تفصيل سان لکي آهي. پوءِ هي خطاب ان عزيز سان مخصوص ڪرڻ، جيڪو خود فضائل جو مالڪ ۽ هن آيت ڪريمہ جي معنيٰ جو عارف آهي، ۽ ان جو سمجهڻ ان تي منحصر رکڻ، ظاهر مطابق ڪو وجهہ نہ ٿو رکي. ان باوجود آيہ ڪريمہ جو سمجهائڻ، جهڙي بہ مضمون سان هجي، سمجهائڻ ۽ سمجهڻ واري لاءِ سعادت جو موجب آهي.

بهرحال جيئن اوهان جي ٻي تحرير مان معلوم ٿيو، تہ اهي مهربان الله جي فضل سان فضائل جا مالڪ آهن، تنهن ڪري، 'انزل الناس علىٰ قدر منازلهم' (ماڻهن کي انهن جي مرتبي مطابق رکڻ) جي تقاضا مطابق ۽ 'اعط کل ذي حق حقہ' (هر حقدار کي ان جو حق ڏيڻ) جي مطابق، هر شريف ۽ ڪريل جي مرتبي جو خيال رکڻ گهرجي ۽ ان جي نيڪ ڪوشش کي ضايع نہ ڪرڻ گهرجي. خاص طور جڏهن اصلاح جو ارادو هجي، تاهہ ڪرڻ ۽ الله ۽ سندس رسول ﷺ جي رضا مقصد هجي ۽ جيڪي نفرت پيدا ڪرڻ واريون شيون آهن، تحرير ۾ توڙي تقرير ۾، انهن کان پاسو ڪرڻ ۽ مسلمانن ۾ اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ مقصد هجي.

هن ڏيگهہ جو مقصد هي آهي تہ مقرر ملن کي، جيئن اهي پنهنجي طبيعت مطابق سمجهي سگهن سمجهايو تہ، انهن جي نالي خطابت جو تقرر، چند سببن جي ڪري، جيڪي هن ننڍڙي خط ۾ لکيا ويا آهن، نبوي حديثن ۽ فقهي روايتن جي خلاف ٿئي ٿو. تنهن ڪري ان تڪليف کان درگذر ڪريو ۽ هيترن سارن سالن کان نفرت ۽ دشمني ۽ اسلام جي شعار جي بند رهڻ ۽ شريعت جي مخالفت جو بار نہ کڻو ۽ ان طرف جي خطابت ۽ امامت تي قناعت ڪندي گهري نظر سان ڏسن تہ جيڪڏهن ڪين دنياوي شان گهربل آهي تہ ڪو بہ سندن ملائيت واري شان ۾ پائيوار ڪونهي. پر جيڪڏهن آخرت جو ثواب گهربل آهي، تہ پوءِ اهڙي خطابت، جيڪا نبوي

حديثن جي دليلن ۽ فقهي شاهدين سان اوهان لاءِ جائز ناهي، سا ڪهڙي اجر ۽ ثواب جو موجب ٿيندي؟

اوهان مهربانن طرفان سمجهاڻ ڪان پوءِ به جيڪڏهن ڪنهن کي انهيءَ مسئلي ۾ اجا شڪ آهي ۽ يقين جي درجي تي نہ پهتو آهي تہ هي ناچيز، هيٺين آيت ڪريمہ جي تائيد سان پردا ۽ شڪ دور ڪري ڇڏيندو:

ويحق الحق ويبطل الباطل ولوڪره المجرمون

(۽ حق کي ثابت ڪندو ۽ باطل کي مٽائيندو، ڀل مجرم ناپسند ڪن.)

حق جي واضح ٿيڻ ڪان پوءِ بہ جيڪڏهن معقول ڳالهہ جي تابعداري نہ ڪيائون تہ لازمي طور، هن وعيد ۾ شامل ٿيندا:

خسرالدنيا والآخره وذالڪ هو الخسران المبين

(ان جي دنيا ۽ آخرت خساري واري ٿي وئي ۽ اهو پڌرو خسارو آهي).

حقيقت ۾ جيئن اوهان مهربانن، الله ۽ سندس رسول ﷺ جي رضا لاءِ، معاملي جي اصلاح جي شروعات ڪئي آهي. فقير لاءِ بہ اها ڳالهہ محرڪ ٿي آهي، تنهن ڪري يقين آهي، تہ هرگز ناسمجهن جي سمجهاڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪندا ۽ شعائر اسلام جي رواج جي ذريعي اجر عظيم حاصل ڪندا. پڻ راهہ ويندي مهمان مسافرن جي خوشي حاصل ڪندا، جيڪي امامت ۽ خطابت سان ڪو ڪم ڪونہ رکن. ان سان اوهان کي دنيا ۽ آخرت جي نيڪ نامي هٿ ايندي. وما علي الرسول الا البلاغ المبين.

(خط شريف، جيڪو، ٺٽي شهر کي ڌاڙي ۾ تاراج ڪرڻ لاءِ ميان غلام شاهه ۽ عطر خان جي لشڪر اچڻ وقت، هن ناچيز جي طلب ڪرڻ لاءِ، حضرت مولانا مخدوم محمد صادق، عين انهيءَ حالت ۾ عنايت فرمايو هو.)

حامد او مصليا و مسلما

الله اوهان کي سلامت رکي ۽ بقا عطا ڪري، زماني جي حادثن کان محفوظ رکي، منهنجا دوست، مهربان، وڏيڪ شفقت وارا! قسمين قسمين حادثن ۽ مختلف سختين اچڻ جي ڪري وطن ڇڏڻ ضرور ٿي پيو آهي، اسان پنهي پاڻرن جو فوري طور تي نڪرڻ جو پڪو ارادو آهي، پر طرف ۽ سمت مقرر ڪرڻ ۾ تردد آهي. البت غالب گمان ۽ قوي اميد حضرت الاهي مان اها آهي ته ديار شريف (حرمين شريفين) الله انهن جو شرف ۽ عزت وڌائي، ڏانهن سفر نصيب ٿئي. سيني ماڻهن مٿن سميت ان دربار ۾ رهڻ جو شرف نصيب ٿئي، جيئن ته اوهان مهربان ايترو ويجهو پهتا آهيو، طبيعت گهري ٿي ته فرحت پرئي اچڻ سان خوشي بخشيو. ته پي صورت ۾ جيڪڏهن قسمت سان عزيمت جو اتفاق وقوع ۾ اچي ٿو ته ان جي حوالگي به هن وقت ٿي وڃڻ گهرجي. البت هن وقت لشڪر جي اچڻ جون وحشتناڪ خبرون وغيره پڻ ٻڌجڻ ۾ اچي رهيون آهن. ان بنياد تي اوهان سڳورن جو اچڻ مناسب نٿو لڳي، جنهن صورت ۾ سفر مبارڪ جي سعادت حاصل ٿي وڃي، اوهان جي ملاقات پڻ ان اتفاق دوران ٿي وڃي، ته اهو سٺو اتفاق ٿيندو. اهو ئي اسان گهرون ٿا، نه ته اوهان جي دين، امانت ۽ اوهان جي عملن جي پڇاڙيءَ کي الله جي حوالي ٿو ڪريان، اوهان کي ان الله جي حوالي ٿو ڪريان جنهن جي پناهه ۾ آيل ڪڏهن ضايع نه ٿيندو آهي والسلام عليکم اولا و آخرا.

(خط شريف حضرت مخدوم محمد صادق صاحب جو، الله کيس دنيا ۽ دين ۾ عافيت بخشي ۽ سندس پاڇو، سندس طالبن تي، سندس محفل ۽ ڪمال جي انوارن مان چٽڻنگ وڻندڙن تي ڏڪهو ڪري.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الله اوهان کي سلامت رکي عافيت بخشي، اوهان جي مدد ڪري، اوهان جو واهي بڻجي، زماني جي حادثن کان اوهان کي بچائي ۽ اوهان جو حامي ۽ ناصر رهي. آمين، آمين!

مسنون سلامن ۽ پاڪيزه تحفن عرض ڪرڻ کان پوءِ عرض آهي ته خيريت ۽ عافيت سان 27 صفر المظفر ۾ شهر ٺٽي پهتاسين، ٺٽي جا احوال جهڙا آهن، تهڙا آهن. اميد ته دلي توجهه کان نه وساريندا. فقير بنهه وسارڻ وارو ناهي. في الحال جيئن ته تازو اچڻ جو اتفاق ٿيو آهي، طبيعت جي منتشر هئڻ جي ڪري خط لکڻ جي فراغت نه ٿي سگهي. لاچار هنن ٻن ڪلمن تي بس ٿي ڪجي. انشاءَ الله اڳتي مڪمل خط خدمت ۾ موڪلبو. والسلام . ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف جا سلام قبول پون. مڙني دوستن کي سلام چئجو. منهنجو ڀاءُ ميان نعمت الله جيو ۽ ميان عبدالڪريم نوشهرائي سلام ٿا چون. صاحب مهربان ميان يار محمد ۽ ميان غلام محي الدين جيو جا سلام قبول ڪندا.

(آخري خط شريف منهنجي مهربان، منهنجي استاد حضرت مولانا مخدوم محمد صادق رحمة الله عليه جو، جيڪو آخري بيماريءَ ۾، لڪپت بندر کان اچڻ وقت لکڻ جي عنايت ڪيو هئائون. فقير (مخدوم عبدالله) تنهن زماني ۾ شهر ڀُڄ ۾ هو. موڪليل قاصد پڻ اتي آيو ۽ هي خط پهچاياڻين.)

منهنجا دوست، مهربان ! الله تعاليٰ اوهان کي سلامت رکي ۽ عافيت بخشي. مسنون سلامن کان پوءِ اوهان آڏو واضح هجي ته فقير شهر ٺٽي کان سترهين ذوالقعده تي روانو ٿي، هاڻي بندر لکپت عرف مود پهتو آهي. البته بکياري جي هنڌ تي پهچي پراڻي بيماري موٽي آئي آهي. گهڻي شدت ۾ پيڙن ۾ سوار ٿي مؤ بندر پهتو آهيان، تفصيل سان لکڻ جي طاقت ڪانهي. مختصر اهو ته خط ڏسندي شرط، اوهان صاحب فقير وٽ تشريف فرمايو. هڪ گهڙي به دير نه ڪندا، جيئن ته بدڻ ۾ آيو ته اوهان صاحب ڀڄ نگر ۾ تشريف فرما آهيو، گهڻو دل گهريو ته اتي پهچان، جيڪڏهن نه ته نريي پهچان، پر طاقت نه ٿي سگهي، بيماري گهڻو زور وٺي وئي آهي، هڪ ڀيرو ملاقات ضروري، تمام ضروري آهي. جيڪڏهن وقت جي گهرج هجي ته چند ڏينهن ڀڄ نگر ۾ هجو ته پوءِ اتاهون موڪلائي نه اچجو. البته هن وقت جڏهن خط پهچي ته هڪ ڏينهن به دير نه ڪجو، ڪٿي فقير جي حياتيءَ جا ڏينهن وفا نه ڪن. هن کان وڌيڪ لکڻ جي طاقت نه اٿم. ڊگهي عبارت بجاءِ اوهان لاءِ اشارو ڪافي آهي ۽ هي خط به ڏيري حال ۾ لکيو اٿم. وافوض امري الي الله ان الله بصير بالعباد . (آءٌ پنهنجو معاملو الله جي حوالي ٿو ڪيان. بيشڪ الله ٻانهن کي ڏسي رهيو آهي). والسلام.

(عزت پريو خط، فضل ۽ ڪمالات جي مالڪ، حلم، بردباري ۽ سٺن گڻن جي صاحب، سهڻين وصفن ۽ ڪمالن واري عالمن جي اڳواڻ، صالحن ۽ پرهيزگارن جي نموني، مولانا شيخ نعمت الله جو. الله اسان کي سندس برڪتن مان فائدو ڏئي، جيڪي هو قرآن جي آيتن پڙهڻ مان حاصل ڪري ٿو.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

عطائن ڪرڻ واري ذات (الله تعاليٰ) صلاحيتن واري، سعادتمنديءَ تي فائز هستي، سهڻين وصفن واري، فيض پرئي عبدالله جيو، سلمہ ربہ کي ظاهر ۽ لڪل مهربانين سان سرفراز فرمائي ۽ حقيقي ڪاميابين ۾ سوڀارو فرمائي. الله جي مهرباني ۽ احسانن سان خط مبارڪ عين حفاظت ۾ پهتو خوشي ٿي. هنن ڏينهن ۾ حالات جي واقفيت جي طلب ۽ ڪيفيتن جي پريشاني ۽ حقيقت جي مختلف هجڻ دل بي چين ڪري ڇڏي هئي. الحمد لله خط پهچڻ سان اطمينان حاصل ٿيو. البتہ پنهنجي گهر کان نڪرڻ جي ڪيفيت ۽ پيش ايندڙ حالات لکيل نہ هئا، ان ڪري رهيل بيچيني زائل نہ ٿي آهي، اوهان کي گهرجي تہ هيءَ خط پهچڻ شرط ئي خيريت جا احوال تفصيل سان لکندا. پڻ پاءَ مهربان ميان اديب الله صاحب، جيڪو ڇام ننگر کان پيڙيءَ تي چڙهي بندر ڪڪرالي نڪتو آهي، سو اجا تائين نہ پهتو آهي، حقيقت معلوم نہ ٿي آهي، ان باري ۾ بہ ڪن حالتن کان واقف هجو تہ خط جي ضمن ۾ بي چيني دور فرمائيندا. ان بابت لکڻ جي ضرورت کان اوهان واقف آهيو. والسلام.

مير صاحب سيد يار محمد جيو ۽ ميان سيد حامد جيو ۽ ميان غلام محي الدين و محمد اشرف وغيره طرفان دعائون قبول ڪندا. برخوردار ميان عبدالجميل سلام چوي ٿو ۽ معلوم هجي تہ برخوردار ميان گل محمد بيت الله جي حج جي ارادي سان ۽ جناب حضرت سيد المرسلين عليه وعليٰ آله وصحبہ الصلوات والسلام جي زيارت جي ارادي سان مسقط جي رستي عرب ملڪ ڏانهن روانو ٿيو آهي، مسقط کان پوءِ خبر نہ پهتي آهي. انشاءَ الله

هن حج جي سعادت حاصل ڪري وٺندو.

الله تعاليٰ هن حقير ٻانهي تي پٽ جو احسان ڪيو آهي. ان جو نالو قاسم رکيو آهي، محمد حسن ڪري ان کي سڏيو ويندو. اهو تاريخ 28 ربيع الاول هن سال جو واقعو آهي. ان جي وڏي عمر ۽ وڏي علم جي دعا ڪندا ۽ دعا ڪندا ته سندس دين ۽ دنيا برڪت وارا ٿين. سندس پيءُ لاءِ، جيئن اوهان واعدو ڪيو آهي، دعا ڪندا، اهو ان جو گهڻو ضرورتمند آهي. ان جو اوهان کي اجر ملندو. اوهان لاءِ به اهڙيون دعائون ڪبيون انشاءَ الله تعاليٰ.

اسان جي طرفان عزيز ڀاءُ عبدالسلام، عبداللطيف، محمد عاقل، محمد صالح ۽ عمر بصير ۽ موسيٰ ۽ جان محمد ۽ اوهانجي خدمتگارن کي سلام چوندا. جن جا نالا مون کان وسري ويا آهن، پر انهن جو شان ۽ سچو مرتبو نه وسريو آهي. اوهان پنهنجي خط ۾ انهن جا نالا لکو ۽ انهن جو احوال لکي موڪليو ۽ اهي هاڻي ڪيئن آهن، اهو به لکو. اهي اوهان وٽ پنهنجي گهر کان سٺا آهن. جيڪڏهن انهن مان ڪو پنهنجي گهر آهي ته ڪيس خط لکو ۽ تلقين ڪريو ته هميشه ملاقات لاءِ ايندا رهن ۽ ڀاءُ مغفور جي تربت تي اچڻ لازم ڪري وٺن. ۽ اوهان تي ملاقات جي عيوض لازم آهي ته جيترو ٿي سگهي صبح شام ذڪر اذڪار، دعائون ۽ تلاوت هديو ڪندا رهو. والسلام.

(خط شريف موڪليل مولانا مخدوم نعمت الله جو)

بسمرالله الرحمٰن الرحيمر

انساني ڪمالن جا خزانا بلند ۽ عالي ڪمالن جا سرچشما، جيڪي علوم ۽ معارف مسنونہ جي عام ليکي کان بہ مٿي وارن درجن تي فائز آهن. کين مسنون سلام ۽ دعائون. آمين.

مسنون سلامن ۽ دعائن کان پوءِ اوهان آڏو واضح هجي تہ اوهان مهربانن جو لکيل خط مليو. 21 تاريخ کان بخار تي پوڻ جي ڪري طبيعت ڪمزور ٿي پيئي. ان دوران خط ۾ لکيل حقيقتن کان واقف ٿي پاڻ اچڻ لازم ڄاتمر. پر طبيعت جي صورتحال، جيڪا عين انهن ڏينهن ۾ اهڙي خراب ٿي، جو لاچار اچڻ تان هٿ کنيمر. ۽ سيد حامد جيئن تہ پنهنجي والده وٽ، جيڪا سخت بيماريءَ جي حالت ۾ آهي، حاضر ۽ ان معاملي ۾ تمام گهڻو مصروف آهي، انهن اتفاقن جي ڪري صورتحال ان طرح جڙي تہ برخوردار ميان گل محمد ان طرف روانو ٿيو آهي، بہ ڪتابي بہ ساڻس گڏ آهن. الاهي فضل ۽ مهربانين کان نااميد ناهيان. اميد تہ پنهنجي بي انتها رحمت سان هنن بي وسن تي رحمر فرمائيندو ۽ بيماريءَ ۾ ڪجهہ هلڪائي ٿيندي ئي برخوردار ميان گل محمد ۽ ڪتابين (شاگردن) سان ان طرف اچي پهچان، تہ اهو ڳجهين الاهي مهربانين کان پري ناهي. شروع بيماريءَ ۾ منهنجي مشفق موٽڻ جي صلاح ڏني. دلي دعائن جي مدد پهچائي ۽ بزرگيءَ ۽ ڪمال شان جي تقاضا مطابق خدمتون ڪيون، جيڪي اوهان مهربانن جي خط ۽ اوهان جي شاگرد جي زباني معلومر ٿيون. الله سبحانہ وڏي اجر تي قدرت رکي ٿو ۽ انهن جي دنيا ۽ آخرت جي بدلي ڏيڻ تي قدرت ٿو رکي. الله جي احسان ۽ ڪرمر سان شاگرد يونس ائين ظاهر ڪيو تہ پيٽ جي بيماري کان مڪمل شفا آهي ۽ اجا هڪ باقي آهي اها بہ شفا جي ويجهو آهي ۽ وٽس خرچو گهٽ هجڻ جو اشارو بہ ان وٽان سمجهہ ۾ آيو. ان بنياد تي نٽي جا ضرب ڏنل نو روپيہ ان جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن تہ جيئن جلد پهچي وڃن. ۽ اهي تاڪيد سان پهچندا. پڻ ڪجهہ خرچ برخوردار ميان گل محمد سان گڏ آهي. سواءِ انهن جي جيڪي ڪمر اچن، ٻيا هندوي ڪرائي ڇڏي. والسلامر. ❁

(وٽندڙ ۽ دل گهريو خط مولانا مخدوم نعمت الله جو، الله سندس علمن ۽ ڪاميابين جو اسان کي فائدو ڏئي ۽ سندس ڪمالن ۽ برڪتن جو اسان کي نفعو ڏئي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الله اوهان کي سلامت رکي ۽ جيڪو اوهان کي ڏنو اٿائين، ان ۾ اوهان کي وڌائي، احقر العباد فقير نعمت الله جي طرفان نوڙت وارن سلامن کان پوءِ معلوم هجي ته، چوٿين تاريخ مهيني ذوالقعده ڏاري حضرت صاحب قبلہ رحمة الله عليه هن عارضي دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي. انالله وانا اليه راجعون. موڪليل خط شاگرد نور محمد جي هٿان، مطالعو ڪيو. نور محمد جي راضي ڪرڻ جي باري ۾ لکيل هو. احقر جي طبيعت بہ اهو ئي ٿي گهريو. اوهان جي لکڻ کان پوءِ بنهي پاسي جي راين ۾ اتفاق ٿي پيو ۽ جيڪا رضامندي طئي ڪيل هئي، اها سچي عمل ۾ آندي ۽ جيڪا رقم منهنجي پاءُ صاحب جي طرفان پاڻ طلب ظاهر ڪيائين، سا ان کي پهچائي وئي ۽ قبضي ۾ ڏني وئي ۽ دل سان راضي ٿي ويو. ان تي الحمدلله. جيڪڏهن اهو ان دوران ان طرف اچي، تہ اڳواٽ اها معنيٰ (راضي نامي واري) ضمير روشن تي واضح هجي. اوهان جي خدمت ۾ گذارش اها آهي تہ برڪت وارين گهڙين ۾ بنهي جهانن جي خيريت جي دعائن ۾ ياد فرمائيندا. هيڏانهن بہ انشاءَ الله ائين ئي ٿيندو. والسلام.

(عزت ۽ عظمت وارو خط مبارڪ، ڪمالن جي جامع ۽ فيض جي سرچشمي، مولانا مخدوم نعمت الله طرفان. الله سندس عمر وڏي ڪري ۽ سندس فضل ۽ برڪتون هميشہ قائم رکي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضيلتن ۽ انساني ڪمالن جي کاڻ، روشن فضيلتن ۽ وڻندڙ صفتن جي سرچشمي، منهنجو مطلب، علمي ۽ معنوي وصفن سان موصوف، برڪت واري ذات آهي. الله تعاليٰ کيس سندس نالي مطابق خالص عبديت جي مقام مان مٿاهين سطح تي فائز رکي. دنيا ۽ آخرت جي مقصدن ۾ کيس ڪامياب ڪري آمين. آمين.

احقر جو خط ياءُ صاحب، سلمہ ربہ، ڏانهن، اوهان صاحبن جي شاگرد ميان يونس جي حوالي ڪيو ۽ نو روپيہ شهر ٺٽي جا ضرب ڏنل (جنهن جو اڌ ساڍا چار روپيا موصوف ٽين تا) پڻ ميان يونس جي حوالي ڪيا آهن. اهي پهچندي شرط ياءُ صاحب جيو جي خدمت ۾ پهچائجو. هن خط پهچڻ کان اڳ جيڪڏهن ياءُ صاحب اتاهون موڪلائي روانا ٿي چڪا هجن تہ خط ۽ نو روپيہ ٺٽئي ميان يونس کان وٺي قابو ڪندا. جيڪڏهن ياءُ صاحب اجا ويجهو هجي تہ خط ۽ رقم پنهنجي ڪنهن شاگرد هٿان وٽس پهچائيندا. خط ۽ رقم جي لکيل رسيد طلب ڪندا. (۽ اها) خط مبارڪ جي وچ ۾ ميان نجم الدين جيو ڏانهن ڪڪر الي پهچائيندا. تہ انشاءَ الله اهي پوري تاڪيد سان پهچائيندا. ياءُ صاحب جيو جي خيريت ۽ صحت جو احوال پڻ پنهنجي خط ۾ لکي موڪليندا. قبوليت جي گهڙين ۾ پنهنجي مقبول دعائن ۾ ياد ڪرڻ لازمي سمجهندا. پڻ سلام پنهنجي فرزندن کي پهچائيندا. السلام عليڪم اولاً ۽ آخراً . اوهان صاحبن جي مڙني شاگردن کي بہ سلام پهچائيندا.

(مخدوم نعمت الله جو خط، الله ڪيس سلامت رکي ۽ ڪيس معاف رکي ۽ سندس وڏن کي بہ معاف ڪري جيڪي هي جهان ڇڏي چڪا آهن.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضيلت وارن ڪمال جي صاحبن، سهڻن گهڻن رکڻ وارن ڀائرن جي اڳواڻ، منهنجي صاحب ۽ مڪرم ميان عبدالله جيو ڏانهن. الله ڪين سلامت رکي.

مسنون دعائن کان پوءِ واضح هجي تہ الحمدلله هن پاسي جا حالات خيريت ڀريا آهن. ۽ الاهي ساراهہ جا گهرجائو آهن. اوهان فضيلت ڀرين جي خيريت ۽ عافيت مطلوب ۽ مسئول آهي. چاڪاڻ تہ وڏي عرصي کان اوهان پنهنجي خيريت ۽ عافيت جي خبر نہ لکي آهي. ان ڪري انتظار تي پيو آهي. هن خط پهچڻ تي لازمي طور پنهنجي خيريت ۽ عافيت ۽ برخوردارن جي خيريت ۽ عافيت لکي موڪليندا تہ تسلي ٿئي. اڳتي ايندڙ ويندڙ هٿان خيريت جي خبر ڏيڻ وارا خط لکندا رهندا، تہ دل جي تسليءَ جو سبب ٿيندا رهندا. والسلام عليڪم وعلیٰ من لديڪم.

(خط شريف ۾ باريڪ پيغام مولانا معظم، عالم ۾ عالمن جي اڳواڻ، محبت وارن جي نموني مولانا شيخ عبدالرحمان عليه الرحمة والغفران جو.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بخدمت فيض درجت مخدوم معظم مشفق مڪرم، فضل ۽ شان وارا، ڪمال ۽ بزرگيءَ جا صاحب، فضل ۽ ڪمال جي قانونن جا جامع، حقيقت ۽ معرفت جا ڄاڻو، بيشڪ منهنجا ياءُ ميان عبدالله! جيو الله تعاليٰ ڪيس سلامت ۽ باقي رکي. زماني جي حادثن ۽ مصيبتن کان محفوظ ۽ پاڻ پرورکي.

ججهن سلامن ۽ پاڪيزه سوکڙين پيش ڪرڻ کان پوءِ، روشن ضمير آڏو واضح هجي ته، هن طرف جا احوال الله جل شانہ جي مدد سان خير عافيت ۽ سلامتيءَ وارا آهن. خيريت ۽ سلامتي الله تعاليٰ جي بارگاهہ مان مطلوب آهي. جيڪو عرض ڪرڻو آهي، سو اهو ته تي عدد خط، جيڪي اوهان تفصيل سان لکيا هئا، سي پهتا آهن. حقيقت، جيئن اها هئي، معلوم ٿي. اوهان جي خط پهچڻ کان اڳ هڪ خط دين شريف جي دشمن ۽ مخالف طرفان بہ حضرت صاحب قبلہ مهربان فيض بخش فيض پهچائڻ وارن مد ظلہ العاليٰ جي خدمت ۾ پهتو. اهو بجنسي هن محبت نامي ۾ لفافي ۾ بند ڪري موڪلجي ٿو. ان ڪي مطالعي ۾ آڻيندا. جيڪو ائين ڪري ٿو سو ان جي لائق آهي. ۽ انشاءَالله تعاليٰ دين متين جا دشمن ۽ شريعت مبين جا مخالف وڏ ۾ وڏ تباهہ ٿيندا. تسلي رکندا. ۽ ان خط جو جواب ان ڏانهن نہ لکندا. ان طرف لکڻ پڙهڻ کي موقوف رکندا.

ڇاڪاڻ ته جيڪو ضد ۽ راءِ ۾ تيڙائي ظاهر ٿو ڪري اهو بنهہ ڪوڙو آهي. ان تي اعتبار نہ رکندا ۽ حضرت صاحب مدظلہ اهڙين غلط ڳالهين ٻڌڻ تي گهڻو ڌڪارا ٿيندا آهن ۽ اُنَ مهاري تي اعتبار نہ فرمائيندا آهن ۽ شادي جو معاملو اڳ تفصيل سان ميان موسي سان لکي موڪليو آهي، اميد ته حاجي سمهہ جيو پڻ خدمت ۾ حاضر ٿي هن شادي جي

معاملي کي پيش ڪندو. ان ۾ دير نہ ڪجو ۽ برخوردارن، سعادت نشان ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف ۽ انهن جي پيڻ محترمہ وغيره مڙني گهر وارن، پيارن، دوستن ۽ قديم مخلصن، اسان جي هرحال پڇڻ واري کي سڪ مان سلام پهچائجو. والسلام عليڪم ورحمة الله.

(هيءُ شرف پريو خط پڻ مخدوم معظم، شفيق، مهربان مخدوم عبدالرحمان جو آهي. مٿس سندس رب جي رحمت هجي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضيلت ۽ فضل جي مرتبي وارا، جلال ۽ جمال جي منزلت وارا، فضل ۽ ڪمال جي قانونن جا جامع، عزت ۽ شان وارن طريقن جا سرچشما پياءُ مهربان مخدوم عبدالله صاحب جيو الله ڪيس سلامت رکي، ڪيس بقا بخشي، زماني جي حادثن کان محفوظ ۽ سلامت رکي.

پاڪيزه سلامن، دعائن کان پوءِ اوهان جي روشن ضمير آڏو واضح هجي ته هن پاسي جا احوال شڪر ڪرڻ جهڙا آهن. اوهان جي خيريت ۽ سلامتي ان ذات جي بارگاهه مان مطلوب آهي.

جيڪا ڳالهه چوڻ مقصد آهي، سا اها ته عجب مٿان عجب آهي ته ڪي به ڪلما، حضرت قبله علمائن جي اڳواڻ قدس سره و نور ضريحه جي تعزيت جا، خلوص پرئي ميان يونس ڪتابي يا ڪنهن به اچڻ وڃڻ واري جي هٿان لکي نه موڪليو. هيءَ ڳالهه اوهان جي شان جي لائق نه هئي. بلڪ ان ڪري ڪن گهٽن ماڻهن گهٽي تنول ۽ هجو ڪئي آهي. هن طرف کان به هيءُ ائين لکڻ بهتر نه هو پر محبت ۽ پنهنجائي جي دارگيري جي طور لکڻ ۾ اچي وئي آهي، خير جي دعائن ۾ فقيرن جي زمري مان سمجهي، دل جي ڪنهن گوشي ۾ ياد ڪندا ۽ هن طرف کان به گهڻتائي نه ٿي آهي، نه ٿيندي. برخوردارن سعادت پرين ٻنهي اکين جي ٺارن ميان عبدالسلام جيو ۽ ميان عبداللطيف جيو ۽ ٻين دوستن ميان بانو، گل محمد وغيره جهڙن مخلص مردن، مرحوم محمد رنگريز جي پٽ ۽ ٻين سيني دوستن کي سلام سنت اسلام پهچائيندا. ۽ السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته.

منهنجي فيض واري ۽ فضيلت پريي پياءُ صاحب، (الله کين سلامت رکي) جي طرفان ۽ برخوردارن سعادت مندن ميان محمد ۽ ميان ابراهيم جي طرفان پاڪيزه سلام پهچن. حاجي عبدالڪريم ڪتابي جي طرفان سلام سنت اسلام اوهان جي خدمت ۾ سڄي اولاد سڳوري جي خدمت ۾ پهچن. اوهان جي حق ۾ خيريت جي دعا کان غافل ناهيان، نه ٿيڻ گهرجي. اميد ته اوهان جي طرفان به ياد ڪيو ويندو هوندو. والسلام. ❁

(پيارو ۽ پسنديده خط مشفق مهربان منهنجي ياءَ مخدوم عبدالرحمان صاحب شان وارن جو.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

جناب فضيلت ۽ فضل جي مرتبي وارا، ڪمال ۽ جلال جي منزلت وارا، ظاهري ۽ معنوي ڪمالن جا جامع، ڪسبي ۽ وهبي چڱاين ۽ خوبين جا سرچشما، الله ڪارڻ ياءُ شيخ عبدالله، الله ڪيس سلامت رکي، باقي رکي، سندس حفاظت ۽ مدد ڪري، آخري زماني جي سختين کان محفوظ ۽ سلامت رهي.

سلامن ۽ مان وارين سوکڙين جي رسمن کان پوءِ اوهان جي روشن ضمير آڏو واضح هجي تہ معاوضو جيڪو مهربانيءَ ۽ لطف سان عنايت فرمايو هو، سو بهترين گهڙين ۽ شرف واري وقت ۾ پهتو. بيحد خوشي ٿي ۽ حضرت قبلہ مدظلہ العاليٰ جي مهر سان لکيل خط اوهان جي چوڻ مطابق، پيار محمد ڪوتوال ڏانهن مهيني اندر لکيل ڪتاب، هن محبت نامن ۾ ويڙهي موڪليا آهن، اميد تہ انهن کي شرف وارين نظرن مان ڪڍي، مشار اليہ ڏانهن پهچائيندا. ڪتاب محفوظ ان کان وٺي پهچائيندا.

فضيلت پناهہ منهنجا ياءُ ميان حاجي مخدوم محمد صادق جيو الاهي تقدير سان اوڪ ۾ موٽي پهتا آهن ۽ تمام گهڻي سختي ۽ بي چيني ۾ آهن. ٻولا ڪري، سندن خدمت گذاري ۾ ڪوتاهي نہ ڪجو. ڇاڪاڻ جو سندن ياءُ فضيلت ۽ شان وارا ميان مخدوم نعمت الله جيو بلڪ سڀ سندن دوست، ان سبب جي ڪري تمام گهڻو پريشان آهن، پر صبر کان سواءِ ٻيو ڪو رستو بہ ڪونهي، ان ڪري استرجاع (انا لله وانا اليہ راجعون) جي ڪلمي تي ڪفايت ٿي ڪجي. سيني برخوردارن اوهان جي نورچشمن وغيره کي، فقير ۽ سيني برخوردارن وغيره جا سلام سنت اسلام پهچائيندا. ۽ السلام عليڪم، ورحمة الله وبرڪاتہ حضرت قبلہ مدظلہ العاليٰ جي طرفان ۽ منهنجي شان واري ياءُ صاحب، الله کين سلامت رکي جا گهڻا سلام قبول پون. والسلام ثم السلام. ۞

(خط حضرت مخدوم عبدالرحمان جو الله تعاليٰ مٿس رحمت ڪري، آخوند محمد شفيع رهندڙ ڪوٽيا نہ جي طرف.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

جناب فيض وارا، فضل ۽ شان وارا، ڪمال ۽ جلال جا صاحب، حقيقت ۽ معرفت جا ڄاڻو آخوند محمد شفيع صاحب ۽ منهنجا ڀاءُ مڪرم محب، معظم سهڻي صفت وارا فضيلت ۽ ڪمالن جا صاحب ميان يار محمد صاحب، الله ڪين سلامتي ۽ عافيت بخشي، هميشہ صحت ۽ چڱ ڀلائي ۽ عافيت ۾ هجن.

هزارين سلامن ۽ قسمين قسمين تحفن ڪان پوءِ سعادت ڀري خدمت ۾ عرض ڪجي ٿو تہ جنهن ڏينهن اوهان صاحبن ڪان موڪلايو آهي، غم ۽ ڏک جي سمنڊ ۽ لشڪر اهڙو رخ ڪيو آهي، جو ان جو تفصيل حد ڪان ٻاهر آهي. الله جي مدد سان چوويهين تاريخ جمادي الثاني ڳوٺ نريہ ۾ مخدوم معظم شان وارن عبدالله صاحب جي خدمت ۾ مڙني رفيقن سان گڏ پهتاسين. ڪجهہ ڏينهن اتي مخدوم موصوف وٽ رهياسين. ان ڪان پوءِ پنهنجي ڏيهہ روانا ٿياسين. اوهان تسلي رکو.

مخدوم موصوف عاليٰ جناب جي زيارت لاءِ ايڏانهن اچن ٿا. پڻ ڪي ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي مرحوم ميان حاجي نور محمد جي خزاني (لائبريري) ۾ موجود آهن. اميد تہ گهڻو تاڪيد ڄاڻندي، بلڪ منهنجي ڀاءُ صاحب ميان يار محمد ڪي ساڻن گڏي، مذڪوره ڪتابن مان جيڪي ڪين گهربل هجن، سهڻي نموني خريد ڪري، سندن حوالي ڪندا. ڄاڪاڻ تہ ملا علي، جيڪو حاجي موصوف جو وارث آهي، تنهن جي احوال مان اهو سڀ معلوم ۽ ظاهر آهي. اميد تہ هن باب ۾ گهڻو تاڪيد ڄاڻي، هر معاملي ۾، جنهن ۾ بہ اهي اوهان سان رجوع ڪن، سندن شان وٽان سندن ائين مدد ڪندا جو تمام گهڻو خوش ٿي شڪرگذاري ظاهر ڪن. موصوف گهڻي رعايت لهڻن ٿا. هن باري ۾ ٿورو لکيو گهڻو سمجهندا ۽ دعا خير ۾ نہ وساريندا. هن پاسي ڪان ڪوتاهي ڪانہ ٿي آهي، نہ ٿي ٿيندي. والسلام.

(خط مخدوم معظم سهڻين صفتن جي مالڪ، فضل ۽ ڪرم جي صاحب مولانا شيخ عبدالرحمان جو الله تعاليٰ ڪين ۽ سندن اولاد ڪي مڙني آفتن ۽ تڪليفن کان سلامت رکي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده و نستعينہ و نصلي عليٰ رسولہ محمد و آله وصحبہ اجمعين.

اما بعد جناب فيض مآب فضل ۽ مهر ڏٽي، ڪمال ۽ جمال جا صاحب، حقيقت ۽ معرفت جا ڄاڻو باريڪين ۽ معرفتن کان واقفيت رکندڙ ميان عبدالله، جيو. الله ڪين سلامت رکي زماني جي مصيبتن ۽ بي دين دشمنن کان محفوظ رکي.

پاڪيزه سلامن، پورين دعائن کان پوءِ روشن ضمير آڏو واضح هجي تہ ٻہ عدد خط موڪليل پهتا. انهن جو مضمون وضاحت سان انجام ڪي پهتو. دشمنن نالائقن، الله ڪين قيامت تائين خوار خراب ڪري، جي ڳالهين تي اعتبار نہ فرمائيندا. ڇاڪاڻ تہ دشمنن جون ڳالهيون ڳُٽپ کان ٻاهر هونديون آهن، انهن تي اعتبار نہ ڪبو آهي، حضرت حق جل شانہ جي بارگاهہ ۾ پاڻ ٻہ التجا ڪندا رهو، معاملوان جي حوالي ڪريو، دل ۾ ڪو بہ ڪتڪو نہ رکو. اوهان جي حق ۾ خير جي دعا پنهي جهانن ۾ دشمنن جي شر کان حفاظت جي دعا کان غافل ناهيان، نہ ٿي ٿيندس. تسلي رکو.

فرزندن ارجمندن ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف، الله ڪين اها توفيق ڏئي، جنهن مان پاڻ راضي هجي، جي خدمت ۾ ۽ حاجي اسماعيل، ميان موسيٰ ۽ سيني واقفڪارن مخلصن ڪي سلام پهچائيندا.

والسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہٗ.

قبلہ حضرت مدظلہ العالي طرفان ۽ شان واري پاءُ صاحب جي طرفان پاڪيزه سلام ۽ دعائون پهچن. ۽ مخدوم محمد صادق جيو بتاريخ 27 صفر 1172هہ سلامتي سان پهتا. اوهان تسلي رکندا.

(خط شريف اسان جي حضرت مولانا مخدوم عبدالرحمان قاري جو، الله تعاليٰ سندس حفاظت فرمائي ۽ سندس فضل ۽ فيض هميشہ جاري رکي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بخدمت جناب فيض وارا فضيلت ۽ فضل وارا، ڪمال ۽ جلال جا مالڪ، حقيقت ۽ معرفت کان آگاهي رکڻ وارا مخدوم ميان عبدالله صاحب جيو، کين الله تعاليٰ کين سلامت رکي.

صاف سلامن، پاڪيزه دعائن کان پوءِ روشن ضمير آڏو واضح هجي تہ هن پاسي جا احوال شڪر جهڙا آهن. اوهان خوبين ڀري ذات جي خيريت ۽ سلامتي الله تعاليٰ جي بارگاهہ مان مطلوب آهي، جيڪا ڳالهہ ڪرڻي آهي، اُها هيءَ تہ ڊگهي مدت گذري آهي جو ڪي بہ جملا خيريت ۽ پنهنجي وطن پهچڻ جا نہ لکيا اٿو. ڪڏهن لکي موڪليو دل مطمئن ٿي وڃي، پڻ خير جي دعائن کان غافل ناهيان. نہ ٿيندس. تسلي رکندا. دوست محترم مخلص هيءُ خط آڻيندڙ ميان جلال نالي غريب ماڻهو ۽ چڱين خصلتن جو مالڪ آهي، حرمين شريفين جي زيارت جي ارادي سان، الله ٻنهي حرمن شريفن کي تعظيم ۽ تڪريم ۾ وڌائي، اوهانجي خدمت ۾ اچي ٿو. اميد تہ وس آهر ان جي مدد فرمائيندا. کيس ملادوسہ ڏانهن، بندر منڌئي ۾ يا ڪنهن ٻئي طرف، جتي اوهان مناسب سمجهو، موڪليندا. اها ڳالهہ اجر عظيم جي باعث ٿيندي. وڏيڪ دعائن ۾ ياد رکندا. اولاد امجاد، الله کين ثابت رکي ۽ جيڪو ان ذات کي وٽي ان جي کيس توفيق عطا فرمائي ۽ مڙني حويلين وارن کي ۽ مڙني واقف دوستن کي سلام ۽ دعا چوندا ۽ السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ حضرت جامع الفضل ۽ منهنجي ياءَ شان وارن جي طرفان قبول ڪندا.

(خط شريف، مهربند رسالو، فضل ۽ ڪمالن جي جامع، علم ۽ برڪتن جي سرچشمي مولانا شيخ عبدالرحمان، الله سندس بخشش فرمائي، جو.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

منهنجا ياءُ صاحب، مهربان، فيض ڏيڻ وارا، فضيلت ۽ ڪمالن جا مالڪ، مخدوم عبدالله صاحب جيو، سلمہ ربہ، حضرت احديت جل شانہ جي حفظ ۽ امان ۽ حمايت ۾ محفوظ ۽ سلامت هجي.

مسنون سلامن کان پوءِ روشن ضمير آڏو واضح هجي تہ تاريخ ڇهہ شعبان المعظم سيني رفيقن سان گڏ سلامتيءَ سان ديره ڇام پهتاسين ۽ اتاهون ٻيڙي ڪري نائين تاريخ مذڪور مهيني جي، بندر ڪڪرالہ سلامتيءَ سان پهتاسين ۽ انشاءَ الله ساڳئي مهيني جي يارهين تاريخ اتاهون نٽي روانا ٿي ويندا سين، ڪريم ڏنو ڇڇر ڳوٺ بکياري جي مقدم سان، جيڪو ڪونئو جيءَ جو خاص ماڻهو آهي، حاجي سمهہ ۽ فقير جوان سان اوهان جي رهائش بابت اتفاق ٿيو ۽ هردهر جيو پٽ ڇام، اتفاق سان پنهنجي پيءُ سان گڏ فقير وٽ آيا هئا، ان کي بہ خفيہ طور سمجهايو آهي، حاجي مذڪور ۽ ڪريم ڏني مذڪور جي مصلحت مطابق. تسلي رکو. اندر حويلي وارن ۽ اوهان جي برخوردارن ميان عبدالسلام ۽ ميان عبداللطيف ۽ منهنجي نورچشم مسمات رحيمہ ٻائي ۽ بانو ۽ گل مهر ۽ ٻين دوستن مخلصن کي پاڪيزه سلام ۽ دعائون پهچائيندا. والسلام عليڪم.

(خط شريف ٻن مخدومن معظمن، مڪرمن مخدوم عبدالرحمان ۽ مخدوم عبداللطيف جو، الله ٻنهي جي بخشش فرمائي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بخدمت ياءِ صاحب، شان وارا، فضل ۽ فضيلت وارا، ڪمال ۽ جلال جا صاحب، ڪمالن جا سرچشما، فيض جا مرڪز، ميان عبدالله جيو ! سلمہ ربہ. سلامت هجو.

پاڪيزه سلامن ۽ دعائن کان پوءِ روشن ضمير آڏو واضح هجي تہ هن پاسي جا احوال حمد ۽ شڪر جوڳا آهن. اوهان پائرن جي خيريت ۽ سلامتي ان ذات تعاليٰ جي بارگاهہ مان مطلوب آهي، جيڪا ڳالهہ چوڻ مقصد آهي، اها هيءَ تہ ڪتاب پلارو نالي "بذل القوة" تصنيف ۽ تاليف حضرت والد مرحوم قدس سره، دوستن فضيلت پرين؛ ميان حاجي عبدالڪريم جي هٿان، پنهنجي هٿن سان لکي جلد ڪرائي ميان موسيٰ ۽ حاجي مذڪور جي حوالي ڪري، گهڻا سلام چئي موڪليا آهن. دعا جا اميدوار آهيون، نسخي اچڻ وقت مسبع قصيده برده پاڻ سان آڻيندا. هن باري ۾ گهڻو تاڪيد ڄاڻندا ۽ برخوردارن سعادت نشان ميان عبدالسلام جيو ۽ ميان عبداللطيف جيو ۽ حافظ عمر معذور وغيره رنگريزن ۽ سيني دوستن جماعتين، ميان بانو ۽ گل محمد وغيره، کي مسنون سلام پهچن ۽ السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ ۽ سڀ برخوردار تمام گهڻا سلام چون ٿا.

❁

(خط شريف مخدوم عبدالرحمان ۽ مخدوم عبداللطيف جو. الله ٻنهي ۽ سندس اسلاف کي سلامت رکي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضل ۽ فضيلت وارا، ڪمال ۽ جلال جا صاحب، سٺن اخلاقن جا مجموعا، ميان عبدالله صاحب! جيو سلمه ربه.

سلامن ۽ تحفن کان پوءِ واضح هجي ته هن وقت حقيقت ۽ معرفت جا ڄاڻو گهرين، معنائن ۽ ظاهر جا واقف، اعليٰ مقامن، بلند رتبن تي ترقيءَ جي چشمن ۽ نهرن جا سرچشما، فضل ۽ بزرگيءَ ۽ شرف وارا شيخ عبدالاحد نقشبندي سرهندي مدظله العاليٰ اوهان وٽ تشريف فرما ٿي رهيا آهن، پڪي اميد آهي ته دل مبارڪ خوش ڪرڻ لاءِ سندن خادم سگهورا، جيئن سندن طريقو آهي، پورو توجهه رکندا ۽ بي انتها سهولتن جو لحاظ رکندا. مهمان نوازي جي معاملي ۾ جيڪو مناسب ٿي سگهندو، کين خوش رکندا. ڇاڪاڻ ته سندن رضامندي ۽ احسانمندي هنن ضعيفن جو مقصد آهي. شيخ موصوف جي وڏيڪ خوشي پلائيءَ جو موجب ۽ چونڪاري جو ذريعو ٿيندي ۽ پڻ کين منزل مقصود ڏانهن ويندڙ سوارين ۾ سوار ڪرائڻ لاءِ مڪمل ڪوشش ۽ پورو اهتمام، بهترين ۽ زوردار نموني عمل ۾ آڻيندا ۽ حڪمت عمليءَ طور، بزرگ موصوف جي خدمت اتي جي حاڪمن کي پيش ڪندؤ ته اميد ته اها ڳالهه به بزرگن اعليٰ شان وارن ۽ هنن فقيرن جي مڪمل رضامندي ۽ مڪمل احسان جو موجب ٿيندي ۽ پڻ سيني جي خوشي جو باعث ٿيندي. هن باب ۾ جيڪو لکيو ويو آهي، گهڻ آهي ۽ جيئن معلوم آهي ته لقمان حڪيم کي حڪمت سيکارڻ جو ڪو فائدو ناهي،. اهڙو تاڪيد اوهان صاحبن جي لاءِ، جيڪي بزرگن جي هن قسم جي خدمتن ۾ سهڻيون ڪوششون ڪرڻ جو تجربو رکو ٿا، ان قسم مان شمار ٿيندو. ان ڪري چند لفظن تي اڪتفا ڪجي ٿو. والسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته اولا وآخرا وظاهرا وباطنا. اوهان گرامي قدر جا فرزند، پاڪيزه سلام قبول ڪن ۽ مخدوم نعمت الله اندازن شروع رجب ۾ هن سال بندر روانا ٿيندا، ڇاڪاڻ ته حرمين شريفين، الله کين شرف ۽ تعظيم ۾ وڏائي، ڏانهن روانا ٿيڻا آهن. اوهان جي علم ۾ هجي.

(خط شريف عالمن جي اڳواڻ، وڏن فاضلن جي نموني، تقرير ۽ تحرير جي صاحب مخدوم عبداللطيف غفرلہ جو.)

بسمر الله الرحمٰن الرحيم

فضيلت وارا، ڪمال ۽ جلال جا صاحب، سهڻن گڻن جا جامع، ميان عبدالله صاحب جيو! الله کين سلامت رکي. سلامن ۽ تحفن کان پوءِ اوهان محبت ڀرين آڏو واضح هجي تہ پيارو ميان عثمان حرمين شريفين، الله انهن کي شرف ۽ عظمت ۾ وڌائي، جي زيارت جي ارادي سان خدمت ۾ اچي ٿو. پڪي اميد آهي تہ ڪيس ڪنهن نہ ڪنهن سواريءَ ۾ سوار ڪندا، تہ منزل مقصود تائين پهچڻ ۽ شرف حاصل ڪن. والسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ اولاً آخرا ظاهرا و باطنا. مڙني برخوردارن شاگردن خاص طور حاجي عبدالڪريم جيو طرفان گهڻا سلام قبول ڪندا ۽ سيني برخوردارن ۽ فرزندن کي سلام پهچائيندا.

(خط شريف منهنجي سائينءَ مان واري، محترم مخدوم عبداللطيف جو. الله سندس مغفرت فرمائي سندس روح کي راحت بخشي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

شان وارا، فضيلت ڀريا، ڪمال ۽ جلال وارا، وڏين خوبين وارا ميان عبدالله جيو! الله ڪين سلامت رکي، زماني جي مصيبتن کان محفوظ ۽ سلامت رهن.

پاڪيزه سلامن ۽ تحفن پيش ڪرڻ کان پوءِ روشن ضمير آڏو واضح هجي تہ خط سهڻي اسلوب وارو پهتو. لکيل هو تہ پنج خط موڪليا آهن. مهربان سائين! هن خط کان سواءِ ڪو بہ خط نہ پهتو آهي ۽ جيڪو خط حاجي نور محمد ڪتابي جي هٿان اوهان ڏانهن موڪليو هو. تنهن جو جواب بہ نہ پهتو. جيڪو گذريو، سو گذريو. قوي اميد تہ سعادت ٿيندي جو اوهان اچڻ فرمائيندا، جيڪڏهن تياري نہ ٿئي تہ برخوردار سعادت ڀري ميان محمد، الله تعاليٰ کيس سلامت رکي، جي خير عافيت گهڻي، تمام گهڻي گهربل آهي، تمام جلد لکي موڪليندا تہ هميشہ احسانمند رهندس. شعبان جي شروع کان هاڻي تائين مذڪور حاجي حيدرآباد ۾ دعاگو جي آڏو آهي. اميد تہ هن ... راضي ٿيندا. ۽ حاجي مذڪور طرفان گهڻا سلام پيش هجن. ۽ اوهان جي برخوردارن فضيلت ۽ شان وارن وٽ سڪ مان سلام پهچن والسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ.

(خط مانواري، مهربان مخدوم معظم مخدوم شيخ عبداللطيف جو. الله سندس دل روشن ڪري.)

بخدمت فيض وارن فضائل ۽ ڪمال وارن، حقيقت ۽ معرفت جي ڄاڻن ميان عبدالله جيو الله ڪين سلامت رکي. سلامن جي تحفن پيش ڪرڻ کان پوءِ گذارش تہ هن پاسي جا حالات خير ۽ عافيت وارا آهن. اوهان جي خيريت لاءِ دعاگو آهيون. جيڪو مقصد آهي، سو اهو تہ ملاقات جو تمام گهڻو شوق آهي، جيڪو لکڻ ۾ نہ ٿو اچي سگهي، جيئن تہ اوهان جي تشريف آوري، عالمن جي اڳواڻ، فاضلن جي مک حضرت والد صاحب مرحوم قدس الله سره و افاض علينا بره، جي فاتحہ خواني لاءِ، اچا نہ ٿي آهي ۽ ڪجھ مخفي معاملا بہ آهن جيڪي ذات گرامي تي موقوف آهن. ان ڪري لکجي ٿو تہ سهڻي ڪوشش فرمائي رجب المرجب جي آخر ۾ يا شعبان المعظم جي شروع ۾ تشريف آڻيندا، تہ اها ڳالھ عالمن سان محبت ڪندڙ دعاگو جي تمام گهڻي خوشي جو سبب ٿيندي، جيڪڏهن اچڻ ڪي اوهان جي دل نہ گهرندي نظر اچي تہ لازمي طور تفصيلي خط ميان نور محمد ڪتابي جي هٿان مذڪوره ڏينهن ۾ موڪليندا. ٻنهي ڳالهين مان ڪا بہ هڪ گهربل آهي. ٻنهي خوشين مان هڪ مقرر آهي، خير جي دعائن ۾ نہ وساريندا. هن پاسي کان بہ دعائن ۾ ڪوتاهي نہ ٿيندي. والسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ فرزندن شان وارن جي خدمت ۾ گهڻا سلام پهچائيندا. برخوردارن ميان محمد ۽ ميان ابراهيم وغيره جي طرفان سڪ مان سلام موصول هجن، ٻيهر گذارش تہ ذڪر ڪيل ڏينهن ۾ اوهان جي تشريف آوري ۾ ڪنهن بہ سبب جي ڪري ڪوتاهي نہ ٿيڻ گهرجي، هر طريقي سان رڪاوٽن کي هٽائي هڪ ڀيرو تشريف آڻيندا تہ دعاگو راضي ٿيندو لازمي لازمي لازمي ضروري ضروري ضروري سمجهندا والسلام.

(پيارو ۽ وڻندڙ خط نورچشم مخدوم محمد بن مخدوم عبدالرحمان بن مخدوم محمد هاشم عليه الرحمة جو.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بيت

اگر بکوئي تو باشد مرا مجال وصول
رسد بدولت وصل تو کار ما بحصول
(جيڪڏهن اوهان جي پورءِ اچڻ اسان کي نصيب ٿي وڃي
اوهان جي وصل جي بدولت اسان جو ڪم ٿي وڃي)

بخدمت درجن وارا، حضرت فضل ۽ فضيلت وارا، جلال ۽ ڪمال جا مالڪ، حقيقت ۽ معرفت جا ڄاڻو فيض جي آسمان جا سج، حضرت مخدوم ميان عبدالله جيو، الله ڪيس سلامت رکي، ڪيس معاف ڪري، حفاظت ۽ مدد فرمائي، الله جي حفاظت ۾ پنهنجي سموري اولاد سميت دين تي قائم هجي، مسنون سلامن ۽ سڪ کان پوءِ اوهان جي روشن راءِ آڏو گذارش عرض هجي تہ عنايت الله نالي، جنهن پوري توجهہ سان هن احقر جي سابق دعا نامي جي جواب ۾ ميان قاسم جي هٿان ڪتاب جي مهرباني فرمائي هئي، سي بهترين وقت ۾ نئي پهتا، جيتوڻيڪ هي مخلص (سندن) اچڻ وقت حيدرآباد هو، جيئن احقر جي خط، جيڪو حيدرآباد مان خدمت شريف ۾ موڪليو هو، مان معلوم ٿيو هوندو، پر سڀ حقيقتون نئي پهچڻ کان پوءِ اوهان مهربانن جي خط مبارڪ مان معلوم ٿيون.

مهربان! جيڪو پياءُ مهربان، شان واري ميان عبدالسلام صاحب جيو جي بيماريءَ جو معلوم ٿيو، تنهن تمام گهڻو دل کي ڏک پهچايو، پر پوءِ جڏنهن الله تعاليٰ جل شانہ طرفان، شفا جي خبر معلوم ٿي، تہ اها الله جي شڪر جو موجب ٿي. جو ان مان ڪجهہ ڪشادگيءَ جو موجب ٿي. ان تي الله جو تمام گهڻو حمد، رات ڏينهن دعاگو آهيان، خاص طور حضرت حق مبارڪ قدس سره جي مقبري مبارڪ تي، تہ اوهان جي ذات مبارڪ مڙني تعلق وارن رشتيدارن سميت خاص طور پياءُ عبدالسلام سميت خيريت ۽

سلامتي سان محفوظ هوندا . الله ويجهو ۽ دعا ٻڌندڙ آهي. ڏيءُ سڳوري بي بي مريم، جيڪا اسان جي اکين جي ٺار ۽ اوهان جي اکين جي بہ ٺار هئي، جـي گذاري وڃڻ سان تمام گهڻو ڏک پهتو. اهڙيءَ طرح حافظ ساجن جـي لاڏاڻـي سان پڻ. الله کيس معاف ڪري ۽ سندس حفاظت فرمائي. پر جيئن تـہ ڪـو چارو ڪونهي، ان باوجود نااميد نہ ٿجي. اوهان جي ڏيءُ جي وفات تي بـہ آءٌ اوهان سان تعزيت ٿو ڪريان، اسلامي تعزيت، الله مٿس رحـمـت ڪـري ۽ کيس دارالسلام ۾ داخل ڪري ۽ اوهان کي اجر عطا ڪري ۽ ڪرم فرمـائـي ۽ اوهان جي صبر کي مڙني ڏينهن ۾ سهڻو بنائي. ان کان پوءِ سائـيـن! اوهـان جي مبارڪ توجهہ ۾ اميد آهي تہ برڪـت وارين گهڙين ۾ اڪيلائي ۽ روشن لمحن ۾ ٻنهي جهانن جي ڀلائي ۽ ٻنهي جهانن جي خـوشـي ۽ سـڌاري جـي دعائن ۾ نـہ وساريندا. ملاقات تائين خيريت جي خبر لکندا رهندا.

کز آن مارا هزاران شادماني است
(ڇاڪاڻ تہ ان سان اسان کي هزارين خوشيون ٿينديون آهن.)

پڪي اميد آهي تہ حقيقي ڪرڻ واري ذات جدائيءَ جو پـردو وچ مان ڪڻندو. ڇاڪاڻ تہ دل اوهان ڏانهن مشتاق آهي، جهڙوڪ اوهان وٽ قيد آهي، اميد تہ الله اوهان اسان کي ضرور ملائيندو. ڀائرن مهربـانـن مـڪـرمـن ميان عبدالسلام صاحب ۽ ميان عبداللطيف صاحب ۽ نور چشمن، منهنجـي جان جي راحت ميان جمال محمد، ميان عبدالرحمان ۽ ميان احـمـد ۽ ٻـيـن مڙني مسجد وارن شاگردن سيني مخلصن دوستن کي پاڪيزه سلام موصـول هجن ۽ ڀائرن منهنجي اکين جي ٺار فضيلت شعار ميان محمد اعظم ۽ ميان محمد ڪريم ۽ ميان فيض الله ۽ برخوردار نورچشم ميان محمد هاشم عرف خير الدين اوهان جي خدمت ۾ ۽ سيني فرزندن سڳورن جي خدمت ۾ سلام عرض رکيا آهن.

(خط مخدوم محمد اعظم بن مخدوم عبدالرحمان عليهما الرحمة و الغفران جو)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

مخدوم صاحب مهربان، فيض وارا، ڪرم ۽ احسان جا سرچشما، اڻ ڪٿ مهربانين جا مظهر منهنجا صاحب مخدوم ميان عبدالله صاحب جيو! (سندن رب ڪين سلامت رکي) زماني ۽ زماني وارن جي مصيبتن ڪان، پنهنجي پيروڪارن سميت سلامت ۽ محفوظ هجو.

اسلام جي سنت سلام ڪان پوءِ واضح هجي تہ اوهان جو عنايت نامو ياءُ صاحب قبلہ جي نياز نامي جي جواب ۾ پهتو جنهن تمام گهڻو خوش ۽ فخر جوڳو بنايو. الله تعاليٰ اوهان صاحبن کي مڙني پيروڪارن ۽ مائٽن سميت سلامت ۽ آباد رکي. الله جا احسان ۽ ڪمال مهربانيون، جيتوڻيڪ ميان صاحب قبلہ جي طرفان چاهت جو اظهار نہ موڪليو ويو آهي، جيڪي صبح شام اوهان کي ياد فرمائيندا رهندا آهن، چاڪاڻ جو ڪاتيار جي پيرزادي مرحوم مخدوم ميان محمد نعيم جي فاتحہ خواني لاءِ تشريف کڻي ويل آهن. ان ئي سبب جي ڪري حضرت اوهان جي عنايت نامي جو مطالعي ڪرڻ جي شرف ڪان محروم رهيا آهن. انشاءَ الله فقير پنهنجي نياز نامي ۾ لفافي ۾ بند ڪري، پهچائي ڇڏيندو. ان پاسي ڪان تسلي رکندا. آئينده، جيستائين ملاقات ٿئي، پنهنجي خيريت ۽ سلامتي جا بہ ڪلما موڪلڻ جو شرف بخشيندا تہ خوشي ۽ فرحت ٿيندي. منهنجي صاحب ميان مخدوم عبدالسلام جي بيمار ٿيڻ جو ٻڌي سندس بيماريءَ ڪان صحتيابي لاءِ فاتحہ پڙهائي آهي، اميد تہ هاڻي صحت مند ۽ تندرست ٿي چڪو هوندو، سندس تمام گهڻو فڪر آهي. سندس صحت بابت حقيقت ڪان جلد واقف ڪندا تہ تسلي حاصل ٿئي ۽ پيڻ بي بي مرحومہ ۽ حافظ ساجن مداح جي ڏک پرئي واقعي جو تمام گهڻو افسوس ٿيو پر الاهي قضا ڪان (بچڻ جو) ڪو چارو ئي ڪونهي. الله جي قضا تي، اسان راضي آهيون، صبر ۽ رضا ڪان سواءِ بنهہ ڪو ٻيو خيال دل مبارڪ ۾ نہ آڻيندا. شعر جو

ترجمو:

عرفي جيڪڏهن روئڻ سان ملڻ ميسر ٿئي ها
سئو سال روئڻ جي تمنا ڪريان ها.

....

اهو جنهن جو اول عدم ۽ آخر فنا آهي
ان جي حق ۾ بقا ۽ هميشه رهڻ جو گمان غلط آهي.

خدا تعاليٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ڪيس پنهنجي رحمت ۽ مغفرت سان نوازيندو. پاڻ حضرت النون ۽ الصاد جي صدقي پنهنجي پيروڪارن تان پنهنجو سايو نه گهٽائيندا. فرمائش مطابق حمائل، جيئن حڪم هو، محمد قاسم جي حوالي ڪئي آهي، ان جي پهچڻ جو جلد اطلاع فرمائيندا ۽ پاٽرن صاحبن مخدوم ميان عبدالسلام جيو ۽ مخدوم ميان عبداللطيف جيو ۽ مخدوم جمال محمد جيو ۽ ميان مخدوم عبدالرحمان جيو ۽ ميان مخدوم احمد جيو جي خدمت ۾ سلام عرض آهن. هن فقير جي حويليءَ جي مڙني مستورات جي طرفان اوهان جي مستورات ڏانهن سڪ ڀري دعوت موڪلجي ٿي. ٻيهر اهو عرض ته هنن پنهنجي مخلصن کي گهڻو مخلص تصور ڪندي نماز جي وقتن، وظيفن ۽ اهل قبور جي زيارتن وقت خير جي دعائن ۾ هرگز نه وساريندا. ڇو ته آخري زمانو آهي، السلام عليڪم و عليٰ من لديڪم

(خط شريف مخدوم محمد باقر عليه الرحمة والغفران جو)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمد لوليہ والصلواة عليٰ نبيہ و عليٰ آلہ واصحابہ المتادبين باداب‍ہ امابعد

اعليٰ قدر ۽ اعليٰ صفتن واري ذات، دين جي مسلڪ جي سالڪن جا اڳواڻ، زماني جا صالح ۽ متقي، فضيلت وارن گڻن جا مالڪ، ميان عبدالله جيو! ڪيس سندس رب سلامت رکي، برتريءَ جي منزل ۽ سروريءَ جي مسند تي ڄمي ويهو جمهور امت جي ڪمن جي سنڀال ۽ ملت جي اهم معاملن جا انتظام ڪندا رهو نبي عربي ۽ سندس آل سڳوري جي مهابي.

مخلصن مان سيني کان وڌيڪ ڪمتر، عقيدت مند فقير محمد باقر لازمي سلامن پهچائڻ ۽ تعظيم جا آداب بجا آڻڻ کان پوءِ فيض ڀري خدمت ۾ عرض ٿو ڪري تہ خط مبارڪ ڪمال مهرباني ۽ ڪرم مان اوهان جي مشوري تي مشتمل، تشريف فرما ٿيو. هيءَ دلي تڪليف جي ڏانهن، ڪافرن جي ملڪ جي تڪليف، مسئلي جي چند سوالن تي مشتمل، اوهان جي هديي سان گڏ پهتي، منهنجي شهر ۾ اوهان انبيائن جي سيرت رکڻ وارن جو هتي تشريف فرما ٿيڻ، عمر جا باقي لمحا اوهان اکين جي ٺار محبت ڪندڙن سان هڪ جاءِ تي هئڻ، اهڙو امر آهي جو هنن نيازمندن جي خواهش دعائن قبول ڪرڻ واري جي درگاهہ ۾ اها آهي تہ الله تعاليٰ اوهان مهربانن کي بيدينن جي ملڪ مان، جيڪو حقيقت ۾ دين وارن لاءِ قيد خانو آهي، آجپو بخشي. هنن اوهان جي مشتاقن جي هيءَ آرزو اميد تہ قبول ٿيندي ۽ هڪ جاءِ تي پاڻ ۾ رهڻ نصيب ٿيندو. بيت

عمرت دراز باد کہ تا دور مشتري
ما از تو برخورم تو از عمر برخوري

۽ جيڪو لکڻ فرمايو آهي تہ جيڪڏهن اهڙي جاءِ شهر ۾ خالي هٿ اچي، جنهن سان اتي ڪجهہ گذر اوقات ڪري سگهجي، تہ لکندا.

مهربان سائين! شهر ۾ گذران جي حالت ماڻهن تي اڄ ڪلهه جيڪا گذري ٿي، سان اوهان صاحبن تي واضح آهي، البته آيت سڳوري آهي:

وما من دابتہ في الارض الا علي الله رزقها
(جيڪا بہ چرندڙ ڦرندڙ زمين ۾ آهي، تنهن جو رزق الله تي آهي)

هن آيت ڪريمہ مطابق اوقات گذاري جو رزق ڪنهن تي بہ بند ڪونهي. خاص طور تي اوهان صاحبن الله وارن تي، جو اوهان جي تقوي آيت ڪريمہ:

ولو انهم آمنوا واتقوا لفتحنا عليهم برڪات من السماء والارض
(جيڪڏهن اهي ايمان آڻن ها ۽ تقويٰ اختيار ڪن ها تہ اسان آسمان ۽ زمين مان انهن تي برڪتون نازل ڪيون ها)

جي مطابق پلائڻ ۽ ڪاميابين جي ڪلڻ جي ڪنجي آهي. البتہ خالي جاءِ هٿ ۾ بنهہ موجود ڪانهي. ليڪن اوهان صاحبن جي تشريف آوري ڪان پوءِ انشاءَ الله تعاليٰ هر جاءِ اوهان جي آهي.

صدر هرجاڪہ نشيند همہ جا محترم است
(صدر جتي بہ ويهندو هر جاءِ تي محترم آهي.)

۽ حرمين شريفين، الله پنهي کي شرف، تعظيم ۽ عزت ۾ وڌائي جو ارادو ڪرڻ، چاڪاڻ تہ پنهي جهانن جي سعادت اها جاءِ آهي، محمدي جمال ، عليهم افضل الصلوات واشرف التسليمات جي مشتاقن جي ڏينهن رات اهائي اميد، تمنا ۽ گهر آهي. الله تعاليٰ قادر آهي، تہ اوهان کي ۽ اسان کي انهيءَ ابدي سعادت تي، نبي عربي ۽ سندس آل امجاد جي صدقي فائز فرمائي.

سلام وقت هٿ پشياني تي رکڻ ۽ پاٽي جي چشمي جو مسئلو جيئن لکيو آهي ۽ مسئلو جمعي جي نماز جي ادا ڪرڻ لاءِ ڪافرن کان اجازت وٺڻ جو لکڻ فرمايو آهي، هنن ٽنهي مسئلن جو جواب هن فقير جي فهم مطابق اهو آهي جيڪو حضرت استاد، قبلہ، زماني جي يڪتا منهنجي مخدوم مخدوم ضياءَ الدين جيو مدظلہ پنهنجي رقعي ۾ لفافي بند فرمايو.

فقير سندن خدمت ۾ ، مذڪوره مسئلن جي جواب لکڻ وقت اتفاق سان موجود هو، پاڻ شفقت جي طور سيئي جواب فقير سان گڏ حل ڪري لکيا آهن، ان ڪري هن ڪمتر اهي جواب ٻيهر لکڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. مسئلي رڪوع ۽ سجدي ۾ ٽن ٽيرن کان وڌيڪ تسبيحن پڙهڻ، جو جواب هي آهي تہ جيڪڏنهن فرض ۾ امام هجي تہ ٽن تڪبيرن کان مٿي نہ پڙهي. ها جماعت راضي آهي تہ نيڪ آهي. نفل ۽ سنت ۾ منفرد لاءِ ٽن تسبيحن کان مٿي چوڻ مستحب آهي ۽ 'قومہ' ۾ "سمع الله لمن حمده، اللهم ربنا و لڪ الحمد حمدا ڪثيرا طيبا مبارڪا فيہ ڪما يحب ربنا ويرضي" ۽ جلسي ۾ "رب اغفر لي" ٽي ڀيرا، ۽ "يا رب اغفرلي و ارحمني وعافني وارزقني واجرني" هي لفظ نفل ۽ سنت ۾ چوڻ جائز آهن ۽ فرض ۾ مڪروهہ آهن، مگر لفظ "رب اغفرلي وارحمني" فقط ٻن سجدن جي وچ ۾ فرض ۽ نفل ۾ چوڻ گهرجن.

امید تہ هن پنهنجي دعاگوءَ کي، جيستائين جسماني ملاقات ٿئي، دعائن ۾ توجهہ ۽ ياد ڪان، جيئن روبرو خدمت ۾ عرض ڪيو هيم ۽ پنهنجي خيريت جي خبرن تي مشتمل عنايت نامن کان نہ وساريندا. ٻياءُ ميان عبدالرحمان جي واتان، اوهان صاحبن کي ڪنهن مهر ڪندڙ جي نالي جي ضرورت جو ٻڌو آهي، جيئن تہ مهر ڪندڙ هتي مشهورهڪ شخص آهي، ان جي غفلت جي ڪري ڪجهہ ڏينهن ديرائي ٿي وئي، هنن عزيزن سان، خط سان گڏ مذڪور مهر نہ پهچائي سگهياسين، انشاءَ الله بعد ۾ مهر، مخدوم معظم ميان محمد هاشم جيو مدظلہ العالي جي مهر جهڙي، درست ڪرائي، ڪنهن اعتبار جهڙي هٿان موڪلي ڇڏيندس. والسلام.

(لطف پريو خط شريف مخدوم محمد باقر جيو جو، الله سندس قبر روشن ڪري ۽ سندس آرام گاهه ٺاهي ڪري.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الله تعاليٰ برڪتن ۽ فيض واري، ڪمالن جي جامع، منهنجي مهربان، منهنجي صاحب، مڪرم حضرت ميان عبدالله جيو سلمه ربه ڪي، مڙني پيروڪارن ۽ مائٽن سميت پنهنجي حفاظت ۽ حمايت ۾ محفوظ ۽ مامون رکي. حرمت نبي عربي ۽ سندس آل امجاد جي حرمت جي صدقي، ظاهري ۽ معنوي دشمنن تي ڪامياب ۽ منور رکي.

ملاقات جي مشتاق، معتقدن مان ڪمتر فقير محمد باقر طرفان، ڪوڙ سلامن، پاڪيزه سوکڙين کان پوءِ عرض ته عنايت نامو، دشمنن جي شرارتن جي ڪيفيت تي مشتمل، مخلص سادات سڳورن آل حضرت سيدالامام عليه وعليٰ آله افضل الصلوات و اشرف السلام يعني حضرت سيد امام شاهه جيو ۽ حضرت سيد احمد شاهه جيو الله ڪين عزت شرف ۽ قبوليت ۾ وڌائي ۽ مخدوم مڪرم عزت ۽ احترام واري، عظيم فاضلن جي اڳواڻ، علماءِ ڪرام مان عمدي منهنجي صاحب ميان نور محمد صاحب جيو سندس شان هميشه سلامت رهي جي سرفراز نامي اچڻ فرمايو. آءٌ ڪير آهيان جو اهڙن عاليٰ مرتبي وارن جي دل مبارڪ مان گذران البته اوهان مهربانن جي اڻ کٽ توجهن جي وساطت سان، خط اڌ ملاقات آهي، جي مطابق جهڙوڪ حقيقي ملاقات سعادت پري انهن بزرگن جيءَ سان مشرف ٿيو آهيان، هن غمن جي گهر جي مصيبت زده عاجز جي لکيل مقدمي جي باب ۾، سواءِ حضرت سيد الانام، ضعيفن ۽ غريبن جي مددگار جي درگاهه ۾ ٻاڏائڻ جي ڪو به چارو ڪونهي ۽ حقيقت ۾ جو ڪجهه آهي، انهن جي ئي مدد ۽ نصرت آهي. الله جون رحمتون ۽ سلامتون مٿس هجن. شعر

ومن يكن برسول الله نصرته
ان تلقه الاسد في آجامها تجم

(جنهن کي رسول الله سان مدد حاصل هجي، جيڪڏهن ڪيس شينهن پنهنجي آماجگاهه ۾ سامهون اچي وڃي ته به خاموش ٿي وڃي)

انشاءَ الله تعاليٰ هن دعاگو ڪمتر نيازمند جي پڪار ضرور ظاهر ٿيندي. شهر جي بزرگن جا خط جيڪي طلب ڪيا اٿن، سي حاجي صاحب سان گڏ آهن. اميد ته اثرائتا ٿيندا. الله اوهان سان گڏ آهي، جتي به هجو اهوئي مددگار آهي. ان تي ئي توڪل آهي، والسلام عليڪم اولا و آخرا وظاهرا و باطنا.

۞

(مهر پريو خط شريف حضرت مخدوم محمد باقر صاحب عليه الرحمة والغفران جو)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بخدمت فيض واري عنايتن واري، فضل ۽ سخاوت جي صاحب، پرهيزگارن جي اڳواڻ، منهنجي صاحب مهربان مڪرم ميان عبدالله جيو.

مشتاق شوق ۽ سڪ وارن، صالحن جي قدمن جي مٽي، مٽيءَ کان به گهٽ، مک کان به گهٽو هيٺ، ڪمترين محمد باقر طرفان، بي انتها نياز وارن سلامن کان پوءِ، روشن ضمير آڏو واضح هجي ته هن گهٽي پريشان جا حال الله تعاليٰ جي ڪرم سان حمد ۽ شڪر جا موجب آهن ۽ خيريت ۽ سلامتي، حفاظت ۽ عزت ٻنهي جهانن جي ۽ ٻنهي جهانن جي دشمنن جي شر کان حفاظت، اوهان دين متين جي تنين جي واسطي، اوهان جي پيروڪارن ۽ مٽن مائٽن سميت، دعائن قبول ڪرڻ واري جي درگاهه مان مطلوب ۽ گهربل آهي، عنايت نامو سڳورو نهايت مهرباني ۽ ڪرم وارو، اتي جي نو گز ڪرپاس سان گڏ، جيڪو سچي دوست ميان پير محمد جي هٿان موڪليو، تنهن اچڻ فرمايو. گهڻي خوشيءَ ۽ فرحت جو موجب ٿيو. بيت

من ڪه باشم ڪه بر آن خاطر عاطر گذرم
لطفها ميڪني اي خاڪ درت تاج سرم

(آءٌ ڪير آهيان جو اوهان جي سرهي دل مان گذران مهربانيون ٿو ڪرين پنهنجي در جي خاڪ تي اي منهنجي سرجا تاج)

الله تعاليٰ جل شانه پنهنجو عام ڪرم قبول فرمائي، ان جو ثواب والد بزرگوارن جي روح ڪريم کي عنايت فرمائيندو. هن خاڪسار جون دعائون، اوهان بزرگن جي حق ۾، وڌيڪ درجن ۽ ترقيءَ جو موجب ڄاڻندا. بيشڪ الله تعاليٰ ان تي قادر آهي ۽ قبوليت ان جي هٿ ۾ آهي، ٻنهي جهانن جي ڀلائي، دشمنن جي شر کان ظاهري توڙي باطني طور اوهان صاحبن جي حفاظت جون ڪوڙ دعائون هن ڪمترين جي ورد زبان آهن.

اوهان مهربان بہ اهڙي قسم جي دعائن ۾ هن دعاڳوءَ کي نہ وساريندا، جيستائين زندگيءَ ۾ ملاقات نصيب ٿئي، عنايت نامن موڪلڻ ۾ اميد تہ اهڙيءَ طرح ياد فرمائيندا رهندا ۽ نالي جي نگين(منڊيءَ جي ٽڪ) اوهان جي لکئي مطابق ڪرائي ميان پير محمد جيو جي حوالي ڪئي آهي، اميد تہ خدمت فيض واري ۾ قبول پوندي، ان طرح ڪڏهن ڪڏهن، ڪا فرمائش هتان جي گهربل هجي تہ هنِ مشتاقِ کي ان لاءِ ممتاز فرمائيندا والسلام عليڪم اولا و آخرا و ظاهرا و باطنا. الله تعاليٰ اوهان کي اسان ۽ مڙني مسلمانن سان گڏ دين ۽ دنيا جي دشمنن کان حفاظت ۾ رکندو. آمين آمين. اکين جي ٺار ميان عبدالسلام جيو ۽ ميان محمد جيو، ٻنهي جي عمر کي الله وڌائي، کين ڏسڻ جي هن مشتاق طرفان هزار دعائون عرض رکندا. مدرسن جي شاگردن ۽ مسجد وارن کي هن ڪمتر طرفان سلام عرض رکندا.

خط مخدوم محمد زمان لواريءَ واري جو

(خط شريف حضرت، منهنجي مخدوم، نقشبندي طريقي جي مرشد، عارف بالله مولانا حضرت مخدوم محمد زمان رهندڙ ڳوٺ لنهاري جو قدس الله سره و نور مرقده وبرد مضجعه)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

صلاحيت وارا، سمجهه جا مالڪ، فضيلت وارا ميان عبدالله سلامت، مسنون سلامن کان پوءِ خلوص جي اظهار سان واضح هجي ته اوهان جو لکيل خط، هر طرح شوق وڌائيندڙ ذوق کي راحت بخشيندڙ دل کي ڇهندڙ اچڻ فرمايو. ان جي مطالعي سان، اخلاص جو مواد وڌيو. صلاحيت پريا (سائين)! اسان جي قديم قوت ۽ اتحاد جي تقاضا تحت اسان کي به شوق وڌندڙ آهي، جيئن چيو اٿن، دل جي دل سان راهه هوندي آهي. بيت

دل وا بدل رهي ست درين گنبذ سپهر
از سوئي کينه کينه و از سوئي مهر مهر

(هن سپهر گنبذ ۾ دل جي دل سان راهه آهي
ڪيني واري ڏانهن ڪينو ۽ مهر واري ڏانهن مهر)

لازم آهي ته دوستيءَ جي رابطن ۾ اڳي کان وڌيڪ ڪوشش ڪندا. مون کي پنهنجي، پنهنجي فرزندن ۽ پنهنجي وابسته ماڻهن جي باري ۾ دعاگو ڄاڻندا. پنهنجي برخوردارن کي سلام پهچائيندا. باقي هلندڙ مقولن جا جواب، آڻڻ واري سان موڪليا آهن. واضح ٿي ويندا. وڌيڪ ڇا لکجي والسلام.

مخدوم نجم الدين ۽ مخدوم عبدالصمد جا خط

(خط شريف ميان مخدوم نجم الدين ۽ ميان مخدوم عبدالصمد جو، حضرت استاد، عارفن جي اڳواڻ، پهتلن جي رهبر مولانا مخدوم محمد هاشم جي تعزيت واسطي، جيڪو مخدوم عبدالرحمان ۽ مخدوم عبداللطيف نورالله مرقدهما و برد مضجعهما ڏانهن لکيو هئائون.)

فضيلتن ۽ فضل وارن، شان ۽ ڪمال جي صاحبن، حقيقت ۽ معرفت جي ڄاڻن، انساني ڪمالن جي جامعن، ديني فيضن جي سرچشمن، ٻن مشفقن، مهربانن، فيض رسائيندڙ سخي شخصيتن حضرت حاجي مخدوم ميان عبدالرحمان جيو ۽ حضرت مخدوم ميان عبداللطيف جيو. الله تعاليٰ ٻنهي کي هميشہ سلامت رکي ۽ ٻنهي کي پنهنجي اسلافن جو سهڻو خلف بنائي. آمين.

سچا مخلص ۽ پراڻا دوست خير جي دعائن ۾ ياد ڪندڙ فقير نجم الدين ۽ نيازمند عبدالصمد کوڙ سلامن جي رسمن ۽ عاجزي بجا آڻيندي، حضرت مخدوم مبرور جي جدائي تي گريو ۽ روڄ ٿا ڪريون. خدمت گرامي ۾ انهيءَ جدائي جو اطلاع هن طرح ٿيو تہ انهيءَ ڏکائيندڙ وحشت ۽ هراس واري، هن فاني جهان کان، وصال واري دنيا ڏانهن لاڏاڻي جي خبر، عزت احترام واري راسخ عالمن جي اڳواڻ، عارف فقيهن جي رهبر، جيڪي دين متين سيد المرسلين عليه افضل الصلواة و اشرف التسليمات من الاولين والآخرين الي يوم الدين، شريعت جا بنياد مضبوط ڪندڙ ۽ هنن مخلصن جي ٻنهي جهانن جي مقصدن ۽ منزل حاصل ڪرڻ جو سهارو هئا. جي خادمن ٻڌي تہ هزارين حسرتون ۽ افسوس هنن معتقدن کي وڪوڙي ويا. سيني مسلمانن کي جيڪي غم ۽ ڏک پهتا آهن، ان جو ڏهين حصي جو بہ ڏهون حصو هن ننڍڙي خط ۾ ماپي نہ ٿو سگهي. هي آخري زمانو جيڪو تمام گهڻين ڏکيائن جي نزول جو زمانو آهي، تنهن ۾ انهن مڪارم اخلاق جي صاحبن جي ذات جو وجود مسعود بهاري ۽ تازگيءَ جو سبب هو. سندن

شان ۽ برڪت واري وجود جي برڪت سان نقصان پهچڻ جو خوف گهٽ رهندو هو. پاڻ نعمت عظمي هئا، تمام مٿانهن فيضن جو سرچشمو هئا، سي اسان جي بداعمالين جي ڪري اسان مان هليا ويا آهن، الله جي رحمت جي سايي هيٺ وڃي آرامي ٿيا آهن ۽ پنهنجي مخلصن کي يتيم ڪري ويا آهن. اي الله اسان جي عملن جي برائي تي اسان جي پڪڙ نہ ڪر. جيئن تہ جدائيءَ جي هن زخم جو علاج، سواءِ صبر ۽ ماٺ جي ٻيو ڪو بہ ڪونہ ڏٺوسين، تہ لاچار صبر جو مضبوط رسو 'انا لله وانا اليہ راجعون' جي ڪلمي جي ذريعي پڪڙي 'انا لله و انا اليہ راجعون' پڙهڻ ۾ مشغول ٿيا آهيون. اميد تہ اوهان مخدوم پڻ، هن وڏي مصيبت ۾ جيڪا هر موحد لاءِ قيامت ڪبري آهي، صبر ۽ رضا جو پلو جهليندا، آيت ڪريمہ، سچ ٻڌائڻ واري:

انما يوفي الصابرون اجرهم بغير حساب

(بيشڪ صبر وارن کي، انهن جو اڻ ڪٿ اجر بنا حساب جي پورو ڏنو ويندو آهي)

جي مطابق وڏي اجر ۽ ثواب جا حقدار ٿيندو. الله اوهان کي هن مصيبت جو اجر ڏيندو. ان جو الله اوهان کي پورو اجر ۽ بدلو عطا فرمائيندو جو جسماني زندگي اڌاري آهي. هر زنده کي نيٺ هن راه تان گذرڻو آهي.

ولو كان انسان يدوم حياته

لما مات خير المرسلين محمدا

(جيڪڏهن انسان هميشہ زنده رهي ها تہ خيرالمرسلين محمد هي جهان نہ ڇڏن ها. صلي الله عليه وسلم.)

هنن مخلصن کي پنهنجي مڙني مخلصن مان تصور فرمائيندا، حضرت مخدوم معظم مرحوم وانگر روحاني ۽ قلبي توجهات فرمائيندا رهندا تہ الله تعاليٰ پاڻ مخدوم معظم مغفور کي پنهنجي رحمت ۾ وٺندو. اللهم نور مرقده و برد مضجعہ وطهر مقبرتہ و اوصلنا برکہ من برکاتہ آمين. ۽ هنن مهربانن کي شريعت جي رستي تي قائم رکي، ديني علمن جي اطاعت جو مظهر بناءِ. آمين يا رب العالمين، هنن مخلصن کي اوهان مان اميد اها آهي تہ متبرڪ گهڙين، ٻنهي جهانن جي ڀلائي، ۽ خوشين لاءِ دعائن ۾ نہ وساريندا. وڌيڪ ڇا لکجي؟ السلام ثم السلام.

(وڏندڙ خط مخدوم ميان نجم الدين ۽ مخدوم ميان عبدالصمد جو. الله ٻنهي کي ۽ سندس اسلاف کي سلامت رکي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضيلت ۽ ڪمال وارا، معنوي ۽ ظاهري گڻن وارا ميان عبدالله جيو! الله کين سلامت رکي. اوهان جي مشتاقن نجم الدين ۽ عبدالصمد طرفان کوڙ سلامن کان پوءِ روشن ضمير آڏو واضح هجي ته خط شريف، جيڪو وڏي عرصي ۽ ڏکهي زماني کان موڪليل هو، سو پهتو. ان جي مطالعي مشتاق دلين کي اطمينان بخشيو. جيئن ته هيڪڙائي جو رابطو هنن خير خواهن ۽ اوهان فضيلت ۽ شان وارن جو قديم سلف کان ٻنهي پاسي کان ڳنڍيل آهي، تنهن ڪري اهو لازم آهي ته لکيل مرتبن کي دل ۾ رکندي، اوهان زماني جي يڪتا هستين جي خيريت جو خط دوستي ۽ محبتن ۾ اضافي جو موجب ٿو ٿئي. ڇاڪاڻ ته خط اڌ ملاقات آهي بلڪ ولايت جي صاحبن ان کي مڪمل ملاقات تصور ڪيو آهي. صلاحيت پرئي آڻڻ واري عبدالخالق صاحب علي رنوخ جي پاسي کان اناج هتي کهنو ميمڻ جي حوالي نه ڪيو آهي، جيئن انشاءَ الله تعاليٰ روبرو سمجهه ۾ ايندو. هن آخري زماني ۾، جيڪو اڻ کٽ حادثن ڀرڻ جو زمانو آهي، خير، عافيت ۽ حفاظت جي دعائن ۾ وسارڻ نه فرمائيندا. والسلام عليڪم اولاً و آخراً و ظاهراً و باطنا.

مخدوم نجم الدين جو خط

(برڪت ڀريو خط فضيلت ۽ شان وارن مخدوم نجم الدين جو
الله سندس ۽ سندس اولاد جي مغفرت فرمائي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضيلت ۽ شان وارا، بنا شڪ جي منهنجا دوست ميان عبدالله! الله
ڪيس سلامت رکي.

مسنون سلام سنت اسلام ڪان پوءِ معلوم هجي تہ خوشين ڀرئي
خط، محبت ڀرين خطن گهٽ لکڻ جي شڪايت تي مشتمل، اچڻ سان تمام
گهڻي خوشي ٿي. ان ڪان مانع، قسمت سان جزيري منزويہ ۾ ڪنهن اچڻ
وڃڻ واري جو هٿ نہ اچڻ ڪان سواءِ ڪو ٻيو تصور نہ ڪندا. ڇڪ ۽ دل جي
خواهش جيئن اوهان ڏانهن آهي تيئن هن طرف ڪان بہ تمام گهڻي آهي،
جيئن " دل جي راهہ دل سان" جو چوڻ آهي، جيئن تہ روحاني ۽ معنوي
هيڪڙائي، ظاهري رسمن جي محتاج ناهي. اوهان کي جڳائي تہ پنهنجي
دل ۾ هن حوالي ڪان تسلي رکندا. خطن نہ پهچڻ تي نظر نہ ڪندا،
هيڪڙائي جا قانون باطني خيريت جي خبرن تي مطمئن ۽ خوش رهندا
آهن، خير جي دعائن ۾ وسريا ناهيو. اوهان پڻ برڪت ڀرين دعائن ۾ نہ
وساريندا. جو هي آخري دور آهي، جيڪو حادثن پيدا ڪرڻ وارو دور آهي.
خط آڻيندڙ ظاهر ڪيو تہ مجموعو اوهان کي مطلوب آهي، جيڪڏهن هٿ
آيو تہ آءٌ ان جي قيمت بہ ڏئي ڇڏيندس ليڪن مجموعي جو نالو معلوم نہ ٿيو
تہ مذڪور مجموعو ڪهڙي مجموعن مان آهي، ان ڪري ان جي ڳولا ۾
گهڻي ڪوشش نہ ڪئي، ڇاڪاڻ تہ اهڙي شئي جي ڳولا، جنهن جو نالو
معلوم نہ هجي، سا ملڻ محال آهي، جيڪڏهن نياپي آڻڻ وارو سچو آهي،
اوهان محبن ۽ دوستن کي مذڪور مجموعو گهربل آهي تہ ان جو نالو لکي
موڪليندا. والسلام ثم السلام.

مخدوم عبدالصمد جا خط

(خط شريف اسان جي آقا ۽ اسان جي پاءُ مخدوم عبدالصمد جو. الله واحد سندس مغفرت فرمائي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضيلت ۽ شان وارا، ڪمال ۽ جلال وارا، حقيقت ۽ معرفت جا ڄاڻو، مشفق مهربان ميان عبدالله! الله تعاليٰ ڪيس سلامت رکي.

هن طرف کان فقير عبدالصمد الله احد ڪيس معاف رکي، گهڻن سلامن ۽ دعائن کان پوءِ، جيڪو دوستن ۽ صاف محبت ڪندڙن جو طريقو آهي، شفقت پري دل آڏو واضح ٿو ڪري ته شفقت پرئي اسلوب وارو خط، جيڪو زماني جي يڪتا، وقت جي موتي منهنجي مخدوم، مهربان مخدوم ميان محمد صادق جيو بيماريءَ جي تڪليف ڏيندڙ اطلاع تي مشتمل وڏي عرصي کان موڪليل هو، سو پهتو. جيڪو ان ۾ لکيل هو تنهن کي سمجهڻ جو درجو حاصل ٿيو. الله تعاليٰ پاڻ مخدوم بزرگن، بحر عرفان جي غواصن (توہن) جي عمر ۽ شان ۾ واڌارو ۽ اضافو فرمائي. اوهان مشفق مهربانن کي بہ زماني جي ڏکيائن ۽ تڪليفن ۽ بري نظر رکڻ وارن فسادن ۽ بدڪردارن جي سازشن کان حفاظت ۾ رکي. نبي ﷺ ۽ سندس آل امجاد جي صدقي. جيئن تہ هي زمانو آخري تمام گهڻين مشڪلاتن جي نزول جو زمانو آهي. تنهن ڪري لازم آهي بلڪ واجب آهي تہ اسان کي بہ پنهي جهانن جي خيريت جي دعائن ۾ ياد فرمائيندا رهندا. جيڪا ڳالهہ دوستن جي دلين جي اطمينان جو باعث ٿيندي ۽ منهنجو پاءُ صاحب فضيلت ۽ شان وارو مدظلهہ الله تعاليٰ خط مبارڪ پهچڻ وقت ٻاهر طرف سفر تي ويل هو. منهنجو پاءُ پيارو جمال الدين ۽ سوٽ ميان لقمان ۽ هتي جا سڀ عزيز سلام چوِن ٿا. سراسر سعادت وارن مخدوم معظم شفيق، مهربان، فضل ۽ ڪرم وارن، فروع ۽ اصول، منقول ۽ معقول جي ماهرن مخدوم ميان محمد صادق جيو الله کين سلامت رکي جي خدمت ۾ تمام گهڻن سلامن ۽ اڻ ڳڻ دعائن جو اطلاع فرمائيندا. والسلام. ❁

(خط شريف مخدوم ميان عبدالصمد صاحب الله تعاليٰ واحد احد کيس سلامت رکي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

فضيلت ۽ شان وارا، جمال ۽ جلال وارا، حقيقت ۽ معرفت شناس، بحر عرفان جا غواص، مخدوم ميان عبدالله جيو! الله کين سلامت رکي.

جڳهن سلامن ۽ پاڪيزه دعائن کان پوءِ روشن ضمير آڏو واضح هجي تہ عرصو ٿيو آهي جو اوهان اعليٰ گڻ وارن جي ذات جي صحت ۽ سلامتيءَ جي حقيقت نہ پهتي آهي، ان ۾ رڪاوٽ سوائي ديني علم جي معاملن ۾ مشغوليءَ جي ٻي ڪا بہ ڪانہ هوندي. هي زمانو جيڪو تنهائيءَ جو زمانو آهي ۽ آخري زمانو بہ. جنهن ۾ حادثن ۽ مصيبتن جو اچڻ بہ تمام گهڻو آهي. بزرگن جي توجهات جي سخا مان اميد آهي تہ اڪيلائيءَ ۽ جماعت ۾ ٻنهي جهانن جي خيريت ۽ ٻنهي جهانن جي خوشيءَ جي دعائن ۾ ياد رکندا. اوهان صاحبن جي اولاد امجاد ۽ فضل ۽ مناقب وارن اوهان صاحبن جي فرزندن سڳورن خاص طور ميان عبداللطيف جيو الله ڪيس سلامت رکي، جيڪو بنا موڪلائڻ جي ويو. ڪي هن فقير ۽ سمورن شاگردن بزرگن طرفان سڪ ڀريا سلام پهچائيندا. سيني جي خدمت ۾ دعا گذارش آهي. والسلام والاڪرام.

شيخ گل محمد جو خط

(خط خاص دوست، سچي اخلاص واري، سڪ ۽ محبت واري شيخ گل محمد، اعتقاد واري ايلچي، صاحب سجاده بغداد جو. الله تعالىٰ کيس سلامت رکي.)

مولوي معظم مشفق مڪرم مخدوم محترم، عام شفقت ۽ ڪرم وارا، اسان جا سردار ۽ آقا ميان عبدالله صاحب جيو! الله کيس سلامت رکي.

السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته. اخلاص ڀريا آداب بجا آڻڻ کان پوءِ، جيڪو پراڻي خصوصيتن وارن مخلصن جو شيوو آهي، روشن ضمير آڏو واضح هجي ته خط شريف اچڻ فرمايو. شامل حقيقت جي وضاحت بخشي. الله تعاليٰ اوهان کي قيامت تائين هميشه جي سلامتي بخشي. جن مخفي حقيقتن ڏانهن اشارو ٿيو، اهو اکين تي ...... هر لحاظ کان مطمئن رهو، عبارت جي ڏيگهه کي تڪلف تي منحصر ڄاڻي هيڏانهن هوڏانهن نه سمجهجو. دعا ڪجو ته حق تعاليٰ جل و علي شانه خيريت ۽ عافيت سان منزل مقصد تي پهچائي، دل گهرين مطلبن ۾ ڪامياب فرمائي. ڀلو ڪلام اهو جيڪو گهٽو ٿورو ۽ گهڻي معني وارو هجي. هن بندي کان، سواءِ هن جي ته ڪوشش منهنجي طرفان ۽ ڪاميابي الله جي طرفان، وڌيڪ جرئت نه ٿيندي، والسلام عليڪم و علي من لديڪم اولاوآخرا و ظاهرا و باطنا.

هن ڪتاب جي مؤلف جو پنهنجي ڪنهن دوست ڪي خط

(هن ضعيف ڪتاب جي مؤلف، الله تعاليٰ سندس ڪمن جي اصلاح فرمائي، جو، پنهنجي هڪ پياري دوست ڏانهن، شعر لکڻ ۽ نامناسب ڪلام، جيڪو گهڻو ڪري خطن ۽ پيغامن ۾ لکن ٿا، ان کان منع ڪرڻ لاءِ لکيو. اهي انهن مدح ۽ تعريف جي لقبن ۾ هن ضعيف جي حد کان وڌيڪ تعريف ۽ مدح لکندا هئا.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمدلله وحده والصواة والسلام عليٰ من لايلي بعده و عليٰ آله وصحبہ الذين اوتوا مجده.

اما بعد فضل ۽ شان وارا، ڪمالن ۾ مٿانهين رتبي وارا، ساراهيل اخلاقن ۽ وڻندڙ ڳالهہ ڪرڻ وارا. مڪارم اخلاق، جا مجموعا ميان عبدالله صاحب جيوا! ويتل ديره چام، سندس رب ڪيس مڙني آفتن ۽ پريشانين کان سلامت رکي، پاڻ اتحاد ۽ ايڪتا جي مقام تي متمڪن هجن. ميثاق خدمت محب العلماء فقير عبدالله رهندڙ شهر نليہ ڪڇ پرڳڻو هزار هزار سلام قسمين دعائون خدمت ۾ عرض ٿو رکي. خوشين ڀري ملاقات جي شوق ظاهر ڪرڻ کان پوءِ محبت ڀري دل آڏو واضح هجي تہ شفقت ڀريو محبت نامو جيڪو ڪمال مهربانين ۾ ڪرمن مان موڪليو هو سو عين انتظار وقت اچي پهتو.

گهران ٿو تہ آيت ڪريمہ:

"واذا حييتم بتحيتہ فحيوا باحسن منها"

جي مطابق صحيح جواب ڏجي ۽ سلام جو جواب عزت ۽ احترام سان ڏيڻ، جيڪو مسلمانن جو شيوو آهي، پنهنجي ذميداريءَ مان لاهي ڇڏيان.

البتہ والد بزرگوار جي جدائيءَ جي سببان جيڪا بيچيني ۽ افسردگي هن شيءِ کان بہ گهڻ درجي واري جي دل تي هئي ۽ هن دنيا مان

انهن اعليٰ قدر وارن جي، حضرت پروردگار جي پاڙي ۾ لڏي وڃڻ جي ڪري ايتري توفيق ساڻ نٿي ٿئي جو پاڻ ڪي نياز جا ٻه ڪلما ياد ڪرايان. خاص طور جڏهن اوهان جي گرامي قدر خط مان معلوم ٿيو ته مفارقت ۽ جدائي جي ستايل نيڪ دل طرفان اڳ جيڪو برخوردار سعادت مند ميان محمد حسين جيو ۽ ميان فقير محمد جيو ڏانهن نامناسب شعر آڻڻ ۽ چوڻ کان منع بابت لکيو هو. ان مان اوهان حضرتن جي دل ڪجهه رنجيده ٿي آهي، ان بنياد تي چند عقلي ۽ نقلي دليل شعر چوڻ جي جواز جي حڪم جي باري ۾ پنهنجي خط مبارڪ ۾ اشاري طور لکڻ فرمايا آهن. بلڪه تفصيل سان ان جي جواز جي رجحان کي تحرير ڪيو آهي. ان ڪري هي خير جو داعي وڏو عرصو استغفار ۾ مصروف هو. اوهان جي خط مبارڪ جي جواب جي جرئت ۽ همت نه پئي ٿي. البته جيئن ته قديمي محبت ۽ سڪ دامن گير ٿي، لاچار اوهان گرامي قدر کي واجب الاحترام ڄاڻي انهيءَ سلسلي جي مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين کي نظر انداز ڪري هن مقولي: "اخوک من حذرک وعدوک من مدحک" (تنهنجو ڀاءُ اهو آهي جيڪو توکي تنبيهه ڪري ۽ تنهنجو دشمن اهو آهي جيڪو تنهنجي ساراهه ڪري) جي مضمون مطابق عمل ڪري پاڻ کي، ٿيل ڳالهين تي اظهار کان پري ٿو رکان. ان ڪري اوقات شريفه هن جي اجازت ٿا ڏين ته جيڪو اوهان صاحب مهربانن، وڏن مرتبن وارن، شعر چوڻ جي جواز جي حڪم جي باري ۾ چند دليل ۽ برهان اڳوڻن مشائخن جا رقم فرمايا آهن، برابر پر اهو جواز جو حڪم حضرت باري تعاليٰ جي صفت ۽ ثنا ۽ پڻ حضرت سيد المرسلين جي نعت يا دين متين جي نصرت کي شامل حال آهي. هر پٿر، پتر، وڻ ٽڻ، زيد عمر جي صفت کي شامل ناهي. تنهن باوجود اوهان جا حقائق ۽ معارف پنهنجي حال تي موقوف آهن. ڇاڪاڻ ته مشائخ ڪرام جا احوال، حقيقتون ۽ توجيهون جنهن وجهه سان تقرير ٿي چڪي آهي مجيل آهن، البته مسئلو فقهه جو آهي، ان ۾ دليل ۽ قياس جي طريقي سان ڳالهه ڪرڻ ڪافي آهي. هن باب ۾ صاحب مفاتيح الجنان ۽ مطالب المومنين واري، مذڪوره ڪتابن ۾، جيڪو چيو آهي ته:

شعر چوڻ کان پرهيز ڪريو. البته ايترو جيڪو خدا تعاليٰ ۽

سندس رسول ﷺ يا دين جي نصرت يا حڪمت جي باري ۾ هجي. ڇاڪاڻ تہ رسول ﷺ فرمايو آهي:

" لان يمتلي جوف احدكم قيحا حتي يريہ خيرلہ من ان يمتلي شعرا لان الله تعاليٰ قال: والشعراء يتبعهم الغاوون اي ضالون"

(اوهان مان ڪنهن جو پيٽ ڪنهن گندگيءَ سان ڀرجي وڃي ايستائين جو وڃي ڦڦڙ تائين پهچي، ان لاءِ اهو ان کان ڀلو آهي جو شعر سان ڀرجي. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ فرمايو آهي: ۽ شاعرن جي، حد کان لنگهيل ئي پيروي ڪندا آهن. يعني گمراهہ پيروي ڪندا آهن).

ڇاڻ گهرجي تہ تصوف جون جملي معنائون، جن ڏانهن طريقت جي مشائخن اشارو ڪيو آهي، سي توجهہ الي الله جي سچاڻ جي مقصد لاءِ آهن ۽ فقهہ، تصوف ۽ ڪلام هڪ ٻئي لاءِ لازم آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪو بہ هڪ ٻئي کان سواءِ پورو نٿو ٿئي ۽ وجود نٿو وٺي سگهي. ڇاڪاڻ تہ الاهي احڪام فقهہ بنا معلوم نہ ٿيندا ۽ فقهہ بنا تصوف جي پورو نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ عمل بنا سچائيءَ جي پورو نہ ٿيندو ۽ ٻيئي بنا ايمان جي صحيح نہ ٿيندا. روح ۽ جسم جي مثال وانگر، ڪو بہ هڪ ٻئي کان سواءِ وجود نٿو وٺي سگهي ۽ مڪمل نٿو ٿي سگهي. ان جڳهہ تي امام مالڪ رضي الله عنہ فرمايو آهي:

من تصوف ولم يتفقهہ فقد تزندق ومن تفقهہ ولم يتصوف فقد تفسق ومن جمع بينهما فقد تحقق.

جيڪو صوفي ٿيو فقيهہ نہ ٿيو، سو زنديق ٿيو ۽ جيڪو فقيهہ ٿيو صوفي نہ ٿيو سو فاسق ٿيو ۽ جنهن ٻنهي کي گڏ حاصل ڪيو سو محقق ٿيو.

اها ڪمال درجي جي جامعيت آهي، باقي سڀ گمراهي ۽ ضلالت آهي، توفيق الله مهربان جي طرفان آهي، تنهن ڪري مسلمان لاءِ مناسب آهي تہ پنهنجي زبان جي حفاظت ڪري، تہ شيطان جي زماني جو شڪار نہ ٿئي ۽ الله سندس اوگهڙ ڍڪي، الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وان عليكم لحافظين كراماً كاتبين

(۽ بيشڪ اوهان تي محافظ مقرر آهن، جيڪي عزت وارا لکندڙ آهن.)

۽ فرمايو آهي:

عن اليمين وعن الشمال قعيد مايلفظ من قول الالديہ رقيب عتيد

(ساڄي کاٻي کان ويٺل آهن، ڪا بہ ڳالھ جڏهن ڪو چوي ٿو تہ ان وٽ محفوظ ڪيل آهي)

نبي ﷺ فرمايو آهي:

من حسن اسلام المرء ترکہ مالا يعنيہ

(ماڻهو جي اسلام جي خوبصورتي اها آهي تہ

جيڪو ڪيس نہ سونهين، سو ڇڏي ڏئي)

۽ ظاهر آهي تہ دنيا ۾ زبان جي فضول ڳالھ کان حفاظت، آخرت جي پشيمانيءَ کان وڌيڪ آسان ۽ بهتر آهي. جيئن چيو ويو آهي:

لـوڪـان الـڪـلام دراً وجـوهـراً

لـڪـان السـڪـوت مسـڪـا وعـنـبـرا

(جيڪڏنهن ڳالهائڻ موتي ۽ جوهر آهي، تہ ماٺ ڪرڻ مشڪ ۽ عنبر آهي)

شـعـر گـفـتـن گـرچـہ در سـفـتـن بـود

لـيـڪ فـهـمـيـدن بـہ از گـفـتـن بـود

(شعر چوڻ جيتوڻيڪ پوتل موتي هجي، ليڪن سمجهڻ ڳالهائڻ کان ڀلو آهي.)

صاحب سراج الطالبين، جيڪو اربعين نووي جو شارح آهي، تنهن هن باب ۾ مذڪوره شرح ۾ عجيب نصيحتون ۽ منفرد فائدا بيان فرمايا آهن، انهن کي لحاظ ۾ رکڻ گهرجي. انهن ۾ غور ڪرڻ گهرجي، ان جي عبارت هيءَ آهي:

اي منهنجا پيارا! سيد عالم حضرت محمد مصطفي ﷺ جن جي فرمان تي عمل ڪر. پنهنجي زبان گهٽ ڪول، پلائي جي ڳالھ کان سواءِ، ٻي

ڳالھ تي ماٺ رھ. گمراھن، نادانن کوڙ ڳالھائڻ وارن، حڪايتون ناھيندڙن، بي فائدن قصن جھڙوڪ: ڪليلہ ودمنہ ۽ انھن جي تاريخن : رستم ۽ اسفنديار، خسرو شيرين، ۽ اھڙين شين ۾ مشغول نہ ٿي. پنھنجو وقت جيڪو تنھنجو سرمايو آھي، سو خرافات ۽ بي مقصد ڳالھين ۾ ضايع نہ ڪر. يوڳ مسخريءَ ۾ زندگي نہ وڃاءِ. غزل ۽ سرود ڏانھن توجھہ نہ ڪر. ذڪر سان محبت ڪر، سعدي، همام، خواجہ ۽ اھڙن جي بيتن ٻڌڻ ۽ پڙھڻ ۾ جيڪي قد، زلفن، نقشن ۽ نيڻن جي بيان تي مشتمل آھن ۽ نفساني شھوتن کي وڌائن ٿا، مشغول ٿي پاڻ کي خراب نہ ڪر. بد ذوقي ۽ بدعتي سماع جي ذريعي پنھنجي اسلام جي تڪميل، ايمان جي پورائي، اطاعت جي مناس ۽ عبادت جي لذت جي ذوق کان پاڻ کي محروم نہ ڪر. پڙھڻ، ٻڌڻ ۽ ياد ڪرڻ ۾ آيتن ۽ حديثن جو پورو اھتمام ڪر، نہ بيتن، غزلن ۽ لطيفن جو! حقيقت چاڻ تہ جنھن جي آڏو بيت پڙھڻ ۽ ٻڌڻ، قرآني آيتن ۽ حديثن ياد ڪرڻ ۽ ٻڌڻ کان وڌيڪ اھميت واريون ھجن، اھو منافق آھي، بيت چوڻ ۽ لکڻ باطل جي مدد ڪرڻ برابر آھي، شيخ سعد الدين علوي شيرازي رحمة الله عليه کان ھيءَ ٻڌو آھي تہ امام عبدالله علوي شيرازي، جيڪو وڏو اولياء ۽ صديق ھو رحمة الله عليه، تنھن ھڪ ڏينھن ماڻھن کي نصيحت ۽ واعظ ٿي ڪيو. وعظ دوران پڇيائين تہ شاعر سعدي شيرازي حاضر آھي يا نہ؟ سعدي موجود ھو. پاڻ اٿيو ۽ سامھون آيو ۽ اچي سلام ڪيائين. امام عبدالله فرمايو: گھڻا ماڻھو خواھشن ۽ ھوس جي گھوڙي تي سوار ھوندا آھن ۽ تون انھن کي ھٿي ٿو ڏين. جڏھن تنھنجا فاسق غزل چيل پڙھن ٿا ۽ انھن جي فسق ۽ گناھہ ۾ رغبت جو سبب ٿين ٿا ۽ ان ذريعي گناھہ ۽ نافرمانيءَ ۾ وڌن ٿا، ان نافرمانيءَ ۾ تنھنجو بہ حصو شامل ٿيندو. ڪيس چيائين تہ ڪردار يا گفتار جي ذريعي گنھگار جي ڪوڙ وبال، عيب ۽ عار ۾ مدد گنھگار سان گناھہ ۾ حصيداري جي برابر آھي. پر ٻڌڻ ۾ آيو آھي تہ سعدي شاعر الله کيس معاف رکي، آخري عمر ۾ پنھنجي چيل ناشائستہ ۽ نازيبا بيتن ۽ غزلن تي پشيمان ٿيو ھو. حسرت جا ڳوڙھا ڳاڙيندو رھندو ھو. پاڻ اچڻ وڃڻ وارن کان، پنھنجا چيل ناشائستہ بيت ۽ غزل ۽ سندس تصنيفن ۾ جيڪي خراب ۽ نامناسب ڳالھيون شامل ھيون، سي واپس

گھرندو رهندو هو ۽ جيڪو ڪيس واپس ملندو هو، سو پاڻيءَ ۾ اڇلي ڇڏيندو هو ۽ ماڻهن کي انهن کي ڦٽو ڪرڻ ۽ ضايع ڪرڻ جي وصيت ڪندو رهندو هو. الله سبحانہ و تعاليٰ و تقدس پنهنجي عظيم فضل ۽ وسيع رحمت سان اهڙن پنهنجي ٻانهن جي توبهہ قبول فرمائيندو آهي ۽ توبهہ نصوح سان گناهن جا اثر مٽائي ڇڏيندو آهي. رب اغفرلناوتب علينا واعف عنا آمين.

تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ الله جي ذڪر ۽ سندس رسول ﷺ جي رهنمائي سان هميشہ زبان تازي ۽ بيان ۾ مٺاس پيدا ڪندو رهجي. وقت وڃائڻ ۽ وقت خراب ڪرڻ ۾، فضول ڪلام ۽ حرام جي حرص ۾ ڪوشش نہ ڪرڻ گهرجي ۽ علم بيڪار راند روند ۾ ضايع نہ ڪرڻ گهرجي، بيت:

بيفائده علم هرکہ در باخت
چيزي نہ خريد زر بينداخت

(جنهن بيفائدي علم ضايع ڪيو، ڪجهہ خريد نہ ڪيائين
سرمايو ضايع ڪري ڇڏيائين.)

اڳين مشائخن رحمهم الله، جيڪو اشاري طور "يجوز" ۽ "لايجوز" (جائز ۽ ناجائز) جي رمز ۾ فرمايو آهي، اسان گهٽ علم وارا ماڻهو انهن معنائن جي فهم ۽ ادراڪ کي پهچي نہ ٿا سگهون. لازم آهي تہ بزرگن جي احوال شريف ۽ سندن جذبات فڪر مان اسان کي ڇا معلوم ٿيندو. تنهن ڪري ظاهر شريعت تي عمل ڪرڻ فرض ۽ لازمي ۽ قطعي عمل آهي، ان باري ۾ پڻ شاهہ عبدالحق دهلوي عليه الرحمة تڪميل الايمان ۾، جيڪا سندن تصنيف آهي، ڪجهہ هن طرح بيان فرمايو آهي:

اها ڳالهہ معلوم آهي تہ ماڻهو پل ۽ ويسر کان ڪڏهن بہ خالي نہ رهيو آهي. انبياء عليهم الصلواة والسلام کان سواءِ ڪو بہ خطا ۽ غلطيءَ کان معصوم ناهي. شيخ محي الدين ابن عربي عليه الرحمة پنهنجي ڪتاب "فتوحات مڪيہ" ۾ فرمايو آهي ۽ سندس پيروڪار بہ اهو نقل ڪندا آهن تہ: "قرآن مجيد ۾ ڪا بہ آيت، هميشہ عذاب ۾ رهڻ، بابت آيل

ڪانهي، جيڪڏهن آهي تہ 'باهہ ۾ هميشہ رهڻ' بابت آهي ۽ باهہ ۾ هميشہ رهڻ ضروري ناهي تہ عذاب هجي. ان ڪري باهہ ۾ هميشہ رهڻ هميشہ عذاب ۾ رهڻ کي لازم نہ ٿو ڪري" حالانڪہ "عذاب ۾ هميشہ رهڻ" قرآن مجيد ۾ چند جاين تي موجود آهي. سورت مائده ۾ فرمان آهي: "وفي العذاب هم فيها خالدون" (۽ عذاب ۾ اهي هميشہ رهندا) سورة فرقان ۾ آهي: "يخلد فيہ مهانا" (ان ۾ هميشہ رهندا) 'ه' جو اشارو 'فيہ' ۾ 'عذاب' ڏانهن آهي، (جيڪو آيت ۾ اڳ ذڪر ٿيو آهي) ۽ سورة الم تنزيل السجده ۾ آهي: "وذوقوا عذاب الخلد" (هميشہ جو عذاب چکو) ۽ سورة زخرف ۾ آهي : "وان المجرمين في عذاب جهنم خالدون" (بيشڪ مجرم جهنم جي عذاب ۾ هميشہ رهندا) مقصد تہ نصيحت اها آهي جيڪا عقيدن ۽ ڪفر ۽ ايمان جي احڪامن ۾ سواد اعظم کان ٻاهر نہ وڃي. مجتهد امامن جي تابع هجي. خاص طور اتفاق ۽ اجتماع جي معاملي ۾ ۽ آدابن ۽ اخلاقن جي معاملي ۾ مشائخن جي تابع هجي. انهن سان اعتقاد ۽ سٺو گمان رکڻ گهرجي. ڪلام جي توجيهہ ۽ تطبيق علماء مجتهدن جي ڪلام سان ڪرڻ گهرجي. رياضتن ۽ مجاهدن ۾ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن مڪمل صلاحيت آهي ۽ سخت مجاهدن ۽ رياضتن جي نيت مضبوط آهي تہ جيڪي احوال ۽ وجد واريون ڪيفيتون ۽ ڪشف جا انوار ٿيندا آهن، سي يقيني طور ظاهر ٿيندا. هن باب ۾ هر طرف کان تقليد جو لحاظ رکڻ گهرجي ۽ احتياط ڪرڻ گهرجي. الله توفيق ڏيندڙ ۽ مددگار آهي، ان ڪري جيڪڏهن طبيعت مبارڪ صوفين جي مشرب ڏانهن مائل ۽ وحدت الوجود جي قائل ٿيڻ طرف لاڙو رکندڙ هجي تہ اعتراف فرمائيندا تہ فقهي مسئلن کي سچائي ۽ حقيقت جي باوجود مجڻ کان سواءِ ڪو چارو ڪونهي. اها صورت ڪمال احسان واري ۽ وڏيڪ سهڻي تي پوندي. جيڪڏهن هن پاسي جي فهم جي ڪاهي تي نظر وڃي تہ جيڪو لکيو اٿن (يعني هر انسان غلطي ۽ ڀل کان خالي ناهي) مطابق سمجهندا. فقير طوعا ۽ ڪرها پنهنجي خطا ۽ غلطيءَ جو اقراري ٿيندو. رباعي:

من معترفم کہ کار من من جملہ خطاست

معذورم از آنکہ بربشر سهو رواست

اي خـواجـہ اگـر تـوان در صـلاح بـكـوش
در عيب نظر مكن كہ بي عـيـب خـداست

(آءُ معترف آهيان تہ منهنجو كم خطا ۽ غلطيءَ كان خالي ناهـي. معذور آهيان ڇاكاڻ تہ بشر تي خطا معاف آهي. اي خـواجـہ جـيـكـڏهـن اصلاح جي كوشش كرين تہ عيب تي نظر نہ كر بي عيب خدا آهي.)

الله اسان كي ۽ اوهان كي، جنهن كان راضي ٿئي ۽ جيكـو كـيـس پسند اچي، ان جي توفيق ڏئي، اسان ۽ اوهان جي آخرت كي موچارو بنائي ۽ شفاعت عظمي ۽ بلند درجات نصيب فـرمـائـي آمـيـن آمـيـن ثـم آمـيـن. والسلام.

مؤلف جو ڪنهن دوست کي خط

(مؤلف ڪتاب جو ڪنهن اهل علم دوست کي خط، جنهن پنهنجي غرض واسطي ڪنهن کي، مخالف شرع فتوي ڏني هئي. الله کيس معاف رکي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الله جو حمد، ان تي جيڪو گذريو ۽ الله جو حمد ان تي جيڪو باقي آهي ۽ صلواة ۽ سلام ان جي رسول محمد مصطفي ﷺ تي ۽ سندس آل، اصحاب اهل تقوي تي، ايستائين جيستائين مٿيان هيٺيان ۽ صبح ۽ شام دائم آهي. السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ.

مسنون سلامن، وڏندڙ دعائن، پاڪيزه تحفن کان پوءِ، جيڪو اهل اسلام جو شيوو آهي ۽ علماء جو طريقو آهي، واضح هجي تہ پيش ڪيل راءِ تي نظر ڪندا. مفتيءَ کي جڳائي تہ تفسير، حديث ۽ فقه جي ڪتابن تي نظر نہ رکي تہ انهن (ڪتابن) مان روايت جي حرم ۾ پير پائڻ جي جسارت نہ ڪري. الله عزو جل ۽ سندس رسول ﷺ ۽ مجتهد امامن رحهم الله عليهم جي ڪلام نقل ڪرڻ ۽ دين مبين ۽ شريعت پاڪ جي مسئلن جي بيان کي راند نہ سمجهي، علم احڪام شريعت ۾ فتوي ڏيڻ جي جرئت نہ ڪري، مضمون حديث:

من افتي الناس بغير علم لعنہ ملائڪتہ السماوات والارض

(جنهن بنا علم جي ماڻهن کي فتويٰ ڏني تہ مٿس ملائڪ آسمانن ۽ زمين ۾ لعنت ڪندا رهندا.)

جي مصداق نہ بنجي، پنهنجي ذهن کي وڏن جي عبارتن جي معني جي ادراڪ لاءِ پيرويءَ لائق نہ سمجهي، پنهنجي تفسير ذريعي، بزرگن ۽ پيرويءَ لائق عالمن جي عبارتن کي پنهنجي دماغ جي تابع نہ بنائي.

ومن لم يحكم بما انزل الله فاولائک هم الکافرون

(جيڪي ان مطابق فيصلو نہ ڪندا،
جيڪو الله نازل ڪيو آهي، تہ اهي ڪافر آهن.)

هن آيت جي مضمون جي مطابق پاڻ کي هلاڪت ۾ نہ وجهي. بلڪ روايت ڪرڻ ۾ شريعت مطهره سان موافقت جو لحاظ ڪندي نهايت احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي، ۽ مضمون:

"خير الكلام ماقل ودل"

(وڏيڪ ڀلو ڪلام اهو آهي جيڪو ٿورو ۽ وڏي معني وارو هجي)

جي رعايت رکندي، ڳالهہ ايتري ڊگهي نہ ڪجي جو بيزاري جو سبب ٿئي. ڊگهي ڳالهہ سان پڙهندڙن، ٻڌندڙن جي دل سوڙهي نہ ڪجي، بلڪ اختصار کي لازم سمجهي مختصر ۽ مناسب لکڻ گهرجي، قرآن، حديث يا مجتهد امامن جي قول مطابق ڳالهائڻ گهرجي. مجهول ۽ نامعلوم غير صحيح خبر بنا سوچڻ سمجهڻ جي زبان تي نہ آڻجي. مخالفن جي قاعدن کي دين جو خانوخراب ڪرڻ لاءِ استعمال نہ ڪرڻ گهرجي، پنهنجي نفس کي راضي ڪرڻ لاءِ حق کي ناحق نہ شمار ڪجي ۽ قوي کي ضعيف نہ چئجي ۽ ڪنهن تي جبر ۽ زور نہ ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن جي دل، ظلم ڪري، نہ آزارجي. شعر:

باخلق كرم كن چوخدا باتو كرم كرد
خلق سان احسان ڪر تہ خدا توتي ڪرم ڪري.

الله اسان کي ۽ اوهان کي اهو نصيب ڪري، جنهن کان راضي هجي ۽ ان جي توفيق ڏئي جنهن کان پاڻ خوش ٿئي. الله حق تو چئي ۽ اهو سڌي رستي جي هدايت تو ڪري. الله ڪافي آهي ۽ ڀلو ڪارساز آهي. بيت:

بزرگ اوست كہ برخاك همچو سايۂ ابر
چنان رود كہ دل مور را نيازارد

(بزرگ اهو آهي جيڪو مٽيءَ تي ڪڪر جي ڇانو وانگر ائين هلي جو ڪول جي دل بہ نہ ايذائي)

مخدوم محمد صادق نتوئي جو خط

بسم الله الرحمٰن الرحيم

مخدوم محمد صادق عليه الرحمة ايماء ۽ اشاري سان ڪجهہ 'ناس' جيڪا نڪ ۾ ڏبي آهي، طلبي، ان کي سندن والده ماجده مٿي جي سور لاءِ استعمال ڪندي هئي. ان جي عبارت هن طرح آهي:

رقعہ

منهنجا صاحب مهربان هن ڪان اڳ بہ لکيو هو، پيهر يادگيرو ٿو ڪرائجي تہ الف لام (معرفي وارو) جيڪو "الناس" جي لفظ ۾ آيل آهي، سو زائد آهي. ۽ زائد حذف ڪرڻ جي وڏيڪ لائق آهي. ۽ باقي جيڪو آهي، سو تہ مطلوب آهي. (يعني ناس موڪلجو) اها تڪليف ڏيڻ ادب ترڪ ڪرڻ جي برابر آهي. پر جيئن تہ گهڻو گهربل آهي معاف فرمائيندا. والسلام

ان ڪان پوءِ هن ضعيف ڪجهہ (ناس) نڪ ۾ ڏيڻ واري، مان وٺي خط آڻيندڙ سان گڏ انهن ڏانهن ڏياري موڪلي. پنهنجي نياز پرئي خط ۾ هن طرح اشارو ڪندي سندن فيض پري خدمت ۾ موڪليو.

هن ڪتاب جي مؤلف جو نياز پريو خط

بسم الله الرحمٰن الرحيم

منهنجا صاحب! منهنجا مهربان! سبحان الله! 'الناس' مباهات (فخر) جو ڪلمو آهي ۽ حضرت جل شانہ قرآن مجيد ۾ ڪوڙ جاين تي انهيءَ لفظ سان مباهات فرمائي آهي. جيئن الله جو فرمان آهي:

"قل اعوذ برب الناس ملک الناس الہ الناس"

۽ اهڙي قسم جي عبارت ۾ ان لفظ مان، الف لام، انهيءَ غيرشرعي مقصد لاءِ ڪيدي ڇڏڻ ۽ ان جي معني کي فحش حد تائين تبديل ڪرڻ ۽ ان مان مڪروه مقصد حاصل ڪرڻ، باوجود وڏن ڪمالن، فهم ۽ فراست جي درجن، ديانت ۽ فقاهت جي، نامناسب آهي ۽ جوڳو عمل ناهي. جيڪڏهن (ضرورت حرام کي بہ جائز ڪري ڇڏيندي آهي) تہ عمل فرمائيندي، ان مان ڪجهہ قدر، سيد حامد کي، نقصان جي پرڻ طور عنايت فرمائيندا، تہ هن ڪوتاهيءَ جو پوراؤ تي سگهي ۽ الف لام جي حذف جو نقصان پري ٿئي. والسلام.

۞

مخدوم محمد صادق جو جواب

بسم الله الرحمٰن الرحيم

مخدوم محمد صادق عليه الرحمة ان جو جواب هن طرح كمال شفقت ۽ بلاغت سان ادا فرمايو.

منهنجا صاحب! "ناس" ۽ "والناس" جو حضرت ملڪ العلام جي ڪلام ۾ واقع ٿيڻ سان اهو لازم نہ ٿو اچي تہ هر لفظ "ناس" جيڪو زيد، عمر جي ڪلام ۾ اچي، سو قرآني ڪلمن جي برابر حڪم رکندو هجي ۽ هو لفظ بہ قرآن مان هجي. جيڪڏهن تسليم ڪجي تہ مراد لفظ "ناس" الله جي فرمان: "من الجنة والناس" ۾، مجاز ۽ استعاري جي طور عهد خارجيءَ تي حمل ڪجي تہ شايد گهٽي گناهہ يا سزا جو موجب نہ ٿيندو ۽ نقصان جو پرڻ هرگز لازم نہ ايندو. ان باوجود فقير پنهنجي سمجهہ جي ڪوتاهي مڃي، اوهان جي فتويٰ جي تقليد ڪندي، اوهان جي لکيل طريقي مطابق نقصان پري . ذميداري مفتيءَ جي مٿان آهي. بيت:

پيش کہ بر آورم ز دست فرياد
هم پيش تو از دست تو مي خواهم داد

(ڪنهن جي آڏو ظلم جي دانهن پيش ڪريان،
تنهنجي آڏو، تنهنجي ئي ظلم جي دانهن پيش ٿو ڪريان)

والسلام

سبحان الله! عجب آهي، مخدوم صاحب عليه الرحمة تي، جو علم ۽ فضل ۾ ايڏي ڪمال باوجود ايڏو ادب ۽ احترام. ذالک فضل الله يؤتيہ من يشاء ڪيڏو نہ چڱو چيو آهي علي رضي الله عنه علم ۽ ادب جي تعريف ۾:

ليس اليتيم الذي مات والده
فان اليتيم الذي بدون العلم والادب

(يتيم اهو ناهي جنهن جو پيءُ مري وڃي، يتيم اهو آهي،

جيڪو علم ۽ ادب کان خالي آهي)

الله علم ۽ ادب وارن کان راضي آهي قطعہ:

بـاادب بـاش تـا عـزيـز شـوي
کہ بـزرگـي نـتـيـجـہ ادب است
قـل هـو الله بـيـن کـہ در قـرآن
زير تبت يـدا ابـي لـهـب است

(باادب ٿي تہ پيارو ۽ محبوب ٿين، ڇاڪاڻ تہ بزرگي ادب جو نتيجو آهي.)

قل هو الله ڏس تہ قرآن ۾، ”تبت يدا ابي لهب“ کان هيٺ آهي)
ان ڪري ئي رسول ﷺ فرمايو آهي:

ادبني ربي فاحسن تاديبي

(منهنجي رب مون کي ادب سيکاريو آهي ۽ مون کي تمام سهڻو ادب سيکاريو اٿس)

مخدوم ابراهيم نئويءَ جو خط

(مهر پريو خط شريف عالمن جي اڳواڻ، پرهيزگارن جي نموني، فاضلن جي رئيس، معقول ۽ منقول جي جامع، فرع ۽ اصول تي پهچ رکندڙ جود ۽ سخا جي مالڪ مخدوم معظم مولانا مخدوم ابراهيم نئوي نقشبندي جو. الله سندس عمر دراز ڪري ۽ سندس برڪتون دائم رکي.)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بسم الله والحمد لله والله اڪبر ولاحول ولاقوة الابالله العلي العظيم وصلي الله تعاليٰ سبحانہ عليٰ سيدنا محمد و آله واصحابہ اجمعين واوليائہ وامتہ وسلم.

اما بعد: جناب مخدوم معظم ميان مولوي عبدالله جيو! الله ڪيس سلامت رکي ۽ باقي رکي. آمين. السلام عليڪم و رحمة الله و برڪاتہ پهچائڻ کان پوءِ گهڻي سڪ مان اوهان آڏو واضح هجي تہ شاهہ بندر تائين تشريف آوري باوجود هن نامراد کي اوهان جي ذات گرامي جي نوڪري جي قابل نہ سمجهوَ. ان جي ذميداري بہ اوهان جي سر تي ناهي، ڇاڪاڻ تہ قلم ازلي (لکيو) ائين هو. الحمد لله جو مراد نامرادي ۾ تبديل ٿي، جيڪا سندس مراد هئي، سا پوري ڪيائين ۽ هن روسياه تباهہ حال کي پنهنجي اصلي نامرادي جي راهہ تي چڙهيائين.

هجري ڪہ بود مراد محبوب
از وصل هزار بار خوشتر

(جدائي جيڪا محبوب جو ارادو هجي، سا وصال کان هزار ڀيرا بهتر آهي.)

اللّٰهم اجعلني راضيا بقضائک وفائزا بمقام رضائک
و متلذابقضائک آمين ثم آمين.

(اي الله مون کي پنهنجي فيصلي تي راضي رک ۽ تنهنجي رضا جي مقام تي فائز فرما ۽ تنهنجي قضا مان لطف وٺڻ وارو بناء آمين ثم آمين.).

هي گذارش اها تہ عاليجناب، وڏي نسب وارن، سيادت ۽ شرافت ڪمائڻ وارن، منهنجي سيد حضرت سيد عبدالله شاهہ مدظلہ الشريف، الله تعاليٰ جي احسان سان، اسان ڪان جدائي ڪري حرمين شريفين، الله پنهي ڪي شرف ۽ تعظيم ۾ وڏائي، جي زيارت جي ارادي سان خدمت عالي ۾ پهچن ٿا. ان جاءِ ڪان جيڪا محمدي تڪرو آهي متس ۽ سندس اهل بيت ڪرام تي افضل صلواة، برڪتون ۽ تحفا. تمام گهڻا بي خبر آهن. سندس رفاقت، شانائتي مدد ۽ جيڪو اوهان مناسب ڄاڻو هر قسم جي ڀلائي ۾ همت جو سندرو ٻڌندا. ڪوتاهي نہ ڪندا. ان سلسلي جي جيڪا بہ ڳالهہ جيتوڻيڪ اوهان جي خدمت ۾ اهڙيون هدايتون لکڻ لقمان حڪيم کي حڪمت سيکارڻ برابر آهي پر حديث شريف:

الدال عليٰ الخير كفاعلہ

(ڀلائي جو ڏس ڏيندڙ ڀلائي ڪرڻ واري وانگر آهي)

جي مطابق چاهيان ٿو تہ پاڻ کي ڀلائيءَ وارن جي لڙهيءَ ۾ شمار ڪيان. معاف فرمائيندا ۽ جيڪو لکيو آهي ٿورو سمجهندا ۽ سلام انهن تي جن هدايت جي پيروي ڪئي ۽ مصطفيٰ عليه و علي آلہ واصحابہ و اوليائہ وامتہ افضل الصلواة واكمل التحيات واجل البركات العليا جي اطاعت پاڻ تي لازم ڪئي آمين.

***

پيئي باب عربي فارسي پورا ٿيا. جن ۾ اهي خط شامل آهن جيڪي بزرگن هن ضعيف ڏانهن توجهہ ۽ ڪمال شفقت مان عنايت فرمايا هئا ۽ شروع رسالي ۾ ڪجهہ برڪت طور دعائن ۽ شان وارن توجهن جي تذڪري جي لاءِ قلم هيٺ آيل آهن، قدس الله اسرارهم و نورالله ضرائحهم وجعلهم من المحشورين في زمره النبيين والصديقين والشهداء والصالحين بفضلہ وڪرمہ آمين.

هن ڪتاب جي ڪتابت ڪئي ضعيف ٻانهي عبدالرحمان بن مولانا مخدومنا شيخ عبدالله الحسني عفي عنهما.


لا أدعي أني حررت المشكلا لكنها معينة لمن سلا

وجملتها ألف من الأبيات ثمانية أيضا لدى استثبات

والحمد لله على الإكمال حمدا أيا باري الدهر في بقائه

وصلوات ربنا العظيم الأعظم

على النبي الطاهر الكريم

والحمد لله على الإتمام

ذي الفضل واللطف والإنعام

ورحمة الله أمراً تعالى

بخاتم الخير وحسن مالي

تمت بالخير

تمت النسخة الشريفة الموسومة بكفاية القاري يوم الاثنين وقت

الاستواء من شهر ذي القعدة سنة ١٢١١ بيد من لا عمل لذنوبه

ڊاڪٽر اين اي بلوچ
انسٽيٽيوٽ آف
هيريٽيج ريسرچ
2015ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.